بختاور

مکيءَ جِي

(ناول)



منظور ملاح

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

بختاور مکيءَ جي

[ناول]

منظور ملاح

ڪويتا پبليڪيشن
حيدرآباد۔ 2019ع

کويتا پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر_161

ڪتاب جو نالو: **بختاور مکيءَ جي**

موضوع: ناول

ليکڪ: ©**منظور ملاح**

سال: 2019ع

تائيٽل : نعيم ديسوالي

ڪمپوزنگ: عظيم رونجهو

ڇپائي: انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد، سنڌ

ڇپائيندڙ: ڪويتا پبليڪيشن، 9-ربي چيمبر،

حيدرچوڪ، حيدرآباد، سنڌ. فون: 2728541 22 92+

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، جامشورو.

اسٽاڪسٽ:

حيدرآباد: ڪويتا بُڪ شاپ، ذوالفقار بُڪ ڊپو سنڌيڪا بُڪ هائوس، نڪشن هائوس، سنڌي ادبي بورڊ بُڪ اسٽال، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي بُڪ اسٽال، ڪاشف گاڏهي حيدرچوڪ، ڪنگ پن بُڪ شاپ- پريس ڪلب

ڪراچي: ايس. اي بُوڪ ڪارنر (اردو بازار)، رائل بُڪ هائوس، توڪل اڪيڊمي اردو بازار، ثقافت ڪاتو بُڪ شاپ، نئون نياپو ڪتاب گهر، اردو بازار/ سچل گوٺ **نوابشاهه:** سليمان برادرز بُڪ اسٽال، مسجد روڊ (03123637001)

عمرڪوٽ: العزيز بُڪ ڊپو ٽر ڪتاب گهر، خالد بُڪ ڊپو 03452782531

ڪهرو: مهراڻ ڪتاب گهر 0235879713، **پٽ شاهه:** شاهه لطيف بوڪ اسٽال، درگاهه پٽ شاهه

سکر: عزيز ڪتاب گهر، الفتح نيوز ايجنسي ماءِ پبليڪيشن بُڪ اسٽال، سميع سڄا ميراٹي 03013431537

خيرپورميرس: تهذيب نيوز ايجنسي، نيشنل بُڪ اسٽال، **ميرپور ماٿيلو:** هائوس آف ناولٽي،

لاڙڪاڻو: رائيل ڪتاب گهر **مهڙ:** ساحر ڪتاب گهر (ڪوندي) 03468948535، **دادو:** ممتاز بُڪ ڊپو

سانگهڙ: المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، **بدين:** محمد هاشم بُڪ اسٽال- پريس ڪلب 03432377282

ملير: ٽر ڪتاب گهر، **ٽنڊو:** لال بخش ملاح ڪاوش نيوز ايجنسي مين روڊ نزد مائي قدم مسجد 03453518948

سجاول: سنڌ ڪتاب گهر، **ڏگهڙي:** اڪرام بُڪ ڊپو (03442930628)

اسلام آباد: سميد بُڪ بئنڪ،

ISBN: 978-969-717-010-4

BAKHTAWAR MAKHEEa JEE

[Novel]

By © Manzoor Mallah

Year: 2019

Title: Naeem Deswali

Composing: Azeem Ronjho

Printing: Intel Communications, Hyderabad.

Published by: Kavita Publication, 9-Rabi Chamber,

Court Road, Hyderchowk, Hyderabad-Sindh.

Tel: +92 22-2728541

www.kavitapublications.com

email: mlmintel@yahoo.com

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

فهرست

ـ ليکڪ جون ڳالهيون	منظور ملاح	5
ـ بختاور مکيءَ جي		9

ليڪڪ جون ڳالهيون

▼

هي ناول لکڻ ۾ پنهنجو رت ولوڙڻ جي برابر آهي. پيو سوچ ۽ لوڙ. توهان جي ذهن مان اٽندڙ يادگيريون، تصورات، مشاهدا سڀ گڏجي ذهن ۾ هلچل پيدا ڪن ٿا. پوءِ ليڪڪ حسابن وانگر ڪٽ، جوڙ، ضرب ۽ ونڊ جي گورک ڌندي کي لڳي ويندو آهي ته جيئن هو انهن سيني شين کي ناهي، جوڙي ذهني سگهه ذريعي بهتر نموني پيش ڪري سگهي ۽ سندس تخليقي پورهيو ضايع نه ٿئي. مون سان ۾ هن ناول لکڻ دوران ڪجهه اهڙو ئي وهيو واپريو. رات جو ننڊ ڪرڻ بجاءِ ذهن ۾ اهي ئي خيال ۽ اوجاڳي جو ڊگهو عرصو صبح جو سوير وري قلم کڻ، ڏوڪ ڪر کي. مون جڏهن وي ايس نائپال جو ناول "اي هائوس فار مسٽر بسواس" پڙهيو پئي ۽ مٿان وري انگريز ليڪڪ پيٽرڪ فرينچ جي لکيل وي ايس نائپال جي سوانح عمري " دي ورلڊ از وات اٽ از "پڙهي ته ان ناول جي رازن جون ڪئين ڳنڊيون منهنجي اکين اڳيان کليون. سندن گڏيل خاندان جي ٽرينڊاڊ ۾ رهائش، نانائٽن جي پئسي وارو هجڻ ڪري سندس پيءُ احساس محروميءَ جو شڪار هڪ ليڪڪ طور حساس هجڻ ڪري پنهنجي اجهي جي تلاش مان ونندڙ ننڊڙيون ننڊڙيون ڪڙيون، تز حقيقتون ۽ ذهني ڪيفيتون ٽوري دير لاءِ مونکي به گهيري ويٺيون ته آئون به ڪو ناول لکان، پر وري دل جهلي نه سگهيس. جيتوڻيڪ ڪتاب پڙهڻ جي عادت مون مان هٽ پوءِ به ڪونه ڪيڊيا. سال ٻن کان پوءِ گارشيا مارڪيز جو ناول "هنڊريڊ ايئرس آف سوليٽيوڊ" پڙهيم ته وري وڻ وڃي ويا. ان ناول کي گهرائي ۾ سمجهڻ لاءِ گارشيا مارڪيز جي پنهنجي دوست پلينيو اپوليئسو مينڊوزا سان ڪيل ڊگهي ڳالهه تي مشتمل ڪتاب "دي فريگرنس آف گئاوا" جا چڱا خاشا صفحا پڙهڻ ۽ سندس آٽم ڪتا "لونگ تو ٽيل دي ٽيل" پڙهيم ته سندس

لکٹين جي ڪجھ سوجھ بوجھ ذھن ۾ اچي وئي .ھن پنھنجي ملڪ ڪولمبيا ۾ ساڄي ۽ کاپي ڌر درميان ھلندڙ سئو سالا خانہ جنگي، آمريڪي يونائيٽيڊ فروٽ ڪمپني پاران ڪيلن جي باغن تي ٽيڪن ٻھاني مقامي ماڻھن جي استحصال کي پنھنجي لکٹين ۾ تخليقي فن ذريعي بيان ڪيو آھي .گذو گڏ پنھنجي ناني فوج جي ريٽائرڊ ڪرنل سان ننڊپڻ جي سفر ۽ ان جي نوڪري دوران پيش آيل واقعن ۽ پنھنجي نانين، ڏاڏين، ٻڦين، ماسين پاران صدين کان ھلندڙ ڏند مقامي لوڪ ڪٿائن کي شامل ڪيو آھي. جن کي اڳتي ھلي نقادن جادوئي حقيقت نگاري جو نالو ڏنو . گارشيا مارڪيز پڙھڻ کان پوءِ منھنجي ذھن ۾ چھنڊڙيون لڳڻ شروع ٿيون تہ منھنجي علائقي ۾ جيڪي ڏند ڪٿائون صدين ۽ سالن کان ھڪ سيني کان ٻئي سيني تائين، ھلنديون اچن، تن کي ٻہ قلم بند ڪجي، نہ تہ اڳتي ھلي اھي ٻہ وقت جي دز ۾ لٽجي ويندیون .سو انھن تي ٿيھ ڪن صفحا لکڻ کان پوءِ منھنجو قلم گھوڙي وانگر گھ ڪري ٽپ جواب ڏئي ٻيھي رھيو ۽ آئون ٻہ الله جي رضا تي راضي رھي وري پڙھڻ کي لڳي ويس . گذوگڏ ڪجھ اخبارن ۽ رسالن لاءِ مضمون ۽ ڪتابن تي تبصرا لکندو رھيس. جڏھن مونکي خبر پئي تہ ميخائيل شولوخوف جي ناول "اينڊ ڪوائيٽ فلوز دي ڊان" جو نئون ڇاپو آيو تہ مون لاھور جي واقف ڪار ھڪ وڏي بوڪ شاپ واري کي فون تي آرڊر ڏنو .ھمراھ ڇيو تہ يار چگو ڪيو اسان وٽ ان جي آخري ڪاپي بچي آھي .ائين اھو ناول منھنجي ھٿن ۾ پھتو پر ڪجہ سرڪاري مصروفيتن جي ڪري آئون پڙھي نہ سگھيس .پورا چار پنج مھينا منھنجي بوڪ شيلف ۾ پيو رھيو .تازو جڏھن ڪجھ خفن کان واندو ٿيس ۽ مٿان گرميءَ جون موڪلون آيون تہ اھو ناول کڻي پڙھڻ لڳس. ھن ناول جا چار حصا آھن، امن، جنگ، انقلاب ۽ خانہ جنگي .مون ايجان پھريون حصو مس پڙھي بس ڪيو تہ مون واري اندر جو تخليقڪار وري اگھور ننڊ مان جاڳي پيو تہ لک. ان حصي ۾ ڊان درياءَ ڪناري رھندڙ ڪوزيئقن جي ڏاڍ مڙسي، فوجي ٽريننگ، پراڻين جنگين، ساون فصلن ۽ گاھن، ريتن رسمن جون ڳالھيون آھن تہ گڏوگڏ تخليقي ڊڪشن جا پڙھندڙ کي لڳل جھت ٻہ محسوس ٿيندا. منھنجي ذھن جي

وهڪري تي ٻيهر ڪئين ڏنل، ٻڌل حقيقتون ترڻ لڳيون .سو ان روسي ناول کي نئين، هڪڙي پاسي رکي، قلم کڻي ڪيم الله توهار. هونئن به جيڪو ليکڪ پڙهندو نه يا اپ ڊيٽ نه هوندو ته هو پنهنجن لکڻين ۾ ورجائپ جو شڪار ٿيندو .ڪو سٺو ڪتاب يا لکڻي ئي ان کي لکڻ تي همٿائيندي آهي. منهنجي هن ناول ۾ پنهنجي اباڻي علائقي مکيءَ جي سالن کان ونئي موجود، وٽن ٻوٽن، چراگاهن، ڍنڍين ڏورن، مالوند ڪلچر، ان سان لاڳاپيل ريتن رسمن، صدين کان سينيءَ ۾ موجود ڏند ڪٿائن جو ذڪر آهي .هن ناول جو مرڪزي ڪردار مکيءَ جي پورهيت، بهادر، سڀوڳري ۽ سگهڙ عورت بختاور آهي. هي ڪردار اصل ۾ مون هاروتڙ ۾ اهڙن چار پنجن مکيءَ جي جهونين عورتن جي ڪردارن ۾ موجود ان قسم جي خاصتين کي ڏسڻ، محسوس ڪرڻ ۽ سندن ڳڙ ۽ ڳالهيون ٻڌڻ کان پوءِ انهن کي گڏائي تخليق ڪيو آهي. ان سان گڏ جمعي جو ڪردار مکيءَ جي روايتي پوريءَ ۽ ڳوپ ڏنار جو به آهي. هن علائقي ۾ بهرام جمالي ۽ صابل جي لوڪ قصي جي نتيجي ۾ نڙن مان نڪرندڙ "صابل جون ڳوڪون" به ان جي هٿان وڃرايون آهن. گڏوگڏ هتان جي سماجي لوڪ حقيقتن، عورت جي آزاديءَ، لوڪ گيتن، سازن، ريتن رسمن، ڀڳل ڪلچر، مال جي ڏڻن، خانه بدوش پکين ۽ جانورن جي شڪار ۽ سماجي اٽل پٽل جو ذڪر به ڪيو آهي .هتي جي مقامي ماڻهن جي نج هوليءَ جي لهجي، لفظن ۽ استعارن کي به شامل ڪيو آهي ته ڪٿي اهي به اڻتي هلي وڃائجي نه وڃن. مالوند ڪلچر ۾ موجود مال جي بيمارين ۽ انهن جي لوڪ علاج جو ذڪر هن ۾ شامل آهي. جيئن ته مکيءَ ۾ مختلف ذاتيون ۽ قبيلا رهن ٿا، تنهنڪري ڪٿي ڪٿي سندن لهجي ۾ فرق به محسوس ڪري سگهجي ٿو جيئن سرائيڪي ڳالهائيندڙ لغاري، لاشاري ۽ جلباڻي وغيره، گهوٽڪيءَ واري پاسي کان لڏي ايندڙ شر، سکر ۽ پرپاسي کان لڏي ايندڙ ملاح، اچڙي ٿر سان لڳندڙ علائقن ۾ رهندڙ مختلف ذاتيون پر سالن کان رهندڙ مکي ء جا رهواسي هنگورا، ابوپوتا، رونجها، جمالي ۽ ملاح، جن جو پنهنجو مکيءَ جو نج لهجو آهي .انهيءَ لهجي کي مون هن ناول ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هونئن ۾ 21 صديءَ جي ميڊيائي دور ۾ جتي هر علائقي جي ماڻهن جي وچ ۾ تڪڙي ميل ميلاپ، اخبار، ٽي وي، انٽرنيٽ،

سوشل ميڊيا کجھ چڱايون آنديون آھن. اتي ھاڻي ھتي جي ٻولي، لھجي ۽ لفظن کي ب بگ لڳڻ شروع ٿي وئي آھي. ۽ اکثر لفظ لوڪ علاج، ريتون رسمون، لوڪ ساز ۽ راڳ، چوٽيون ۽ استعارا، خانہ بدوش ۽ مال جو ڪلچر ب اڻ لپ ٿيندا پيا وڃن .انھن سيني شين کي تاريخ ۾ محفوظ بنائڻ لاءِ ب ھن قسم جو ناول لکڻ جو خيال آيو تہ جيئن تاريخي ۽ ماحولياتي طور سنڌ جو ھيءُ ماضيءَ جو زرخيز خطو تاريخ جي پنن ۾ زندھ رھي .بنيادي طور ڪھاڻيڪار ھڻڻ جي ناتي مون ھتي جي لوڪ زندگيءَ کي تخليقي انداز ۾ پڙھندڙن اڳيان آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آھي. مون کي ناول لکڻ مھل، پراڻين يادگيرين کي ٻيھر تازو ڪرڻ لاءِ رڳو کجھ بچيل جھونن سان ڪچھريون ب ڪرڻيون پيون .چاڪاڻ تہ ھاڻي اھي ب تيزيءَ سان رڙ جا راھي بڻبا وڃن، رڳو چند وڃي بچيا آھن .جي اھي ب ھليا ويا تہ پويان ڪاريءَ وارا ڪک وجي بچندا. ھن ناول ۾ بنيادي طور ۾ سنڌ جي ھڪ سڪئي ستابي خطي جي زوال کان پوءِ اتي جي مقامي ماڻھن تي پوندڙ مثبت ۽ منفي اثرن کي بحث ھيٺ آندو آھي.

آئون انتھائي ٿورائتو آھيان محترم عبدالقادر جوڻيجي، سائين شوڪت حسين شوري، منوج ڪمار، ممتاز بخاري، امر لغاري ۽ نواز ڪنير جو جن منھنجي ھن ناول تي نظر وڌي ۽ پنھنجا قيمتي رايا ڏنا. وڏا وڏ عظيم رونجھي جا، جنھن نہ صرف ڪتاب جي ڪمپوزنگ ڪئي پر ادب جو ڄاڻو ھڻڻ ڪري کجھ پنھنجا قيمتي مشورا ب ڏنا. تنھن ھوندي ب آئون کا وڏي ھام نہ ٿو ھڻان. ھڪ ليکڪ طور رڳو ايترو چئي سگھان ٿو تہ ننڍڙي ڪوشش ڪئي اٿم ان ۾ ڪيتري ٿوم آھي، اھو فيصلو نقاد ۽ پڙھندڙ ڪندا. ھڪ ليکڪ طور آئون، ھميشہ پنھنجي لکڻين مان مڪمل طور مطمئن نہ رھيو آھيان. بلڪ چپچڙ کان پوءِ وري اچي ھورا کورا لڳندي آھي، تہ ھي ب لکان، ھو نہ لکان، تنھن ھوندي ب بس ھي ناول لکي ڇڏيو اٿم۔۔۔

30۔اپريل، 2019ع
سانگھڙ.

ـ منظور ملاح
03332921342

1

اسر جو وڏو تارو اوپر کان ايريو تہ هر پاسي جڙ زندگي جاڳي پئي. بگھڙن روڙيون ڪيون. ڪارڪٽڇين سرن جي تيلن جي چوٽين تي ويهي لڏندي لمڪندي هولڙ شروع ڪيو. گدڙن واهہ جي بند تي چڙهي اوناڙون ۽ ڪڪڙن آسپاس جي گهرن مان ٻانگون ڏيڙ شروع ڪيون تہ بختاور جي اک ٻہ ڪلي پئي. ٻہ تي اوباسيون ڏئي، ڪٽ تان اٿي جوتو پائي، ٻہ چندا منهن تي هٿي، چلهي ڏانهن وڃي، ڪجهہ ٻاجهري ٻورڻي مان تہ ڪجهہ ڪڻڪ جا داڻا گُنديءَ (پليءَ) مان ڪڍي جند پيهندي اٽو الڳ الڳ تس ۾ رکندي وئي ۽ گڏوگڏ زبان تي وڏي آواز ۾ ذڪر ٻہ ڪندي رهي: "الله هو..... الله هو..... الله....."۔ ايتري ۾ گهر جي 'ڪڙهہ' وٽ ستل سندس پٽ جمعي ٻہ پنهنجيون اکيون پٽيون. هن ٻہ ڪٽ تان اٿي، ڪکن پنن جي ٽهيل پيهي تي ڪير ولوڙڙ لاءِ ڪرڙ جي ڪاڻيءَ مان ٽهيل نهري جي انگهہ ۾ ٽنگيل ڪنجهي جو وٽو ڪٽي، پاڻي اوتي، ٻہ چندا منهن کي هٿي، وٽو ساڳي جاءِ تي رکي چئونري ڪٽي، سامهون ياڙ ۾ ٻڌل مينهن مان ڪير ڏهڙ لاءِ ويو:

"هون امان هون... پٽاري... هان هان ڪري چا ٿي! سڏي ٿي ٻيهہ پٽاري"

ڦر کي ڪلي مان چوڙي، مينهن جو هڪڙو پاسو ڏائڙ لاءِ چڏيو تہ ٻئي پاسي چئونري ۾ ڪير ڪيڙ لڳو:

"گهو..... گهو..... گهو....."

چئونري پرڙ کان پوءِ هڪ پاسي رکي، ٽٽن مان گوها هٽڙ شروع ڪيائين:

"واهہ جو پٽاريءَ جو منو ۽ گھاٽو ڪير آهي! هون امان هون...."

ڪير پي، چپن ڪي هٿ سان اڳهي، مٿي اٽي، مينهن جي پٽيءَ تي هٿ گهمائڻ ۽ پيار مان ڪينچل ڪرڻ لڳو. جڏ پنهنجي اولاد سان راند ڪندو هجي. ان دوران هو واري واري سان اتي ٻڌل هر مينهن کي گهوري ڏسندو رهيو.

جمعي کي ايجان سانيڙ مس ٿي ته هن پنهنجيون مينهون چارڻ شروع ڪيون. تان جو مڇن جي ساوڪ ۽ ڪاڏيءَ وٽان ٻه بج ڏاڙهيءَ جا اچي ويا هئس. تنهنڪري جمعي ۽ مال جي ڏڻ ۾ سالن جو اهو رشتو مائٽ۔ اولاد وارو هئو. سندس مال ئي هن جي ڪل دنيا هئي. هن وڏين مينهن جي ڳچين ۾ سنهن ٽلهن آوازن وارا چڙا ۽ چڙيون ٻڌي چڏيون هيون ته ڪرن کي وري ڪرڪ ٻڌي چڏيا هئا. جن جي آواز کي هو ميلن تي هجي، پر جي ڪن تي پيو ته اکيون پوري سجاڻي ونندو هو. سندس ڳوٺ کان ميل ٻه تي پري، ناري واهہ جي ڀڪ ۾ موجود گهاٽي سرن، لين، ڪنڊين، نڙن، پن جي جهنگ ۾ ٻه ڪا مينهن گهڙي ڪن لاءِ گم ٿي ويندي هئي ته ڪئين ٻين ڏڻن جي هوندي ٻه پري کان ان جي رنيڙ جي آواز کي سجاڻي ونندو هو يا سندس ڪا مينهن ڪنهن ٻئي ڏڻ سان گڏجي ويندي هئي ته پير سجاڻي مينهن ان ڏڻ مان ڪڍي ايندو هو.

سندس ڳوٺ کان ميل اڌ اتر۔ اوير تي تاريخي مڪيءَ جي وڏي ڍنڍ ۽ ان ۾ موجود گهاٽو جهنگ هو. ڍنڍ جو پاڻي سياري دوران ڏري گهٽ بند ٿيو اچي، هن جي گهر جي چائنٽ چمندو هو. ان جهنگ جي وچ ۾ ٻيرن، ڪنڊين، ڪهڙن، اڪن جي ويڑهن ۾ واريءَ جا وڏا درڙا هئا، جتي مالوند ماٺهو سالن کان رهندا هئا. اوسي پاسي جهنگ ۾ ڪئين جانور، بگهڙ، گدڙ لڏڙا، واڳون، مرون، سها، قاڙها آزاد ٻيا گهمندا ۽ کائيندا، پيئندا وتندا هئا. ڪبرون، ڪانگ، ڳيرا، ڪاٽ ڪٽا، ڪار ڪڪيون، هيڙها، ڏانڊيئڙا، چهرا، بلبلون، ٻئونتريا، تتر، ڪيٽائيون، ڪانئرا ۽ هارهوئي گهر ڪيو ويٺا هوندا هئا. سرڙيون ۽ ڳجهون وري مئل مال جو شڪار ٻيون تاڙيندڙيون هيون. سياري جي مند ايندي هئي ته اتر جي ٽڏي هوا اچي ڪنن ۾ سرڙاٽ ڪندي هئي. ان مند ۾ ڪوڙا سر، سچا سر، ڪانهن، پن ۽ نڙ نسري پورا ٿي ويندا هئا ته سائبيريا کان ايندڙ پکين جا ولرتنبو چيخلو ڏگوش، نيرڳي، آڙي،

ترانڊو ڪونج ۾ باز اچي هتي ۽ آسپاس جي پٽن تي لهندا هئا، جنهن ڪري ڏنڊ جو نيرو پاڻي به ڪارو نظر ايندو هئو. مڇي به جام هوندي هئي. ڪرڙو ٽيري، موراکو منڊو، چٽو سگڙي، سرهيو ڏاهي، پوپري، سٽي، رڙو سميت ڪئين قسم موجود هئا. ڪرڙي مڇي جي 'وَهه'، 'هوري' مان ٺاٽي ڪڍي شيشن ۾ محفوظ ڪري چڏبي هئي، جيئن گيهه طور استعمال ڪري سگهجي. خاص ڪري سياري ۾ ڳڙ ۽ وَهه جي ڳُرهاڙي ناهبي هئي ته ڪائيندڙ ٻنهي هٿن جون آڱريون چٽي چڏيندا هئا. پاٽيءَ مان ملندڙ 'ناپي' ۽ 'رتڙي' چانور جو پلاءَ پت ناهبو هئو ته گهر جا ياتي چلهه جي چوڌاري ويهي، وڏن ٺالهن ۾ ڪائيندا ۽ هٿ چٽيندا هئا. ٻهه، لوڙهه، پٻڙ جون ٽڪيون، ماکي هر گهر جي نج ڪاڌي ۾ شامل هوندا هئا. ججهي مال جي ڪري مڪڙ مان گيهه ناهي، وڏين چنئورين ۾ وجهي، ڏڪي، ويجهن شهرن ۾ وڪڻبو هو. جنهن مان مرچ، مصالحو، روز جو ڳُنڊڻ، ڳڙ پتي ونبا هئا. گرميءَ جي لکن ۾ جڏهن پيرون پچندا هئا ته ذات پکي ۽ ماڻهوءَ جي اچي لهندي ۽ چوندبيندي ڪائيندي هئي. اهي پيرون به شهر ۾ ڪپائبا هئا. جتي رهندڙ واڻيا سيٺ ان نج خوراڪ کي ڪائڻ جا شاهه شوقين هئا. ان جعفر جي ڳوٺ کان ڪچو رستو ٻه ٽي ميل اولهه شهر ڏانهن وڏن آسري لون جي گهاٽن وٽن منجهان نڪرندو هو. ڳوٺ جا ماڻهو ڪي پيدل ته ڪي گهوڙن تي چڙهي شهر ويندا هئا. تڏهن رڳو تر جي هڪ ٻه وڏيرن وٽ وليز جيپون هيون. ان رستي تان لنگهندي بگهڙن ۽ ٻڳلن جي حملن جو خطرو هر وقت موجود هوندو هئو. جنهن جي ڪري جلدي جلدي جهٽي وجبو هو. ٻيو رستو ڳوٺ کان سر اتر اوپر جهنگ جي وچان لنگهندو ناري واهه جي بند تائين ويندو هو. چاڪاڻ ته اهو رستو نانگ جي ورن وڪڙن وانگر هئو ان ڪري ان کي نانگ جي ڏوري سڏيندا هئا. جنهن تي ٽورو ٽورو پيڏيءَ تائين پاڻي هر وقت موجود هوندو هئو.

'ناري' واهه جي بندن تي سرينهن، ٺالهي، گدامڙي، پير ۽ بڑ جا وڻ هوندا هئا. جن جي حفاظت بيلدار 24 ڪلاڪ ڪندا هئا. اڳتي هلي اهي وڏا گهاٽا وڻ بڻيا، جن جي ٽلهن ٽڙن ۾ طوطن پنهنجا گهر اڏي ورتا هئا. صبح جو سج ڪڍندو هئو ته اهي طوطا پر وارن ڳوڙن جي مٺان ٽين ٽين

ڪندا هولينڊا گذرندا ويندا هئا، وري شام جو ساڳيو رستو. واهه جي ڪناري بندن ۾ وري ڪهرون سوراخ ڪري ويٺل هوندیون هيون، جتي سڄو ڏينهن خدا جو سندن جهيڙو پيو پوندو هو. جڏهن اهي ڪهرون ڪنهن گهر جي اڳڻ تي لهي پاڻ ۾ هولينديون هيون تہ مايون ڪنن کي ويهي هٿ لائيندیون هيون.

"توبهن، مائي، توبهن! الله خير ڪري اڄ جهيڙو ٿئي ئي ٿئي....!"

پر جي ڪو ڪانگ اچي اڳڻ يا آڱر ۾ بيٺل نم جي وڻ تي ڪان ڪان ڪندو هئو يا چلهه تي ماني هوڙ پچائيندي اوچتو ٽانو پاڻ ۾ نڙڪندا هئا تہ چوندا هئا:

"بسم الله! اڄ مهمان اچي ئي اچي!"

ڪو چهرو رات جو وڻ تي ويهي هولينڊو هئو تہ چوندا هئا:

"خدا خير ڪري! معافي ڏئي. نياڳو آيو آهي، اڄ ڳوٺ ۾ ڪو مري ئي مري....!"

ان ويل هٿ منهن ڏوئي بختاور جنڀ ۾ ان پيهي، وري پَيهي تي چڙهي کير ولوڙيو.

"گهو گهو ماتي. گهو گهو ماتي!"

مکڙ جو وڏو چاٽو ٽاهي، ڪنيءَ ۾ موجود لسيءَ ۾ وجهي، هڪڙي پاسي رکي چڏيائين. ۽ ڪجهه مکڙ ڪنجهي جي وٽي ۾ ڪٽي هيٺ لهي اچي پاسي تي رکي، پاٽ ۾ اٽو ڳوهيو. دانگي چلهه تي رکي، ماني پچائي، گيهه جو مک ڏئي، جمعي جي کائڻ لاءِ ڏهڪي تي رکي، جمعون بہ چاڏيءَ مان گهاٽي لسيءَ جو وٽو پري اچي سندس پر ۾ ويٺو.

"آ..... ابا، جمعان! ماني جلدي کائي وڃ، سج ڪٽي تہ مٽي چڙهي آيو آهي. پٽاريون بک مري ويندیون ۽ ها، هي ٻي ماني ۽ بصر جون بہ تي پٽيون، پوٽڙي ۾ ٻڌي رکيون اٿم. اهي کنيو وڃجان، ٻنپهرن جو مانيءَ سان کائجان."

"هائو امان، هائو! پڄي ڪونہ ٿو وڃان، تکڙ چو ٿي ڪرين؟"

"ڙي ابا! ويچارا ساهه وارا ساسي آهن، انهن جو بہ خيال ڪر."

"هائو امان، هائو! وڃان ٿو."

ايتري ۾ وري پريان کٽ تي ستل عثمان سان ۽ مخاطب ٿي: "ابا عثمان! تون ۽ هاٿي اٽ. اسکول وڃڻو اٿئي يا نہ؟ اٽ نيرن ڪر."

ننڍڙو عثمان ۽ آرس پيڄي، اوباسيون ڏئي کٽ تان اٿيو.

"هائو، امان! وڃان ٿو."

جمعي نيرن ڪرڻ کان پوءِ مال کي چوڙي، اتر-اوپر جهنگ ڏانهن هڪليو. عثمان وري اسکول وڃڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳو. منهن ڌوئي، متي جي وارن ۾ منهن کي تيل مکي، اکين ۾ سرمون ۽ پيرن ۾ چپل پائي، ڪتاب ڪپڑي جي اڇي ٿيلهي ۾ وجهي چار پنج ميل پري شهر جي اسکول روانو ٿيو.

جڏهن وٽن جا پاڇا ڊگها ٿيڻ لڳا، سج مال جي پيرن مان اڏندڙ دز مان، متيءَ ۾ پيوت ڏسڻ ۾ پئي آيو تہ جمعون ۽ سر کان بيزار ٿي مال سوڌو اڇي گهر پهتو. مينهن، ڪتي جي اوچتي پونکڻ تي وٽي تاهہ کاڌو تہ ڪک ڪک ٿي ويون. جمعون ۽ لٽ ڪٽي ورائڻ لڳو. عثمان اسکول جي ڪم ۾ لڳو پيو هئو تہ اوچتو جمعي جي اک پيس.

"اڙي عثمان، پاڙيا! اڄان ڏسين پيو کٽ تان..... نہ ٿي ڪڇئي، ٽوٽي ڪنهن جاءِ جا...."

"اڇان ٿو ادا! مڙئي اسکول جو ڪم پئي ڪيم."

"ڏوڙ وڃي پائي تنهنجو اسکول. هيڏانهن ٻرو ٿو چڙهئي، باقي ڪائڻ مهل ٻئي هٽ مکڻ ۾!"

اڄان عثمان، ڪتاب ويڙهي، ڳوٽري رکي، چپل مس پاتي تہ جمعي رسو ڪٽي پريان ڊوڙ ڪيس.

"هلا پيٽهان، نرڳ! اڙي، ڪم تي ٽيئڙ ٿو وڻئي!" ۽ ٿي دفعا رسو پٽن تي زور سان وهائي ڪڊيئينس. تيستائين بختاور ۽ پڄي آئي.

"چا ٿيو؟ چا ٿيو؟ پاڻ ۾ پائر چوٽا وڙهو؟"

"تون چپ ڪري ويهہ. امان! تو تہ مٽي چاڙهيو اٽس، نہ تہ هي چورو ڪم نہ ڪريا" جمعي وري واپس مينهن ڏي ڊوڙ ڪئي.

بختاور جو عثمان جي قميص مٽي ڪنئين تہ پٽا ڳاڙها، ۽ رسن جا نشان ڏهي ويا هيس.

"مئي نياڳي مان جند ڦاسي وئي آهي. هجي ها جانور ته وڪڻي اچانس ها، پر ماڻهو ٿي پيو آهي. سدائين نڪ تي ڪاوڙ معصومڙي ننڍي ياءُ مان بہ نہ ٿو مڙي. ڏلو ڪنهن جاءِ جوا" ماءُ جي ممتا ہري اٿي، هن عثمان کي ياڪر پائي، مٿي ۽ نراڙ تي چميون ڏنيون. ڪجهہ وقت کان پوءِ ڳالهہ آئي وئي ٿي وئي.

عثمان کي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هو اسڪول مان ٿڪي ٽٽي اچڻ کان پوءِ بہ وري اچي گهر ۾ پڙهندو هو پر جمعون پنهنجي عادت کان مجبور هئو. ڏهين، ٻارهين ڏينهن عثمان سان ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان کينچل ضرور ڪندو هو. ڪاوڙ بہ گهڙي ڪن، وري ننڍي ياءُ سان ڪلي پيو ڳالهائيندو هو. بختاور کي اندر ۾ اها اڻ تڻ لڳل هوندي هئي ته پائرن ۾ جهيڙو نہ ٿئي.

عثمان ايان ماءُ جي پيٽ ۾ هئو ته پيءُ گذاري ويس. تنهن ڪري بختاور ئي هن جي پيءُ ماءُ هئي. هوءَ گهڻو مٽي جو سور هوندي بہ مٽو ٻڌي ڪانبي ۾ گاهہ بہ ڪندي هئي ۽ ننڍڙي عثمان کي اڱيان ڇڇيءَ ۾ ٻڌل لوڏ ۾ لوڏيندي بہ هئي. مڙس جي مرڻ کان پوءِ هن زماني سان ڪئين ڏورٻا ڏنا، جنگيون جوٽيون. عثمان جو ننڍپڻ ان جو حصو رهيو. جمعون ته وري بہ سمجهو هئو. تنهن ڪري ان جو ايترو ڪٽڪو ڪونہ ڪندي هئي. جمعون وري اهو سمجهندو هو ته ماڻس بختاور، عثمان کي گهڻو ٿي پائئي ۽ ڪيس ڪنگهي ڪونہ ٿي، تنهن ڪري سندس من ۾ موجود اها ڪاوڙ جڏهن ہرندي هئي ته سندس پهريون لفظي حملو ماءُ بختاور ۽ ٻيو عثمان تي هوندو هو.

ماڻهوءَ ۾ سهپ جي بہ ڪا حد هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن پت وانگر بظاهر خاموش رهندڙ ماڻهو جڏهن بہ ڪاوڙبو آهي ته ہرندڙ جبل وانگر پيڙ اوگاڇيندو آهي. عثمان بہ وڏي ياءُ جمعي جون تعديون سهي سهي نيٺ هڪڙي ڏينهن ڪتاب اڇلائي پيرن تي زور رکيو. اهو سڄو ڏينهن ۽ رات بختاور لاءِ گهر ۾ قيامت آيل هئي. رن زال ڪيڏانهن وڃي! اوڙي پاڙي جا مرد مايون اچي شام جو سندس گهر گڏ ٿيا. هر ڪنهن جا پنهنجا اندازا:

"ٻيٽهان! ماءُ چوري لاءِ چاچا نہ ڪيو پوءِ بہ چڏي هليو ويس."

"ابا! ڏسو پلا ڏڻ وارن همراهن ۽ ٻين يارن دوستن کان پڇا ڪيو. صبح جو شهر وڃي اسڪول ۾ پڇا ڪيو چوڪرو ويو ڪيڏانهن؟" ڳوٺ جي وڏيري جعفر اتي ويٺلن کي چيو.

"هائو وڏيرا، نڪرون ٿا، الله پلي ڪندوا"

بختاور ڪڇي جڙ پٽ. چپ چاپ ڪنڌ هيٺ، جمعون ٻه ننڍي ياءُ جي ڳولا ۾ نڪري چڪو هئو. ڏينهن گذريا، هفتا گذريا، مهينا ٻه ويا، هيڏانهن هوڏانهن پڇا ڳاڇا ڪئي پر ڪو پتو نه پئجي سگهيو.

ڪجهه وقت ته وڏيرو جعفر ٻه روز شام جو بختاور کي آٽت ڏيڻ ايندو هئو پر پوءِ نيٽ زماني جي ڪم ڪار کي لڳي ويو. ان واقعي کان پوءِ ڳوٺ ۾ هُل هُلي ويو ته سدوري پٽ کي ڊوڙائي، نياڳو هاٽي ماءُ سان روز ڪرڪرو لايو ويٺو آهي، پر ماءُ ته ماءُ هوندي آهي نا! رت وري ٻه دانگيءَ تي وريو پئي. پلا جي هڪڙو ويو ته ان جو سور دل ۾ ٻئي کي ته ناهي ڊوڙائڻو زماني سان ٻه هلڻو آهي. سو بختاور ٻه ننڍي پٽ جي ان درد کي ويڙهي، پاڻ زماني جي ڪم ڪار سان لڳي وئي. ان ڳالهه تان ڪڏهن جمعي سان چوٽون کائيندي هئي، پر وري ڪاوڙ جهڪي ٽيندي هيس ته قياس ڪندي هئي.

2

جڏهن صبح جو پهر ٽيندو هئو تہ جعفر جي ڳوٺ ۾ ٻين پروارن ڳوٺن مان مال جا ڊڻ چرڻ لاءِ نڪرندا هئا. ان سفر دوران ڊنار هلندي پاڻ ۾ ڪچهري ڪندا هئا. جمعي کي ٻہ هڪڙو ڊنار واٽ ويندي ملي ويو تہ ٻنهي جون زبانون اٽلي پيون:

"ارڙي جمعان! ڏي خبر. تو واري ٿهاڻ جي، 'آس' تہ ڪونہ لاٿئين؟ ٻٽاري پهريات هئي." رستي ساڻ هلندڙ ٻئي ڊڻ جي ڊنار پڇيس.

"يارا خطرو تہ هئو پر گُلي ۽ رسوَل ڏنيمانس، بصر ٻہ کارايامانس، سو ٻٽاري بچي وئي." جمعي مال کي هڪليندي جواب ڏنس.

"هائو يار هائو! کير ۽ پٽ تہ پلي در تي هجن. يارا مون واري هيءَ پوري مينهن ٻہ هڪڙو دفعو ڦري پر 'تنبجي' پئي. ٻٽاري ڪچي هئي. پاڏو وڏو هئس. ان کان پوءِ ڦرجي ڪونہ تي. 'مناڙ' تي وئي آهي. رڳو سگهي ٽيندي پئي وڃي، چا ڪيون؟ دل چئي تي وڪٽي ڇڏيانس، پر بابو چئي تو ننڍي تي وڏي در تي تي آهي، دل وڪڙڻ تي ڪونہ تي چئي."

"يارا پوءِ کو ڏس ڪرينس. گيهہ جو ڊڪ ڏينس يا گلقند ڏينس، من ڦرجي پئي!"

"يار جمعان! ڏس جام ڪيا اٽئون پر فائدو تکي جو نہ ٿو ٿئي."

"بس يار...."

ايتري ۾ سامهون رستي تان گهوڙي تي ايندڙ همراهه کان هڪڙي مينهن ٿاهه کائي وڃي پڳي ته جمعون به ڳالهه اڏ ۾ چڏي لٽ ڪٽي سندس پويان واپس ورائڻ لاءِ پڳو:

" هلا.... هلا پٽاري... هون هون..... امان امان..... ور.... ور....."

مينهن وڃي واهه جي بند تي چڙهي ته پريان بيلدار به ڦري آيس.

"هلا..... هلا پٽاري..... جمعان يارا مينهن کي ته قابو ڪر. مون هينئر چٽڪار ڪئي آهي. وري پٽڙيءَ جو ڪارو منهن ڪري چڏيئين. جي اوچتو صاحب اچي ويو ۽ پٽڙيءَ تان متي اڏندي ڏٺئين ته منهنجي ڏاڙهي پٽي چڏيندو. يارا ڪجهه خيال ڪر. جي ٺيڪيدار جي منڇيءَ ڏٺئي ته ڏند هڻڻ کان سواءِ چڏيندئي به ڪونه ٻيلي!همٽ ڪر."

"هائو پائو هائو! حاضر." جمعي به مينهن کي واپس هيٺ جهنگ ڏانهن ورائيندي تڪڙ ۾ ورندي ڏني.

جڏهن مينهن وڃي سندي ڏڻ سان هٿيڪي ٿي ته جمعي ٻهر جي وڻ هيٺيان ويهي ٻه ٽي سيٽيون هنيون. تيسيتائين سندس دوست ڦتوءَ به پريان وراٽي ۾ سيٽيءَ ذريعي جواب ڏنو ته آيو ڙي آيو. ڏنارن جي جهنگ ۾ پنهنجي زبان ٽيندي آهي. فتو به سندي ڏڻ کي هڪڙي پاسي چڏي اچي جمعي وٽ نڪتو:

"سلامالیکما!"

"مالیکم سلام!"

"اي يار ڪهڙا حال آهن؟ ٻار ٻچا، ڍور ڍڳا، اوڙو پاڙو سڀ خوش خير آهن؟"

"هائو سائين! مالڪ جو خير آهي. تون خوش، ٻارڙا ٻيا مڙئي خوش. ٻيو مڙئي خير."

"هائو ادا! مرشد جون دعائون آهن. يار جمعا، ڪالهه خدا بچايو!" هن سندس پر ۾ ڏين تي ويهندي ڳالهه ڪئي.

"چا ٿيو ادا! خير ته آهي؟"

"ها .... ها.... مڙئي خير آهي. ڪالهه ڏهي مان مينهن کي پاٽي پيارڻ ويس. مينهن کي اتي چڏي پر ۾ منهن ٻئي پاسي ڪري، اچان وينس مس ته

بي خبريءَ ۾ واڳون کڻي لوهه ڪئي. جوٽس ..... کاڏو ٽي. جي جهٽ ڏئي نه اٽان ها ته مون واري ٽنگ جو ڪم لهي وڃي ها!"

"اڙي، يار فتوا خبر به اٽئي ته هتي واڳن جي ڪتي ويائي پئي آهي. ٿورو هوشيار رهه."

"هائو يارا پهرئين ته ڪاوڙ آئي ته پاڻ واري خيروء کي ونڊي اچان ته ڏئيس ٻڙهه. پر وري قياس پيم ته ساهه وارو آهي، ڪي ٻچا به هوندس، سو مڙيئي چپ ٽي ويس."

"هائو ميان ڦتوا! اڇڪلهه واڳون چتا اٽئي، ٻچا ڏنا اٽن، سو مڙئي پاسو ڪر."

"هائو ادا جمعان! ڳالهه سچي ٿو ڪرين. ٻچا ڪنهن کي پيارا نه هوندا!"

"يار ڦتوا! رات مون ڪنايو پئي، تو واري دڙي ڏانهن ڪتن جي باهوڙ لڳي پئي هئي."

"اي يارا سائين بادچاهه آيو آهي. تازي ڪتن جو به ولر ڪاهي آيو آهي. جانور جو شڪار ڪندو."

"يارا چواچي ساسين جي پويان لڳا آهيو؟"

"يار جمعا! پلا سائين کان ته سر ڪونه رکبو هي ته جانور آهن. سائين جي دعائن جي ڪري ته سائو ستابو آهيان، مرشد کي پڻي ڪيئن ڏجي!"

"ٻيلي ڦتوا! مرضي تنهنجي، آهي سراسر ڏوهه. باقي سائين تان سر صدقي، سائين کي ڪونه روڪبو. هائو ٻيلي هائو تنهنجي مرضي!"

ٻنهي جون ڳالهيون ڳالهين مان نڪرنديون دونهين وانگر دکنديون هوا ۾ پکڙبيون ويون.

پريان به مينهون پاڻي پيئڻ دوران پاڻ ۾ وڙهي سڱ ڦاسائي ويٺيون ته همراهه به لٽ ڪٽي ڀڳا:

"هلا.... هلا..... امان.... پتاري، ٻيهه، ٻيهه....."

ٻنهي جڻن مينهن جي سڱن ۾ هٽ وجهي، پوئتي ڏڪي زور لڳائي نيٽ ڇڏائي ورتو.

"نياڳو! سڄي عمر مينهون چارئين پر لڇڻ ڪونہ آيس، سدائين مينهون ڇڏي گم ٿي ويندو. پُر بہ هڪڙي مينهن جهنگ جي وچ گپ ۾ ڦاسي ڦاسي مري وئي. همراهہ جي ڪن تي جونءَ بہ ڪونہ سري. دعا ڪر ماٽس کي نہ تہ ڏڪا ڪائي مري وڃي ها."

وري انهن مينهن جي ڏنارن کي سڏڻ لڳا:

"وريام... او وريام! مڱا ڪٽي آهين؟ تنهنجون مينهون وڙهي ميون آهن. تون الئہ ڪٽي پيو ڦرين؟"

پريان بہ جوابي سڏ آيو: "آيو... آيو."

"ڏوڙاٽئي منهن ۾!"

جڏهن وريام پهتو تہ ٻئي ڇڙا اتان واندا ٿي، وري اچي مٿي بند تي ساڳئي وڻ هيٺيان وينا. وري ساڳي ڪچهري:

"ڏي خبر، جمعان! پاڻ واري جعفر ڳوٺ جي."

"خبرون مڙئي خير! يار ڪالهہ رات ڪا منهنجي اک لڳي وئي. چور ڪي سنجهي ۾ مينهن کي تکيو وينا هئا. سو رات جو لوڙهو پٽي ٽپي آيا پر ڪتو مال پرسان دونهين تي وينو هو پوءِ تہ ڏوڙائي ملک ڪيڏين. امان بہ وٽي گهٽيئي کنگهرات ڪيا، اسان بہ جاڳي پياسين پر همراهہ پڇي ويا. صبح جو پيرا ڪنياسين تہ ٻن ڇڻن جا پير هئا. هڪڙو پير ننڍڙو، دنبڪو ٽلهو، ٻيو ڏگهو سنهڙو، بچاءَ بند ڏئي شهر واري رستي تي گم ٿي ويا."

"ياڻو خيال سان سمهندو ڪر. پلي هرو ڀرو چوري نہ بہ ٿئي پر ڪڏهن ڪڏهن قسمتي وقت پڇي ڪونهي ايندو. سو يارا! ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ جي ڦِٽي ٿي تہ ڪير هٿ ڪونہ ڏيندو."

"بروبر ڦتو! ٻاهريان چور تہ نهيو پر هاڻي ملک ۾ ڀڳلن بہ باهہ ٻاري ڏني آهي، اسان واري پاسي تہ سرڪاري فوج ۽ پوليس جو پهرو بہ آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن الئي ڪيئن ٿي ڏپ اچين، اچيو نياڳا گهوڙن تي، ماڻهن جي گهرن ۾ ڪاهيو پون. ڪنهن شام جي ماني اڌ ڪاڌي، ڪنهن کي ماني جو ٽڪر هٿ ۾، ڪير جو گلاس اتي رهيو. ڪنهن جو اڌ ڏئو اڌ ٻک، وٽي پاڇ پوندي، جيڪو هٿ چڙهين، انهيءَ جي ڇڻ رن رلي وئي. ٻکيا بہ اهڙا جو پهرين چوندا ماني کارايو پوءِ وري سون، پٽڪا ۽ پئسا ڦريندا. ڪٽي ڪٽي

ته وڃيو ماڻهن جي ٻارن ۾ پون. يارا خدا ظالمن مان جان ڇڏائي. انهن ته ملڪ تپائي ڏنو آهي."

"ها ادا جمعان! جي ٻين جي عزت نه رکندا ته سندي به نه رهندن. ڏسين پيو حڪومت جا ماڻهو کهڙيون ٿا تعديون ڪن. پر الله چو رحم نٿو اچين."

هائو ادا! الله ڏسندن. اسان غريب ٻيو ڪري ڇاتا سگهون؟ اڙي يارا غريبن. ڏنارن ۽ مڇي مارندڙن جو سڪ به ڪٿائي ڇڏيو اٿن. جيڏي ڪيڏي مهل ڏنبو مٿان ڪنيو بينا آهن. ڪڏا ڪم سندن. ڏوهه اسان جوا"

"آهستي ڳالهاءِ. ادا ڪتوا جهنگ کي به ڪن اٿئي. جي نه ڪٿان هڏي ورتئون يا انهن جي ڪنهن چمچي هڏاين ته پنهنجو سر رولي ڇڏيندا، ٻي ڪا ڳالهه ڪر."

جمعي پوتڙي ۽ ڪتوءَ روماں جي ڳنڍ کولي وڃ هينيان ماني ڪاڌي ۽ واهه جو پاڻي ڀڪ پري پيتو.

"شڪر الحمدالله!" ٻنهي ڏئو ڪرڙ ڪان پوءِ رب جو شڪر ادا ڪيو.

شام جو سج لڙڻ لڳو. جهنگ مان مال جا ڏڻ نڪري ڏڪڙ ڪان بچاءَ بند ٽپي، جدا جدا پٽڙيون وڃڻ لڳا ته سندن پيرن مان نڪرندڙ ڏوڙ ٻه ملڪ رئي ڪندي وئي، پر سندن ڳچين ۾ هڏل مختلف قسمن جا چڙا، چڙيون، ڪرڪ اهڙو ته خوبصورت آواز پيدا ڪرڻ لڳا، جڏ مال پٽارو رقص ڪندو هجي. مٿان آسمان تان گذرندڙ ڪانگ، ٻگها ۽ ٻيا پکي جهنگ ڏانهن پنهنجن پنهنجن آکيرن ۾ واپس پئي ويا. پوري ڪائنات وانگر صدين کان هڪڙا آيا ٿي ته ٻيا ويا ٿي. هر طرف ڏنارن جون ڳٽڪارون ۽ هونگرون هيون. مالوند ماڻهن جي سماج جا پنهنجائي قدر هوندا آهن. جنهن ۾ انسان کان وڌي جانور پکي پکڙ تائين آزادي پسي سگهبي آهي. تنهن هوندي ٻه هتي جي ڏنارن کي هروقت پڳلن سان گڏ بگهڙن جي حملن جو ٻه خوف هوندو هئو. جيڪي اوچتو ئي اوچتو مال يا ماڻهو تي حملو ڪري ڏيندا هئا. سندن پهريون نشانو ماڻهو يا جانور جي ڪڪ هوندي هئي. ڏنارن کي ٻيو خوف ان لنڊي بلا جو هوندو هو. جيڪا چپ هڻي رستي تي ويهي رهندي هئي. پري کان ائين لڳندو هو جڙ،ڪا سنهڙي ڪاني يا اڳڙي پئي هجي. ڪو ويجهو آيو ته هم نه تم هڙ ڏڪ. جڏهن ته ڪارا اصيل نانگ يا پورا

چٽڪبرا، ڪنيارا نانگ هئا تہ جام پر هرون پرون ڪنهن جي ڪينچل ڪوٺ ڪندا هئا. مال کي گهٽو ٽٽو جورون يا چچڙ چنبڙي ويندا هئا. جڏهن مال نڙ، ڪانهن، پن، تر جو گاهہ ڪائي ڏئو ڪري ڏهن مان پاٽي پيئندو هو تہ ان دوران جورون سندن جسم کي چنبڙي ويندیون هيون. ڪڙهہ جا ڪتا مال جي پر ۾ رات جو دونهين وٽ سمهندا هئا تہ وري چچڙ ڪتن تان رڙهي وڃي مال کي چنبڙندا هئا.

مکي جهنگ ۾ اڪثر ڏنار مال جي ڏڙ کي چڏي ماکي تاڙڙ ۾ لڳي ويندا هئا. شل نہ ڪنهن ڪنڊي، ڪبڙ، ٻير، نڙ، پن ۾ ماکي ليي پئي. ٽوال سان منهن ڏکي، چيٽون ٻاري، ماکي جي ويجهو وڃي دونهون ڏيندا هئا تہ ماکيءَ جون مکيون چئني ڏسائن ۾ اڏري ويندیون هيون. هو ان ڏار يا تاري کي ڪهاڙي جي هڪڙي ڏڪ سان وڍي، ٻئي هٿ سان جهلي هيٺ لهي پوندا هئا. ڪجهہ ڪائيندا هئا تہ ڪجهہ شام جو گهرن ڏانهن ڪٽي ويندا هئا. تنهن هوندي بہ نڙن ۾ ويڙل ماکيءَ جو پنهنجو ئي ذائقو هوندو هئو. ائين مکڙ، ماکي ۽ کير هتي جي ماڻهن جي لازمي خوراڪ هوندا هئا. ٻيو وري مکي ڏيڻ هجڙ جي ڪري مڃي ۽ وهہ جو استعمال بہ عام جام ٿيندو هو. تنهن ڪري هتي عام ماڻهو وٽ اها چوٽي ڏاڍي يا متي قريي لاءِ مشهور ٿي تہ "متي ۾ وهہ اٽس". گهرن کي نالي ماتر ٻير ۽ ڪنڊيءَ جي ڏينگهرن جو لوڙهو ڏنل هوندو هئو. هرون پرون تر جو همراهہ ڪنهن ٻئي گهر لاءِ اک ميري نہ ڪندو هو. پوءِ ماڻهو هجي يا مال. ها باقي پري پري جا همراهہ ڪڏهن ڪڏهن چوريءَ جو جهت هٽي ويندا هئا. يا هتان جا چور پري وڃي واردات ڪري ايندا هئا. انهن ڏينهن ۾ چوريءَ جي بہ اخلاقيات هوندي هئي. هتي يا تہ مڃيءَ جا واپاري سکيا ستابا هئا يا وري مال جي ڏٽن جا مالڪ. شادي غمي، صلح ساند، عيد برات، راند ٻاند ۾ انهن جي چگ مڙسيءَ جو سڪو هلندو هئو.

جمعون بہ مڃن کي تاءُ ڏئي، ڦتوءَ کان موڪلائي، مال جي ڏڙ سميت ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو:

"چگو ادا! حياتي رهي تہ وري سياٽي ڪچهري ڪبي."

"هائو ادا جمعان! الله خير ڪندو."

3

جمعي جا مال جي پر ۾ پيل ڪٽ تي گھوگھرن جا ٽڪاءَ هجن تہ اوچتو ماٽس بختاور اچي ٻانهن مان جھليس:

"جمعان! او جمعا!"

"هون... هون... چا ٿيو امان؟" جمعو ٽپ ڏئي اٿي ويٺو.

"هيڏو ملڪ همراهہ متي تي ڪٽي ڏنو هيڏيون دانهون. تو ڪونہ ٻڌيون. مون تہ سمجھيو سڄو ڳوٺ ڀڄي آيو هوندو."

"پر، امان، چا ٿيو؟ خير تہ آهي؟"

قد جي پوري، مضبوط اعصاب ۽ هڏ رکندڙ سندس ماءُ بختاور مرڪندي چيس:

"همراهہ اڄ وري آيو هو. اهڙي ڪئي اٽمانس جو وري منهن نہ ڪندو تلهڙن ئي تلهڙن سان ورتمانس."

"هان....." جمعو ڳالهہ کي سمجھي ويو.

"اڙي، امان، پيو ڦري، الله جي مخلوق آهي. چو ٿي هروپرون تنگ ڪرينس؟"

"نہ ابا! ڪونہ چڏيندي سانس. سياڻي تنهنجي ڪنوار گھر ۾ ايندي يا ياڻھين جا ٻار ٽيندا، ڏجندا ڪونہ؟"

بختاور جڏهن بہ پنهنجي گھر جي ڳالهہ ڪندي هئي تہ بي اختيار عثمان جي يادگيري ذهن تي تري ايندي هيس. هوءَ اميدن جو ڏيئو دل ۾ ٻاريو

ويٺي هوندي هئي تہ عثمان هڪڙي ڏينهن موٽي ضرور ايندو ۽ هوءَ پنهنجي هٿن سان هن جا هٿ ڳاڙها ڪندي تنهن ڪري جتي ٻہ ويندي هئي تہ پهرئين نظر جواڻ جماڻ ڇوڪرين تي وجهندي هئي، جيئن عثمان لاءِ ڪا پسند اچيس. جمعي وري ڳالهہ اڳتي وڌائي:

"اڙي امان! اها تہ خدا جي مخلوق جام پئي هلي. جنهن کان پڇ تہ اهو ساڳئي ڳالهہ ٿو ڪري. رات جو نانگ جي ڏوريءَ کان لنگهہ تہ زور سان سڏن جا آواز پيا ايندا. هوندو ماڻهو نہ ڪو ڇيڙو يا وٽن مان وڏا وڏا اولا پيا نڪرندا، پر هر ڪو پنهنجي ڪم ۾ قابو آهي. خدا جي مخلوق پئي هلندي، ماڻ ڪري سمهي رهہ امان."

"ٺهيو ابا! آئون وڃان ٿي، مال جو وري ٻہ خيال ڪجان."

"هائو امان! تون بي فڪر ٿي وڃي سمهہ."

بختاور بستري تي ستي تہ اچي، پر ننڊ ڪٿي ويس.

"اجهو ٿو اسر ٿئي، سمهي چا ڪندیس!"

هوءَ دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳي. اها رات سندس لاءِ ڏگهي گذري ايتري ۾ يادگيرين جي ويڑ ذهن مٿان چڙهي آيس ۽ خيالن جي جهنگ ۾ ٿوري دير لاءِ گم ٿي وئي:

"عرس هوندو هئو تہ ڪائڻ پيئڻ، خرچ پاڙي جو ڪٽڪو ڪونہ هوندو هو. گهٽ ۾ گهٽ ٻچا تہ اڪين اڳيان هوندا هيم."

هن ڏڏو شوڪارو پريو.

"هائي هائي! اهو وقت ٻہ اچڻو هو. هڪڙو ٻچڙو الئي ڪيڏانهن هليو ويو؟ رب سائين شل سڀائي ڪري. سو تہ ڏسڻ لاءِ ٻہ سڪي وئي آهيان. ٻئي ڪي ڪير سگ ڏيڻ لاءِ ٻہ تيار ناهي، جنهن وٽ وڃ، چون نياڳي ڪي سگ ڪير ڏيندو؟ ماڻهو ٻہ ڪو نياڳو ٿيندو آهي چا! ويچارو سجو ڏينهن مال چاريو ٽڪيو ٽٽيو اچيو سمهي، وري ٻہ چون ٿا ڪمائي ڪونہ ٿو. بخيل ٻہ گهڻو ۽ نياڳو ٻہ آهي. جي عرس جيئرو هجي ها تہ ائين نہ ٿئي ها. الله ڪندو منهنجا ٻچڙا سدائين سڪيا هوندا، ڪوسو واءُ نہ لڳندن!"

هن جو روح سرد ۽ چانڊوڪين راتين ۾ اڏامندڙ ۽ رڙندڙ ٽيٽيهر وانگر پٽڪي پيو. نيٺ اسُر جو ڪڙن ٻانگون ۽ پکين چرچر ڪرڻ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

شروع ڪئي ته بختاور به خيالن جي دنيا نڪري حقيقت جي جهان ۾ جهاتي پاتي.

جيئن ته هتي وڏو گهاٽو جهنگ هوندو هو ۽ ماڻهن جي آبادي ڪٽي ڪٽي ٽڙيل پکڙيل هوندي هئي. تنهنڪري هتي جي رهاڪن جي واتن تي جنن پوتن جا قصا عام جام هوندا هئا. ڪئين پيڙهين کان اهي قصا نه رڳو هڪڙي سيني کان ٻي زبان تائين پهچندا هئا. پر وقت به وقت اهڙا واقعا مختلف ڳوٺن جي مردن ۽ عورتن جي واتان ٻڌبا رهبا هئا. جنهن ڪري پوري علائقي جا ماڻهو جنن، پوتن ۽ ٻي اهڙي مخلوق ۾ يقين رکندا هئا. ۽ سندن قسمت ۾ انهن جي عمل دخل تي ويساهه ڪندا هئا. ننڍڙا ٻارڙا اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ڪڌهن ڪڌهن ننڊ ۾ چرڪ پرينداهئا.

"ابي منهنجي ڪي چوان! ڪالهه مون وارو چورو مال جهنگ ۾ چڏي منجهند جو سرينهن جي وڻ جي هيٺيان سمهي پيو. سو جهلجي پيو اٿڻ کان پوءِ تپ جا هڙ ڪيڏي مهل ڪلي ته ڪيڏي مهل روئي پيو. الله خير ڪري اڄ پٽس پٽائي جي درگاهه تي وٺي ويو اٿس. الله ڪندو چاق چگو پلو ٿي ويندو"

"ادي بس ڳالهه نه ڇڪ. مسلمان جن ته وري به هروپرو ڪونه ڪجن. پر هندو جنن باهه ٻاري ڏني آهي. ڪالهه شام تو واري پائٽي وجي اگهاڙي پُئيءَ ۾ وهنتي، ان کان پوءِ رڳو اوچتو رات جو رڙيون پئي ڪري. ڪنهن مهل رڳو ڳيچ پئي ڳائي ته ڪيڏي مهل ڪلي پئي! اڄ ماٽس بي بي ڏي وٺي وئي اٿس، شل بچي!"

هڪڙي ڏينهن جمعون به صبح سوير ڪٽ تان ڪلندي اٿي سڏو بختاور ڏي آيو جنهن ماني پئي پچائي "امان، او امان! رات ڪو لقاءُ ڏٺئي؟"

"نه ابا! وري ڇا ٿيو؟"

"رات چوڏهين جي چانڊوڪي هئي، سو گڏ ۽ گرانٽ جيڏا همراهه اچن ويسن سان ڳائيندا نچندا ويا. مون رليءَ مان منهن ڪيو پئي سجو لقاءُ ڏٺو. پوءِ ته سڏا لوڙهي واري پاسي هليا ويا."

"بس ابا! پيا ملڪ ۾ هلن." بختاور مشڪندي ورندي ڏنس.

هڪ دفعي آڏيءَ رات جو مينهن چگو موچارو وسڻ کان پوءِ ڦڙ ڦڙ پئجي رهي هئي، بختاور به مينهن ۾ ٻاهر نڪرڻ بجاءِ، پيشاب ڪرڻ لاءِ گهر

جي در وٽ تغاري رکي ڇڏي هوءَ در وٽ رکيل تغاريءَ ۾ پيشاب ڪري ايان اندر کٽ تي مس ستي ته اچي ڪنهن مخلوق وڏو گوڙ ڪيو ڏڙها هنيا. سڄي گهر ۾ گهگهه اوندهه پکڙجي وئي. بختاور پر ۾ رکيل تلهڙ کٽي ايان ۽ ٽي مس وهايون ته دروازي مان رڳو نڙڪ ٽيو. اوندهه ۾ آواز جڙ گهڙي پل ۾ غائب ٿي ويا.

ڪيس خبر ئي نه پئي ته ڪڪڙن ٻانگون ڏيڻ شروع ڪيون ۽ هوءَ ٻه بسم الله ڪري کٽ تان اٿي ڪم ڪار ۾ لڳي وئي.

4

مکي جهنگ ۾ ويجهن ڳوٺن مان مال جا ڏاڙ چرڻ ايندا هئا. تنهنڪري ڏنار مال جي ڏاڙن کي جهنگ ۾ چڏي پاڻ اچي وڏن سرينهن، تالهي، گدامڙي، پير، بڙ جي وڻن هيٺيان ٽولن ۾ ويهي ڪچهريون ڪندا هئا. پوڳ چرچا، ڏور بيت ۽ حضرت عشق جون ڳالهيون. جڏهن ٻيا ڏنارجمعي ۽ فتوءَ کي گڏ ويٺي گهٽي دير تائين ڪچهري ڪندي ڏسندا هئا تہ هڪٻئي کي اشارا ڪندا، اکيون ڦيرندا هئا تہ "پريان ڏسو همراهن جو قرب، صفا جهڙا ليلي مجنون! ڳالهہ ئي ڪونہ ٿي ڪٽين."

"هائو يارا! الئي ڪهڙا ڦاڙها ٿا مارين؟ جو روز ڏگها قصا ڪنيو وينا آهن."

"بس ابا! ڳالهہ ڪٽي چڏ. مڙئي پيا زماني جا ڪوڙ ڪٽين."

"پاڻ سان تہ لڳين ئي ڪونہ ٿي، ماڻهو صفا ائين رکو ٿيندو آهي ڇا؟ رڳو پاڻ ۾ مڙ مِڙ لڳي پئي اٿن."

تيستائين فتو پنهنجي خيال سان منهن ڦيرائي هنن ڏي نهاريو تہ سڀ چپ ٿي ويا.

"اڙي، چپ ڪريوا! فتو ڏسي پيوا!"

انهن ڏنارن کان ٿورو پرپرو ٿي وڃ هيٺيان ويٺل جمعون، فتو ۽ وري جهنگ جي ڳالهين جون ديگيون چڙهڻ لڳيون.

"جمعا جاني! رات اهي پاڻ وارا نڙائي عمر ۾ الهو آيا هئا. وڏي محفل ٿي، واهه جو سُر هئا. بابا! هٽي وڃي هنڌ ڪيئون. اسان واري دڙي جا سڀ ماڻهو اچي گڏيا. هر ڪو چئي پهرئين آئون هٿ ڏيان، ڪيڪر ڪيان."

"هان! پوءِ....؟"

"پوءِ بابا! وارو وار لڳي وئي. مايون ۽ لوڙهن کان اڳيون ٿي ٻيڻيون ته ڏسون اهي ڪهڙا نڙائي آهن؟"

"اڙي ٽڪ ٽئي فتوا غيرت ڪونہ آيئي."

"اڙي يار جمعان! ڳالهه ته پوري ٻڌ. وچ ۾ ڪنيو ٽپ ڏين. اوطاق تي ته بتي پئي ٻري، باقي ته ڪاري اونداهه هئي. نڙائين کي ڪهڙي خبر ته ڪير ڪير ڏسن."

"ها پوءِ ائين چئو نا ها، هاڻي ڳالهه اڳتي ڪر."

"اڳتي ڇا؟ پوءِ ته سڄي رات خدا جي خلق پئي ٻڌو. نڙ ٻڌڻ لاءِ ماڻهو ٽا سڪن."

"هائو بروبرو ادا فتوا!"

"رات عمر نڙائي پئي ٻڌايو ته ننڍي هوندي پٽس ٻڌايس ته ان جي ڏاڏي گهر ۾رسان رات جو نڙ پئي وڃايو ته اوچتو سندس نڙ جو مٺڙو آواز ٻڌي پريون اچي هيٺ لٿيون. انهن کي ڏسڻ سان نڙ وڃائڻ بيهي رهيس، هٿ اتي ئي سڪي ويس. ان واقعي کان پوءِ سندس زال کيس باقي زندگي کاري ۾ ڪٽي گهمائيندي هئي."

"يار فتوا جي عمر وري ڪڏهن اچي ته مونکي گهرائجان. نڙ وڃائڻ سکندس، ابو ۽ نڙ وڃائيندو هو. تڏهن آئون ۽ صفا ٻارڙو هئس. انهيءَ نڙ وڃائڻ جي ڪري ابي کي تر جا وڏا ماڻهو پاڻ سان ڪٽي ويندا هئا. ٻاهوئي ٻاهر رهندو هئو. ڇهين، ٻارهين مهيني ڪو گهر ايندو هو. سو اهو ته وقت ويو هٽن مان."

"هائو جمعا! آيو ته ٻڌائيندس. پٽهي! بابا! نڙ وڃائڻ جو ڪاريگر مڙس هو. ڏگهو پنج هٿيو سهڻو ڪئين اکن ڇڪن ٽيس. وري مٽي تي جوڙپوري لونگي ٻڌندو هو ته جهڙو شهزادو مڙس. بابو! اسان سان ڳالهيون ڪندو هئو."

"هائو يارا! ابو حج بہ ڪري آيو تڏهن هتي تر ڀر ڪو حاجي ڪونہ هئو. خرچ بہ سڀ وڏيري منا خان پريس."

"هائو ٻيلي! فن جو قدر تہ ڪو وڏيري منا خان کان سکي، هئو بہ جاننو مڙس."

ڪچهري ڪندي فتوءَ جي نظر اوچتو رستي تان ايندڙ جيپ تي پئجي وئي.

"يڇ ڙي، جمعا، يڇ! صاحب پيو اچي، جي نہ ڪا مينهن بند تي ڏٺئين تہ ڏاڙهي پٽي وجهندو. هل تہ هلي مينهون سنياليون."

هوبئي اٺيا ۽ هيٺ جهنگ ۾ لهي ويا.

5

مکي جهنگ ۾ بگهڙن جا وڏا ٽولا پيا ڦرندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن چرندڙ مال تي اوچتو حملو ڪندا هئا. واٽ ويندڙ ماڻهن جو به ساهه مٽ ۾ هوندو هو. انهن مال جي ڪجهه ڏٽن سان ڪڙهه جا ڪتا به گڏجي جهنگ ڏي ايندا هئا. انهن مان ڪجهه ڪتن جي جهنگ ۾ گهمندي، ڦرندي بگهڙن سان ياري ٿي ويندي هئي ته وري گهر جو در نه ڏسندا هئا. جمعي جي ڏاڍ سان گڏ به وڏو ٻاڙهو ڪتو ايندو هو. جيڪو ڪجهه ڏينهن کان پوءِ گم ٿي ويو ته وري واپس نه آيو. بختاور روز شام جو سندس انتظار ڪندي هئي ته متان موٽي اچي. پر جيڪو ويڙهو هو سو وري نه آيو. تنهن هوندي به هوءَ روز جمعي کان ڪتي جي پڇا ضرور ڪندي هئي.

جمعي سنجهي مهل ايجان مڇي ۽ بهن جو ٻوڙ کائي، کير جو وٽو پي هٽ ڏوتا ته ماٽس بختاور ويجهي ٿي ويٺس:

"ابا، جمعا! ڏي خبر پاڙ واري ٻاڙهي ڪتي جي، هٽ آيو ڪي نه؟"

"امان مونکي هٽ ڪونه آيو. ڏاڍو ڳوليو اتمانس، ليپي ڪونه ٿو."

"ته پوءِ ويو ڪيڏانهن مئو! توسان ۽ مال سان ته گڏجي ويندو هئو ۽ وري شام جو واپس اچي ويندو هئو. اوچتو گم ڪيئن ٿي ويو؟ مونکي اڳ ئي شڪ پئي ٿيو. ڪجهه ڏينهن کان اکيون به ٻاڙهيون لال پئي لڳس، صفا مئو ۾ مات ڪيو ستو پيو هوندو هو. مون سوچيو متان مونکي ائين ٿو لڳي، پر مئي هاٽي ته صفا گهر اڇڙ ڇڏي ڏنو آهي."

"امان ڪالھ فتوءَ پئي ڇالھ ڪئي تہ ھو شھر ڏي وڪر وڻڻ پئي ويو. سو بگھڙن تي اڪ پئجي ويس. پاڻ لين جي اوٽ وٺي لڪي وينو تہ ڪيڏانھن وڃن تہ اڇتي وڃان. انھن سان گڏ ڳاڙھي ڪتي بہ راند پئي ڪئي، سو مونکي شڪ آھي تہ اھو پاڻ وارو ڪتو آھي."

"اڙي ابا! پوءِ تہ وارو ڪر. ڪڙھ جو پلو ڪتو آھي."

"امان! ھاڻي بگھڙن جي منھن ۾ ڪير وڃي؟ وري بہ دوست تي بار رکيو اٿم. دعا ڪر اکيلو ھٿ اچي وڃي."

"ھائو ڏي، ابا! وري پڇا پيو ڪجان."

"ھائو امان، ھائو!" ڇالھين دوران بختاور گھر ۾ پاڻ کي بہ گھوريندي رھي، نيٺ اندر جي ڇالھ زبان تي اچي ويس.

"ابا، جمعان! ھاڻي سيارو پيو اچي. ڏسين پيو گھر بہ جڏو ٿي ويو آھي، ڪانا سڄا پڄي پيا آھن، پاڻ جو حال بہ پورو آھي. وارو ڪر، ونگار ڪر تہ سَر، ڪانھن، ھڪڙي ڏينھن وڃي جھنگ مان لٽي اچو. پاڻ جو خير آھي، مال نہ سيءَ ۾ مري وڃي. يارن، دوستن کي ڏس. الله ڪندو پاڻھين ھڪڙي ڏينھن ضرور موٽي ايندو. ڏسين پيو سيارو پيو اچي، سياڻي انھيءَ لاءِ بہ سوچڻو آھي."

"ھائو امان! انھيءَ لاءِ پلي سوچ، تنھنجو پٽ تہ اھو آھي. آئون تہ تنھنجو اڳ ڄائو آھيان."

"اڙي پٽ! تون وڏو آھين. مونکي پيارو آھين پر ويچارو عثمان الائي ڪٿي، ڪھڙي حالت ۾ ھوندو؟ نياڳا! تو تہ منھنجي ھنج اجاڙي ڇڏي. تون تہ وري بہ اکين اڳيان آھين. کارايان پياريان بہ توکي گھٽو. ھاڻي جي ڪير تنھنجي لاءِ سگ نہ ڏيندو تہ آئون چا ڪنديس!"

"ھا... ھا، منھنجي لاءِ ميڙون ڪٽي ٽڪجي پئي آھين."

"اڙي ابا! ميڙ جتي چئين ڪٽي ھلان. پر ڪو ھا تہ ڪري مونکي تو ڀچي لاءِ ٽوري ھوندي دل ۾."

"مون لاءِ ڪونہ، باقي ھن پٽھين لاءِ تہ مريو ٿي وڃي."

"ھائو ابا! انھيءَ سان ھيڏي تعدي ڪيئي، پوءِ بہ مڙين نہ ٿو. ايان ھينئون ٽڏو ڪونہ ٿو ٽيئي. اڙي پٽ نہ ھجين ھا تہ ٽنگرائي ڇڏيائين ھا، پر

چا ڪيان؟" ٿوري دير بعد وري رت دانگيءَ تي وري پيو "اڙي جمعا! وري منهنجي لاءِ تہ ٻئي برابر آهيو. ٻئي پيٽ ڇاوا آهيو. توکي لڏو ڪونہ اٿر جو فرق رکان....."

"هائو.. هائو . مونکي خبر آهي. ڇگائي واقعي ڏيءُ تي بہ نالو نہ رکجي. مون تہ ڪر جو چيومانس، ڪو ڪهاڙي ڪونہ هنئين مانس. گهٽيون ڳالهيون ڪندئين. "

جمعو ڪاوڙ مان لٺ هٿ ۾ ڪٽي، ڪٽ تان اٽي تکو تکو گهٽيءَ مان ٻاهر روانو ٿي ويو. بختاور گهٽيئي دانهون ڪيس، پر ان گهڙيءَ هو واپس نہ وريو.

6

اتر جون هوائون لڳيون تہ سائيبريا مان پکين جي ولرن اڏارون ڪري هن جوءِ جو رخ ڪيو. پهرئين آڙين جا ولر لٽا. پوءِ نيرڳي، ڍگوش، رتنبو ٽراندو پکين بہ پير کوڙيا. ان موسم ۾ بختاور جو روح بہ اداس ٿيڻ لڳو. سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. هن مند ۾ سندس مڙس عرس جڏهن گهر ۾ هوندو هئو تہ ونجهار ڪٽي وڃي ڏنڊ ۾ لاهيندو هئو ۽ پکين جا ڪٽا پري ايندو هو. پکين ۾ ايتري تہ چربهي هوندي هئي جو هوڙ رڙڻ لاءِ گيهہ جي ضرورت نہ پوندي هئي. هوڙ بہ اهڙو ذائقي وارو جو هٿ ڪٽي چٽ. پنهنجي ننڍڙي پٽ جمعي کي بہ ڪارائيندي هئي تہ مڙس سان بہ چلولايون ڪندي هئي. هاڻي تہ سندس گهر ۾ ڪو اهڙو بہ نہ بچيو هو جو پکي ماري ڪٽي اچي. مڙس هليو ويو. هڪڙو پٽ رسي هليو ويو. ٻيون مال حوالي. ڪيس اداسي ول ويڙهيءَ جيان وکوڙي وئي. هونئن بہ ويندڙ وقت ۽ وهندڙ پاڻيءَ کي هٿ ڪونہ ڏئي سگهبو آهي. رڳو ڪي چٽا تہ ڪي ڏنڊلا عڪس اندر جي اڳڻ تي ٺهندا ۽ گم ٿيندا ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اهي عڪس جڏهن چٽ تي چڙهندا آهن تہ يادن جو سمنڊ ماٺهوءَ کي گهڙي کن لاءِ ٻوڙي ڇڏيندو آهي. بختاور جي بہ ساڳي ڪيفيت هئي:

" وڃ پيٽهان! سڀ ڪجهہ هٽن مان پيچري مان اڏندڙ پکيءَ وانگر هليو ويو."

يادون سندس اندر کي ولوڙڻ لڳيون. سامهون واري گهر ۾ پکي چلجي ديڳڙي ۾ پئي پيا تہ کيس پنهنجي ماضيءَ وکوڙيو. هن کي چگي طرح ياد هو تہ هو پنهنجي مڙس سان ڪئين هجتون ڪندي، ٿهڪ ڏيندي، وڙهندي پرچندي هئي. هاڻي هوءَ اهو سپ ڪنهن سان ڪري! هاڻي تہ رڳو جمعو هئو جيڪو هن سان وڙهندو پرچندو رسندو هئو. پوءِ بہ هن همت نہ هاري. ڪچي جوانيءَ ۾ مڙس مري ويڙ کان پوءِ بکون ڪٽيون، پورهيو ڪيو. رليون، سڳيون، اڳ ڪاهڻ شروع کيا، پر پنهنجي پٽن کي هروپيرو تکليف ۾ نہ وڌو. جمعون تہ ڪوشش باوجود ضدي هئڻ ڪري پڙهڻ کان پڙ ڪيڙي بيهي رهيو. سندس اندر جو جن مال چارڻ تي راضي ٿيو. پر عثمان بہ ٿي درجا پڙهي ويو جنهن جمعي جي سورن کان جهنگ منهن ڪيو تہ وري نہ موٽيو. وقت جي لاهن چاڙهن بختاور کي ڪڏهن بہ وسامڻ نہ ڏنو. ڏکن ڏاکڻن باوجود هن جي دل جو ڏيئو هميشہ ٻرندو رهيو. هوءَ اڳ کان اڳري هئي. پنهنجي همت ۽ حوصلي سان پنهنجي پاڻ تي پاڙڻ واري. ڏکن جو دريا اڪيلي سر اکرڻ واري. تنهن هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن جي يادگيرين جا گهاءَ کيس وقتي طور ڏکيو ڪري وجهندا هئا، پر وري اٿي پوندي هئي. سو نيٺ سوچن کي دماغ مان ڦٽو ڪري گهر جي ڪم ڪار کي لڳي وئي.

7

مکيءَ جا اکثر ماڻهو ڏنڊي ڏاڙيءَ کان پوءِ شام جو جعفر جي ڪوٺ جي ٻر ۾ موجود ميدان تي مختلف راندیون کندا هئا. ڏسڻ وارن جا ٻه ڪٽڪ اچي لهندا هئا. هڪڙي پاسي ونجهوتي، ٻلهاڙو ته ٻئي پاسي ملهه جي وٽ ونان لڳل هوندي هئي. هفتي ٻئي مختلف ڳوٺن جي وچ ۾ مقابلا ٿيندا هئا، جن ۾ تر جا چڱا مڙس ٻه شريڪ ٿيندا هئا. ان ڏينهن صبح جو سوير جڏهن جمعون ٻاهر تي وڃڻ لاءِ نڪتو ته رستي تي ڪوٺ جو همراهه ملي ويس:

"جمعان ڪهڙا حال آهن؟"

"ابا! خير آهي."

"اڄ وڏو مقابلو ٿيو ٿئي."

"وري ڇا جو؟"

"اڙي يار! توکي خبر ڪونهي ڇا؟"

"نه يار! پر ڇا جو؟"

"وڏو ملاکڙو آهي."

"ڪنهن ڪنهن جو؟"

"پنهنجي ڪوٺ واري طيبو ۽ ٻرواري ڪوٺ جي خميسي جو."

"پر چون ٿا خميسو وڏو ملهه آهي."

"ته گهٽ پنهنجو طيبو ٻه ڪونهي."

"پوءِ تہ واھہ جو مقابلو ٿيندو."

"دنيا ڏسندي ابا!"

"واھہ واھہ..... پلو پلو...."

جمعي ۽ پکو پھہ ڪري ڇڏيو تہ ھو مينھون چارڻ نہ ويندو. سو ٻاھر تان فارغ ٿيڻ کان پوءِ سڏو گھر موتي آيو.

"امان..... او امان..... ڪٿي آھين؟"

بختاور پريان اگھڑ تي ٻھاري پئي ڏني.

"ھا ابا! ھيڏانھن آھيان، خير تہ آھي؟"

جمعي جو ماڻس جو آواز ٻڌو تہ وٽس ھلي ويو.

"امان! چون ٿا اج وڏو ملاکڙو آھي، سڄي تر جا ماڻھو ۽ ايندا. وڏيرو جعفر خان ۽ ڏسڻ ايندو. سواج مينھون ڪونہ ٿو چوڙيان."

"ابا! پوءِ مينھن لاءِ پھرئين گاھہ تہ ڪري آ، پٽاريون بک مري ويندیون. باقي شام لاءِ آئون پاڻھي ڪنديس."

"ھائو امان! اتران نڙ بينا آھن، ۽ ٽي پروٽيون ڪيو ٿو اچان."

"پلي، ابا، پلي."

جمعون ھٿ ۾ ڏاتو ۽ ڪلھي تي اڇي چادر ڪٽي گاھہ ڪرڻ روانو ٿي ويو.

وڏيرو جعفر خان، پشتان پشت وڏيرو مٽي تي ھميشہ پٽڪو بافتي جا ڪپڙا، ڪٽڪ رنگو ڏڻ مال جو، مينھون، ٻڪريون، ڏڳيون وٽاڻ تي، گھر ۾ ڪڪڑيون، ۽ ڪڑھہ جا ڪتا، گھر کان ٻن وکن تي ڪکائين اوطاق، جتي ھر وقت 10، 15 ڪتون ۽ ھنڊ ٻيل ھوندا ھئا. ڳوٺ وارن جو مھمان مڙھو، وات ويندڙ مسافر، مال چارينڊڙ ڏنار اڇي ان اوطاق تي ڌاھو ڪندا ھئا. رات جي ماني، صبح جي نيرن، مکڙ، لسي وڏيري جي گھران ايندي ھئي. ڳوٺ ۽ تر جا فيصلا ۽ نبيريندو ھئو. سندس ڪتي پري پري تائين پونڪندي ھئي، ھن جا فيصلا انصاف پسندي ڪري پوري تر ۾ مشھور ھئا. شادي ۽ غمي ۾ ھر ڪنھن وٽ پھچي ويندو ھو. ڳوٺ جون غريب عورتون ۽ سندس گھران ڌاپي نڪرنديون ھيون. ننڍي وڏي کي ڏک سک ۾ ڪم اچڻ وارو ملھہ، ٻيلھاڑي، ونجھہ وٽيءَ جو شوقين، سوپ حاصل ڪندڙ راندیگر کي دل کولي انعام ڏيندو ھو.

سو ڳوٺ پرسان وڃي ميدان تي متل ان مقابلي ۾ وڏيرو جعفر به ڪانپ ڪيڊي اچي پٽ تي ويٺو. چوڌاري گولائي ۾ ماڻهن جا ميڙا. جيترا وات اوتريون ڳالهيون هيون. هڪڙي پاسي خميسو قميص لاهي، شلوار جا ور ڪٽي ٻيهي رهيو ۽ ٻيا پهلوان سندس سندرو چڪي ٻڌي رهيا هئا ته ٻئي پاسي طيبو کي به سندرو ٻڌو پئي ويو. هر پاسي ماڻهن جي ريهه ريهان هئي. ٻه تي همراهه تلهڙن سان ماڻهن کي پوئتي ڌڪي رهيا هئا ته جيئن ملهن کي وڏيڪ واندو ميدان ملي. ٻئي ملهه وچ ميدان تي اچي ٻيٺا، پهرئين زمين تي هٿ رکي پوءِ ڪنن ۽ نڪ تي رکيا. هڪڙي پاسي طيبو جي ٻانهين وارا هوڪرون ڪري رهيا هئا ته ٻئي پاسي خميسي جي ٻانهين وارا. ٻنهي پهلوانن جي پاسي کان فيصلي وارو اماني ٻيٽل هئو جنهن ٻنهي ملهن کي هڪٻئي جي سندرن ۾ قابو ڪري هٿ وجهرايا. پهرين ملهه ته خميسي ماري پر ٻي ملهه ۾ ٻنهي زور لڳائڻ شروع ڪيا. هر پاسي هوڪريا شروع ٿي ويا. هڪڙي جاننو هنيو ٻئي اڌڪل سان چڏايو. ٻئي جاننو هنيو ته پهرئين چڏايو. خميسي، طيبو کي مٿي ڪٽي وارو گهمايو ته ڪجهه ئي سيڪنڊن ۾ طيبو مٿي پير ڪٽي پنهنجي ٽنگن ۽ پيرن کي خميسي جي ٽنگن ۾ ڦاسائي،گوڏا ڏئي، پاڻ کي قابو ڪري جهڙو ڄمائي وڏو. جڏهن خميسي ٽڪجي هيٺ چڏيس ته ٻنهي پيرن تي بيهي، پهرئين اندريون پوءِ ٻاهريون جاننو هنيو پر خميسو ڦرتيءَ سان ٽنگون بچائي ويو. ڪجهه سيڪنڊن ۾ طيبو هونگر ڏئي، خميسي کي مٿي ڪٽي گهمائي، مٿو مٿي تي رکي اهڙو ته هيٺ هنيو جو خميسو ڪجهه دير لاءِ ڊڪرجي ويو. خميسي جي ٻانهين وارا ميدان ڏانهن پڳا، هن کي مٿي، هٿن ۽ پيرن کي تريون هڻڻ لڳا. ٻئي پاسي طيبو ميدان تي جهمريون پائڻ لڳو. جمعي ٻه ڊوڙي وڃي، خوشيءَ مان طيبو کي مٿي کنيو.

"واهه ڙي طيبو واهه! ڳوٺ جو نڪ آهين بابا! ڳوٺ جي عزت رکيئي نه ته....."

"مهرباني، جمعا خان."

طيبو جي چوڌاري ماڻهن جا ميڙ گڏ ٿي ويا. جڏهن طيبو تان رش جهڪي ٿي تہ وڏيري جعفر خان بہ ڪيس اجرڪ پهرائي انعام ڏنو. ان خوشيءَ ۾ شام جو سڄي ڳوٺ جي ماڻهن جي اوطاق تي دعوت ڪئي.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ جمعون ۽ فتو مال کي جهنگ ۾ هڪڙي پاسي ڪري عمر کان نڙن ۾ استادي وٺڻ کان پوءِ پهريون دفعو ڪانءِ ڪيڏي پلٽي هڻي وڻ هيٺيان اچي نڙ وڃائڻ ويٺا.

پهرئين ٻنهي پنهنجي ڪنن جي پاپڙين، پوءِ نڪ تي هٿ لائي، پنهنجي پنهنجي نڙن ۾ هٿ وجهي وات تي رکي الله توهار ڪئي. اڳينئر جمعون ۽ پونئير فتو. ڦوڪن جي مٿان ڦوڪون. مکيءَ جي هڪ لوڪ قصي کي نڙن جي سرن ۾ سمايو. جنهن کي هتي جا ماڻهو سالن کان " صابل جو ڦوڪون" چوندا هئا. هن سُر ۾ هڪ عاشق نڙائي محبوبہ جي گهر کان ٿورو وٿيرکو ٻوڙن جي اوٽ وڃي، گهر ۾ ڪم ڪندڙ پنهنجي محبوبا کي نڙ وسيلي مخاطب ٿيندو هئو. ٻنهي جي نڙن مان جڏهن ڦوڪون سُرن جي شڪل ۾ جهنگ منهن ڪري نڪتيون تہ ڏنارن جا ڏڻ اچي گڏ ٿيا:

"واهہ ڙي جمعان، واهہ!"

"پلاڙي فتو! تنهنجو نڙ وڃائڻ!"

جيئن جيئن ٿي واهہ واهہ ٿي، تيئن تيئن ٿي سندن نڙن ۾ سوز آيو. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ همراهن بس ڪئي.

"يار فتو! ايجان نڙي صحيح ڪم نہ پئي ڪري"

"هائو ادا، جمعان! ايجان نڙيءَ ۾ گهوگهو آهي."

"پر پاڻ ڦوڪ بہ ڏکي ڪنئي."

"ها، ڪا هلڪي ڦوڪ ڪٽون ها تہ نڙ نهي پئي ها."

"هائو بروبرو. پر خير آهي، وري سيائي."

"هائو هائو. وقت ويو ڪونهي."

هنن نڙن کي اڳهي ڪپڙي جي نهيل ڳوٽريءَ ۾ رکيو تہ هرڪو چڙوچڙ ٿي ويو. وري سندن وچ ۾ ڳالهين جا ڳوٺ.

"يار جمعان! ٻڌو اٿم سيائي ميٽر واري دڙي ۾ گهوڙي واري دڙي وارن ۾ ٻلهاڙي جو سخت مقابلو آهي."

"اهو وري ڪيئن؟"

"بابا! ضد جي راند ٿي وئي آهي. ميٽر واري دڙي جو ولو آهي نہ؟ بابا! چتو قينچر آهي."

"هان!"

"ها ها مرشد جو قسم! بغلي ۾ اهڙي ٿو هٽي جو سامهون وارو مڙس لوهہ."

"پر هڏو اٽئون تہ گهوڙيءَ واري دڙي جو پلو ۾ چتو چانڊڙ آهي. پلي مڙسن جو ٽولو ڦري اچيس، اهڙيون تہ تريون ٿو هٽي جو جهڙي تهڙي جي جهلڻ جي وس جي ڳالهہ ڪونهي."

"پوءِ تہ معني مقابلو سخت ٿيندو."

"ها ها، جهڙو تهڙو. راڄ اچي گڏبا. اهي اٽئي ڪير مکڙ ۽ نجي گيهہ جون طاقتون، هٿ پون تہ خبر پوي."

"پوءِ تہ واهہ واهہ ٻيو."

"بابا! انهن ڳوٺن جون ونجهہ وٽيءَ جون ٽيمون ۾ پليون اٽئي. اهو مقابلو گذريو تہ وري ونجهہ وٽيءَ جو مقابلو شروع ٿي ويندو. انهن ڳوٺن وارا همراهہ ٻئي ٽئي مهيني راندين ڪندا آهن."

"ها ها! خبر آهي. پاڻ واري پاسي ۾ تہ مقابلا ٿيندا آهن. بابا! مڙس مڙس جو مٽ آهي. پهلواني ڪنهن جي پيءُ جي ناهي. پاڻ واري ڳوٺن ۾ تہ روز شام جو پيا اهي راندين ڪندا آهن. اهو شوق پاڻ وٽ ۾ گهٽ ڪونهي."

"ها، اها ڳالهہ تہ آهي. بابا! جي ڪائبو تہ ڪڍبو."

ڳالهين دوران سج لڙڻ وارو ٿيو تہ ٻنهي پنهنجي پنهنجي ڏڻ کي پنهنجن پنهنجن ڳوٺن ڏانهن هڪليو.

8

مکيءَ ۾ اها ڳالھ ٻاھ جيان پکڙجي وئي تہ ڪن ڀاڳيلن جو ٽولو سرڪار کان بغاوت ڪري جھنگ ۾ پيجي آيو آھي. انھن ڀڳلن سرڪار سان گڏ اصل ماڻھن کي بہ چندا ونڻ جي بھاني لٽڻ شروع ڪيو. پوري مکي جي علاقي ۾ ڀڳلن باھ ٻاري ڏني. ٻئي ٽئي ڏينھن ڪنھن نہ ڪنھن لانگھائو ھمراھ يا ڳوٺن تي ڪڙڪندا ھئا تہ سڄو علاقو خوف ۾ ويڑھجي ويندو ھو. اڳتي ھلي انھن علاقي جي عزتن ۽ ننگن ۾ ھٿ وجھڻ شروع ڪيا تہ ھتي جي ماڻھن ۾ نفرت وڌي وڻ ٽيندي وئي. ھاڻي سندن ڪاروايون بچاءَ بند کان ٽپي شھر جي ويجھن ڳوٺن تائين پکڙجي چڪيون ھيون، جنھن ڪري سندن دھشت جو پوت ھر ننڍي وڏي تي سوار ھو. وڏيرو جعفر زماني جو ماڻھو ھئو سو ڳالھ سمجھي ويو. ھن پنھنجي سڄي راڄ پاڳ کي ان مسئلي جو حل ڪيڻ لاءِ سانجھي جو سيني کي پنھنجي گھر سڏايو. پن جون تنئوريون، انھن جي مٿان چٽيل رليون، پريان چلھ تي تھري پٽ جو ديگڙو چڙھيل ھئو. ڳوٺ جي ماڻھن جي ذات لٽل ھئي. وڏيرو جعفر خان، نمر جي ڪاڻيءَ مان ٿھيل ڪٽ تي ويٺل، پٽکي کي وڏي ھنيل، سنھون پھراڻ ۽ گوڏ ٻڌل، وڏيون اڌ اڇيون ڪاريون مڇون، چاپھين ڏاڙھي، سيني کي پاڪرپائي پليڪار ڪري رھيو ھئو. سندس زال وڏيري جادل بہ مٿي تي پوتي، نڪ ۾ سوني ڦلڙي، ڪنن ۾ ليلم، ٻانھن ۾ چانديءَ جون چوڙيون. وڏو گج ۽ گربيءَ جي سٽڻ پايو سيني کي ڪيڪار پئي ڪئي. جڏھن گھر

گھر مان اچي سپ گڏ ٽيا تہ وڏيري جعفر خان بہ ڳالھ جي ڳنڍ کولڻ شروع ڪئي.

"بابا! اڄ مون اوھان کي انھيءَ ڪري گھرايو آھي، جو اوھان کي خبر آھي تہ ڳڙلن پوري علاقي ۾ باھہ ٻاري ڏني آھي نہ ڪنھن جي عزت ٽا ڇڏين نہ مال ملڪيت. ماڻھن کي سک سان سمھڻ بہ ڪونہ ٽا ڏين. ٽيون ڏينھن جي تہ خبر اٿو. جيئن ئي گھوڙن تي اچي، گھرن ۾ ڪاھي پيا تہ وڏا، ننڍا، ٻار پوڙھا سپ وڻي پڳا. ڪي تہ ٻوڙن ۾ لڪي ويا. ادي سوڊي واري مائي تہ اميد سان ھئي. سو سندس تہ ٻار ئي ڪري پيو. مٽان وري سئو پٽڪن، پنجاھہ تولا سون ۽ پنج ھزار رپين جي فرمائش ڪري ويا آھن. ڇيائون پڳي تہ جي اھي شيون نہ مليون تہ ڳوٺ کي باھہ ڏئي ڇڏينداسين. روز روز آخر ڪيترو سھبو ڪجھہ تہ ڪرٽو پوندو."

"ھائو وڏيرا! انھن ظالمن تہ رت ڪري ڇڏيو آھي، چپ چپ ڪري جيڪو گھرن ٽا ڏئي ڇڏيون. ٻيو پاڻ غريب ڇا ٽا ڪري سگھون؟"

"نہ وڏيرا! روز روز اھي مشڪريون برداشت نہ ڪبيون، ھرون ڀرون ڍڇبو ڪونہ. جيڪي چوٽا لکيل ھوندا سي ويندا ڪونہ..."

"ھائو وڏيرا!! ادو اميد علي صحيح ٿو چئي، ڪجھہ ڪرٽو پوندو."

سندن زبانن مان ڳالھين ۽ نڪ مان سلفيءَ جا دونھان نڪرندا ويا.

"ھائو يارا! ٻہ ٽي ڏينھن اڳ ۾ پلھن واري درّي واري ڇاڇي سائين رکئي کي بہ جھنگ ۾ گھلي گھلي ماريائون. پنج ھٽيو مڙس ڪھل بہ ڪونہ پيين. ويچارو وات مان چون بہ ڪونہ ڪيندو ھو. سو ٿو فوج ۽ پوليس کي ھنن جون چغليون ھڻي! ھرون ڀرون بي گناھہ مارجي ويو."

"پر، ادا! اھو سڄو ڪم پاڻ واري مصريءَ جو آھي. اچي فوج يا پوليس تہ چغلي ھڻي تہ ڏلاڻا ٽا ڳڙلن کي مانيون کارائين. اچن ڳڙل تہ چئي ڏلاڻا ٽا فوج، پوليس کي ٻڌائين. نياڳي سڄي علاقي جي بيڪ ڪيڊي ڇڏي آھي."

"پوءِ نيٺ ڇا ڪجي؟" وڏيري ڳالھ جي ھڙ سندن وچ ۾ اڇلي.

"وڏيرا! جيڪو تنھنجي دل چئي ڪر، آھيون تہ ٻئي پاسا موچڙن جي منھن ۾." جمعي وچان ڳالھايو.

"منهنجو خيال آهي تہ صبح جو سرڪار سان ڳالهايون ٿا تہ اسان جي حفاظت ڪن. ٻي ڪا واهہ ڪونهي بچي."

"هائو، وڏيرا، يلي!" سيني جڙ هڪ آواز ٿي اجازت ڏني.

نيٺ ڳالهہ صبح تي چڏي هرڪو وڃي پنهنجي گهر پيڙو ٿيو.

جمعون صبح سوير ٻاهر تان ٿي اچان گهر ڏانهن واپس پئي موٽيو تہ پريان ٻہر جي وڙ هيٺيان ماڻهن جا ميڙ ڏٺئين. اوسي پاسي جا ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. ٻن ٽن فوجين، مصريءَ کي ٻڌي اچي ڊير تي چڏيو جتي ڳوٺ جا ٻار ٻاهر تي ويهندا هئا. پهرين تہ مصريءَ کي ٻہ تي تلهڙون وهائي ڪيائون، پوءِ ڪيس حڪم ڪيائون تہ گونهن کائي. مصري هيڏانهن هوڏانهن ڪئي پر ڊر ڪونہ ڏٺئوس. نيٺ ذرو ڪٽي وات ۾ وڌئين ۽ وري ٻاهر اڇاڪ ڪيئين تہ سيني ماڻهن جا وات تي هٿ اچي ويا.

"اڙي مصري! وري هٽندي بي گناهہ ماڻهن تي ڪوڙ ٻيٽهان! جنهن کي ٿو ڏسين ان تي آگر ٿو ڪٽين تہ اهو ڀڳلن جو ماڻهو آهي، آئيندهہ هٽندي ڪوڙا بهتان."

مصري شرم مان ٻڌي ويو. جي زمين جاءِ ڏئيس ها تہ اندر هليو وڃي ها. پر زور اڳيان زاري آهي. سو هن اکيون جهڪائيندي پنهنجي ڏاڙهي تي هٿ رکي واعدو ڪيو تہ آئيندهہ ڪنهن بي گناهہ تي بهتان نہ هٽندو. تڏهين وڃي سندس جان ڇٽي. ان ڏينهن کان وٺي هو ڳوٺ ۾ مصري گونهن کائڻو مشهور ٿيو. جمعون ٻہ سڃو لقاءَ ڏسي توبهن توبهن ڪري گهر ڏي روانو ٿيو.

مڪيءَ ۾ جڏهن ٻہ سرڪاري فورس ڀڳلن تي حملو ڪندي هئي تہ انهن جو الزام ڀڳل شهر جي پروارن ڳوٺن جي ماڻهن تي هٽندا هئا ۽ پلاند طور انهن ڳوٺن جي ماڻهن سان ڪاڻہ ڪا هٿ ڪس ضرور ڪندا هئا. پر جي ڪڏهن پوليس تي ڀڳلن اوچتو حملو ڪيو تہ ان جو بهتان ٻہ ساڳين ڳوٺن جي ماڻهن تي. تنهنڪري انهن ڳوٺن جا ماڻهو ٻٽي عذاب ۾ هوندا هئا. جعفر جي ڳوٺ وارن سان ٻہ ساڳيو حشر ٿيندو هئو. ان ڳوٺ ۾ مصري جيئن تہ ڪمزور دل ماڻهو هئو. تنهن ڪري جيڪو ٻہ ٽورو ڏڙڪو يا دهمان ڪندو هئس تہ رات کي ٻہ ڏينهن چوندو هئو. سو جان وڃڻ جي خوف کان ٻنهي پاسي هلندو هئو. جنهن جي سزا ڪيس سيني جي اڳيان ملٽي هئي. ان کان

ٻئي ڏينهن هن جهنگ منهن ڪيو سندس خاندان وارا روئندا رڙندا رهيا. وڏيري جعفر به وڏا زور لاتا، پر همراهه جو ڏس پتو نه مليو. ان کان اڳ ۾ پوءِ به ڪئين ماڻهو گم ٿيندا رهيا، پر جيئرا هٿ نه آيا. دير سوير سندن لاش مکي جهنگ جي واٽن تي ملندا رهيا. ان دهشت واري ماحول هتان جي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هئو.

رات جي پهر ۾ لوڙهي مان آرن جون سنهڙين سيٽين جهڙيون هوليون ۽ ڪيڏي ڪيڏي مهل نانگ جي چرڙ به ٻڌڻ ۾ پئي آئي. جمعي چلهه تي هرندڙ باهه جي پر ۾ ويهي پئي ماني کاڌي. بختاور به اچي هٿ سيڪڻ ويني.

"ابا جمعان! ڳالهه ٻڌي اٿئي، اڄ آئون شهر وئي هيس."

"وري اتي چا ٿيو امان!"

"ٻڌو اٿم. ڳچلن جي پيئرن، پائرن، پينرن، زالن، ٻارڙن کي فوج کٽي وئي آهي."

"پر امان! پوءِ به ظالمن کي سک ڪونه ٿو اچي. ظلم ته لايو بينا آهن نا"

"پر ابا! ويچارن پوڙهن، ٻارڙن ۽ ماين ڪهڙو ڏوهه ڪيو؟"

"امان! ڪير ٿو چئينَ ته سرڪار سان وڙهو."

"پر ابا! ٻڌو اٿم ته فوجي مڙسالا ته نهيو پر زائفائون به گم ڪريو چڏين. ٻارن کي خبر ناهي ته سندن پيءُ ماءُ ڪٽي واڙيل آهن. اهڙو به ظلم ڪبو آهي چا!"

"امان! پاڻ سان وري ڳچلن کهڙي چگهائي ڪئي آهي. اسين مال چارڻ وچون ٿا ته به ڊڄي ڊڄي، متان اوچتو نه ڦر ڪو ڦرين ته اسان کي ڪن نه پورو. مسڪين ماڻهن سان روز ٿا جُنيون ڪن!"

"اڙي ابا! خير گهر. هرون پرون کهڙيون پيو ڳالهيون ڪرين!"

"امان! توکي ته سدائين منهنجي ڳالهه وٽي ئي ڪونه" هن ڪاوڙ مان ماني مان هٿ ڪڍيا ته بختاور جاڙيءَ تي هٿ رکي وري پرچائڻ لڳس.

"ابا! هرويرو ڪاوڙ نه ڪر. مون اهڙي ڳالهه ته نه ڪئي . اڳ ۾ ئي هڪڙي جو بند رولي چڏيئي، هاڻي وري منهنجي پويان لڳو آهين. ذري ذري تي ڪاوڙ ڪيترو برداشت ڪنديس؟" عثمان جي ياد ۾ بختاور جون اکيون پرجي آيون. اندر جا وڇوڙي جا ويڙ وري ڏکي پيا.

"ها، امان! مونکي عقل ئي ڪونهي نہ عثمان کي چگائي چيم. مونکي ڪهڙي خبر ائين ٿو رسي ويچي؟ جي مون مان ڪڪ آهين تہ آئون بہ ويچان ٿو پوءِ خوش ٿي ست پچائي کائجان!"

"اڙي ابا! هڪڙي جو اندر ۾ ٿورو صدمو آهي، جو تون بہ ائين ٿو ڪرين...!" بختاور متي تان پوتي لاهي پلئہ سندس جهوليءَ ۾ وڌو.

"ٻيلي! باچا پير جو پلاند اٽئي، مون ماءُ سان ....." "تيستائين جمعون جهت ڏئي ٻاهر اٽي هليو ويو.

جڏهن تر جا ماڻهو پڳلن جي ڪارواين مان رت اچي ٽيا تہ سپ اچي وري وڏيري جعفر جي تڏي تي گڏ ٽيا. هر ڪنهن پڳلن پاران، ساڻن ٽيندڙ ڦهري وارتائون وڏيري جعفر کي ٻڌايون: " وڏيرا! هاڻي تہ اسان جو سک ڦٽائي ڇڏيو اٿن. ڪا خبر ڪونهي، ڪيڏي مهل اچيو لهن. وارو ڪر، ڪا واهہ ڪيا!"

"ڏسون ٿا پائو! سرڪار سان ڳالهايون ٿا، باقي ڪوهيو گس گهيڙ پاڻ وٽ بہ ڪونہ بچيو آهي."

وڏيري جعفر ٽاڻي تي پهچي صوبيدار کي سڄا حال احوال ڏنا:

"سائين! اسان سان قهر آهي، پڳلن ظلم ڪري ڇڏيو آهي. ڪو وارو ڪيو."

وڏيري جي ٻڌي ٽپريندي صوبيدار ورندي ڏنس.

"وڏيرا! توهان جي وار جو بہ ڪو نالو ڪونہ ونندو. آئون متي ڳالهايان ٿو ڪوشش ڪندس تہ فوج ۽ پوليس توهان جي ڳوٺ ۽ مکي جهنگ واري بچاءَ بند تي ڏينهن رات گشت ڪري."

"هائو سائين!اسان جو مال ٻتارو بہ جهنگ چرڻ وڃي ٿو. چوڪرا بہ ڏنار آهن، پڳل انهن سان ڪجهہ ڪري نہ وجهن."

"وڏيرا! پرواهہ نہ ڪر. سيني جي حفاظت ڪبي ۽ ها! ڳوٺ جي ماڻهن کي چئي ڇڏ تہ کين پڳلن جي اچڻ جي ڪڙڪ بہ پئي تہ اسان کي اطلاع ڏين."

"پر سائين، اهي ڏاڍا خطرناڪ آهن. ڪير ڀڃڙيوال انهن تي آگر ڪٽندو؟"

"وڏيرا! هرون پرون ڊڄ نہ اوهان جي حفاظت لاءِ حڪومت ڳوٺاڻن کي بندوقون ۽ ڏينديِ تہ اسان جي فورس ۽ گڏ گشت ڪندي."

"ٺيڪ آهي سائين! باڇا پير دستگير ڪندو تہ خوش هوندئو."

"اهو باڇا پير ڪير آهي؟" صوبيدار ڏاڙهين علائقي مان تازو تازو بدلي ٿي آيو هو سو ڪيس خبر نہ هئي.

"سائين! وڏو پير آهي بغداد وارو. يارهين وارو. انهيءَ جي دعا ٿو ڪريانوَ."

صوبيدرا، وڏيري جي اها ڳالهہ ٻڌي ٿورو مشڪيو.

"ٺيڪ آهي وڏيرا! مهرباني."

وڏيري پٽڪي کي ٻنهي هٿن سان مٿي تي قابو ڪري، پنهنجي گهوڙي تي لانگ ورائي، واڳون ڇڪيون تہ گهوڙي ڳوٺ ڏانهن پهرئين وک، پنڌ، پوءِ ڊگ، رلو من تي ڇڪي رکيو.

9

صبح جي سج ڪني ڪڍي تہ جمعي بہ مال پھرڻ جي تياري ڪئي. ان وقت بختاور ڪير ولوڙڻ کان پوءِ اڳڻ ۾ ڀھاري پئي ڏني تہ اوپر کان آيل ڪانگ بہ اچي اڳڻ تي بيٺل نم جي وڻ تي ويٺو ۽ ڪان ڪان ڪرڻ لڳو.

"جمعان ! ابا جمعان! ٻڌين ٿو." بختاور جڙ خوشيءَ وچان جمعي کي سڏ ڪيو.

جمعي پاڻ ۾ بيٺل مينھون پئي کوليون. سو يڪدم مال کي کولڻ بدران ٿورو پاڻ کان ٻاھر نڪري بختاور کي ورندي ڏني.

"ھا امان! خير تہ آھي؟"

"خير آھي ابا! اڄ ڪانگ ٻيو ٻولي، منھنجي دل ٿي چوي اڄ ياڻھين اچي ئي اچي." ڪانگ جي ٻولي ٻڌڻ سان ھن جي دل ۾ اوچتي جوت جلي. جمعون بہ ٿورو اباڻکو ٿي پيو "ڙي امان چري! ھيترا سال ڪونہ آيو ھاڻي...."

"ائين نہ چئو جمعان! تون ڏسجان ھو ضرور ايندو."

"الله ڪري اچي تہ چئجانس تہ مال جو پاڻ نئون ٺھرائي ڏئي. مال ھڻي پاڻ جا پانيا لاھي ڇڏيا آھن." ھن ماءُ جي دل رکڻ لاءِ چيو.

"ھائو ابا! پر اچڻ تہ ڏينس. توکي رڳو ڪم جي ڳالھ. ياءُ ايترن ڏينھن کان پوءِ پيو اچي، انھيءَ جي خوشي ڇڏي! ڪم پيا ٿيندا پر منھنجو ٻچڙو پيو

اچي. پوريءَ جو شوقين بہ آهي، نجي گيهہ جي پوري کيو ٿي رکانس ۽ هائو! اچڻ سان کہ جي ڳالهہ نہ ڪجانس. ابا! ٽکل هوندو."

"نہ امان نہ! تون هرون پرون کنڪو نہ ڪر. آئون چريو آهيان چا؟"

ان وقت جمعي جي دل ۾ ماءُ لاءِ رحم جا ڪکر وسي پيا. هو مال سان تہ وچڑيو پئي پر سندس ذهن ۾ مانڊاڻ متل هئو تہ سندس ماءُ کي الائي چا ٿي ويو آهي؟ ڪٿي پٽ جي وچوڑي ۾ چري تہ ڪونہ ٿي وئي آهي. هو سڄي وات ماءُ جي باري ۾ سوچيندو رهيو.

جمعو مال ڪاهي روانو ٿيو تہ بختاور بہ ٻهاري مان واندي ٿي نہ جي وڻ هيٺيان ڳل تي هٿ رکي ڳيچ ڳائڻ لڳي. ان اميد سان تہ اجهو ٿو عثمان اچي.

"هن اڳڻ تي مور لڳي وئي ٻهاري لڳي وئي ٻهاري گلن ڪئي گلزاري هن اڳڻ تي گهوٽ...."

اوڙي پاڙي جي ماين جو آواز ٻڌو تہ ڪم ڪار چڏي اچي بختاور وٽ گڏ ٿيون.

"آئي ناني... مامي.... ماسي...." جيترا وات اوترا رشتا.

"هائو امان، هائو! عثمان ٿو اچي." بختاور ماين کي ڏنو تہ مٿي اٿي جهمريون پائڻ ۽ ڳائڻ لڳي. ہ پاڙي جون پوڙهيون بہ ساٿس گڏ نچڻ لڳيون. جڻ ورهين پجاڻان، سندس گهر ۽ اندر جي اڳڻ تي خوشيون ڦٽي نڪتيون هيون. ماين پهرئين تہ هڪ ٻئي ڏي حيرت مان ڏنو پر پوءِ بختاور ڏي ڏسي، ڪانئس پڇڻ شروع ٿي ويون.

"ادي بختاور! ٻلا هاڻي عثمان جواڻ جماڻ ٿي ويو هوندو ڪڏهن ٿي هٿ ڳاڙها ڪرينس؟"

"ادي! بس اچڻ تہ ڏي، هن پيري ڏينهن پڪا ڪبا." بختاور جي اکين ۾ آسون ترڻ لڳيون.

"پر ادي! ڪٽان ٿي پرٽائينس؟"

"ادي! اچڻ ڏي، پوءِ ٻڌائينديس. پهرئين چوکرو راضي تہ ٿئي."

"چوکرو ماءُ کان پري ويندو چا؟"

"پر ادي اچڻ تہ ڏي..."

"جيڪا تنهنجي مرضي ادي!"

ڪجهه دير کان پوءِ هرڪا مائي واپس پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن هلي وئي ۽ پنهنجي گهر وارن سان بختاور جي ڏکن جو حال اوريندي رهي.

"توبہ مائي، توبہ! بختاور جهڙي چوٽ زال بہ نيٺ پٽ جي وڇوڙ جو ڏک سهي نہ سگهي. الائي ڇا ٿيو اٿس؟ رڳو پئي ڳائي ۽ نچي. سال لنگهي ويا، سو هاڻ عثمان ٿو اچي ۽ هيءَ بہ ڪٿيو ٿي ڪائي."

بختاور اڃان سوچن ۾ هئي تہ لوڙهي جي ٻاهران گهٽي وٽان سڏ ٿيو.

"جمعان ..... او جمعان.!"

"ابا، جمعون ڪونهي، خير تہ آهي؟"

"امان، عثمان جو خط آيو آهي."

"عثمان جو خط..... خط..!"

هو ٿوري دير لاءِ حيرت ۾ ونجي وئي پر سندس دل پور پچايو ويئي هئي تہ عثمان اچي ئي اچي. خيرا! ٻاڻ سنيالي گنديءَ سان ڇاتي ڏيکي، هڪڙو پلئہ وات ۾ وجهي گهٽيءَ وٽ پهتي.

"امان! هيءُ عثمان جو خط"

"اڙي ابا! آئون پڙهيل، نہ ڪو جمعون. پڙهي تہ ٻڌاءِ."

"هائو امان."

ٽپالي ۽ خط کوليو ۽ پڙهڻ لڳو. جيئن جيئن پڙهندو ويو تہ بختاور مٿان اداسيءَ جا پاڇا بہ ڊگها ٿيندا ويا.

"جيجل امان! پيرن تي هٿ. جڏهن کان گهر ڇڏيو هئم، تون ڏاڍي ياد ٿي اچين، پر مون کان ٻاراڻي ٿي وئي. ڪئين گهر گهاٽ رليس، واڳن جي ور چڙهيس پر وري بہ خدا جو شڪر جو زندگي بچي وئي. ڪو خدا ترس انسان هو جنهن سهارو ڏنو. هاڻي آئون بہ ڳوٺ اچڻ جو ارادو ڪيو ويٺو آهيان، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اچي ويندس. جي ڪنهن شئي جي ضرورت هجي تہ خط ۾ لکجان. ادي جمعي جا ڪهڙا حال آهن؟ ٿورو پورڙو اٿئي، سو انهيءَ جي پارت اٿئي. باقي هتي آئون نيڪ ناڪ ويٺو آهيان. خط سان گڏ ڪجهه پئسا موڪليان پيو. ان مان ٿورا جمعي کي خرچي، ٻيا گهر جي خرچ لاءِ رکجان. باقي حال احوال روبرو ڪبا. تنهنجي دعائن جو طلبگار عثمان."

ٽپالي مني آرڊر وارا پئسا بختاور کي ڏئي، پنيرو ٽيو ته بختاور خط کي پنهنجي وات تي رکي چمي اکين تي رکيو ۽ وري ويڑهي گنديءَ جي پلئه ۾ ٻڌي قابو ڪري اچي کٽ تي نم هينيان ويني. سوچن ۾ غرق ٿي وئي. ماضيءَ جون يادگيريون، عثمان جو کيڏڻ ڪڏڻ، اسڪول اچڻ وڃڻ ۽ پتڪڑيون ڳالهيون ياد اچڻ لڳس. هن وري اکين کي اگهي ٽڏو شوڪارو پريو.

شام جو جڏهن ڳالهه پوري ڳوٺ ۾ ڦهلجي وئي ته سڄو ڳوٺ اچي سندس اڱڻ تي ٽٽو: "ماسي، ناني، ادي بختاور! توکي مبارڪون!"

"هائو ابا، هائو! هائو، امان هائو! خير مبارڪون!" وڏيرو جعفر به ٻارين بچين اچي نڪتو.

"ادي بختاور، مبارڪون!"

"ادا، توکي به مبارڪون!"

"ادي! خبرون خير جون، جي چئين ته چوڪر ڏي همراهه موڪليون، هتي وٺي اچنس، هاڻي هٿيڪو آهي."

"نه ادا، جعفر! ايترا ڏينهن به ساسايم، هاڻي ٻه ٽي ڏينهن به آيا."

"ادي! تنهنجي مرضي. پاڻ حال سارو حاضر آهيون."

"ادا! تنهنجا وڏا وڏ. تون ته ڏکي سکيءَ ۾ اسان سان گڏ هوندو آهين، پلا توکان ڪهڙو حجاب؟"

ديڳڙي ۾ جڏهن پٽ رڌو ته پاڻوڻن ۾ وجهي سيني کي ڏنو ويو ۽ اتي موجود همراهه ڪ پري پٽ کائڻ، کلڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ لڳا.

10

وڏيري جعفر خان هر گهر مان هڪ هڪ وڏي کي اوطاق تي سڏايو. ڳوناڻا آهستي آهستي ڪمر مان واندا ٿي، وڏيري جي اوطاق تي گڏ ٿيڻ لڳا. جيستائين وڏيرو گهران نڪري، تيستائين هر ماڻهو جي اکين ۾ سوال موجود هئو. جڏ نہ چاهيندي بہ وڏيري کان ڪجهہ پڇڻ چاهيندو هجي. ڪن سلفيون پئي پيتيون تہ ڪن پن جون ٻيڙيون. ڪن جي وات ۾ ڳڙ جا ڳنڍيا هئا. ڳالهيون ڳالهين مان نڪرنديون ويون. جيستائين اصل ڳالهہ کلي.

"اي، خميسا! ڪهڙا حال اٿئي، اڃڪلهہ چا پيو ٿئي؟" ميرن ڪپڙن ۾ پٽڪي سان هڪ جهوني همراهہ اچي خير خيريت پڇي.

"ادا، مڙئي خير! تون تہ خوش آهين؟ مڙئي مڇي مارڻ تي گذارو ڪري پيا پيٽ پاريون."

جيستائين ڳالهہ ختم ٿئي. وري اتي موجود ٽئين ڳالهايو.

"هائو ادا! هاڻي خميسي جو پٽ بہ جواڻ جماڻ ٿي ويو آهي، ڪيس ڪهڙي پرواهہ پيو چٽا ڪري، ملڪ پيلي."

"اڙي، ادا! الله جو شڪر آهي، پر جيستائين ساهہ جي تند نہ ٽي ٽٽي، ڪمر نہ ڇڏبو. رڳو گهر ۾ ڪانپ ڪيڙي ڪونہ ويهبو."

"هائو ادا، خميسا! پلا مڇيءَ جي خبر ڏي؟"

"ادا! مڇي جام. ٻئي ٽئي ڏينهن ڪڙيا پريو گهوڙي تي ڪنيو اڇيو هتي واپاري کي ڏيان ٿو. مولا گنج ڏنو آهي." مکي ڏنڊ ۾ موجود مٽين مڇيءَ جو ذڪر نڪتو.

"ها، ادا، ها! هتي به ڪوبوڙ لاءِ ڪرڙو موراکو ڪنيو وڃي ته به منهن تي خميسي کي گهنج به ناهي ايندو."

"ادا! روزي رب ڏيندو. مڇي ايڏي آهي، جو سڄي عمر ويهي کاءُ ته به نه کٽندي. ماريون به رڳو ڪرڙو موراکو. باقي هرون پرون ٻي ساهواري کي هٽ ڪونه وڃهون."

"اي يار لونگا! تڏهن ته ڏسين ٿو همراهه بت ۾ جهڙو ڦاتي ٿو. مڇي، آني، ٻوري ۽ وهه جي ڪرامت اٿئي."

"بروبر ادا! خدا ڏنو اٿس ته پلي کائي."

"لونگا! تون ڏي خبر بهه ۽ ٻوري جي؟"

"شڪر آهي مالڪ جو. سياري ۾ بهه ۽ آهڙ ۾ ٻوريءَ تي گذارو آهي. شهر جا سيڻيون آهن، سي کائڻ جا شاهي شوقين آهن. جيتري ڪنيو وڃون، کپيو وڃي. پريان وري گهر جو وکر ونيون اچون."

"هائو ادا، هائو!"

"خميسا! رات مون واري پاءُ پئي ڳالهه ڪئي ته ناپي ۾ رتڙي چانورن جو پلاءُ چاڙهيو هيو. بابا! چئي پيو ته پلاءُ ايڏو ذائقي وارو هئو جو آخر ۾ هٿن جون آڱريون به چٽي چڏيم."

"بس ادا! ڪالهه پاڻهي رڇ ونڻ آيو هيو. سو جيڪو چلهه تي چڙهيل هيو اهو حاضر ڪيوسونس."

"خميسا! هن پيري پکين جي خبر ڏي؟"

"لونگ يار! تون پاڻ به ايندو رهين ٿو. ڏنڊ جي پاڻيءَ ۾ رڳو ڪاراڻ آهي. ڇا ماري، ڇا مارجي! وري پکين ۾ ايڏي چربي جو سڄو گهر هڪڙي پکيءَ مان ڏئو ڪيو وڃهي."

"ٻاروچا! ٻڌو آهي، تو واري مينهن تنبجي پئي آهي؟"

"هائو ادا! مون واري مينهن کي ٻي مينهن ونڊي سڳڻ سان هيڻ هنيو سو تنبجي پئي."

"نياڳي ڪا ويڙهي مينهن هئي چا؟"

"هائو ٻيو! مڙئي مينهن کي خدا بچايو."

"هاروچا! تو واري پوري مينهن ٻڌو اٿر تہ رهجي ڪانہ ٿي؟"

"هائو ادا! نياڳي ڳنڍ ڪري وئي آهي. مناڙ ٿي پئي آهي."

جمعون ٻہ اتي موجود هو تنهن يڪدم ڳالهايو.

"ادا! ڪنهن خفتي پاڳئي کان سرائي سان ڳنڍ پيجرائينس تہ رهجي ويندي."

"هائو ادا، هائو."

"يار مون واري ٿهاڻ کي ٻہ ساماڙو ٿي پيو هئو اصل گاهہ کائي نہ سگهي. پوءِ تہ ٽڻڪن ۾ واءُ ڪري وئي. اڌ ڪچي ءِ اڌ پڪي ٻاجهري جي ماني کي تيل مکي کارايم ءِ پيرن تي لسي گرم ڪري هاريم تہ مينهن جو بچاءُ ٿيو. وري گگر کارايوسونس، پچڙن کي ڏنپ ڏناسونس تہ جان ڇٽي پئي."

"ادا جمعا! تون تہ آهين خانداني پاڳيو. سو مينهن جو علاج ڪيو وڃين، پر اسان ڪيڏانهن وڃون؟ پر سال مون واري مينهن کي گهوگهري واري بيماري ٿي، گهٽئي آسري لوا گرم ڪري ڪنڊ تي ٻڌاسونس، ءِ واس ڏناسونس، پر بچي ڪونہ."

"يارا ڏينہ جو چيٽ جو گاهہ، ڪل، چيهو، ڳاڙهہ ڳڻي، پن، نڙ ءِ ڪچو ڪايو وجهن. سو ريج ۾ وڃيو وڃن. ريج مال پٽاري کي ماري وڌو آهي."

"هائو ادا، جمعان! مون واري ڪنڊي مينهن کي ملي ٿي پئي آهي، هاڻي چا ڪجي؟"

"ادا! ڳوڙهي کي ڏاڻي سان ڪڙو ڏئي، وري وچان ليکا ڏي تہ پاڻهي ڦاڻي پوندي پوءِ گند نڪري ويندو يا وري سکي ويندي."

ايتري ۾ وڏيري ٻہ ٽڪ اچي اوطاق تي ڪيو.

"سيني کي سلامالڪم"

ويٺلن هڪ زبان ٿي جواب ڏنو "مالڪم سلام"

وڏيرو واري واري سان سيني کي هٿ جوڙي رسمي حال احوال پچندو ويو.

"ادا، خميسا! ڪهڙا حال آهن؟ هار ٻچا، ڏور ڏيڳا، اوڙو پاڙو سڀ مهوڙا؟"

"هائو وڏيرا! مڙئي خير، مالڪ جون مهربانيون."

سيني سان دعا سلام پوري ٿي تہ اصل ڳالهہ شروع ٿي.

"اوهان کي مون ان لاءِ گهرايو آهي تہ ہ تي ڏينهن اڳ ہ صاحب سان مليو هئس. سو انهي پاڻ کي پهري لاءِ هٿيار ہ موڪليا آهن ۽ چيو اٿس تہ پوليس ہ اوهان سان گڏ ڳوٺ تي پهرو ڏيندي هاڻي اوهين صلاح ڪري ٻڌايو تہ ڪير ڪير پهرو ڏيندا تہ جيئن انهن جي نالي ليسٽ ہ جلدي ٺهرايون."

پريان جمعون ہ ڪيچيو:

"وڏيرا! هرڪو پاڻ ہ صلاح گهر ڪري، پوءِ سياڻي اوهان کي نالا ڏينداسون."

ہين ہ جمعي جي ڳالهہ سان هائوڪار ڪئي.

"ها ها! پلي سوچ صلاح ڪري، سياڻي نالا ڏئي ويجهو پر ڪم ضروري آهي. ڪن لاتار نہ ڪجو."

"نہ وڏيرا! اسان جو پنهنجو ڪم آهي، پڳلن جي ظلمن مان جان ڇٽي پوندي."

جڏهن ڪم جي ڳالهہ ختم ٿي تہ قنبر جي پٽ جا ڪجهہ نوجوان پاٽوڙا پريندا، اتي ويٺلن ہ ورهائيندا ويا. ڪن يڪدم دونهين نڪرندڙ پٽ مان هپل هڻي وات ہ گرهہ جلدي وڏو وري سوسات ڪري، باهر هٽ تي ٿي اڇليو تہ ڪن پاٽوڙي ہ پيل پٽ ہ ڪاڻي يا آگر سان ليڪا ڪڍي ناريو پئي. نيٺ هرڪو پٽ کائي ڏڙ پکڙ ٿيندو ويو.

11

اسر ويل ٿي. ايان ڪڪڙن ۾انگون پئي ڏنيون. گڏهن هينگون پئي ڪيون ۽ پريان واهه جي بند تي گدڙن جي حشروڙ لڳي پئي هئي ته ڪيڏي مهل ڪٽ تي ننڊ ۾ ستل بختاور جي اوچتو اک کلي. ڪنن تي گهوڙن جي ٽاپولين جو آواز پيس. هوءَ زماني جي ماڻهو هئي. سو ڪيس ڪڙڪ پئجي وئي ته هن مهل گهوڙن جي ٽاپولين جو آواز معنيٰ اڄ خير ناهي. هن ڪٽ تان اٿي گهٽيءَ تي ستل جمعي کي ٻانهن مان ونڊي اڌاريو.

"جمعان... او جمعان! اٺ نياڳا، رڳو اٽئي 12 ئي مهينا ننڊ."

جمعون ٻه چرڪ پري اڇيو.

"هان.. امان! خير ته آهي، چا ٿيو؟"

"اڙي ابا! لڳي ٿو مڪي جهنگ واري پاسي ڪجهه ٿيو آهي. اتران گهوڙن جو ٽاپو ٽاپ آواز ٻڌڻ ۾ اچي پيو. خدا خير ڪري."

ايتري ۾ گهوڙي جو آواز ٻه گهٽيءَ جي ويجهو اچي جهڪو ٿيو.

"جمعان... او ادا، جمعان.!"

"هان... هان... ادا! اچان ٿو."

جمعي فتوءَ جو آواز سڃاڻي ورتو. هو فتوءَ کي گهوڙي سوڌو گهٽي ٽپائي گهر ونڊي آيو. جتي اڳ ۾ بختاور کٽڪي ۾ ويٺي هئي.

"ابا، فتو! هن مهل؟"

"ها، ماسي! مڙئي خير آهي."

"پر چا ٿيو؟"

"ماسي پڳلن کي ڪنهن ٻڌايو آهي ته وڏيري جعفر پوليس کي دانهن ڏني آهي ۽ سرڪار کان هٿيار ۽ گهريا اٿس. سو چون ٿا وڏيري جعفر ۽ ڳوٺ وارن کي نه ڇڏيون. جيڪو هيڏانهن بند ٽپيو جيئرو نه هوندو."

"ها... ابا! انهن مئن کي خدا ماري ۽ ڪونه ٿو." بيوسيءَ جا ڪئين روپ ڳالهين مان پسڻ لڳا.

"بس ماسي! ظلم جي رسي ڊگهي هوندي آهي. چون ٿا جي وجهه مليو ته پوري ڳوٺ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندا سون."

"هائو ابا! انهن نياڳن تي اعتبار ۽ ڪونهي. اهي ڪتي وارو جهٽ ضرور هٽندا."

"ماسي! آئون انهيءَ ڪري هتي آيو آهيان ته جمعي کي ٻڌايان ته وڏيري جعفر کي خبردار ڪري ڇڏي ٻيو ته ڳوٺ جي ڏنارن کي ڇئي ڇڏي ته رڳو ٻچاءَ بندجي اورئين پاسي مينهون چارين. بند ٽپي پرئين پاسي جهنگ ڏي نه وڃن."

"هائو ابا! وڏا ظالم آهن."

"جمعان! تون وڏيري کي ٻه خبر چار ٻڌائي ڇڏ ته خبردار ٿين."

"هائو امان!"

"ابا، فتو! هاڻي تون ويهه ماني ٽڪر کائي پوءِ وڃ."

"نه ماسي! گهر پنهنجو آهي. وري اونداهيءَ ۾ واپس ڳوٺ وڃڻو آهي. ڪو ڏسي نه وڃي. ڪٿي مصريءَ جهڙي جي اک پئجي وئي ته غريب جو ٻار رلي ويندس."

فتوءَ سڄي ڳالهه سس پُس واري انداز ۾ ڪئي. متان ڪو ٻڌي نه وڃي! پوءِ واپس اٽڪ جي ڪئي ته بختاور کيس مٿي تي هٿ ڦيري خير سان پهچڻ جي دعا ڏني. ۽ هو واپس روانو ٿي ويو.

"وڏيرا! ڳالهه ٻڌي اٿئي، ڪجهه ڪرڻو پوندو."

جمعون سج ايرڻ سان وڏيري جي گهر وڃي نڪتو ۽ کيس پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌائي.

"هائو جمعان! سرڪار جيڪي بندوقون پاڻ وارن همراهن کي ڏنيون آهن، تن کي چئون تہ روز رات جو ڳوٺ تي خيال سان پهرو ڏين. سرڪار کي چئون تہ اسان وٽ پوليس جو پهرو ايجان بہ وڌائي."

"هائو وڏيرا! مڙئي ڪجهہ ڪرڻو پوندو. اڳتي الله مالڪ آهي."

"فتوءَ کي لک شابسون هجن. ياري نيايئين. جان جوکي ۾ وجهي اچي ٻڌايو اٿس، جمعان! تو وارو يار مڙس ماڻهو آهي."

"هائو وڏيرا! مڙس ياڙيو پٽڪو بار. مڙس جي مڙس سان ئي ياري هوندي آهي، نہ تہ پڙوي پاءُ کان ڪٽ خالي چگي!" جمعون ٿورو ٽيڪجي ويو.

"پر، ابا، جمعان! مال جو چا ٽيندو؟ هيڏا سارا ڏڻ بک مري ويندا. پٽارين لاءِ ڪجهہ تہ ڪرڻو پوندو."

وڏيري جي زال جادل کي مال جي ڪٽڪي ورايو.

"وڏيري! گهبراءِ نہ. مڙس مڙس جو مٽ آهي. اسين باقي چا لاءِ پيدا ٽيا آهيون؟"

"پر، ابا، جمعان! مال بہ اولاد وانگر آهي. ان جو الڪو تہ ٽيندو."

"هائو وڏيري! بروبر پر ننگيءَ تي ننگ آهي."

جيستائين جمعون ڳالهہ کي کٽائي، وڏيري جمعي لاءِ لسيءَ جو وٽو ۽ ماني مکڙ کڻي آئي. جيڪو ويهي کائڻ لڳو. پر وڏيرو جعفر سوچن ۾ غرق ٽيندي ست زمينون بہ ٽپي چڪو هو.

12

اوچتو آڏي رات جو بختاور جي ننڍ ڦٽي وئي، ڪيس بي چيني ورائي وئي. ايتري ۾ اتران جهنگ وٽان گولين جا رڙاٽ شروع ٿي ويا. بختاور يڪدم اٿي پهرئين لئي جو وڏو ڏنڊو ڪنيو پوءِ وڃي جمعي کي اٺاريائين. جنهن بندوق ۾ ڪارتوس گڏ ڪٽي پوري ڳوٺ کي وڃي اٺاريو. بندوقن وارا همراهه وٽن ۾ لوڙهن جي اوٽ ڏئي مورچا جهلي ويهي رهيا. هارن ۾ ماين جو ساهه مٽ ۾ هو. سڄي ڳوٺ ۾ خوف جي جهڪ اهڙي گهلي، جڙ هوا ۾ ڪڪ ڪک کان ڌار ٿي ويو هجي. ڳوٺ مان، ننڍ رسامي وئي. زال مڙس سان بہ ڳالهائڻ کان ڊني پئي تہ ڪٽي آواز نہ ٻڌلن جي ڪنن تي پئي. رڳو ڪوئن جي ڊوڙڻ ۾ ٽڪڙ جا ڪڙڪاٽ چٽا ٻڌڻ ۾ پئي آيا. ڪيڏي مهل گهوڙن جا دٻڙاٽ ٻڌڻ ۾ آيا تہ ڳوٺ وارن جو ساهه وسامي ويو. پر پهريدار وري بہ اتر اوير اک ڪيو وينا هئا. ڪافي دير کان پوءِ هنن وات ويندي ڳالهائڻ جي آواز مان سڃاتو تہ سرڪاري پوليس وارا هئا. خدا خدا ڪري سڄي ڳوٺ ۾ وري ساهه پيو.

صبح جو هل هلي ويو تہ پاڳيلن فتوءَ واري ڳوٺ پلهن جي دڙي تي حملو ڪيو هئو. پر پوليس هڪيو تڪيو پهچي ويئي. سو پگل جهنگ ٽپي وڃي يٽن ۾ ڊيئن ۾ لڪا. ڪو واٽهڙو مڃي ڪنيو پئي آيو تنهن کي ويندي ويندي گولين جو ڪاڄ بنائي ويا. رات جو پوليس اهو لاش ٽاٽي تي ڪٽائي آئي. صبح جو سڃاڻپ لاءِ پڙهو پئي ڏنئون. علاقي جا ڪئين ماڻهو اچي

مكين وانگر ٽاٽي تي گڏ ٽيا. هر ڪنهن لاش کي اوڀيل اجرڪ لاهي سڃاڻپ لاءِ منهن تي ڏٺو. جمعي به وڏيري جعفر سان گڏجي، جڏهن لاش جي منهن تان اجرڪ لاٿي ته رڙ نڪري ويس.

"اڙي پيٽهان! خدا کو باهه لائين. اڙي هن مسڪين کهڙو ڏوهه ڪيو؟" جمعي مٿو پٽيندي رڙ ڪئي.

"پر، جمعان، آهي ڪير؟" وڏيري جي دل جي ڌڙڪ به وڌي وئي.

"وڏيرا! اهو مسڪين پاڻ وارو خميسو آهي. غريب! زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪنهن کي رهنڊ به نه هنئين."

"جمعان! غضب ٿي ويو." وڏيري کان بي اختيار رڙ نڪري وئي.

"اڙي! هن خميسي ته سڄي عمر پاٽيءَ سان پيچ پاتو. ننڍڙو هئو ته پيءُ مري ويس. يتيم ٻار ڪڏهن ڪنهن کي اڙي به ڪونه ڪئي. پنهنجو ڪمائيندو پنهنجو کائيندو هو. اڙي! هڻڙو ڪارو ناحق." وڏيرو ٿوري دير لاءِ غم جا ڏڪ اندر ۾ اوتيندو رهيو. نيٺ قانوني ڪاروائي کان پوءِ وڏيرو ۽ جمعون لاش کٽائي ڳوٺ آيا. جتي خميسي جي گهر جي اڳڻ تي وڏو قهرام متل هو. سندس زال وڏا پار ڪيڙي پڳلن کي پٽون پاراتا پئي ڏنا.

"او امان...! او ابا....! اڙي خميسا! مونکي اڪيلو ڇڏي وئين. مونکي گڏ وٺيو هلين ها. توکان سواءِ منهنجو هتي ڪير آهي؟ هاٽي آئون ڪنهن سان ڪلنديس وڙهنديس ۽ ناز ڪنديس. او منهنجا ابا..! گهوڙا ڙي گهوڙا..... الله ڪندو سندن زالون به ائين ٺوڙيندیون. او ڪو ڪارو نانگ کائين!"

درد جا ڪئين رنگ سندس پٽن پاراتن ۾ سمايل هئا.

تڏي تي ويٺل ماين، مردن ڪنن ۽ نڪ تي هٿ لائي توبائون پئي ڪيون. سندس وڏي پٽ سوڳ ۾ ٽهيون پئي هنيون. هر ڪنهن جي چهري تي پڳلن جي ڏهڪاءَ جا نشان وڌيڪ چٽا پئي نظر آيا.

"ادي! مونکي ته شڪ آهي ته مصري به ٽي ڏينهن کان گم آهي، ڪٽي ان کي به نياڳن ماري نه ڇڏيو هجي؟"

"ائي، ادي، خير گهر!"

"ادي! آئون گهٽيئي خير گهران، پر نياڳن جا لڇڻ اهڙا ٿا لڳن."

"بس ادي! چا ڪجي؟"

ٽڏا شوڪارا پيري وري ٿوري دير لاءِ سوچن جي ٻوڏ ۾ لڙهي ويون. خميسي کي دفنايو ويو. 40 ڏينهن مٽ مائٽ، دوست ۽ جيءَ وارا تر جا ماٺهو ايندا رهيا. ان کان پوءِ خميسي جي گهر ۾ زندگي ٻيهر پٽڑيءَ تي چڙهي وئي. سڀ دنيا جي ڏنڊي ڏاڙيءَ ۾ لڳي ويا.

13

پڳلن جي نياپن کان پوءِ بچاءَ بند جي ٻاهران موجود ڳوٺن جعفر جي ڳوٺ سميت مکي جهنگ ۾ مينهون چارڻ بند ڪري ڇڏيون. سڀ بند جي اورئين پاسي ڇڊي پاڊي نڙ پن تي گذارو ڪرڻ لڳا. مال پٺارو ٽڪي، پاندا ٽي ويو. سيني ڳوٺن جا ٻاڳيا ڳٺتين ۾ ڳريا پئي ته هاٽي مال پٺاري جو ڇا ٽيندو؟ بختاور به ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ بيزار ٿي مينهن جا رسا ڇوڙيا. پٽن تي مانيءَ جي ڳنڍ ٻڌي مال کي لٽ سان هڪليندي اتر رواني پئي ٽي ته جمعي هڪل ڪيس:

"امان! اهو ڇا ٿي ڪرين؟ وڏا ظالم اٽئي، ڪنهن مان ڪونہ مڙندا."

پر بختاور مڙي ڪونہ.

"جمعان! تون هتي گهر سنيال. آئون پٺارين کي ٻہ چڪ هڻايو اجهو ٿي اچان. ٻن ڏينهن کان ساسي بک تي آهن، تون گهر جو واءُ سواءُ پيو لهجان."

"پر امان!"

"ابا! تون چپ ڪري ويهہ هرون پرون دل ۾ ڪتڪو نہ ڪر.مون پوڙهيءَ کي ڇا ڪندا؟ باقي منهنجا هٿ ٻہ ڪوسن ڪونہ وڊيا آهن!"

هوءَ بچاءُ بند ٽپي، جهنگ ۾ پهتي. مينهون ڪجهہ وقت چرڻ کان پوءِ ڏنڊ ڪناري پاٽي پيئڻ لاءِ پاٽيءَ ۾ اچان لٽيون مس ته ڪيڏي مهل اوچتو

واڳونءَ پاٽيءَ مان منهن مٽي ڪڍي ڪٽي لوهه ڪئي. پاٽي پيئندڙ مينهن ڍڄ ۾ سڳن تي ڪٽي اهڙو هنيس جو پري وڃي سڃي ويڃي ڪريو.

"مٺو ڇتو ٿيل آهي، ڪا ٻچن جي موسم اٿس."

بختاور ان سڃي لقاءَ کي ڏسي پڪي. پاٽي پيئارڻ کان پوءِ ايان ٿورو مينهون ڪاهي اڳتي هلي ته ڪتن جي پونڪڙ ۽ ماٺهن جي ٻڃ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيس. ڪيس دل ۾ ڪتڪو ٿي پيو ته پريان پلهن واري ڏڙي تي وري پڳلن حملو ته ناهي ڪيو. هوءَ ٻانهون ڪنجي، لٽ هٽ ۾ جهلي، لئي جو پاسو ونڊي آهستي آهستي وکون کٽندي وڌندي وئي، تان جو ڪٽي ڏسي ته اوطاق ۾ راڄپور وارو سائين بستري تي ٽيڪيو وينو آهي. ڪجهه همراهه هيٺ تونري تي وينا آهن ۽ ڪي وري ڪتن جي لوڌن کي ڪارائين، پيارين ۽ بچون پيا ڪن.

"اڙي ابا! هي ته سائين وينو آهي. بسم الله.... بسم الله... هن اتان ئي پير جو منهن ڏسي، پوئتي پير ڪيا.

"هاڻي مرشد جو ديدار ٿي ويو. پرواهه ناهي."

هوءَ ايان اتان هيٺ لٿي مس ته فتوءَ ڏسي ورتس.

"ماسي، تون!"

"هائو ابا!"

"پر، ماسي! تون هيڏانهن ڇو آئين؟ نياڳا ڇتا ٿيو وينا آهن، اوهان جي ڳوٺ وارن تي جي توکي ڏٺئون ته..!"

"اڙي ابا! مونکي ڇا ڪندا؟ گهٽئي زندگي گذري وئي آهي، هاڻي کائي پي پورا ٿيا آهيون. باقي جي مونکي هٽ لاتئون ته جيئرا واپس اهي به مائرن ڏي ڪونه ويندا. ٽڏي تي ڪيرايان نه ته منهنجو نالو به بختاور ڪونهي."

"پر، ماسي! ڇڏ انهن ڳالهين کي. هل ته گهر هلي ماني کائون، پوءِ زماني جي ڪا ٻي ڳالهه ڪيون."

"نه ابا! ماني صبح جو کائي آئي آهيان."

"ماسي، حجاب نه ڪر. جمعون ڇا چوندو! مونکي ٻلا ڏاريون ٿي سمجهين ڇا؟"

"نه ابا! تون منهنجو جمعي جهڙو پٽ آهين."

"پوءِ هل تہ هلون."

هو ٻئي فتوءَ جي گهر پهتا تہ فتوءَ پنهنجي نوجوان ڏيءَ پاڳل کي هڪل ڪئي:

"امان، پاڳل! ماسي آئي آهي."

پاڳل، پاڻ مان مال جا چيٽا ڪٽي، لوڙهي تي ٽڪيا پئي. تنهن جو بختاور کي ڏٺو تہ يڪدم دلي مان ڪري ۽ پاڻي پري هٽ ڏوئي. اچي بختاور سان ٻئي هٽ ڏئي ملي.

"نانيءِ! يلي ڪري آئين."

"امان! يلائي هجنئي، ڏيءَ"

"اچ نانيءِ!"

پاڳل ڊوڙي مڏ تان يلي رلي ۽ وهاٽو لاهي ڪٽ تي وڇايو ۽ بختاور کي ويهڻ لاءِ چيو.

"اڙي، امان! ايڏي تڪليف نہ ڪر، پنهنجو گهر آهي."

"نہ، نانيءِ! چاچي جمعي جي ماءُ معنيٰ اسان جي وڏي ماءُ آهين." پاڳل نهنائيءَ سان جواب ڏنو.

هن جهٽ گهڙيءَ ۾ اٿي، ڪاري هينيان رکيل ماني، ۽ پيهي تي پيل چاڏيءَ مان مکڙ لسي ڪيي اچي بختاور اڳيان رکي ۽ وري گهر جي جاري تان ماکيءَ جي شيشي مان، ٿوري ماکي وٽيءَ ۾ بہ ڪٽي آئي.

"امان، پاڳل! اهو وري چا ٿي ڪرين؟"

"نانيءِ! ڪجهہ ڪونہ. ماڻ ڪري ويهي کاءِ، ڏاريا تہ ڪونہ آهيون."

پنهنجائپ ۽ لحاظ اڳيان ڪو جواز نہ بچندو آهي.

"هائو ماسيءِ! پاڳل سچ تہ چوي ٿي." فتوءَ بہ وچان ڳالهايو.

ماني کائڻ دوران تنهي ويهي پڳلن تي چوهہ چنديا، دل پري پٽون پاراتا ڏنا. بختاور جڏهن ڏٺو تہ سچ لڙي پيو تہ هن فتوءَ وارن کان اجازت گهري:

"چگو ابا! چگو امان! هاڻي شام ٽيڙ واري آهي، سجهندي ئي ڳوٺ پهچڻو آهي، بگهڙن موئن کان پاڻ بچائي. جمعون بہ ڪٽڪي ۾ هوندو. امان، پاڳل! تون بہ منهنجي گهر ضرور اچجان. پرايو گهر ڪونهي."

"هائو نانيءَ!"

"ماسيءَ! ترسي پئين ها." فتوءَ صلاح ڪيس.

"گهٽئي ترسان، ابا! پر پويان گهر جو ويل ڏسين ٿو نه ته مال جي پرواهه ڪونهي، پيو سڄي رات چرندو."

"پر، ماسي، ٻئي پيريءَ....."

"هائو ابا هائو."

بختاور لٽ هٽ ۾ ڪٽي وري مال ڏي رخ ركيو. جيستائين بختاور گهر نه پهتي، جعمي جي اندر ۾ هورا كورا هئي ته سندس ماءُ جو خدا خير ڪري گهر كان گهٽي ۽ گهٽيءَ كان گهر تائين اڃ وڃ جون وراٽيون هئس، تان جو مال جي چڙن جو آواز سندس ڪنن تي پيو.

14

جمعي جهنگ ڏي وڃڻ بند ڪري ڇڏيو تہ ڪيس ٻي ڪا وندر نہ سڃهيس. سواءِ ان ڏينهن جي جڏهن فتو ايندو هو. ٻئي ويهي نڙ وڃائيندا هئا ۽ دنيا جون اوياريون لهواريون خبرون چارون ڪندا هئا. اڳ ۾ ئي چيڙاڪ مڙس، ويتر ان جهل ۾ ڪيس ڪاوڙائي وڌو. تنهنڪري هو اڪثر پنهنجي منهن ۾ ڪاوڙيو وتندو هو. جڏهن وڌيڪ جهجهڪي چڙهندي هيس تہ سڃيون باهيون مال مان ڪيندو هئو. نہ تہ سڃو ڏينهن خدا جو ڪٽ تي اهليو پيو هوندو هو. ڪڏهن مال جو ڪٽڪو تہ ڪيڏي مهل مصري جي گم ٿيڻ، ڳوناڻن جي ٻيوسيءَ جي ڪري پڳلن جو خوف ۾ ورائيندو هوس تہ ٿورو ڪٽ تان اٽي. هيڏانهن هوڏانهن ڦيرو ڪيي وري اچي ڪٽ تي ڪرندو هئو. جڏهن صبح ٿيو تہ جمعي ۾ مينهن کي ياڻ مان چوڙي ٻاهر وٽن هينيان ٻڌڻ وقت ۾ ٿي لنيون پنن تي ڪاوڙ مان وهائي ڪيون.

"هون.... هون.... لخ جي لانت.... هيڏانهن ور نياڳي سڃي عمر اها عادت نہ ڇڏيئي. گهٽيءَ ڏي هرو ٿو چڙهئي، ونيو پوئتي ٿي ڀڄين."

"اڙي ابا! مال ڀتاري کي هرو ڀرو چو ٿو مارين. ڪجهہ خيال ڪر، انهن بي زبانن تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟"

جمعي، ماءُ جي ڳالهين تي جڙ ڪن ئي نہ ڌريو.

"هون.... هون.... هلا نياڳي! پوئتي ور." وري ۾ ٿي نڙڪا لٽ جا ٻئي مينهن جي پنيءَ تي وهائي ڪيا.

"اڄ وري توکي چا ٿيو آهي؟ ڪجهه خيال ڪر، ابا!"

"خيال..... اوهين منهنجو خيال ڪري ٿڪا آهيو."

"پر، ابا! ڪو سڳ نه ڏيندو ته چا ڪنديس. هڪڙي ته ونې ڏني مئين، اها ته قبول ڪونه ڪيئي."

"هائو امان، هائو! اهو ڪجيءَ جو جن ڪير ونندو! جيڪا ڪير نه ونې، اها هٿو جمعي جي ڪنڌ ۾."

"پوءِ چا ڪيان پلا؟"

"پاٿهي کي چئو مونکي بدي تي ونې ڏئي."

"توکي ته بدي تي به ڪير نه ٿو ڏئي. پاڳ ڪو اهڙو اٿئي."

"ها..... منهنجو پاڳ ڪونهي."

جمعون مينهن کي وٽن هينيان ٻڌندو به ويو ته پنهنجي منهن ڳالهائيندو به رهيو.

"پلي عثمان کي ونې ڏجانءِ. آئون تنهنجو پٽ ڪونه آهيان."

"عثمان جو سور دل مان ايجان ڪونه ٿو وڃي. هيڏو دربدر ڪئيس، پوءِ به مڙين نه ٿو. منهنجي ٻچي جو نالو نه وٺ."

"ها، ها، انهيءَ لاءِ مريو ٿي وڃين. اچي ته ڏئو پيئجان. آئون ته ڪنو ڪوجهو آهيان نا!" جمعي ٻئي هٿ پنهنجي منهن تي وهائي ڪڍيا.

"پر، ابا! تون به چئين ته مونکي ڪا سهٽي مائي کپي. سهٽيون سهٽن کي ملنديون. ٻيو توکي سئو دفعا چيو اٿم ته تون ڪو ٻيو ڏنڊو ڏاڙي ڪر. ۽ رپيا ڪمائي گهر ۾ آڻ ته ڪنهن جي دل به ڏيڻ تي چئي."

"ٻيا وري سڀ پيا ڪمائين.! هي ڏڻ مال جو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچئي."

"پٽ! ڳالهه ٻڌ. هي ٿورو ڪو گيهه ٿا وڪڻون، سو ته پيٽ ٿيو وڃي، باقي سڀ ڪير مکڻ ته ڪونه وڪڻبو نه ته مال ۾ برڪت ڪونه رهندي."

"ڀ عثمان ايترن سالن کان پوءِ ڪمايو پيو اچي، ڪيڏانهن ڪندو ايترا پئسا؟"

"عثمان موڪليا ته آهن. بيماري سيماري، پٽ پوت جي پورائي ڪٽان پئي ٿئي. پرديس ۾ خرچ، سياڻي گهر به وسائڻو اٿس. ان نندڙي ڀاءُ سان چو ٿو ريس ڪرين؟"

"ها، ها.. مونکي تہ ڏئي ٽڪجي پيو آهي."

"پٽ، خيال ڪر! ٻيو ڪو ڳوٽ ٿو ڏيئي چا؟"

"هون!" وري ٻنهي وچ ۾ ٿوري خاموشي ڇانئجي وئي. جمعون ڦرن کي پاڻي پيارڻ ۾ لڳي ويو بختاور ٽانو ملڻ ۾. پرسان ليٽندڙ ڪڙن جي آهستي آهستي ڏوڙ اڏامندي بختاور جي منهن کي لڳي تہ ٿورو ڪنڌ مٽي ڪٽي، ڪڙن کي ليٽندي ڏسي دل ئي دل ۾ خوشي ٻوڙڻ لڳس.

"اڄ تہ عثمان اچي ئي اچي، اڄ دل چوي ٿي تہ عثمان ضرور ايندو."

15

وڏيري جعفر خان کي صوبيدار ٽاٽي تي گهرائي، جهنگ ۾ موجود پاڪيلن جي حوالي سان ڪچهري ڪئي. چو ته ڏينهون ڏينهن جهنگ ۾ پڪلن جو ڪاروايون وڌنديون ٿي ويون. جيئن ته وڏيرو جعفر تر جو راڄائتو مڙس هو. رڳو ڳوٺ وارا نه پر اوڙي پاڙي وارا ڳوٺ ۽ سندس خيال ۽ احترام ڪندا هئا. تنهن ڪري هن علائقي ۾ سندس ڪافي هلندي پچندي هئي.

صوبيدار، وڏيري جعفر کي ٻڌايو ته وقت جي حڪومت هاٽي سنجيدگيءَ سان سوچي پئي ته هنن همراهن جو ڪهڙو علاج ڪجي؟ سندن مڪي جهنگ ۾ رهندڙ مٽن مائٽن ۽ همدردن کي اتان ڪڍي شهر ڏي لڏائجي، جيڪي کين لکائي ويهارين تا ۽ اسان جي ڪارروائين جو اطلاع ۽ ڏين تا يا هن علائقي ۾ ايمرجنسي هٽي، فوج جو آپريشن ڪجي يا پوءِ صفا جهنگ سڪائي نوٽ ڪجي ۽ هن علائقي ۾ ٻاهريان ماڻهو آباد ڪجن ته سندن نڪاٽا ۽ نه بچن ۽ هميشه جان ۽ چٽي پوي.

وڏيري جعفر خان جهنگ سڪائڻ جي ڳالهه ٻڌي ته چرڪي پيو.

"صاحب! هي وري ڇا پيو چئين؟ جهنگ وڍيندئو ته اسان ڪيڏانهن ويندا سين؟ اهو جهنگ ۽ اسان جي مائٽن وانگر آهي. انهيءَ سان گڏ اسين پلي نپجي وڏا ٿيا آهيون. راندين ڪيوسين، اسان جي ابن ڏاڏن ۽ ان سان گڏ زندگي گذاري ۽ اوهان جهنگ...؟"

"وڏيرا! هرون پرون جذباتي نہ ٿي، قاسڙ کان پوءِ ڦٽڪڙ کھڙو! ڏسين پيو کھڙي باھہ ٻريل آھي. روز معصوم ماڻھن سان جٹ پئي ٿئي. کجھہ تہ کرٽو پوندو."

"پر سائين! هي اسان جي مال جا ڏڙ کيڏانھن ويندا؟ سمجھو ٿا تہ اسان انڇن کي اولاد وانگر نپايو آھي. اھي تہ بک مري ويندا. صاحب! جي جھنگ جو پيٹ سکي ٽوٽ ٿي ويو تہ سمجھو تہ اسان جا پيٹ بہ آلا کونہ رھندا، جن سان صدين جو رشتو ھوندو آھي، اھي ٻچن کان بہ وڌيڪ وٽندا آھن. ھن جھنگ سان تہ اسان جو صدين کان ڏک سک جو تعلق رھيو آھي. اسان جو جيئڻ، مرڻ بہ ھتي آھي صاحب!"

"پر وڏيرا! تون کٽکو نہ ڪر. توکي خبر آھي تہ انھيءَ جھنگ واري واھہ مان ٻيا بہ واھہ کجھہ ڏينھن اڳ نڪتا آھن. ھاڻي هي سڄو ملڪ آباد ٿي ويندو پوءِ پيو پوکجان ۽ کائجان."

"پر صاحب! اھو پوکڻ ۽ کائڻ پاڻ کان زور آھي. پاڻ نہ اڳ ۾ اھڙو ڪم ڪيو نہ ھاڻي ٿئي. اسان تہ سڄي عمر مال چاريو. اسان جي ابن ڏاڏن بہ ائين ڪيو. ھاڻي وري اسين پنھنجن ابن ڏاڏن کي بہ پڻي ڏيون."

"وڏيرا! دنيا بدلجي پئي. کجھہ ڏينھن ۾ ڪليڪٽر صاحب، ڪچھري گھرائيندو. توکي ۽ ٻين ڪوٽن وارن کي بہ گھرائينداسين. جيڪو گھرندئو ملي ويندو."

"صاحب! اسان کي کجھہ نہ ڪپي، اسان جي زندگين کي رڳو امان ڪپي."

"وڏيرا! تون ڏسجان پوءِ ڳالھائجان.... چگو وڏيرا! تون آئين، تنھنجي مھرباني. مونکي ٻاھر گشت تي ويڙھو آھي، موڪلاڻي ڪونھي." ھن وڏيري کي تارڙ جي ڪئي.

"تنھنجي مھرباني صاحب! مونکي بہ گھر جو ڪم ڪار آھي، پاڻ بہ ھلون ٿا."

ائين ٻئي جڻا الڳ الڳ پنھنجي منزلن ڏانھن روانا ٿيا.

اڳ ۾ ئي ھن علائقي کي ڳلن سڳن تي کڻي ورتو. مٿان وري جھنگ سکائڻ جي ڳالھہ اصلوکن ماڻھن کي ويتر ڪئين وھمن ۽ وسون ۾ وجھي

چڏيو. وڏيرو جعفر جڏهن وڏيڪ صبر ڪري نه سگهيو ته سڏو اچي بختاور جي گهر نڪتو.

"ادي! ڳالهه ٻڌي اٿئي. مونکي ته ڳڻتين جا ڪوٽ چڙهي ويا آهن"

"چا ٿيو ادا؟" ايتري ۾ جمعون به اچي نڪتو. وڏيري ، صوبيدار واري ڳالهه جڏهن پيرائتي ڪري ٻڌائي ته بختاور کان اڳ ئي جمعون تڙڪي پيو.

"وڏيرا! ٻيلي توبهن، ڪهڙي پاسي وڃون؟ آهيون ته ٻنهي پاسي ويل ۾، هوڏانهن ڀڳل، هيڏانهن سرڪار به پويان پئي آهي، ڪيون ٿا رڙ حڪومت ڪي."

"ابا جمعان! تون ته ماڻ ڪري ويهه" بختاور وچ ۾ ڳالهائڻ کان جمعي کي منع ڪئي.

"ها، امان، ها! تنهنجي ڏوڙ مون تي، مون تنهنجو الاءِ چا وڃايو آهي، ڳالهائڻ به ڏوهه!" جمعون پنهنجي ڪاوڙ چنديءِ ٽوال ڪلهي تي رکي سڏو پيروءَ جي گهر هليو ويو. جيڪو سندس گهر کان سڏ پنڌ تي هو.

"ادا! پوءِ هاڻي چا ڪجي؟ منهنجي ته صلاح آهي ته حڪومت جبل آهي، انهيءِ سان ٽڪر ڪونه هڻبو. جيڪو ملي سو وڃون."

"پر ادي! هي هيڏو سارو جهان ڪيڏانهن ويندو؟"

"ادا! انهن جو به بندوبست ٿي ويندو. وقت سدائين هڪ جهڙو ٿوروئي هوندو آهي. هروپرو سوچ نه ڪر. مالڪ ڇڳائي ڪندو.

وڏيري جعفر به ٽڏو شوڪارو پريو:

"هائو ادي! الله ته مالڪ آهي" ڪجهه ڏند ٽڪاڻي کان پوءِ نيٺ وڏيرو جعفر ۽ بختاور به پيرو جي گهر اچي نڪتا.

"ادا پيروا ڪهڙا حال احوال پيا ٿين؟"

"بس ادي پڇ ئي نه. جهنگ ۾ سٽيات پيا هلن ته پاڻ وارو مصري به ڀڳل ٿي ويو آهي ۽ جهنگ جي اترئين پاسي ڪاروايون پيو ڪري."

"وري ٽين مصيبت پيٽهان! ڦاسي وياسين. هتي نه جمون ها نه جان ڦاسي ها!" وڏيري جعفر کان رڙ نڪري وئي.

"چا ٿيو وڏيرا؟"

"يارا هڪڙو پڳلن جو ويل. ٻيو هاٿي سرڪار ۽ جهنگ ختم ٿئي ڪري هاٿي وري مصري....

"هان!" پيرو چرڪجي ٻيو "وري جهنگ!"

"ها، سرڪار فيصلو ڪيو آهي"

"پوءِ ته مري وياسون." پيروءَ ڪٽي مٿي تي هٿ هنيا.

"پر، ادا! اوهين هروپرو ڇو ڏنا آهيو جاڙي ۽ جڳ سان!"

"ادي! اسان جي ته روزي ئي جهنگ ۾ ڏنڊ تي آهي." پيروءَ پنهنجو خدشو بيان ڪيو

"ادا! هڪڙو دروازو بند ته سئو ڪلي ويندا. رزق مالڪ طرفان آهي، پيو ملندو. باقي ڏک ڪنهن کي نه ٿيندو. اوهين چا ٿا سمجهو منهنجي اندر ۾ ٿورا چير آهن! پر زماني کي ته منهن ڏيڻو آهي."

"هائو وڏيرا! پاڻ سڀ چريا، باقي امان رکو سچي آهي، اچي مت کسي اٽس."

"هائو ابا، هائو! شابس. جنهن ڇٽيو نپايو اها چري آهي، باقي هي مور مڙس سياڻو آهي. ڪجهه ماءُ جو حيا ڪر."

"هائو ست لونگيون ٻڌايون اٽئي مونکي نا اچئي ٿو عثمان تون انهيءَ تي سر صدقو ڪر، مون تنهنجي چوري ڪئي آهي."

"ماين وارو هيرو نه چڏجان!" بختاور پهريون دفعو ٽپ ڏئي ڪاوڙمان اٽي.

"پر ويهه، ادي! تون ۽ هن اڌ مغزيءَ جي دل ۾ ٿي ڪرين، وري ۽ پُٽ اٽئي."

"ادا! جي خبر هجي ها ته هڙو پٽ ٿو جمي ته اڪ جو ڪير پياري پورو ڪري چڏيانس ها." هوءَ سڙ پڙ ڪندي وڃڻ لڳي ته سجي ڪچهري ۽ ڦِٽي وئي. هر ڪو هڪ ٻئي ٿي اٽيو.

16

سج اڃان اولهه ڏي لڙڻ شروع ٿيو. بختاور مينهن کي پريءَ مان گاهه چوڙي پئي ڏنو. جمعون پريان پنهنجي منهن کٽ تي اهليو پيو هو ته ايتري ۾ عثمان به ڪپڙي جي پريل ۾ گوٿري سميت گهٽي لنگهي آيو. جنهن تي پهرئين اک گهر ۾ موجود ڪڙهه واري تازي ڪتي جي پئي ته ٿورو پونڪيو. عثمان ٿوري هڪل ڪيس ته بختاور به ان پاسي ڏيان ڏنو. جڏهن عثمان تي نظر پيس ته تکڙيون تکڙيون وکون کڻندي وٽس آئي. کيس پاڪر پائي، متي ۽ نراڙ تي چميون ڏيڻ لڳي.

"پلي آئين، شال خوش هجين، منهنجا پٽڙا! الله سائين، جهجها ڏينهن ڏيئي. رب ڪندو سڄي حياتي سکيو رهندين."

عثمان جون اکيون به ٿوريون پر جي آيون.

"امان!" اڳتي آواز نه نڪتس.

تيستائين جمعي جو سندن ڳالهائڻ ٻڌو ته کٽ تان ٽپ ڏئي اچي پاءُ کي پاڪر پائي، هٿ ڏئي مليو. سندس چهرو ڀهڪي پيو. ڪيتري عرصي کان پوءِ پاءُ سان ملڻ ٿيو هو. بختاور ته ملڻ لاءِ ڏاڍا پئي سوريا. عثمان، ڏکڻ منهن ڪيل سرن جي ڪانن ۽ ڪانهن جي ٻيل منهه ۾ کٽ تي اچي ويٺو. سامان جي گوٿري بختاور جي حوالي ڪيائين. جيڪا عثمان لاءِ ڪنجهي جي وٽي ۾ پاڻي پري آئي. عثمان پاڻي پيتو ۽ ٻه چندا منهن تي هنيا. ٿوري دير کان پوءِ کير ۽ ماني کڻي آيس ته کاڏائين. عثمان آيو ته جڙ بختاور جا چوٽا وڏي ويا.

جمعون بہ پر پر ہي ڪٽ تي ڇڏيو. نيٺ خبرون چارون شروع ٿيون.

"ابا، عثمان! ڇڪو جي آئين. تنهنجي جدائي ته جهوري وڏو هو. الائي ڇو منهنجي دل چوندي هئي ته تون موتي ضرور ايندين."

"بس امان! جيڪو قسمت ۾ هئو. هاڻي ڇڏ انهن ڳالهين کي. جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو. تنهنجي لاءِ پٽ جا ڪپڑا، گج، پٽو، گربي جي سٽ، گهاگهريون بہ آنديون اٿم."

"اڙي ابا! آئون پوڙهي انهن کي ڇا ڪندیس؟ هاڻ هڪ پير باهر ته ٻيو قبر ۾ ٻيو آهي."

"امان! خير گهر. ڪهڙيون پئي وايون ڪڍين؟ اڄان ته گهڻن جا ڪانڊ پا ڪائيندئين. ۽ ها ادا جمعان! تنهنجي لاءِ بہ بافتي جا ڪپڑا ۽ پٽڪو آندو اٿم."

"اڙي ادا! هرون پرون خرچ ڪيئي. مون وٽ اڳ ڪوڙ پيا هئا." جمعي جي اکين ۾ حياءَ جو ذرو اٽڪي ٻيو.

"بس يار! تون سڄي عمر نہ ڪندو آهين. ڪڏهن ها بہ ڪئي اٽئي؟"

"ٻائو! ڪاوڙجين ڇو ٿو؟ مون توکان هينئر ڪهڙا هزار گهريا آهن."

"ادا! هزار ڪٽان آڻيان؟ تنهنجي ڪري رلي پني ڇڻ اڌ زندگي پوري ڪري آيو آهيان. باقي اڄان مٽو ڦاڙي ته ڪونہ آڻيندس."

بختاور تلخي ڏسي جمعي کي ٿوري چنبڙ پٽي.

"اڙي ابا! ڏاهو ٿي. ٻاءُ ڪيتري وقت کان پوءِ آيو آهي. پوءِ بہ اهو ساڳيو جهيڙو ڪونہ ٿو چڏين."

"ها، امان، ها. تون بہ انهي جو پاسو ڪر. اڳ ڪهڙا پٽڪا ٻڌايا اٿو جو هاڻي ٻڌائيندو؟"

"پٽ! تون بہ مونکي عثمان وانگر پيارو آهين، پر هرون پرون....."

"هون! هرون پرون... منهنجو ته وڏو خيال ڪري ٽڪجي پئي آهين."

"پر پٽ! مون ته سڄي زندگي تنهنجو خيال رکيو آهي. هي عثمان ويچارو ته جهنگ جبل جهاڳي وري مس پهتو آهي، پوءِ بہ ڪتي وارو گيرت ڪونہ ٿو چڏين!" بختاور ٿورو تپي وئي.

"ها، ها! وڏو خيال رکيو اٽئي، انهيءَ کان پلو آهي تہ گهر چڏي هليو وڃان. روز روز ٽي جنيون کرين!"

"پر ابا! کير سنگ نہ ڏيندو تہ....." بختاور وري ٽوري ٽڏي ٽي وئي.

"ٻين کي ملن پيا، رڳو مونکي....."

جمعي ست ڏئي، عثمان جي آندل کپڑن کي پري اڇليو. پاڻ جوتو پيرن ۾ وجهي، گهٽي ٽپي روانو ٽي ويو.

"امان! چڏينس چرئي کي. پلي مونکي پيو چئي ها."

"اڙي ابا عثمان! انهيءَ جي عادت جي خبر اٽئي، سدائين نک تي کاوڙ رکي اٽس. وري گهڙي کن کان پوءِ موتي ايندو."

"امان! کجهہ کنجهي جا وٺا، جست جون ٽاليون. چونري، کرسو ءِ وٽيون آنديون اٽم. مون چيو تہ نکر جا ڊِلا بہ وٺيو وڃان، سو تس، ويلڙ، جنڊ جي تار، کوندو، اکري مهري بہ آندي اٽم."

"ابا! ايترو خرچ چو کيئي؟"

"امان! گهر ۾ آٽو تہ پوندو."

"پر آهستي آهستي، واري واري سان پيو آڻين ها. ٻچا! الله کندو کڏهن کوسو واءُ کونہ لڳندئي. ڏکيو ڏينهن کونہ ڏسندين."

کجهہ ڏينهن گذريا تہ بختاور بہ پنهنجي دل جي ڳالهہ پٽ اڳيان رکي: "ابا عثمان! ڳالهہ ٻڌ، هاڻي تون جوان ٽي ويو آهين، ضرور گهر بہ آباد کرڻو آهي، آئون بہ هاڻي ڏينهن گذاري آئي آهيان. سو سوچيو اٽم تہ تنهنجي شادي کرائجي."

"پر امان! جمعون وڏو آهي، پهريان ان جي پوءِ منهنجي."

"ابا! جمعي کي کير ڏئي ئي کونہ ٽو. جنهن وٽ وڃان، چون ٿا کمائي کونہ ٽو رڳو گهر ۾ تنگ، تنگ تي چاڙهيو وينو آهي، اڏمغزي، شڪل بہ کوجهي اٽس. هڪڙي ٻن جاين تي ويس تہ ٽپ جواب مليو. هاڻي تہ هر کنهن جي منهن ۾ ڳالهہ اچي وئي آهي. نياڳي جا ياڳ اهڙا اٽس! مونکي منو کونہ هوندو تو وانگر پيٽ چٽيو آهي؟"

"پر امان!....."

"ابا! انهيءَ لاءِ بہ ڪتان ڪا ملي تہ ونبي. باقي تنهنجي لاءِ چوڪري ڏسي آئي آهيان."

عثمان ٿورو شرمائجي ويو.

"منهنجي لاءِ چوڪري؟"

"هائو پٽ! ڳوري ڳٽول، پنج هٽي ڊگهي زال، هٽ پير سنها ءِ ننڍڙا، اکيون وڏيون، ڪونج جهڙي ڳچي....."

"پر، امان!"

"هائو ننگائتي وڙائتي بہ ڏاڍي آهي. ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ آئون انهن جي گهر وئي هيس، ڏاڍو قرب ڏنائين. مون انهيءَ مهل دل ۾ سوچي ڇڏيو تہ تولاءِ ونندس."

"ڪير آهي امان؟"

"جمعي واري يار فتوءَ جي ڏيءُ پاڳل. راڄ گهرڻ آيا اٿس، پر ڪُتو جواب ڏيو وينو آهي. پاڻ کان ڪنڌ ڪونہ ڪيرائيندو."

"ايجان ٿورو ترس امان، تڪڙ ڪونهي. بہ ٽي سال ڳالهہ نہ ڪر!"

"پر ابا! هاڻي تون جواڻ ٿي ويو آهين."

"امان! پرائي نياڻي کي ڏلهو گهر ۾ ڪونہ ويهاربو ضرور سامان سڙو ونبو زيور ڏهرائبا ءِ هي زبون حال گهر...."

"سمجهان ٿي پٽ!"

"امان! ٻئي ڀيري آيس تہ پوءِ ڏسنداسين. بہ ٽي ڏينهن کان پوءِ واپس ويڙهو آهي."

"وري ڇو؟"

"امان! جن ڏکين ڏينهن ۾ ساڻ ڏنو انهن کان ڇڪي طرح موڪلائي تہ اچان."

"جيئن تنهنجي مرضي، پٽ!"

ائين سندن وچ ۾ ڳالهيون پاڻي جي تيز وهڪري وانگر وهنديون ويون، تان جو عثمان جي اکين کي ننڊ گهيري ورتو. بختاور بہ سمجهي وئي سو عثمان کي سمهڻ جو چئي، پاڻ بہ وڃي پري ڪٽ تي ستي.

17

وڏيري جعفر جڏهن پيروءَ جي گهر ڪچهري ۾ ويهي جهنگ ۽ ڏنڊ سڪائڻ جي ڳالهه ڪئي تہ صبح جو اها ڳالهه سڄي ڳوٺ ۾ جهنگ جي باهه جيان پکڙجي وئي. جنهن ٽي ڳالهه ٻڌي، تنهن جا مٿي تي هٿ هئا. ڳٽتين جون ڪيئي لهرون جسم ۾ ڊوڙنديون رهيون. تان جو ڪجهه همراهن کان رهيو نہ ٿيو واري واري سان وڃي وڏيري جعفر جو مٿو کاڏائون.

صبح جي وقت وڏيري جعفر بہ ڪيڏانهن ٻاهر وڃڻ جي تياري پئي ڪئي تہ انهن همراهن مان سندس ڳوٺ جو هڪڙو همراهه ملڻ لاءِ اوتي تي اچي نڪتو.

"ها ابا! ڏي خبر ڪيئن اچڻ ٿيو؟"

"بس وڏيرا! توکي تہ خبر آهي، منهنجو گذارو مڇيءَ تي آهي. بہ ڪرڙيون ماري ايندو هئس تہ گهر جي چلهه ٻرندي هئي، ناري واهه مان چنڊ پاڻ واري جهنگ ڏي نڪرندي هئي تہ ان جي تازي پاڻي جي ڪري ڏنڊ ۾ مڇي بہ جام لڳندي هئي."

"ها، اها تہ مونکي بہ خبر آهي. پر ڳالهه ڪٽاءِ، مونکي ڪٽي وڃڻو آهي."

"وڏيرا! اها چنڊ بند ٿي وئي آهي. ڪنهن همراهه پئي ٻڌايو تہ مٽين چنڊ بہ بند ڪري ڇڏي اٽن. پنهنجي تہ اڄ وڃ اڳيئي بند آهي. ناري واهه جي پرئين ڪاٻي پاسي چنڊٽيون ڪڍيون اٽن."

"پوءِ؟"

"پوءِ وڏيرا! ڪجھ مھينن ۾ پاڻ وارو جھنگ ۽ ڏنڊ تہ موڪلائي ويندا."

وڏيري افسوس ۾ پٽڪو لاهي ڪٽ تي رکيو ۽ پاڻ ٻہ ويهي رهيو.

"بس يارا! بي وس آهيون چا ڪيون؟

"وڏيرا! تون صاحبن سان ڳالهاءِ."

"چا ڳالهايان يارا! مونکي تہ اڳ ۾ ٻڌايو هئن. مون تڏهن ٻہ گھٽيون، منٽون ايلاز ڪيا، پر ڪونہ مڃيائون."

"پوءِ وڏيرا! پنھنجو چا ٿيندو؟"

"چا ٿيندو.. جيڪو ٿيندو ڏٺو ويندو."

"تون تہ مڃي جي ڳالھ پيو ڪرين، پر ھو سامھون ڏسين پيو مال پٺارو...."

"ھائو وڏيرا! تنھنجي ڏک کي ٻہ سمجھان پيو، پر اسان مسڪينن جي ڏوڙ ٻہ تو تائين. ٻئي ڪنھن جي در ويجون."

"ھائو يار، ھائو." وڏيري زور سان پنھنجي ستڙن کي ڪٽيو. جنھن مان سندس بي وسي ظاھر ٿئي ٿي.

"وڏيرا سائين! تنھنجا ھٿ تہ وري ٻہ ڏڳا آھن. اسان جي ٻچڙن جو چا ٿيندو؟"

"بس بابا! چا ڪجي؟"

"اسان تہ سائين، ويجون ٿا واپس ڏاڏاڻن جي ملڪ."

"وري ڪٿي!"

"وڏيرا، جتان پنھنجا پڙ ڏاڏا، تڙ ڏاڏا مال ۽ روزي جو سڪ ھن جھنگ ۾ ڏسي لڏي آيا ھئا."

"اڙي، يارا! اتي وري ڪھڙيون ماکيءَ جون نديون پيون وھن. سڌ پنڌ تي تہ آھي. ھاڻي تہ پاڻ وارن انھن ابن ڏاڏن جا ھڏا ٻہ ھتي دفن آھن. پاڻ کي ٻہ ھتي مرڻو آھي."

"ھائو وڏيرا! پر پيٽ کي ٻہ ڪپي."

"بابا! پيٽ لاءِ ٻيا کوڙ روزگار آهن. هي جيڪي وڻ، ٽڻ، جانور مال پٽارو جن سان صدين جو سنڌ هو سي ڪيڏانهن ويندا. هتي ته مرڻ جيئڻ جا مامرا آهن."

"هائو، وڏيرا! بروبر."

هن وڏيري کي گهٽو غمگين ڏٺو ته کسڪڻ جي ڪئي: "چڱو وڏيرا سائين! هلون تا."

"لسيءَ جو وٽو پي وڃين ها."

"الله جهجهو ڪري ڏيئي."

ڪئين ڏينهن تائين مايون مرد وڏيري جعفر جي گهر ايندا ويندا ۽ حال احوال ونندا رهيا. وڏيرو ته بيزار ٿي پيو پر مائي جادل ڳالهين جا ڳوٺ پئي ٻڌا، تاڙيون پئي ملايون. ڪُتيءَ کي ..... ۾ سور ۽ مالڪ کي بچ تي زور.

سج ٽهي هٽڻ وارو هئو. وٽن جا پاڇولا به اوير طرف ڊگها ٿي چڪا هئا. مڇرن جي ڪري هر طرف چيٽن جي دونهين ملڪ کي ميرو ڪري چڏيو هو. ڪن مينهون ڏڏيون پئي ته ڪن مهارن ۾ بند پئي ڪيون. ايتري ۾ فتو به اچي جمعي جي گهر جي گهٽي وٽان، وڏي واڪ سڏ ڪيو.

"ادا جمعان...! هو هو... هو هو"

"آيو، آيو!" جمعي کير جي چونري پري منجيءَ تي رکي، ۽ فتوءَ کي گهر وٺي آيو. عثمان به اچي فتو ۽ جمعي سان ڪچهري ۾ وينو. دنيا جون ڪئين اوياريون لهواريون خبرون نڪتيون، جيئن ٻيڙي مان ٻيڙي دکائبي آهي. پهرئين ته ٿيا حال احوال ۽ خير خيريت، پوءِ ڳالهه اڳتي وڌي.

"ادا فتوا ڏي خبر چا پيو ٿئي مڪي جهنگ ۾؟"

"ادا! مڪيءَ جو جهنگ موڪلائڻ ۾ آهي!"

"پر چو؟"

"چون ٿا صاحبن فيصلو ڪيو آهي ته هتي ٻنيون آباد ڪبيون. چندٻڌيون ته اڳ ئي بند ڪري چڏيون اٿن. وڻ ٻوٽا به ويچارا هاٽي موڪلائڻ ۾ آهن. پاٽي لٽو آهي ته تر جو گاهه به سڪڻ لڳو آهي. اڪثر گدڙ لڏڻا، واڳون به واهه پار ڪري هُن پاسي نڪري ويا يا مٺا پيا آهن. پڪي پڪڻ به آهستي آهستي آڪيرن مان غائب پيو ٿئي، ماکي به گهٽجي وئي آهي."

"پر اهو ڪارو ڦهر ڪيئن ٿيو؟" عثمان حيرت وچان پڇيو.

"يار عثمان! پڇ ئي نہ. ڳلن ۾ باهہ ٻاري تہ سرڪار سندن اهو علاج ڳولي لڌو تہ انهن جا نڪاٽا ختم ڪبا. پر هتي تہ پوري خلق ويل ۾ پئجي وئي آهي. صدين کان موجود انسانن، جانورن، پکين جيتن جا گهر ٻيا برباد ٿين! اهي نياڳا ڳل ڪارو ڦهر نہ ڪن ها تہ اسين ڇو دربدر ٿيون ها."

"ادا، فتوا! ڳالهہ بروبر سچي ٻيو ڪرين. پر زور اڳيان زاري آهي." عثمان سندس تائيد ڪئي.

بختاور ۽ ماني ۽ ٻوڙ پڇائڻ کان واندي ٿي، ماني ٽنهي اڳيان رکي. پاٽيءَ جو وٽو ٻري، پاڻ ۽ انهن سان خبرن ۾ لڳي وئي.

"ابا فتوا! بسم الله ڪري آيون."

"هائو ماسي!"

"عثمان، جمعان، اوهين ۽ کائو!" فتوءَ صلاح هنين.

"نہ، ادا! تون بسم الله ڪر."

"ائين ڪونہ ٿيندو نہ تہ آئون ۽ ڪونہ ٿو ڪاوان."

"ازي، ابا، اوهين ۽ گڏجي کائو. هرون ڀرون فتوءَ جو چوڻ نہ موتايو." بختاور جي چوڻ تي سڀ گڏجي کائڻ لڳا. فتو وات ۾ ۽ تي گرهہ کائڻ کان پوءِ وري بختاور سان مخاطب ٿيو:

"ماسي! هن عمر ۾ رڌ پچاءُ تي ڪرين. شابش هجئي."

"بس، ابا! مٽي تي آهي، سو ڪرڻو تہ آهي."

"پر ماسي! هي جوان پٽ وينا اٽئي، انهن جو ۽ ڪو بلو ڪر."

"ها ابا! هاڻي آئون ۽ اهو ٻئي سوچيان. ڪٽان ڪا سڻو ڦري سينڌ ملي وجي تہ گهر ۾ خوشي اچي ويندي."

بختاور ڏيڍي اک سان پل گهڙيءَ لاءِ عثمان ڏي نهاري، فتو کي جواب ڏنو.

"ماسي! ڇوڪريون ڪوڙ ڪنهن کان گهر تہ سهي. جمعي ۽ اسان کي تہ ڪير ڏئي ئي ڪونہ ٿو نہ ڪو هاڻي عمر ۽ بچي آهي. مونکي ۽ جيڪا ملي، سا ٽُرت هلي وئي. شڪر آهي نياڻي بچي وئي، نہ تہ الئي ڪهڙو حال ٿئي ها! پلا، عثمان لاءِ ئي ڪجهہ ڪر."

"ها، ها! شابس اڻئي، ادا، فتوا! تون بہ ائين ٿو چئين. هي مائٽ تہ آهن منهنجا دشمن، پر تون....."

"اڙي، يار! ڪاوڙ نہ ڪر، پوڳ پيو ڪريان."

"چگو، ڇڏ انهيءَ ڳالهہ کي. پريان هل تہ هلي نڙ مان گهوگهٽ ڪيون."

"ڦتوءَ کي ڪچهري پوري ڪرڻ ڏي، پوءِ وڃي گهوگهٽ ڪيوا!" عثمان وڌيڪ ڪچهري ڪرڻ ٿي چاهي.

"ڪچهري گهڻيئي ٿي، توکي ايجان ننڍ ڪونہ ٿي اچي؟" ان مهل جمعي جو پورو خيال نڙن وڃائڻ تي هو.

"بس، ادا! آئون جيڪي ڳالهہ ڪندس، تون مڃيندين تہ هونئن ئي ڪونا!" عثمان جُتي پائي اٽيو تہ ٻئي ڇڙا ماني ڪائڻ ڪان پوءِ هٿ ڏوئي گهٽي تي رکيل ڪٽ تي ويٺا. ڳوٺريءَ مان ڪانيون ڪيڻ، اپ ٽنگو ٿي نڙن مان مڌر سر ڪيڻ شروع ڪيائون. سندن سر اهي ئي ساڳيا "صابل جون ڦوڪون". پهرئين بہ ڦوڪون، وري ڪنگهراٽ.

"ادا، ڦتوا! اج لڳي ٿو نڙي ۾ گهوگهو آهي. ڦوڪ ئي ڪونہ نڪري."

"هائو يارا! پلا هلڪي ڦوڪ وڃاءِ!"

"هائو. وڃايان ٿو. پر اڳيان تون ٿي تہ پويان آئون ٿو ٽيان."

"ها... ها ڪر الله توهار."

هو هاڻي مڪمل جوڻ ۾ اچي چڪا هئا. ڦوڪن جي مٽان ڦوڪون.

"صابل سنهڙي، گهمندي ڦرندي، ڦيرا ڏئي تکي ٿي. صابل سنهڙي، چڙهي چور ڦاٽو لاچار ڦاٽو. صابل سنهڙي، گهمندي ڦرندي، توتان گهور وڃان. صابل سنهڙي، تري آتون دلي تي، وري آ تون دلي تي. صابل سنهڙي، چندي چندي وار ڪلهن تان لاهہ. آلو چولو نہ پاءِ....."

عثمان کي ننڍ اچي چڪي هئي. ننڍ دوران هن خواب ۾ گهڻي دير تائين پنهنجي پاڙ سان جهيڙو پئي ڪيو. جمعي ۽ فتوءَ جيئن ئي نڙ بند ڪيا تہ عثمان جو آواز بہ سندن ڪنن تي پيو:

"ها فقير.... مونکي ڇڏ آئون وڃان ٿو..... نہ نہ . بس دعائن ۾ ياد ڪجانءِ. تنهنجا ٿورا، نہ تہ اهي ظالم هڏا بہ رولي ڇڏين ها. ها سيٺ کان بہ موڪل ورتي اٿم.... هون هون هون....."

تيستائين بختاور جي اک ڪلي.

"ابا عثمان! اکيون کول، چا پيو چوين؟..... عثمان، او عثمان..."

"هون هون!" ٽورو گهوگهرو هٽي وري جاڳي پيو.

"چا ٿيو امان؟"

"اڙي، ابا! الئي ڪهڙي فقير ۽ سيٽ سان ڳالهين ۾ لڳو پيو هئين! ماڳهين ڏيڃاري ڇڏيئي. اهي آهن ڪير؟"

"امان! مڙئي خواب پئي ڏٺم. سيٽ ۽ فقير ته منهنجي زندگي بچائي."

عثمان جڏهن گهر ڇڏي ڳچو هئو ته خچرن تي متي ڏوئيندڙ خرڪارن جي ور چڙهي ويو. جيڪي ان کي ڪنهن ڀهراڙيءَ جي علائقي ۾ ڪٽي آيا. جتي ڏينهن جو خچرن تي هن کان متي ڏورائيندا هئا ۽ رات جو زنجيرن ۾ ٻڌي ڇڏيندا هئس ته متان ڀڄي نه وڃي. هو اڌ بک، اڌ ڏڪ تي ليٽي پوندو هو. فجر جو سوير وري ڪم کي لڳي ويندو هو. ڪيس ننڊ گهٽ ايندي هئي، ان ڪري راتيون ڏکيون لڳنديون هيس. ٻئي، ٽئي ڏينهن شام جو خرڪار سندا ڪپڙا ٻه ڏوئڻ لاءِ ڏيندا هئس. ڪپڙا ڏوئندي هن جي هٿن جون ڪلون ٻه سڪي ڏرا ڏيئي يا هٿن تان لهي ويون هيون. ننڍي عمر جي ڪري جڏهن گهر ياد ايندو هئس، ته ڪپڙا ڏوئندي روئي پوندو هو. خچرن وارن مان ڪنهن جي نظر پوندي هئس ته. ڇڪي ٻه ٽي چماٽون وهائي ڪيندا هئس. هن جو اندر ڏکن جي گهاٽي ۾ پيڙجندو رهيو. ڏٽي نه سائين، اوهي نه واهي، ڪنهن کي دانهن ڏئي؟ ظالم روئڻ ٻه ڪونه ڏيندا هئس. ڪڏهن ڪڏهن آڌيءَ رات جو لڪي سڏڪا پريندو هو ته گهڙي ڪن لاءِ دل جو بار هلڪو ٿي پوندو هيس. هن جي زندگيءَ ۾ ڏينهن رات کو مقصد نه رکندا هئا، نه وري خوشي ۽ غمي ۾ کو فرق محسوس ٿيندو هوس. رڳو برندڙ گرمي ۽ رات جي گهٽ سندس زندگيءَ جا ساٿي هئا. زندگي دونهين وانگر دکندي رهي. سالن کان پوءِ جڏهين جناتي بابا سومار فقير جو اتي اچڻ ٿيو. هن جي نظر عثمان تي پئي ته خرڪارن کان ان جي گهر ڪيائين. هنن انڪار نه ڪيو. چاڪاڻ ته خرڪار سندس ڏاڪي ڦيٽي ۾ هئا. ائين عثمان کي پنهنجي آستاني تي وٺي آيو. جتي عثمان کي پهريون دفعو خبر پئي ته کاڌي جي بک ٻه لڳندي آهي ۽ ڏئو ٻه ڪبو آهي. سالن کان پوءِ هن تن تي نوان ڪپڙا اوڍيا.

هن کي زندگيءَ جي روانيءَ جي بہ خبر پئي. بعد ۾ سومار فقير، هن کي ڪنهن سيٺ دوست وٽ ڏهاڙي تي بيهاريو. ائين عثمان جي زندگي ٻيهر پٽڑيءَ تي چڑهي. سال- ٻہ رهڻ کان پوءِ ڪيس سيٺ اجازت ڏني تہ ڳوٺان ٽي اچي. سو هو هليو آيو. عثمان ٽوري لاءِ خيالن ۾ ٻڏي ويو تہ بختاور وري پڇيس:

"ابا، عثمان! ڇا پيو سوچين؟"

"مڙئي خير آهي، امان! تون مان ڪري سمهي رهہ آئون بہ سمهان ٿو."

پريان جمعي رڙ ڪئي: "امان! تون سمهي رهہ، عثمان مڙئي خواب پيو ڏسي." تان جو آڌي رات ٽي ۽ ٻئي ڇٽا اتي ئي پيل ڪٽن تي لت کوڙي سمهي پيا.

18

ناري جو پاڻي بند ٽيڻ جي ڪري ساڃي پاسي مکي جو جھنگ ۾ ڏنڊ سکي ويا تہ واھہ جي ڪاہي پاسي چنبڙن جو پاڻي وھڻ ڪري ڪئين نين ڏنڊن ۾ ڏورن جنم ورتو ۽ پراڻين ڏنڊن ۾ وڏيڪ ساھہ پيو. زمين ہ وڏيڪ سائو پيٽ ڪيو. حڪومتي انجنيئرن ان ناري واھہ مان ہ وڏا واھہ ڪڍيا تہ تر جي ماڻھن جو وڏين وڏين مشينن کي ڏسي وات ڦاٽي ويو. ھمراھن جي وڏن وڏن ٽولن ہ بيگر ۾ واھہ کوٽائڻ ۾ مدد ڪئي. مختلف لنگھن، گھيڙن ۽ گھٽن تي وڏيون وڏيون موريون ٺھي ويون. واھن جي ڪنارن کي پري وڏا وڏا بند ٻڌاويا. انھن بندن سان بلڪل ھڪ ہئي کان برابر مفاصلي تي قطارن ۾ وڻ پوکجڻ لڳا، ٽالھي، سرينھن، بڑ، پيپر، گدامڑي جا وڻ. واھہ ٺھي راس ٽيڻ کان پوءِ، بندن تي اھم لنگھن ۽ ريگيوليٽر تي آبپاشي عملدارن لاءِ ريسٽ ھائوس ناھيا ويا. سوين بيلدار صبح جو سوير بالٽين ذريعي بند کي پکو ڪرڻ لاءِ چٽڪار ڪندا ھئا ۽ مال کي مٽي چڙھڻ کان روڪيندا ھئا. پلا جي ڪو اڙيو ٽڙيو مال مٽي چڙھي ويو تہ ڏنڊي تي پنچري ھڻندا ھئا، جيڪا بندن جي حفاظت لاءِ خرچ ڪبي ھئي.

ڪئين جھونا جھونيون پنھنجي علائقي کي گنجو ڏسي رت روئڻ لڳا. ٽڏا ساھہ شوڪارا، ميارون، يادگيريون، آھون، پر ويندڙ وقت ورائي نہ سگھبو آھي، رڳو پنھنجي بيوسي تي روئي سگھبو آھي. حڪومت جبل آھي، جبل سان ٽڪر ڪيئن ھڻجي؟ ڪجھہ خاندان مکي جھنگ مان لڏي

اچي، شهر جي پر ۾ پنهنجي عزيزن جي ڳوڻن ۾ وينا. ڪي دل نہ جهلي سگهيا تہ انهن واهہ جي هن پار وڃي ٻيهر جهنگ وسايو. رڳو ڪجهہ دڙا بچيا. جن تي وينل ماڻهو ڪک وانگر بہ نہ چريا. ڏکيا سکيا ڏينهن پنهنجي سر تي وسايائون.

ساڃي پاسي واري مکي جهنگ ۾ اڻل پٽل جي ڪري مالوند ڪلچر بہ ورهائجي ڳارون ڳارون ٿي ويو. ننڍن وڏن جا مٿي تي هٿ اچي ويا. ڪجهہ وقت کان پوءِ علائقي جي هر ڳوٺ ۾ رويني جي ماڻهن اعلان ڪيا تہ مٽيئن سومر تي ڪليڪٽر صاحب شهر ۾ ڪليل ڪچهري ڪندو. جنهن ۾ جهنگ جي ٻنين جو فيصلو ڪندو. ان ڪري سڀ اتي حاضر ٿين. سرڪاري ماڻهن جو اهو اعلان هڪ زبان کان ٻي زبان، هڪڙي ڪن کان ٻئي ڪن تائين پهتو تہ هر ڪنهن کي چپن تي آنگريون اچي ويون. شام جو هر گهر جي چلهن چوڌاري ويهي ماني کائيندڙ گهر ياتين جي وچ ۾ ڪئين بحثا بحثين جنم ورتو: "الاءِ سرڪار ڇا ٿي ڪري! مشڪين ماڻهن جي روزي تي لت ڏئي ڇڏي اٿن. بابا سرڪار مرضي واري آهي، پاڻ ڇا ٿا ڪري سگهون؟ چون ٿا تہ سرڪار اهو جهنگ ورهائي ٿي. يار! اها بي واجبي ڪونهي، جنهن جهنگ اسان کي، اسان جي وڏن کي گڏجي ماءُ وانگر نپايو هجي. اڄ انهيءَ کي ورهائي اسين ڪٽون. حڪومت ڦهر پئي ڪري"

"ابا، مڻا! اهي ڳچل ڦر ڦران ڪري اتي نہ لڪن ها تہ سرڪار ائين ڇو ڪري ها."

"اڙي يار! ڳچلن مڻن جو تہ بند رلي ويو. ڪي مارجي ويا، ٻيا واهہ ٽپي پرئين پاسي هليا ويا. سندن مائٽ اڃان تائين ٽاڻن ۾ قيدن ۾ دربدر. جي شرارتون نہ ڪن ها تہ اهڙي جٽ نہ ٽئي ها."

"بس، ابا! ٻيو وڃي ڏوڙ پائي، پر مال ٻٽارو ڪيڏانهن ويندوا! ٻہ تي ڪرڙيون ڪپائي. ٻڇن لاءِ روز اٺو آڻبو هو اهو بہ ويو. ٻيو تہ ڪو ڏنڊو ڪرڙ بہ ڪونہ ٿو اچي. اڳتي الائي ڇا ٿيندوا!"

جيسيتائين سومر نہ آيو تيسيتائين سڃي مکي جهنگ ۾ ڳالهين جو طوفان متل هو. خدشا ۽ ڪٽڪا، وهم ۽ وسوسا هئا.

19

جمعون بند جي ساڃي پاسي، بينل پن ۾ نڙن جون ڏاڍيون پريون وڍي ٻڌي، گهر واپس اچي واري واري سان پاڻ ۾ اڇلائيندو ويو. عثمان چلهه جي پر ۾ ڪاٺ جي منجي تي ويهي ماني پئي کاڌي ۽ بختاور دانگي تي ٻاجهري جي اٽي جي ماني پئي پچائي. هوءَ ڪجهه گهڙيون ته چپ چاپ دانگي تي موجود ماني کي اٽلائيندي رهي، پوءِ نيٺ زبان ۾ حرڪت ۾ آيس:

"پٽ، عثمان! ڳالهه ٻڌئي، هاڻي آئون ۾ ڏينهون ڏينهن پوڙهي ٿيندي پئي وڃان. هاڻي ته هٿن ۾ اها وصيت ۾ ڪونهي رهي. گهر ۾ ٻارن کان سواءِ اباڻڪو ٿو لڳي. ياڻهين جمعون ڪڏهن پري ۾ ته ڪڏهن پاڪر ۾! ڪيڏي مهل بگڙي ٿو ته آندا پتا ساڙي ٿو ڇڏي."

عثمان ۾ گهه کي هلڪي ڳيت ڏئي ڪيو:

"امان! جمعون آهي اهوجهه. سو انهيءَ جي دل ۾ نه ڪندي ڪر. هن جو ۾ ڏوهه ڪونهي، هن جا سن ته ٻارن ٻچن وارا ٿي ويا. هي چڙو چاند رڙيون ته ڪندو."

"پر، ابا! ڪيڏي مهل ته ڪاوڙ ۾ منهن ڪيو هليو وڃي. ۾ ۾ ڏينهن گم. مون ماءُ جو هانءُ پيو سڙندو. اکيون هوندين گهٽيءَ ۾. نيٺ پاڙي وارن کي منٽون ڪيان. پوءِ پرچائي ونيو اچنس. بدو مون وٽ ڪونهي. هونئن ڪير وار ۾ ڏيڻ لاءِ تيار ڪونه اٿس. آئون زائفان ذات چا ٿي ڪري سگهان!"

"امان! بس نياڻو آهي. ڏکيو سکيو گذري ويندو. ڏسون تا جي ڪٽان پئسن تي سنگ مليو تہ بہ وڻي پرٽائيندا سونس."

"عثمان پٽ! جڏهوڪا مينهن تڏهوڪا پاڻي. پر پاڻ کي گهر تہ وسائڻو آهي نہ! تنهنجي عمر بہ هاڻي شادي ڪرڻ جي ٿي وئي آهي. انهيءَ ڏينهن توکي ٻڌايو هئم تہ فتوءَ جي ڏيءُ جو حسن ڏسي وات ۾ پاڻي اچي ويو هيم. ڏگهي پنج هٿي زال، ڏگهي ڪچي، وڏا ڪارا پنيا وار، بت پريل، سو دل ۾ سوچي چڏيو هئم تہ ننهن اها گهر ۾ آڻيندس."

"امان! پلي تنهنجي مرضي، پر جمعي جو چا ڪندئين؟"

"اڙي ابا! جمعي جو بہ ڪبو. تون هيئنر پنهنجي ڳالهہ ڪر."

"امان! ماءُ کان ڪير ڪنڌ ڪيرائيندو؟"

"چگو ابا! تنهنجو بار بہ لاهيان ٿي."

پريان جمعي جي ڪنن تي ماءُ پٽ جي ڳالهين جي ڪڙڪ پئي تہ هليو آيو.

"ڪهڙيون پيا خبرون ڪيو ٻئي؟"

"بس، ابا! مڙئي زماني جون." بختاور جواب ڏنس.

"وري ڪهڙو زمانو اوهان وٽ اچي ڦاٿو آهي؟"

"ڪجهہ خيال ڪر ادا! هرويرو امان کي تنگ نہ ڪر!" عثمان، جمعي کي ٿوري رهڙ پٽي تہ جمعون سيلابي پاڻي وانگر اڌلي پيو.

"ها! ٻئي ماءُ پٽ رڳو نانيءَ ويڙهو ناهيو وينا آهيو. رڳو پاڻ ڏانهن سيرڙ جي ڳالهہ اٿو. آئون جهڙو ست ڏاريو هجان. هر ڳالهہ تا مونکان لکايو."

"پر، ابا! ياءُ گار تہ ڪونہ ڏنئي جو ڪٽي دوڏا ڳاڙها ڪيا اٿئي." بختاور جمعي جي ڪاوڙ ڏڏي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

"اوهين منهنجا مائٽ نہ، دشمن آهيو. ٻئي لاءِ ڪڏهن سوچيو اٿوَ؟ سدائين مڙ مڙ لڳي پئي اٿوَ. ڏوڙ وڃي پائي اهو گهر ءِ مال. آئون هلان ٿو." جمعي پيرن تي زور رکيو. گهٽيئي سڏ ڪيائونس پر وکون تيزي سان وڌنديون ويس.

"هن چرئي مان تہ ڦاسي ويا آهيون. ذري ذري تي ڪاوڙ..." بختاور پريشاني وچان ڳالهايو.

"بس، امان! ڇڏينس، پاڻهي موتي ايندو."

شام جو سج لڙيو ته بختاور عثمان کي ساڻ ڪري وڏيري جعفر خان جي گهر وئي. وڏيري به کين ڪيڪاري ويهڻ جو چيو.

"ادي بختاور! خير جو اچڻ ٿيو؟"

"هائو ادا! مڙئي خير آهي. توکي ته خبر آهي ته عثمان ڪيترا سال اکين کان اوجهل رهيو. جمعون به اڏمغزي ڪڏهن جيل ته ڪڏهن ريل ۾."

"هائو ادي! سو ته آهي."

"ادا! گهر به اڪيلو هاڻي ڪائڻ ٿو اچي. منهنجي به حياتي الائي ڪيتري؟ اکين سان پٽ جا هٿ ڳاڙها ڏسان ته دل خوش ٿي وڃي، پوءِ جي وياسين ته ميار ناهي."

"ادي! الله کان خير گهر! هرون پرون چو پئي دل هارين. جيترا ڏينهن زندگيءَ جا چوٽا هوندا مرنديئين کونہ. باقي رهي ڳالهہ عثمان جي ته ادي! جيئن چئو تيئن ڪنداسين."

"ادا! تنهنجو ٿورو. هو جمعي واروياڻ آهي نہ فتو....."

"هائو ادي! سمجهي ويس. ادي منهنجيون اکيون ٽڏيون."

"بس ادا! پوءِ جي موڪل ڏين ته سياڻي ادي جادل کي وٺي فتو جي گهر وڃان. ڪو واءُ سواءُ لهي اچون."

وڏيري جي چپن تي هلڪي مرڪ تري آئي.

"هائو ادي، چونہ! مون واري مائي جادل آهي ته تيرهن تالي. شام صبح تال ڪندي وتي هر ڪنهن سان. سو خالي هٿين ڪونہ موٽندي" هن پوڳ واري انداز ۾ چيو ته بختاور به ساڳئي انداز ۾ جواب ڏنو.

"هائو ادا! آهي وڏي ڏوتي. پر انهيءَ ڪم لاءِ اهڙيون ڏوتيون ڪين. نڱڙيون ٻڌيو هٿ گهمايو ڪم ڪيو اچن."

وڏيري جي گهر واري جادل جُوَر جي ماني، ناپي ۾ رڌل رتڙي پلاءَ، مڇيءَ جو ٻوڙ ڪير جا ٻہ وتا اچي سندن اڳيان رکندي ڪڙڪيدار آواز ڪيو.

"هائو! پلي گلائون ڪريو."

وڏيري، جادل جي ڳالهہ کي نظر انداز ڪندي ٻڙڪ ڪيو.

"ادي! بسم الله ڪريو. ڇڏ جادل جي خبرن کي باقي صبح جو سڄ نڪتو ته ڏسنداسين."

"هائو ادا! الله جهجهو ڪري ڏيئي."

صبح جي سڄ نڪرڻ ساڻ مائي جادل بہ ٽڪاءَ ڪري اچي بختاور جي گهر پهتي. پهريئين ته هيڏانهن هوڏانهن جون اوپاريون لهواريون خبرون پاڻ ۾ ڪرڻ لڳيون. پوءِ نيٺ اچي پڙ تي پهتيون:

"ادي جادل! پوءِ هاڻي وارو ڪجاڻ، ڳالهه ته سمجهي وئين نہ؟"

"هائو ادي بختاور! سورهن آنا سمجهي ويس."

"بس پوءِ سجهندي نڪرون، پنڌ بہ پري آهي. وري واپس بہ اڇٽو آهي."

"هائو ادي! رستي ۾ راڄان بہ ڪٽي ڪٽي بگهڙن جو خطرو آهي، ڪڏهن ڪڏهن نياڳا گدڙ بہ چتا ٿيو پون. سو سڄ ٻيڻي واپس ته ورٽو آهي."

"بس پوءِ ڪر، بسم الله!" بختاور مائي جادل مکڙ. لسي. اڦراتن سان نيرن ڪري، پرئي پيٽ فتوءَ جي ڳوٺ پلهن جي دڙي پهتيون. جيڪو جعفر جي ڳوٺ کان ٻہ چار ڪوهه اتر جهنگ جي وچ تي دڙي تي آباد هو. جيتوڻيڪ هاڻي ڳڀلن جا اهي ڀيرا نہ رهيا هئا، تنهن هوندي بہ چار ڪن، چار اکيون ڪري واٽ تان پيدل گذربو هئو.

انگريز سرڪار پاران مڪي جهنگ ۾ ڏنڊ سڪائڻ کان پوءِ ڳڀل اها جوءِ چڏي ويا. ڪجهه اتر ناري واري پاسي هليا ويا. ڪجهه ڏکڻ اوير اچڙي ٽر ڏي ڀڄي ويا ۽ ڪجهه سرڪاري گولين جو ڪاڄ بنجي ويا. تنهن هوندي بہ ناري واري پاسي مصريءَ جو ٽولو وارداتن ۾ مشهور ٿيو. پر ان ٽولي ڪڏهن بہ جعفر جي ڳوٺ واري پاسي منهن نہ ڪيو. ہ تي دفعا سرڪاري فورس وڏيري جعفر وٽ آئي ته مصري حاضر ڪري، پر ڳالهه وڏيري کان چڙهيل هئي. پهرئين ته پوليس سمجهيو ته وڏيرو پنهنجي تي ڪک پيو رکي. پر پوءِ جانچ رپورٽن ملڻ کان پوءِ وري وڏيري تي زور نہ رکيو. ڪين اهي رپورٽون مليون ته ٽولي جو سردار مصري جعفر جي ڳوٺ وارو نہ پر ڪوهيو آهي.

ٻئي ڇٽيون ٻيڻي سڄ تائين فتوءَ جي گهر پهچي ويون. ياڳل سان ٻئي هٿ هڻن ۾ ڏئي، گهٽيءَ تي مليون. گهر ۾ اندر ويون ته فتوءَ بہ ڪين ڪيڪار ڪئي.

"ماسي! يلي ڪري آيون."

فتو ٻنهي جي مٿي تي هٿ رکندي، هٿ ڏنو.

"ابا! ٻلائي هجنئي."

ٻنهي کيڪار جو جواب ڏنو. ٽئي گڏجي اچي هيٺ وڇايل تنئوري تي ويٺا.

"ياڳل ڏيءَ! ماسي وارن لاءِ ماني تہ تيار ڪر."

"نہ، ابا، فتو! مڙئي خير آهي."

"نہ، ماسي! ايترو پري کان آيون آهيو. سوائين ٿوري ڇڏبو."

ٽئي ڇڻا ٻنهي ڳوٺن جي راڄن ياڳن جي ڳالهين ۾ ڪاهي پيا. هيءَ خبر، هوءَ خبر..... نيٺ مائي جادل کي ٻہ موقعو هٿ اچي ويو.

"ابا، فتو! توکي تہ خبر آهي، ماٺهين، منهنجي ۽ ادي بختاور جي ساهيڙي هئي. جوانيءَ ۾ ٻہ اسين گڏ مال چاريندیون هيوسين. پوءِ ماٺهي ويچاري تہ الله کي پياري ٿي وئي، پر اڄان جيءَ جو رشتو تہ ٽٽو ڪونهي...." ماسي جادل ڇهري کي غمگين ڪندي ڏيمي لهجي ۾ چيو.

"هائو ماسي!" فتوءَ ٽڏو ساهہ ڀريندي چيو.

"پر هاڻي وري قدرت گڏجڻ جو موقعو ڏنو آهي. جي تون...."

"ماسي! تنهنجي ڳالهہ سمجهيس ڪونہ."

"ابا، فتو! جنهن وٽ نياڻي هوندي آهي نہ، هر ڪنهن جون اکيون اُن ۾ هونديون آهن. هونئن ٻہ نياڻيون ويچاريون مهمان هونديون آهن. هڪڙي ڏينهن تہ پنهنجو گهر وساڻڻو اٽن."

"هائو ماسي! سو تہ آهي." هن حيرت مان ورندي ڏني.

"پٽ! ادي بختاور ٻہ تنهنجي ماءُ جي جاءِ تي آهي، جمعي جي ماءُ، معني تنهنجي ماءُ."

"هائو هائو....."

"ادي بختاور توڏي هلي آئي آهي. توکي خبر آهي تہ عثمان ٻہ جوان ٿي ويو آهي، ماني مڇي وارو ٻہ آهي. جنهن جي نياڻي ان گهر ۾ وئي، سکيو ٽڪر ڪائيندي ٻيو تہ ادي بختاور ٻہ هاڻي زندگيءَ جي پونئين پاڇن ۾ وڃي پئي، سو هاڻي گهر ڪائڻ ٿو اچيس. ڇئي ٿي جيئري ئي پٽ

جون لائون لهي وڃان تہ دل ۾ باقي کا خواهش ڪونہ رهندي، اها خوشي بہ اکين سان ڏسان."

"هائو ماسي! ماسي بختاور بہ گهٽئي ڏورٽا ڏنا."

"پٽ! جي تنهنجيون اکيون ٺڏيون هجن تہ پوءِ اها مٽي ڪجي؟"

فتو بہ منٽ سوچ ۾ پئجي ويو. پهريان پاڳل ڏي ڏنائين. پريان چلهہ تي ويٺل پاڳل جي ڪنن تي بہ انهن جي لفظن جي ڪڙڪ پئجي وئي. پاڳل مرڪندي ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. سمجهڻ لاءِ ڪي اشارا ڪافي هوندا آهن. سو فتو بہ نيٺ هائوڪار ڪئي.

"ماسي، پاڳل، جي منهنجي ڏيءَ آهي تہ جهڙي ماسي بختاور جي ڏيءُ آهي. اسان جون اکيون ٺڏيون."

"ابا، تنهنجا لک ٺورا! الله ڪندو رهجي ايندي" بختاور، فتوءَ جي مٽي تي هٿ رکيو تہ ٺوري دير لاءِ فتوءَ جي اکين جا بند ٽٽي پيا.

ٽنهي هڪٻئي کي مبارڪون ڏنيون ۽ مگٽي جي تاريخ طئي ڪئي. آخرڪار ٻنهي ڄڻين ماني ٽڪي کائي، موڪلائي ساڳيو پيرن تي پنڌ رکيو. شام جو خوشخبري اچي عثمان کي ڏني. ائين جادل جي ترڪتالن ڪجهہ گهڙين اندر ان خبر کي ڳوٺ جي ٻئي ڪنڊ تائين پهچائي ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن بختاور جي گهر تي ماين ۽ اگٽ تي ڪهرن جا ٽولا لٽل هئا. هر ڪنهن ڪيس مبارڪ پئي ڏني ۽ وڏيري جادل مستيءَ مان هر ڪنهن جو وات منو پئي ڪيو. نيٺ مگٽي جي ڏينهن جو اعلان مائي جادل ڪيو.

"ادي! مٽئين هفتي، جمعي جي سدوري ڏينهن اوهان سيني کي پوتيءَ جي دعوت هجي."

باقي آسپاس جي راڄ جي دعوت لاءِ ڪير ڏاتو مگٽهار جي ذمي ٽيو. جتان ڪٽان ٽهڪن سان گڏ خوشيءَ جا لفظ بہ نڪتا. ان کان پوءِ خانداني مگٽهار ڏاتو بہ دهل تي ہ ڏونڪا هنيا تہ ماين بہ ڳل تي هٿ رکي الله توهار ڪئي. بختاور، مائي جادل کي ٺورو پريرو سڏي ڪن ۾ ڪجهہ چوڻ لڳي.

"ادي، جادل! مئن پڳلن جي ڪا خبر ڪونهي. پنهنجي ڳوٺ سان تہ پراٽو ويرِ اٽن. جيڪي بہ چار اڙيا ٽڙيا بچيا آهن، سي بہ وڏا ظالم آهن. چون

تا پوئين هفتي نارو واهہ پار کا ڄڃ پئي وئي، ان تي بہ حملو ڪري ڇڏيئون. انهن تي ڪهڙو پروسوا!"

"ادي، بختاور! اهي نياڳا هنن پٽن تان ئي پڄي ويا. نہ ڪي هاٿي جهنگ بہ اهڙو بچيو آهي، جو اچي هتي لکن. ويڄي ايڏهين ڏوڙ پائين. پنهنجو ڄاڻ! باقي هتي جو ڪتڪو نہ ڪر. بہ چار مرد بہ بندوقن سان وٺي هلنداسين."

"چڱو ادي! جي تون چئين ٿي تہ صحيح هوندو. ادي! مونکي سر جي پرواهہ ناهي، پر پيٽ ڄائو آهي. پيٽ ڄاون جا ڏک ڏاڍا ڏکيا هوندا آهن."

مڱٽي واري ڏينهن راڄ جي ماين اچي بختاور جي گهر تي ميڙو مچايو. ننڍا وڏا هار بہ اکين ۾ سرما پائي، وارن ۾ تيل لڳائي اچي گڏ ٿيا. جڏهن سڀ مايون اچي گڏ ٿيون تہ تولين جي شڪل ۾ ڊڀي گاڏين ۾ ويٺيون. سڀ کان اڳيان ويٺل مائيءَ جي پوتيءَ جي هڙ ۾ مستيءَ جي مٺائي ٻڌل، ٻئي پلئہ ۾ ڏونگهي، نئين پوتي، مصري ۽ 100 روپيہ ٻڌل، جيڪي ڪنوار لاءِ هٿا. سيئي مايون ڳائيندڙيون، وڄائيندڙيون، ڊڀي گاڏين ۾ چڙهي پلهن جي دڙي روانيون ٿيون.

"دهري جوڙايم جيڏيون ڙي.... منهنجون الله ۾ اميدون... منهنجو رسول ۾ اميدون. الله اميدون پوريون ڪندو...."

ہن ڊڀي گاڏين ۾ بختاور، وڏيري جي زال جادل ۽ پاسي کان حشريون هٽندڙ ٻار، ٽين ڊڀي گاڏيءَ ۾ بہ چار ڳوٺ جا همراهہ بندوقن سان. نيٺ قافلو فتوءَ جي گهر پهتو تہ اتي جي ڳوٺ جون مايون بہ اچي گڏ ٿيون. پهرئين اندر گهر جي ڪنڊ ۾ سهيلين سان ويٺل الهندي مهڙ ڪيل پاڳل کي پوتي اوڍائي، ان جي پلئہ ۾ مصري، ڏونگهي ۽ 100 روپيہ ٻڌا. ڪير منڊي ساڄي هٿ جي ننڍي آڱر ۽ ويڙهہ منڊي ڏسٽي آڱر ۾ پارائي. ان کان پوءِ هر پاسي مبارڪون، ڳالهيون ۽ ٺهڪ وکرجندا ويا. اتان واندي ٿي ٻاهر اچي جادل اڳڻ تي ويٺل ماين ۽ ٻارن ۾ مستي مٺائي ورهائي. ڪجهہ ماين بہ ٿي ڳيچ ڳايا. ان کان پوءِ بچيل مٺائي ڇڏي قافلو واپس روانو ٿيو.

20

جيئن جيئن سرڪاري ڪچهري جو ڏينهن ويجهو ايندو ويو. تيئن تيئن مقامي ماڻهن جي من ۾ هورا ڪورا وڌندي وئي. اڳ ۾ ئي واهه جي ساڃي پاسي وارو جهنگ سڪڙ لڳو هو. مٽان وري ٻنين جي ڪٽت واري معاملي ڪين ٻه دليو ڪري ڇڏيو. ڪنهن جي دل ۾ ڪهڙا انومان ته ڪو ڪهڙي وهم ۾ ورتل هو. سندن صدين کان روزيءَ جا ذريعا مال پالڻ ۽ مڇي مارڻ هاڻي مانا ٿيندا ويا. هنن ڪڏهن ائين سوچيو ٻه نه هو ته ابن ڏاڏن کان موجود هيءَ سائي ستابي جوءِ ائين بي يار و مددگار ۽ ڀڙ يانگ ٿي ويندي.

سو هڪڙي زبان مان ڳالهه ٻي تائين، هڪڙي ڪن کان ٻئي ڪن تائين هوا ۾ اڏامندڙ سڙيل پنن وانگر پکڙجندي وئي. معاشي ۽ سماجي طور آزاد هنن ماڻهن کي مستقبل جي ان لقاءَ جو اندازو ئي نه هو ته اڳتي چا ٿيڻ وارو آهي. پيٽ ڀاون، ماني مڇي وارن هنن ماڻهن جي معاشي آزادين کي ائين قيد ڪيو ويندو شايد هنن ماڻهن جي وهم و گمان ۾ ٻه نه هو. مرد ته مرد پر مايون ٻه اڻندي ويهندي، واٽ ويندي ان جهنگ جي زوال تي لڙڪ لاڙيندیون رهيون. گڏوگڏ ڪين اڻ ڄاتل خوف ٻه وکوڙي ويو ته جي هي چراگاهون ۽ ڍنڍ بنهين سڪي ٽوٽ ٿي ويون ته هو ڪيڏانهن ويندا، ڪٿي دربدر ٿيندا؟ هنن ته ڪڏهن هجر تن جو درد ٻه نه سٹو هو سي هاڻي ڏکارا هئا. نيٽ پوري جهنگ جي ماڻهن اهو فيصلو ڪيو ته تر ۾ وڏيرو جعفر خان سمجهدار ۽ هلندي پڇندي وارو ماڻهو آهي، ان کي ئي ڪل هوندي ته چا ڀيو

ٿئي، ۽ چا ڪرڻ ڪيي؟ سو سرڪاري ڪچهري ڪان هڪڙو ڏينهن اڳ وڏيري جعفر خان جي اوطاق تي سڀ اچي گڏ ٿيا. ننڍا وڏا، ڪچا پڪا سڀ پلٽي هڻي اچي ويٺا. فتو جمعون ۽ عثمان به ان ۾ شريڪ ٿيا. نيٺ ڳالهيون پڙڪا ڪائڻ لڳيون.

"وڏيرا سائين! توکي ته خبر آهي، اسين هتي ڇو گڏ ٿيا آهيون؟ تون ڏيٺ ويٺ وارو آهين. سرڪار سان به تنهنجي اٺ ويهه چگي آهي. نيٺ چا ڪجي؟" سڀ کان پهرئين فتوءَ جي اندر مان بي وسي جڙ اڀرڻ ڏئي نڪتي.

"بابا! ڳالهه ٻڌو جنهن جهنگ پنهنجو صدين کان سات ڏنو سو هاڻي پاڻ بي وس بنجي ويو آهي. جيڪي پنهنجي اڳڙ تي تتر، گدڙ اچي نڪرندا هئا، مچي، ماکي، پکي سڀ موڪلائين پيا. سرڪار سان مٿو ڪير هڻي! سو جنهن جي دل جيڪو چئي، ائين ڪري. پاڻ کان ڳالهه زور آهي. باقي هيءَ زمين جاڻي، سرڪار جاڻي."

"پر وڏيرا! جنهن مٽيءَ مان پاڻ ڳوهجي نڪتا آهيون، جتي پنهنجي ابن ڏاڏن جون هڏيون سڙي مٽيءَ سان ملي ويون هجن، جنهن مٽيءَ پاڻ کي هميشه پيار ۽ پناهه ڏني هجي، ان جي مالڪي به نه ڪريون؟" هڪ نوجوان جذباتي ٿي ويو.

"پر بابا! ٻيو ڀلا چا ڪندئو؟ مٿو ته ڪونه ڦاڙيندئو. سپاٽي ڪليڪٽر صاحب جي ڪچهري آهي، هلي پڪاريو. من کو داد ٿئي."

"پر سائين! جي سرڪار گهرايو آهي ته هلبو. ڀلا جي ٻنيون ٿي ڏئي ته وڃبيون، پنهنجو ننگ ٽوري ڇڏبو."

"واهه ادا عثمان، واهه! توکي ڪهڙي خبر؟ تو ته سدائين ٻاهر جا ڏکا ڏاڍا ڪاڏا. پر اسان کان پڇيو اٿئي. اڙي بابي جي نشاني ٽيهاڻ مان ڪيڏيون پنهنجون مينهون ٿيون آهن. پٽاري سڄي عمر ڏهرايو کارايو پاڻ کي، ان جو هاڻي چا ٿيندو؟ تون چئين ٿو ته انهن کي به گهر مان ڪيون. پاڻ کان سواءِ پاڻگيا کهڙا!"

جمعي، عثمان کي ٽورو ڪاوڙ مان ٽوڪيو. عثمان کي ڪنهن نه ڪنهن موقعي تي ڳوٽ جو ڪونه ڪو ماڻهو ٻاهر رهڻ جو مهڻو ڏيندو هوته

عثمان چڙي پوندو هو. هر ماڻهو جي واتان ساڳي ڳالهه ٻڌي ڪن ئي پڇي پيا هئس. پر بختاور يا وڏيرو جعفر وچ ۾ پئي ڳالهه ٽاري ڇڏيندا هئا. ان وقت اهو فيصلو ٿيو ته صبح جو ڪليڪٽر جي ڪچهري ۾ هلبو. پوءِ ڏسبو جيڪي ٿيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير مکي جهنگ جا ماڻهو تيل ڪليل هٽي، ضلعي جي ڪچهري آفيس پهتا. بختاور به ساڻن گڏ هئي. ڪجهه دير کان پوءِ ڪليڪٽر، ڊپٽي ڪليڪٽر، صاحب بهادر (مختيارڪار) ۽ ٻيا ڪارندا، وڏي دروازي مان ٽپي اندر ڪمري ۾ داخل ٿيا ته سڀ سندن احترام ۾ اٿي بيٺا. جڏهن صاحب ڪرسين تي ويٺا ته سڀ ويهي رهيا. پهرئين ڪليڪٽر رعبدار لهجي ۾ ڳالهايو.

"سيني کي سلام! توهان کي خبر آهي ته سرڪار توهان جي علاقي کي آباد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان لاءِ به ٻيا واهه به ڪيڻا آهن. اوهان جي علاقي ۾ فصل ٿيندا ته خوراڪ جي کوٽ به ڪانه ٿيندي. اوهان سڀ ماڻو به ڪمائيندؤ. ان ڪري هنن زمينن تي پهريون حق اوهان جو آهي. جيڪو زمين جو ٽڪرو جنهن جي گهر جي مهاڳي يا جوءِ ۾ آهي، اهو حق انهيءَ کي ڏنو ويندو. ڪجهه زمين سرڪار جي وفادارن، خانصاحبن ۽ خانبهادرن لاءِ مخصوص ڪئي وئي آهي. اهي اسان جا نسلن کان وٺي وفادار رهيا آهن. ان ڪري سرڪار انهن لاءِ مان ۽ مرتبي طور دربار ۾ ڪرسيون به مخصوص ڪيون آهن. توهان کي خبر آهي ته سال ۾ ڪين هڪڙو سفيد وڳو به عطا ڪيو ويندو آهي. انهن معتبر ماڻهن جو به خيال رکڻو آهي. سو اوهين به زمينون آباد ڪندا ته خوشحال ٿي ويندا. ان مقصد لاءِ آئون پاڻ هتي آيو آهيان. جنهن کي جيڪو ٽڪرو گهرجي سو مختيارڪار وٽ لکرائي. صاحب بهادر پاڻ سرزمين هلي ڏسندو. ان کي زمين به ڏينداسين، پاڻي به ڏينداسين ته جيئن هو آبادي ڪري. وڏيڪ توهان جي مهرباني."

ڪليڪٽر اجان ڳالهه مس ختم ڪئي ته جمعون ٽهڪي اٿيو.

"واهه، صاحب، واهه! اسان ته گوري صاحب جو انصاف ٻڌو هئو ته شينهن ۽ ٻڪري ساڳئي گهيڙ تان پاڻي ٽا پيون. پر صاحب! اڄ خبر پئجي

وئي. اوهان تہ هتي اسان جي زمين جو سودو ڪرڻ آيا آهيو. ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ آيا آهيو. جيڪا زمين اسان سيني جو گڏيل سڪ آهي. صاحب! زمين بہ اسان جي، ٿورو بہ ابتو اسان تي. اهو ڪٽان جو انصاف آهي؟ اسان کان، اسان جي ٻارن ٻچن کان پڇيو اٿوَ. اوهان تہ اسان کان هڙ ڪسي ڇڏي. اسان جي گهرن ۾ ڪهرام آهي. اسان جنهن جهنگ ۾ مال کي ٻچن وانگر گڏجي پاليو اهو تہ کسي ڇڏيو اٿو....!"

ايتري ۾ بختاور کيس آڏر سان چپ رهڻ جو اشارو ڪيو.

وڏيري جعفر خان وچ ۾ پئي، جمعي کي چڙٻ ڏني.

"جمعا! ڪجهہ خيال ڪر. صاحب پنهنجي تر ۾ آيو آهي. ائين ڪونهي ڳالهائبو. دل جي دل ۾."

"هائو وڏيرا! تنهنجي مرضي، باقي آهي ڪارو ناحق."

"وڏيرا! ڪا ڳالهہ ناهي، ڳالهائڻ ڏي جينٽلمين کي. هن جو حق آهي، جيڪو وٽيس چئي. ٺيڪ آهي جينٽلمين! هينئر نہ تہ اڳتي هلي توکي منهنجي ڳالهہ ضرور ياد ايندي."

جمعي بہ پوتڙو چنڊي ڪلهي تي رکي الله واهي ڪئي. ان کان پوءِ ٻين جو وارو آيو تہ انهن بہ زمينون وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

"صاحب! مونکي ئٽين واهہ جي ٻر سان ڪو ٽڪرو ڏيو تہ مال جو سَنو ٿي پوي."

"صاحب! مونکي قلاٽي مڇي واري کڏ ڏي تہ ٻچن لاءِ ٻيٽ گذر ٻيو ڪندس."

ڪنهن بہ زمين جي نہ گهر ڪئي، ايستائين جو وڏيري جعفر بہ مال لاءِ واهہ واري چراگاهہ گهري. سواءِ بختاور جي، جنهن ٻني جي ڪٽت لاءِ عرض ڪيو. بختاور زماني جي عورت هئي، هن ننڊپٽ ۾ پنهنجي پيءُ کان زماني جا ڪئين لاها چاڙها ٻڌا هئا. سندس وڏڻ جي دربدر ٿيڻ، غربت، لڏ پلاڻ، ڏڪار، موسمي آفتن جي باري ۾. تنهن ڪري اڻ پڙهيل هوندي بہ سندس ذهن چٽو هئو. ڳوٺ جا ڪئين ننڊڙا ننڊڙا مامرا بہ هن وٽ حل ٿيندا هئا، پر جي سندس دال نہ ڳرندي هئي تہ پوءِ وڏيري جعفر خان وٽ وڃبو هو. هن پنهنجي من ۾ يادگيرين ۾ گذرندڙ وقت جي وارتائن جي هڙ ويڙهي ٻڌي رکي هئي. ان دل جي سوجهري تي هو ايندڙ وقت جو شعور رکندي هئي.

جڏهن ڪچهري برخاست ٿي تہ هرڪو مڇ چنبڙي اٿيو. مائي بختاور بہ زمين الاٽ ڪرائڻ کان پوءِ گهر جو رخ رکيو. واپسيءَ ۾ ڳوٺاڻن جي پنڌ ڪندڙ ٽولن ۾ هر ڪنهن وٽ پنهنجا خدشا ۽ مستقبل جي منصوبہ بندي هئي. ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيندي ڪن تہ ڪن ۾ سُس پُس ڪندي بختاور تي ڪلون پئي ڪيون.

"پوڙهي جو هن عمر ۾ اڇي مٿو ڏريو آهي. ڏگري لٽي اٿس، پڇيس نٿهي زمين کي چيلهہ سان ٻڌندي چا؟"

"هائو ياٿو! بس ويچاري پوڙهي ماڻهوءَ تي ڪهڙي ميار! وڏيرو هيڏو سياڻو ٻياڻو تنهن بہ زمين نہ ورتي. باقي پوڙهي کي الئي ڪهڙي سجهي؟"

ٽورو پريرو ٻيو ٽولو بہ واهہ جي ڪناري تان پاڻي پيئڻ کان پوءِ ڪجهہ گهڙين لاءِ نم هينيان ساهي ڪڍندي خبرن چارن ۾ لڳي ويو.

"سوٽ! پوڙهي بختاور وڏي ذهين مائي اٿئي. پوءِ بہ الئہ ڇو زمين جوتڪرو ورتائين؟ اسان کي پنهنجي مال ڀٽاري جو ڪٽڪو پوڙهي کي پرواهہ بہ ڪونهي."

"بس سوٽ! ويچاري جهونو جهاز آهي. ڪيس تي ڪهڙي ميار؟"

ائين شام جو هرڪنهن پنهنجي گهر ۾ چلهہ جي باهہ تي ڪچهري جون خبرون چارون پنهنجي گهر ياتين کي ٻڌايون، پر وري بہ هر گهر ۾ وڏ ڏکر بختاور جو هئو.

عثمان ڪجهہ ڏينهن ڳوٺ رهڻ کان پوءِ واپس ڪم تي روانو ٿيو. پر سندس دل ڪم ۾ نہ لڳي. هن کي هاڻي خوابن خيالن ۾ ڳوٺ جا ماڻهو ۽ ماٽس بختاور ياد اچڻ لڳا. جنهن هاڻي پيريءَ جو پنڌ تيزي سان طئي پئي ڪيو.

وقت گذرڻ سان گڏ نون واهن ٺهڻ کان پوءِ جڏهن مکي جهنگ جو پچڑيءَ وارو پاسو سڪي چڪو هئو تہ اوچتو ئي اوچتو جالنڌر، گرداسپور وغيره مان آيل اهي ڏاريا ماڻهو بہ ان جوءِ ۾ ديرو جمائڻ لڳا. جيڪي زراعت ۽ باغباني جا ماهر هئا. ٻيا وري بچاءَ وارن ادارن جا رٽائر نوڪر هئا. ميرا ڪپڙا، پوريون مچون، اڪثر اڏ گنج، ماين کي رنگ برنگي ڪپڙا تہ ڪن کي ڪپڙي جي ڳوڏ ٻڌل. مردن کي اڇي ڪپڙي جي گوڏ. ڪلهن تي ماين واري پوتي، اوپري ٻولي. پيشاب رستي جي پرسان ڪندا هئا تہ اتان

لنگھندڙ مقامي ماڻھو توبھن توبھن ڪري نڪرندا ھئا. انھن مان ڪو ڪير يا مڪڙ، لسي ڀُوڻن مان وڻڻ ايندو ھئو تہ ان کي چونري تار سان ٻڌي ھئي، جو ويچارا مھمان ھئا. ڪي گاري جا ڪچا گھر يا اوڏڪيون پتيون ناھي چڪ ڏي اچي وينا. انھن چڪن ۾ انگريزن نمبرداري نظام متعارف ڪرايو. جنھن ۾ ان چڪ جي نمبردار کي ٻين وانگر زمينون الاٽ ڪرڻ سان گڏوگڏ سورنھن ايڪڙ صرف جھنگ رکڻ لاءِ ڏنا ويندا ھئا ۽ ڪيس گھوڙي ڏني ويندي ھئي. جنھن جي پالڻ لاءِ زمين جا 32 ايڪڙ بہ ملندا ھئا تہ جيئن ان مان پيدا ٿيندڙ وڇيرا وڏا ڪري سرڪار جي فوج کي ڏجن. بعد ۾ ڪي ٻنيءَ جي ٽڪرن جي وچ ۾ الڳ الڳ ديرا اڏي وينا. پھرئين چڊي پاڊي رھيل جھنگ کي صاف ڪرڻ ۾ لڳي ويا. پوءِ وري واريءَ جا وڏا ڏڙا صاف ڪندا ويا. سرڪاري بلڊوزرن بہ ھڻ ھٽان لائي ڏني. ھتي جي مقامي ماڻھن جا وات پٽجي ويا. رڳو بہ ٽي ڪي ڏڙا رھجي ويا. جتي مقامي ماڻھو اڃان تائين وينل ھئا. ان کان پوءِ جيڪو بہ مقامي ماڻھو بچاءَ بند ٽپي ان جھنگ ڏانھن ويندو ھو تہ اکين جا لڙڪ روکي نہ سگھندو ھو. اباڻا، ڏاڏاڻا پڊ، ھڏو ھيڏو حال، ملڪ ڇڏ ڪائڻ لڳو.

آھستي آھستي ڏنڊ ۽ جھنگ جي پيداوار وڏا وڻ، ساوا گاھ، مني ماکي، ذائقي دار مڇي، تر جو سائو گھاٽو گاھ، پکين جون قطارون، بگھڙن جا ٽولا، گدڙن جو اوناڙون، واڳن جو قوڪون، لڏڻن جون لاھالين، بھ، پيڙ جون ٽڪيون، ناپي ۾ رتڙي چانورن جو پلاءُ، آني، ٻوري، وھ سيءَ اڻ لپ ٽيندا ويا. ھاڻي رڳو مصالحہ ھئا، چانھ ھئي. ٻاھران زمينون آباد ڪرڻ لاءِ آيلن جو رنگ مقامي ماڻھن تي بہ غالب ٽيندو ويو. جڏھن مال بک مرڻ لڳو تہ ڪجھ ماڻھو ڳري دل سان، ھتان جا پٽ ڇڏي وڃي ناري واھ جي پرئين پرڪاپي پاسي وينا تہ ڪن بک سوران پنھنجو مال وڪڻي پيٽ پاڻ جي ڪئي. ڪن وري گھوڙن تي ٽپڙ ٻڌي، وڃي پرئين پر ڏنڊن جي ڪنارن تي پکا اڏيا. رڳو جعفر جو ڳوٺ نہ پر ٻيا بہ اوڙي پاڙي جا ڳوٺ موتي جي ھار وانگر وکرجي ويا. تنھن ھوندي بہ ڪجھ گھر اڃان تائين موجود ھئا. ملڪ ۾ ھر ۽ تر منھن ڪڍيو تہ ھتان جي ڪجھ خاندانن بہ زراعت واري پاسي زور رکيو. بختاور پنھنجي زمين جي اڌ ٽڪري تي وڏي ٻہرن جي ھڙھي پوکائي ڇڏي.

جتي جمعون پنهنجي مال جو ڏڻ روز چارڻ ويندو هو. باقي ان تي فصل پوکڻ شروع ڪيائين. آهستي آهستي تر ۾ پهرئين ڪاڇن، مڪئي، ڪڪڙ ۽ باجهري جي فصل منهن ڪڍيو. متيءَ جي گاري سان ٿهيل پلين ۾ هارهوئي مهينن جا داڻا گڏ ڪري رکيا هئا. اڳتي هلي جڏهن ٻيا ناڻي وارا فصل پوکجڻ لڳا تہ پئسو بہ تر ۾ ڪاهي پيو. جن وٽ زمينون هيون، انهن پڪيون جايون ٿهرايون، باقي مقامي ماڻهن جو گذارو اڃان تائين ڪچين سِرن، گاري ۽ ڪڪن سرن سان ٿهيل گهرن تي هئو. مال گهٽجڻ لڳو تہ ڪير، مڪڙ ۽ لسيءَ جو واهپو بہ گهٽجي ويو.

ان دوران جعفر جي ڳوٺ جي پرسان لنگهندڙ رستي تي ٻہ ڪچا دڪان ٻہ ٿهيا. انهن ۾ هڪڙو ريزڪي وکر جو ٻيو چانهہ جو هوٽل. ريزڪي دڪان گرني واڻيي جو هو جيڪو ٽلهو متارو هر وقت اڪين تي ٽلها کوپا چاڙهيو گراهڪ جي انتظار ۾ هوندو هئو. هو صدين کان هن ڌرتيءَ سان واڳيل هو سندس وڏا ٻہ هتي دفن ٿيل هئا. هن سان گڏ ٻہ چار ٻيا گهر ٻہ واڻين جا هن ڳوٺ ۾ آباد هئا. هوٽل وري ڳوٺ جي ٻئي همراهہ علڻ جو هوندو هئو جيڪو وڏيري جعفر جو مائٽ هو. آهستي آهستي جڏهن ڳوٺ ۽ تر جا ماڻهو چانهہ تي هريا تہ اهو هوٽل سندن ٽڪاڻو بنجي ويو. علڻ ملڪ جون خبرون چارون ٻڌڻ لاءِ وڏو ريڊيو ٻہ رکيو. جنهن تان خبرن جي نشر ٿيڻ وقت ڪٿين جهونا ڪن لڳائي ويهندا هئا. پلا جي ڪنهن پيدل، اٺ يا گهوڙي تي سوار مسافر جو گذر ٿيندو هئو تہ اهي ٻہ هتي اچي ساهي پٽيندا هئا. ائين جيڪي ترجون خبرون مهينن ۾ پوندیون هيون، سي هاڻي هڪٻئي کي ڏينهن ۾ پئجڻ لڳيون. جڏهن تہ دنيا جهان جون خبرون وري ريڊيو ٻڌائيندو هيو. انهن خبرن تي تبصرا شروع ٿي ويندا هئا. هرڪو پنهنجي عقل مطابق ڏوڙ ڪندو هئو. وڏيري جعفر ٻہ مالي تنگدستي ۽ اوطاق اجڙڻ جي ڪري هتي اچڻ شروع ڪيو. ڪنهن وقت وڏيري جي بلي بلي هوندي هئي، پر هاڻي ڪو جاءِ ڏيڻ لاءِ ٻہ راضي نہ هو. جمعون ۽ فتو تہ اڳ ئي ڪچهري جا ڪوڏيا هئا، سو سيڙجي ٻہ هتي اچي ديرو جمائيندا هئا. جمعي جو تہ روز جو معمول هئو. جڏهن تہ فتو ٻہ هفتي ٻئي پنڊ ڪيي ايندو هئو. ڳوٺ ۾ ڪجهہ موسيقي جي شاهہ شوقينن وٽ پراڻا فونا موجود هئا. جن ۾ ماسٽر چندر

ڪنور پڱت، بيبو خان، مائي جيوٽي، سونا خان بلوچ، خيرو خان ۽ خانصاحب بڙي غلام علي خان جا راڳ ٻڌا هئا. تنهن هوندي به عام ماڻهن جي سڪ اهو ريڊيو لاهيندو هو. سيلون اسٽيشن تان نشر ٿيندڙ گانا، آڪاش واڻي تان سنڌي ڪلام، ان ڪري هوٽل تي هر وقت ميلا متل هوندا هئا، خاص ڪري ملڪ ۾ هلندڙ تازن فسادن ۽ لڏپلاڻ وارين خبرن کي غور سان ٻڌندا هئا. "اڄ ڪلاڻي جاءِ تي فوج ۽ پوليس مظاهرين تي ڳوڙها آڻيندڙ گئس جو استعمال ڪيو. گوليون هليون. اڄ ڪلاڻي شهر ۾ حڪومت خلاف احتجاج، مظاهرا، مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي اڳواڻن جي گورن حڪمرانن سان گڏجاڻي." پوري ملڪ کي جڙ باهه لڳي چڪي هئي. ماڻهن جي اندر ۾ هرندڙ ڪاوڙ سول نافرماني جي تحريڪ ۾ بدلجي چڪي هئي.

جعفر جي ڳوٺ جا ماڻهو روز غور سان اهي خبرون ٻڌندا هئا. تان جو هڪڙي ڏينهن ان ريڊيئي تان اعلان ٿيو ته گورن هن ملڪ کي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جنهن تي سيني ۾ سرهائي جي لهر ڊوڙي وئي. ان ڏينهن اها خبر ٻڌي هوٽل تي ويٺل سيني تاڙيون وڄايون ۽ خوشي مان نعرا هنيا. وڏيري جعفر، گرني جي هٽ تان مستيءَ جي مٺائي گهرائي سيني ۾ ورهائي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ان اعلان سيني کي ٻوڙي ڇڏيو ته هن ملڪ کي ٻن حصن ۾ ورهايو پيو وڃي.

"پر وچ ۾ جيڪو گورن سنڌو ڪڍيو آهي، ان سان ته ڪئين خاندانن جي وچ ۾ به سنڌو واڇي ويندو." وڏيرو جعفر ڳٽتيءَ ۾ ونڇي ويو.

"هائو وڏيرا! پوءِ ته جڙ ظلم ٿيو." هوٽل واري علڙ ورندي ڏني.

"اڙي يارا رڳو ملڪ نه، هتي ته ڳوٺ، خاندان ۽ دليون به ورهائجي ويندیون. ڪٽوڪٽي کان ڌار ٿي ويندو."

"هائو وڏيرا! پر سرڪار فيل مست کي ڇا ڪجي؟" جمعي شهپرن کي هلڪو هٿ هٽندي چيو.

"اڙي يارا اهي ته پنهنجي ابن ڏاڏن جا پنڌ هئا. هيءَ ڪهڙي آزادي آهي؟ جتي ماڻهن جون واٽون بند ڪيون وڃن." وڏيري جعفر وڌيڪ ڳٽتي ۾ ڳرندي چيو.

"بس، وڏيرا سائين! جيڪا ڏٽيءَ جي مرضي."

ان وقت هوٽل جو سڄو ماحول سوڳوار ٿي ويو. ٿوري دير لاءِ خاموشي ڇانئجي وئي. نيٺ جڏهن علڻ پيالي مان ڪوپن ۾ چانهه لاهي، سيني کي واري واري سان ڏني ته چانهه جي ڏڪن جي آواز ٻيهر ماحول ۾ هلچل مچائي.

قائداعظم محمد علي جناح جي نئين ملڪ پاڪستان جي گورنر جنرل طور اعلان پئي ٿيو ته سڀ علڻ واري هوٽل ۾ ريڊئي تي نشر ٿيندڙ خبرون هڪ ڪنون ٻڌڻ لڳا ۽ وري ساڳيا تبصرا ڪرڻ لڳا.

ڪجهه سالن کان پوءِ جڏهن ملڪ ۾ ٽاپر آئي ته وري نوان انومان ڳوٽ جي ماڻهن ۾ ڪر ڪڻ لڳا.

"هائو ابا! هاڻي پنهنجو نئون بادڇاهه ٻه اچي ويو. مولا خير ڪندو." علڻ خوشيءَ مان اعلان ڪيو.

"هائو يارا! اهو ٻه ٿيو خير. ملڪ فسادن مان ته نڪتو. گورن مان ته جان ڇٽي. هاڻي الئي ڪٽان جا ماڻهو هتي اچي آباد ٿين پيا!"

"هائو وڏيرا! بروبر سڄ ٿو چوين. پيٽهان مون ته گورن کي پلو سمجهيو پر ويندي ويندي اهڙي مخلوق مٽي ۾ هڻي ويا جو لوهه ٿي ويا آهيون. ننڍي وڏي ڳالهه تي دانهن ۽ قانون جو در. پيٽسان ماڻهو ٽيا يا جانورا ڪو اوڙي پاڙي جو ٻه خيال ڪبو آهي، بنهين اکيون پوربيون آهن. ڪنهن مهل، ڪا مينهن ٻنيءَ ۾ پئي ته ٻه جان ڪاٽي."

"هائو وڏيرا! اهي ڏينهن ٻه ڏسڻا هئا. پر مونکي ٻيو ڪتڪو ٻيٽو آهي." فتوءَ اندر جي ڳالهه وڏيري جي اڳيان رکي.

"يارا! ڪٽي وري نه ڀڳلن جو آزار مچي. ٽئي نه غريب ماڻهن جي زندگي لوڙ."

"اڙي، فتو ميان! اهو ڪنڪو نه ڪر. گورا اهڙو ڪم ڪري ويا آهن، جو وري سسي مٽي نه ڪٽندا. هاڻي ته حڪومت ٻه پنهنجي اچي وئي آهي. وٽ اڳتي جي." وچان علڻ ڳالهايو: "فتوا وڏيرو ٻه زماني جو ماڻهو آهي. ڪو ٽڪريءَ تي پاڙ نه اٽس جو اجائي ڳالهه ڪري."

"هائو ادا علڻ، هائو!" جمعي وچان وراڻيو.

ڪجھ ڏينھن کان پوءِ ملڪ ۾ اھي خبرون ٻه ھوا وانگر گھلجڻ لڳيون تہ ريل گاڏين ذريعي ماڻھن جي ھي وڏي ماڪڙ ٻه پئي اچي. جنھن جو مارو ٻه رڳو ھن علائقي تي. وري ڳڻتي ورائي ويٺن:

"پر، ابا، علڻ! تون ڏي خبر اھي وري ڪير گاڏيون پريون پيا اچن؟" وڏيري خبرون ٻڌڻ کان پوءِ حيرت مان پڇيو

"وڏيرا سائين! چون تہ ھندستان جا مسلمان آھن. سو ھندن لوڏي ڪڍيو اٿن." علڻ ورندي ڏني.

"ھائو ابا، ھائو! پلي آيا اکين تي. بي گھرن جي مدد تہ ڪبي نہ ابا!" وڏيري جعفر سادگيءَ مان چيو.

"پر، وڏيرا سائين! ھڪڙن اڇڻ ساڻ پاڻ کي پتڪا ٻڌايا آھن. ھاڻي وري ٻين جو وارو آھي."

"ابا، علڻ! ائين نہ چئو. ويچارا لوڏيل آھن. پنھنجا مسلمين آھن."

"تہ وڏيرا! ھي جيڪي اچي وينا آھن. پاڻ کي روز پتڪا پيا ٻڌرائين، اھي وري ڪير آھن؟"

"ابا! سڄڻ دشمن جو خير گھر. وري ٻه مسلمين تہ آھن. ھرون پرون جوش نہ ڪر. جوان مڙس آھين نہ تڏھن مڙئي ٿورو جوش اٿئي. خير گھر خير."

"بس سائين! تنھنجي مرضي، باقي ڏسجان تہ اڳتي چا ٿو ٿئي!"

"تون چڏ انھن ڳالھين کي. چانھ جو ڪوپ ڪٽي آ." وڏيري رت تي چنڊ پٽيس تہ چانھ ڪڻ لاءِ روانو ٿي ويو.

وڏيرو جعفر ۽ ڳوٺ جا ڪجھ ماڻھو روز صبح جو سوير اٽي ھوٽل تي اچي بي بي سي جون خبرون ٻڌندا ھئا ۽ نئين حال احوال کان واقف ٿيندا ھئا. کين اھي خبرون ٻڌي افسوس ٻه ٿيو تہ ھتي وينل ھندو ديوان ڪيئن نون مسلمانن ۽ ھتان جي ڪجھ مقامي مسلمانن جي ڳٺ جوڙ جو شڪار ٿي آلين اکين سان ھندستان روانا ٿيڻ لڳا آھن. نئين ملڪ نھڻ کان اڳ ۾ واپار وڙو ۽ زمينون، جيڪي سندن ھٿ ھيٺ ھئو سو نون آيلن حوالي ٿيڻ لڳو. اھا ھي ڳالھ آھي تہ انھن مان ڪي سينيون تہ ھارين کي پنھنجي ڪٽ جي پاڳي تي ھٿ رکرائي ساک ونندا ھئا. ڳري وياج تي سون ۽ چانديءَ جا زيور توڙي زمينون گروي رکندا ھئا ۽ ننگن ڏي ٻه ميري اک سان ڏسندا

هئا. تنهن هوندي به اڪثريت واپاري ۽ شهري ذهن رکندڙ هئا. جن هتان جي شهرن جي مالڪي به ڪئي ته خيراتي ادارا به ٺهرايا. تن سيني جو دور به پورو ٿيو. ٻيو ته ٺهيو پر گرني به پنهنجي خاندان ۽ مٽن مائٽن سان گڏ اڪين مان لڙڪ هاريندي پنهنجي پوڙهي ڪلهي تي ٽپڙ ڪنيا. جنهن جي ابن ڏاڏن جا هڏا به هتي ڳري ويا هئا، پورو ڳوٺ ڪين آلين اڪين سان الوداع ڪرڻ آيو.

"چاچا گرنا!جي اسان طرفان توکي ڪو ڏک پهتو هجي، ڪو جوکو رسيو هجي ته ٻيلي معاف ڪجانءِ."

"نه، ابا، نه!" گرني جي زبان ان کان اڳتي چري نه سگهي. پنهنجي مٽي ۽ پنهنجن ماڻهن جي وچڑڻ جو ڏک رڳو اڪين مان نڪرندڙ پاڻي ۽ ۾ سمايل نظر پئي آيو. زبان ۾ ايتري سگهه بچي نه هيس جو بيان ڪري. هجرت جو سفر ڪندڙ گرنو اندران ڇڇي، ڇيتون ڇيتون ٿي ڇڪو هئو پر آچار کي لاچار ڪونهي، سو جاڙي به جڳ سان. ان ڏينهن ڳوٺ جي ماڻهن چلهه نه چاڙهي، جڙ پورو ڳوٺ سوڳ جي واءَ ۾ ورتل هئو.

21

عثمان جي رهائش شهر جي قديم قبرستان پرسان هئي. جتي ڪم ڪار لاهڻ کان پوءِ رات جو آرام ڪندو هئو. هو ٻئي ڏينهن اکيلائي کان پور ڏي شام جو قبرستان ڏانهن پير ڌگها ڪرڻ لاءِ سومار فقير جي آستاني تي ويندو هو. سومار فقير کي مقامي ماڻهو جنن جو بادشاهه چوندا هئا. هو اجنبي مخلوق جا ڪئين ڪرتب ڏيکاريندو هئو ۽ ڏاڍو ڦيٽو ٻه ڪندو هئو. تنهنڪري هر وقت سندس آستانو آس وندن ۽ بيمارن سان پريل هوندو هئو. سندس مريد پري پري تائين پکڙيل هئا. هن جا پير هميشه اگهاڙا هوندا هئا. پلي ڪيڏو ٻه ڪاڙهو چو نه هجي! ڪجهه وقت هري مري وڃڻ کان پوءِ ڪڏهن ڪڏهن عثمان ۽ سومار فقير هلندي هلندي ڌگهيون ڪچهريون ٻه ڪندا هئا. هڪ دفعي ڳالهه ڪلي ته سومار ٻه ڦاٽي پيو:

"عثمان! ڳالهه نه پڇ وڏي دنيا آهي اسان جي."

"پر، فقير سائين، ڪڏهن مونکي ٻه ڪا جهلڪ ڏيکار!"

"هينئر ئي ڏيکاريان."

سومار فقير ڪجهه پڙهيو ته سامهون کان غيبي آواز ٻڌڻ ۾ آيو جڙ ڪو همراهه لکي بيهي ڳالهائيندو هجي.

"فقير! منهنجي يار لاءِ اندیا مان سونف ۽ تازا ڦوٽا تارين سوڏا هينئر ئي ڪٽي اڇ."

ڪجھ دير کان پوءِ ٻہ ننڍڙا سنها هٿ ظاهر ٿيا، جن ٻئي شيون اڇي عثمان اڳيان رکيون. انهن ڦوٽن جي ٽاريءَ مان تازي خوشبو پئي آئي.

"واهہ ڙي، فقير واهہ!"

"بس، ادا عثمان! خدا جي مخلوق آهي، جنهن سان ريجهي."

"هائو بروبر، فقير سائين!" انهن ڏينهن کان پوءِ ٻنهي ۾ ياري منڊيءَ تي ٽڪ وانگر ٽي وئي. ڪڏهن ڪڏهن عثمان کي قديم قبرستان گهمڻ جو شوق ٽيندو هئو تہ سومار فقير سان گڏجي پيرين پنڊ ويندو هئو. ان قبرستان ۾ ڪي شاهي ڍگهيون قبرون، مقبرا، انهن تي ٽيل چٽسالي، عربي فارسي ٻولي ۾ لکيل اکر ۽ شاعري موجود هئا. سومار فقير ان قبرستان ۾ دفن ٽيلن جا ڪئين قصا بيان ڪندو هئو. ڪئين وقت جا بادشاهہ جرنيل، ڏاها، بزرگ، مقامي ڏند ڪٿائون رکندڙ لوڪ ڪردار هتي دفن ٽيل هئا. جن جي مٿان وقت جي تاريخ جي دز چڙهيل هئي. سومار فقير ڪڏهن ڪڏهن پنڊ هلندي اوچتو ڪنهن اڻ ڄاڻ مخلوق سان مخاطب ٽيندو هئو:

"وڃ، مون ۽ عثمان لاءِ ٽڏو پاڻي ڪڍي آ."

وري هلندي ڳالهين جا ڳوٽ، تيستائين سندس اڳيان جڳ پاڻيءَ جو حاضر ٽي ويندو هئو. سومار فقير جو آستانو قبرستان جي مسجد جي ڀر سان ٺهيل هوندو هئو. ٻئي ڇٽا ڦري گهري وري اتي اڇي ڪپ کوڙيندا هئا. جڏهن سج ٽڪجي ساهي پٽڻ لاءِ لکڻ جي ڪندو هئو تہ عثمان جي واپسي ٽيندي هئي. هو جڏهن کان ڳوٺان واپس آيو هئو تہ رات جي ماني کائي ليٽي پوندو هئو ۽ صبح جو وري ڪم تي لڳي ويندو هئو. ڪڏهن ڪڏهن رات جي اڪيلائي ۾ پوڙهي ماءُ جي يادگيري ستائيندي هيس تہ دل چوندي هيس تہ هينئر ئي ٽوال ڪلهي تي رکجي، پر سومار فقير جي ٿورن جڻ هٿ پير ٻڌي وڌا هئا. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ماءُ پاران خط مليس:

"پيارا پٽ، عثمان! مون کي خبر آهي تہ ڦوهہ جواني ۾ وڇوڙي جو درد ماڻهو جو اندر ڪيئن چيرندو آهي. توکي شابس هجي تو ننڍپڻ جا ڪئين سال ٻاهر ڳاري ڇڏيا. ٻہ اکر پڙهيا اٽئي تہ هرڪو عزت ٿو ڪري. نہ تہ تون ٻہ جمعي وانگر پيو رلين ها. مونکي ايجا تائين ڏک آهي تہ تون پورو پڙهي نہ سگهئين. هاڻي مون کان تنهنجو وڇوڙو سٺو نہ ٿو ٿئي. هتي ماڻهو ٻنيون آباد

پيا ڪن، تون ايندين تہ سولي نموني سان ٻنيءَ جا مسئلا حل ٿي ويندا. الله جمجهو ڏئي ڇڏيو آهي. سوچيان ٿي تہ هاڻي هن عمر ۾ ڪير پٽ در تي اڪين اڇيان هجن. توکي جس هجي، هر ڏک سک کي منهن ڏيو ڏين. گهٽئي ٽيو. پنهنجن دوستن، خاص ڪري، سومار فقير کان موڪلائي ٽپڙ ٻڌي هليو اچ." بختاور اهو خط شهر جي دوڪاندار کان لکرائي موڪليو هئو. جتان هو ڪڏهن ڪڏهن گهر جو سامان وٺندي هئي.

عثمان کي خط وري وري پڙهندي اکين مان ڳوڙها تري آيا. هو ماءُ جو اهو خط ڪٽي شام جي پهر سومار فقير جي آستاني تي پهتو.

"فقير سائين! توهان جا مون تي لک ٿورا آهن. جيڪي لاهي نہ سگهندس پر ڀائيندس ضرور. هتي هاڻي پنهنجي روزي روٽي پوري ٿي وئي. امان جو حڪم آهي. جي تون اجازت ڏين تہ سياڻي سوير پنهنجي الله وائي اٽئي. وري ملڻ ٿئي الئہ نہ ٿئي!"

"عثمان، ايڏو تکڙ ۾! ڀالهہ ٻڌ. تنهنجي ماءُ جو حڪم اکين تي پر منهنجي دعوت کائي پوءِ وڃجان. ڪجهہ گهڙيون ڀالهہ ٻولهہ تہ ڪيون."

"فقير سائين!امان ۾ هاڻي اها همت نہ رهي آهي. ان کي هن وقت منهنجي ضرورت بہ آهي. اڄان گهر لاءِ سامان سڙو بہ ونڊو آهي، سو دير ٿي ويندي، تو ڇيو مون کاڏو بس، دعا ڪر."

"پر عثمان، سالن جو تعلق صفا ڏاڍي جهڙو ڪچو هو ڇا!"

"بس، فقير سائين! ڪڏهين ڪڏهين ڪن مجبورين هٽان سالن جا رشتا بہ قربان ٿي ويندا آهن."

"پوءِ ڀالهہ ٻڌ! هي تازا ڦوٽا ڳنڍ ۾ ٻڌي ڪٽي وڃ. ڪنهن تي جڏهين گهر ۾ ڪا بيماري سيماري يا ڏکيو وقت اچي تہ هي بيمار کي کارائي ڇڏجان. ڏکيو ڏينهن نہ ڏسندين."

فقير ايتري دير ۾ اڻ ڄاتل مخلوق سان ڀالهايو: "ٻڌو پيا، منهنجو دوست وڃي پيو!" ۽ موٽ ۾ رڳو سڏڪن جو غيبي آواز نڪتو. تيستائين وري سائي تاري سميت خوشبودار ڦوٽا عثمان جي اڇيان پيل نظر آيا. سومار فقير انهن کي هٿ ۾ جهلي دم ڪيو ۽ عثمان کي ڪاغذ ۾ ويڙهي ڏنا. عثمان

۽ سومار فقير جو آخري ياڪر پائڻ مهل هانءُ ٿي ڦاٽو ڪجهه گهڙين لاءِ ٻئي جڙ هڪ جسم ٿي ويا . پر آخرڪار هڪڙي ڏينهن وڇڙو هو. ٻنهي هڪ ٻئي کان روئي موڪلايو. سومار فقير آستاني جي در تي بيٺي عثمان کي گهڻي دير تائين تڪيندو رهيو ۽ عثمان ڳرن پيرن سان سندس ڏرتي ڇڏيندو ويو.

22

آهستي آهستي رولاڪ قبيلن جعفر جي ڳوٺ ۾ ان جي پروارن علائقن ۾ اچڻ شروع ڪيو. اهي رولاڪ قبيلا شڪاري، سامي، گرگلا، هڏوار ڇهين، ٻارهين مهيني اچي جعفر جي ڳوٺ جي ٻر واري وهندڙ شاخ جي ڪناري تي لڏو لاهيندا هئا. سامي مايون متيءَ جا راندیڪا ٺاهي گهرن ۾ اتي جي بدلي وڪڻنديون ۽ ڏاڪا ڏيڻا ڪنديون هيون ته مرد ڌارا هٽي خواهشون رکندڙ نوجوانن کي قسمت جو حال ٻڌائيندا هئا. سندن روزي روٽي جو گذران ان تي هو. گرگلا ڏڦا هٿن ۾ ڪنيو سجو ڏينهن جهنگ ۾ سوئر، گدڙ جي شڪار جي پويان ڊوڙندا هئا. هڏوار رستن تي پيل ڊونڊين تان هڏا ميڙيندا هئا ۽ انهن جون مايون متيءَ جا راندیڪا ٺاهي وڪڻنديون هيون. شڪاري حرفتي ۽ چالاڪ خانه بدوش هئا، جيڪي ڳوهن ۽ گلوئين جو شڪار ڪندا هئا، مثل سوئر جو گوشت شوق سان کائيندا هئا ۽ مايون گهرن مان اٽو يا پئسا پنندیون هيون. اهي سپ لئي، ڪانهن، سرن ۽ ڪانن جون پونگيون ٺاهي، انهن جي مٿان پراٽيون چٽيل رليون وجهي رهندا هئا. انهن گهرن ۾ ڪاٺ جا ننڍڙا مڙ، جن جي مٿان ٻه چار ڦاٽل رليون، جست جون وٽيون، ٽامي جا وٽا، ديگڙا ۽ ٻيا چٻا ٽانو هوندا هئا. پونگين اڳيان گهمندڙ ۽ ٽپڙن تي وڻيون لاهيندڙ ڪڙ ۽ هيڏانهن هوڏانهن چرندڙ هينگون ڏينڊڙ گڏهه هر وقت موجود هوندا هئا. هڏوار انن تي لڏو ڪٽندا هئا ته باقي قبيلا گڏهن تي. ٻه تي مهينا رهڻ کان پوءِ سامي، گرگلا، هڏوار لڏي ويندا هئا ۽ وري ٻارهين مهيني اچي لڏو لاهيندا هئا. پر

شڪاري ڪڏهن ڪڏهن سالن جا سال بہ رهيل هوندا هئا. ان جو سبب اهو هوندو هيو تہ سندن ماين سان ڪئين واندا ۽ چڙها پيچ اڙائيندا هئا. اهي مايون رنگ جون سانوريون هونديون هيون، پر انهن ٻاهرين پيچن ڪسجڻ کان پوءِ ڳورو رنگ سندن ئي پيٽ مان جنم وٺڻ لڳو. ان ڳوري رنگ ڪئين مقامي وڏيرن ۽ رئيسن کي بہ اهڙا ونگ هنيا، جو اهي انهن پونگين وارن جو پاٽي پرڻ لڳا. اهڙن ئي وڏيرن مان هڪڙو رئيس ٻالو خان، اڏاوت عمر، شادي شدهہ پنجن اٽن ٻارن جو پيءُ، همیشہ مٽي تي پٽڪو ٽوال جي گوڏ ٻڌل، انهن ئي پونگين جو سلامي. پهرئين هڪڙي حسن تي حملو وري ٻئي تي. ڏئو ٽئي تہ هڪڙي چڏ، ٻي وٺ. جيڪي اڏايون سي وري وٽن تي نہ وينيون. ڪڏهن عشق سندس در جو سلامي، ڪڏهن پاڻ عشق جي در جو سلامي. ان وڏيري جي فور ويل جيپ جو ڊرائيور نوجوان سهڻو چوڪرو هو جنهن لاءِ تر ہر مشهور هو تہ رئيس ان کان پٽ ڪٽائيندو آهي. رئيس کان وڌيڪ اهو ڊرائيور ڪپڑن لٽن ہر وڌو رئيس لڳندو هو. رئيس ٻالو خان بہ اچي انهن شڪارين ہر هريو جتي جمعون بہ ڪڏهن ڪڏهن اچي جنسي اڄ اجهائيندو هو. شام کان پوءِ شڪارين جي پونگين ہر وڏي رونق لڳل هوندي هئي. چرس ۽ پنگ جا شوقين، رات جي اونداهي ہر هٽ بتيءَ تي پتن راند ڪندڙ ڪيڏاڙي ۽ زلفن جا اسير اچي گڏ ٿيندا هئا. هرڪو پنهنجي پنهنجي ڪم ہر رڌل هوندو هو. نہ ڪا جهل نہ پل، سيڪا پسي پرينءَ کي.

ڪڏهن ڪڏهن آڌيءَ رات جو انهن شڪارين جي گهرن ہر اوچتو هُل پئجي ويندو هو. لئين ۽ ڪهاڙين جا انهن جي زبانن مان نڪتل زوردار لفظ ڳوناٽن جي ڪنن تي پوندا هئا. ڳوٺ جا ماڻهو انهن جا هيراڪ ٿي چڪا هئا. ان شور ہر ڪنهن جي اک کلندي هئي تہ بہ پٽڪي وري سمهي رهندو هو.

"نياڳا وڃي مرن، ڏوڙ پائين. روز اٽن ڪهاڙيءَ ہر هٽا"

انهن شڪارين جو وڏو ڏنگ نالي اڏاوت عمر همراهہ هوندو هئو جيڪو سڄي ڪار وهنوار تي نظر رکندو هو. رئيس بالو خان، مينا سان ملندو هو تہ جمعون وري سهجان جو چاهيندڙ هو. انهن کان علاوه ٻيا ڪئين اجايل بہ اچي پنهنجي پنهنجي يارڙين سان پيار وندبيندا هئا. موالين جي بہ ذات اچي گڏ

ٿيندي هئي. جن سان گڏجي شڪارين جون مايون ۽ چلم جا سوٽا هٽنديو هيون. ڏينهن جو تاش ۽ چڪي جا راندیگر لهندا هئا. جن سان گڏجي شڪارين جا ڪجهه مرد ۽ مايون ۽ جوا کيڏنديون هيون. رئيس بالو خان ۽ مينا ۾ ٻئي عادتون هيون. گهٽ سهجان ۽ ڪونه هئي. ان رولاڪ قبيلي ۾ سکان نالي مائي جوا ۾ وڏيون جنگيون ڪتيندي هئي. ڪنهن وقت سکان جي حسن ۽ جواني جي پوري علائقي ۾ هاڪ هئي. ڪيترو ۽ شريف سفيد پوش ماڻهو هجي، پر سکان تي نظر پوندي هيس ته جسم مان سيسڙات ضرور نڪرندا هئس. هوءَ پوين غمن کي وسارڻ لاءِ چرس ۽ ڊئو تي پيئندي هئي. تنهن ڪري سندس اکيون هميشه ڳاڙهيون لال هونديون هيون. علائقي جي وڏيرن ۽ مڇي ماني وارن جو ڪريل اولاد ۽ ڳجهه ڳوهه ۾ هن جو سلامي ٿيندو هو. جڏهن جوا کيڏڻ چوڪڙيءَ ۾ ويهندي هئي ته ڪئين جوانڙا پئسن سان گڏ دل ۽ هارائي ويهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن جي هار ٿيندي هيس ته سندس حسن جو هٽ پاڻهي پئسي وارن جو سلامي ٿيندو هو ان ڪري ڪيئي جوان ان تاڙ ۾ هوندا هئا ته سکان ڪڏهن ٿي پڙ هاري جنهن ڏينهن سکان پڙ هاريندي هئي ته چتي ٿي پوندي هئي. سندس چهرو لال ڳاڙهو ٿي ويندو هو ۽ شڪارين جا گهر جنگ جو ميدان لڳندا هئا. هِن هُن سان ڏند چڪ پوءِ جهيڙو. هٿ ۾ ڪهاڙيون. ڏندا ۽ رڙو رڙ. ڪي سکان جا ساٿي ته ڪي سندس مخالف. پر جڏهن سکان وٽ پئسا ايندا هئا ته سڀ وري سندس اڳيان اچي هٿ ٽنگيندا هئا.

ان خانه بدوش بستيءَ جو اڏ ڪاروهنوار ته جهڙو سکان جي ڪمائيءَ تي هلندو هيو. ماضيءَ ۾ جڏهن انگريز سرڪار هن علائقي ۾ ٻنيون ورهائڻ شروع ڪيون ته بخشش طور جاگيرون پنهنجي وفادار ماڻهن کي ڏنيون. انهن مان اڪثر هن علائقي ۾ ناري جا نواب سڏجڻ لڳا. سندن سڀ زمينون ناري جي پاڻيءَ جي پيچ تي هيون يا واهه جي ڪنارن سان لڳو لڳ آباد هيون. انهن زمينن ايڏي ته اپت ڏني، جو اهي نواب ۽ سندن اولاد "ڪباب ۽ شباب" سان کيڏڻ لڳا. هر ڪنهن وٽ فور ويل گاڏي، جيڪا ڏينهن جو گسن پنڌن تان ڏوڙائبي هئي ته من ڪو شڪار قاسي ۽ شام جو وري شراب جون محفلون هوندیون هيون. ايستائين جو اڳتي هلي انهن جي سماجي زندگي ۾ ڪباب کان شباب تائين محدود ٿيڻ لڳي. پهرين هتي عورت جي آزاديءَ تي کاٽ لڳڻ شروع ٿيا. جن جو

دائرو وڏندو وڃي خانہ بدوشن تائين پهتو. نوابن ۽ ان جي ڪريل اولاد کي سندن ڪمدار ۽ وانا روز جي رپورٽ ڏيندا هئا تہ فلاٽي هاريءَ جي گهر ۾ واهہ جو مائي آهي! فلاٽي ڳوٺ جي فلاٽي مائيءَ جي حسن جي وڏي هاڪ آهي. نوان فقير لڏي آيا آهن. مايون اهڙيون اٽن جو پاٽي پين تہ نڙيءَ مان بہ ظاهر ٿي پوي. انهيءَ رجحان جو ئي پوئلڳ ناري ڪناري آباد هڪ ڳوٺ جو نواب اچي ان خانہ بدوشن جي بستيءَ ۾ هريو هئو. جتان سڪان جي حسن جي هاڪ پري پري تائين هلي وئي هئي. روز جيپ وکر جي پري، پنهنجي شراب سان گڏ شام جوان بستيءَ ۾ ايندو هئو. پهرئين پهرئين تہ پيئڻ ۽ ڪائڻ تي فقيرن کي هيرايائين، پوءِ سڪان سان پيچ اڙائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هئو. ڪياڙيءَ کان وڌا وار ڏيڊي سينڊ، مڇيون وڏيون، تن تي اڇا ڪپڑا، ڇاتيءَ ۽ هانهن جي ڪفن جا بٽڻ ڪليل، ڏڪندڙ هٿ، هميشہ سگريٽ جو وڏو ڪش هڻندڙ هن پنهنجا ڪيسا سڪان خاطر ٻين خانہ بدوشن تي بہ ڪولي ڇڏيا هئا. ڪڏهن ڪڏهن تہ رات رهي، اسر جو ڳوٺ روانو ٿيندو هئو. ٻہ ٽي مهينا هِرڻ کان پوءِ سڪان کي جهڙو سون ۾ توري چاڙهي ڪٽي هليو ويو. ڏاڍي سان ڪير مٿو هٽي! اٽن ڏهن سالن کان پوءِ جڏهن سڪان واپس پنهنجي ڪڙم قبيلي ۾ آئي تہ سندس جسم جي جاگرافي تبديل ٿي چڪي هئي. ڪليل اٽيا وار، چهري تي وڏيون چائون، ڪارا چپ مر چڙهيل ڳچي، لڙڪندڙ ڇاتيون، وڏيل پيٽ، مٿي هاٽا ڦاٽل پير ۽ انهن ۾ پاتل هوائي چپل، جڏ حسن جي پوري جي پوري تهذيب ڪنهن اجاڙي ڇڏي هئي. ان دوران سندس پوڙهي ماءَ ڪئين حيلا هلايا، منٽون زاريون ڪيون، در در جون نوڪرون ڪاڏيون، دانهون ڪوڪون ڪيون، چگن پلن جي در تي وئي، پر ان جي هڪ بہ نہ هلي. هلي هلي سندس پير ۽ اکيون ڏار ڏئي ويون. ڏيءُ جي جدائي ۾ نيٺ اکين جي نظر بہ وڃائي ويٺي. تنهن هوندي بہ لٽ جي سهاري سج اپرئي نڪرندي هئي ۽ سج لڙئي واپس ايندي هئي. هوءَ هر وقت ڳلتين جي هلر ۾ ڳاهجندي رهندي هئي. هڪڙي ڏينهن صبح جو رڳو سندس لاش ڪٽ تي پيل مليو. تڏهن بہ سڪان واپس نہ آئي. نہ رڳو سڄي ڳوٺ ۾ هل هلي ويو. پر پري پري تائين ڳالهہ هُلي وئي تہ فلاڻو نواب، فقيرن جي چوڪري سڪان ڪٽي هليو ويو. جتي پنهنجي ذاتي بنگلي ۾ قيدياڻي ڪري رکيائينس. ڪنهن مائٽ سان ملڻ ۽ باهر نڪرڻ نہ ڏيندو هوس "واهہ ڙي وڏيرا، واهہ وڃي مسڪين فقيرن جي اولاد ۾ هٽ وڌئي.

ڪٽي وڃيري جو شان ۾ ڪٽي فقيرن جو اولاد ڪو جوڙ آهي! توکي مرڻو آهي ته وڃي ڪنهن ڇگي پلي ۾ هٿ وجهه" تر ۾ وڃيري تي عام ماڻهوءَ جي رئي ٿي پئي. جنسي ڏئو کان پوءِ ان نواب تڙي ڪڏيس ته هارايل جواري وانگر زندگيءَ جون سڀ بهارون هارائي. واپس اباڻي پٽن تي اچي لٽي. ان کان پوءِ سيکڙات نوجوان اڃان به سندس پٽ تي وڃايل ڇٽيل رلي جي زينت بڻيا هئا. ڪنهن ڪنهن مهل جوا ڪندي پڙڪي اٽندي هئي ته ٿوري دير لاءِ ماضي جي هارايل سپهه سالار جو ڏيک ڏيندي هئي.

ان بستيءَ ۾ جڏهن گول دائري ۾ چرس جي محفل مچندي هئي ته اتي سڀ انهن درن جا سلامي اچي گڏ ٿيندا هئا. چرس پيئندي پلا جي رئيس جي دل اوچتو هرکي پوندي هئي ته مينا کي زور سان ڳل تي چمي ڏئي ونندو هو ۽ پرسان جمعي سان گڏ ويٺل سهجان جي زبان مان لفظ نڪرندا هئا:

"اي! اٽس."

پوءِ گڏيل ٿهڪڙو مچندو هو. ان جي ابتڙ جمعون پنهنجي ماءُ جي طبيعت ۾ڪهري پن هئڻ جي ڪري سرِعام ڪا به اهڙي حرڪت نه ڪندو هو. شام جو مينهون ٻڏي، ڪير ڏهي، سنجهي مان ماني کائي، گهٽي تي رکيل ڪٺ تان اٽندو، پير جهليندو خانه بدوشن جي بستي ڏانهن رخ رکندو هو. ماڻس ڪجهه وکن تي ٽهيل اوڏڪي پٽ واري متيءَ جي گهر جي سامهون ٽلهي تي رکيل ڪٺ تي ذڪر الاهي ۾ مصروف هوندي هئي. گڏوگڏ سندس هٿ وري لٽي جي سنهي، ڏگهي تلهڙ سان گڏ راند ڪندا رهندا هئا. اها تلهڙ جيڪا هوءَ رات جو اجنبي مخلوق لاءِ رکندي هئي ۽ ڏينهن جو سوڙهه پٽراٽي سڀ لاءِ. ٽوپي ڏيڙ کان اڳ ۾ ڪپڙن جي ٻن پڙن جي وچ ۾ ڪپهه رکي پڙن کي پاسن کان سبي وچ ۾ رکي، ڪپهه کي سڌو ۽ برابر ڪرڻ لاءِ ان تلهڙ سان ڪتيندي هئي. سندس گهر جي ڪڪائين ڇت ۾ هر وقت اهڙيون به تي تلهڙون ٽنگيون پيون هوندیون هيون. هوءَ جڏهن به پنهنجي مائٽن سان ملڻ ميڙ واري ڏڙي ويندي هئي ته شام جا پاڇا وڌڻ کان پوءِ تکڙو واپس گهر موٽندي، به ٽي ٽاهوڪيون تلهڙون ۽ گهر جي صفائي لاءِ لئي ۽ ڪجيءَ جون ڇهيون ساڻ ڪيو ايندي هئي. هاڻي ان پاسي امن هو. جهنگ ختم ٿيڻ جي ڪري ڀڳلن ۽ بگهڙن جي حملي جو خطرو هروپرو نه رهيو هو.

23

فتوءَ جي جمعي وارن سان مِتيءَ جي خبر پلهن جي ڏڙي ۾ آسپاس جي ماڻهن ۾ باهه جيان پکڙجي وئي. اهو پهريون دفعو هو جو فتوءَ جي خاندان مان ڪنهن نياڻيءَ جو سنگ ٻاهر ڏنو ويو. تنهن ڪري هر طرف کان آڱريون کڄڻ لڳيون.

"ادا! ڏٺئي فتوءَ جا ڪم. ياري ٿو ملهائي! برادريءَ جو نڪ وڍرائي ڇڏيو اٿس. پيٽهان! ڪنهن سان صلاح صلوح ڪري ها ته چگو ٿئي ها. ست ڏارين ۾ نياڻي ڏني اٿس. خبر ڪونهي سياڻي نياڻيءَ سان چا ٿئي!"

"هائو يارا! پلا بنهين ڳالهه هٿن مان وئي ٿي ته پنهنجي پائٽي خدوءَ کي ڏئي ها. سڄي عمر مسڪين مال چاري، جان ڳاري ڇڏي اٿس. ان جو به قياس ڪونہ آيس. پلا جي به۔ چار سال نينگريءَ کان وڏو ٿيو ته چا ٿيو؟"

"هائو ادا! الئي ڪهڙو دور پيو اچي؟ رت دانگيءَ تي ورڻ ڇڏي ڏنو آهي. فتوءَ به ڪوسٽيو گرهه ڏسي ڏيءُ ڏني هوندي."

جيترا وات اوتريون ڳالهيون. جهنگ جي دنيا جي پنهنجي نفسيات ٿيندي آهي، اتي متي مائٽي، دوستي جا ماڻ ماپا پنهنجا هوندا آهن. نياڻي پلي جهنم ۾ پئي پر ڏيڻي پنهنجي رت يا برادري ۾ آهي. عمر جو جوڙ هجي نه هجي پر پنهنجي سان لائون لهڻيون آهن. گهر ۾ چگو ٽڪر ملي نه ملي پر ويهي نياڻو آهي. جيڪا سڄو ڏينهن خدا جو گهر ۾ لوڙي، ساراهه به ان جي ڪرڻي آهي. فتو دنيا جو ماڻهو هئو جمعي سان گڏجي نڙ وڃائڻ مختلف

هنڌن تي ويندو رهندو هو. جتي دنيا جي ڪئين ڳالهين سان گڏ متي مائٽيءَ جون ڳالهيون به ٿينديون هيون ۽ انهن جو انجام به ٻڌڻ ۾ ايندو هو. سو هن دل ۾ طئي ڪري ڇڏيو هو ته نياڻيءَ کي ڳچيءَ ۾ ڳٽ ڪونه وجهبو. متي اتي ڪبي، جتي وڃي نياڻي دعا ته ڪري رکو چانگو ڏئي ٻانگو ته ڪونهي ونٽو.

جهنگ جي ڏاڙن جي اها سڙ پڙ خدوءَ جي ڪن تي پئي ته سندس غيرت به جاڳي پئي. ڪڏهن چاچي فتوءَ سان اف به نه ڪيائين. سو ڪانبو ٻڌي بيهي رهيو.

"چاچا! اڄ آئون مال ڪونه چارڻ ويندس."

"پر، ابا! ڇو؟"

"چاچا! تون مونکي پنهنجو سمجهين ٿو نه؟"

"هائو پٽ! پنهنجو رت آهين."

"پوءِ تو پاڳل جو سگ ڏارين کي ڇو ڏنو آهي؟ آئون ڪو ويل آهيان ڇا؟"

"اڙي پٽ! تنهنجي ۽ پاڳل جي عمر ۾ ڪيترو فرق آهي؟ تنهنجي به نيٺ شادي ٿي ويندي."

"نه چاچا! آئون مهٽا نه ٿو سهي سگهان. جهنگ ۾ وڃي ٻڌ ته سهي ماڻهو چا پيا چون؟ ڪنهن ڪنهن جي وات تي هٿ ڏيان."

"خدو پٽ! ڏوڙ پيا پائين. ڪن ئي نه ڏي. اجلڪهه ماڻهن جو ڪم ئي پٽر پورٽ آهي. توکي خبر ڪونهي ته پاڙ واري آدم اهڙن ئي جي چوڻ تي پاڻيجي صابوءَ کي پنهنجي ڏيءَ ڏني هئي. ان جو انجام چا ٿيو! ننڍڙو ٻارڙو سنيالي نه سگهيو نيٺ ڇوڪريءَ وڃي ڦندو ڳچيءَ ۾ وڌو ۽ آدم نياڻيءَ جي جدائي ۾ چريو ٿي ويو. هاڻي موٽائي ڏينس اها نياڻي! اها آهي سياڻپ؟ هرڪو چٽرون ٿو ڪريس. پٽ! انهن ماڻهن جو ڪم ئي پرائي گهر تي ٽاندو رکڻ آهي. تون ته ڏاهو ٿي. هوش ڪر، پاڳل جي چگو تڪر ڪائيندي ته ان ۾ پنهنجي عزت آهي. عثمان پڙهيل لکيل به آهي ته ماني مڃيءَ وارو به. پلا ساسي بختاور جهڙو مڙس ماڻهو توکي ڪو تر ۾ نظر اچي ٿو؟"

خدوءَ جي اندر ۾ ٿوري دير لاءِ جهڪي ٿي وئي ۽ هو مال چوڙي جهنگ ڏانهن روانو ٿي ويو.

خدو جي گهڙي کن لاءِ اندر جو تاندو وِسائڻ جي کوشش ڪندو هئو ته جهنگ ايندي پاڙي جا ٻيا ڏنار وري ڪن پريندا هئس.

"سئوت خدوا کهڙي مٽيءَ جو ٺهيل آهين. پيٽهان! ٻين برادرين جا چورا اسان کي طعنا ٻيا ڏين ته سٽپ ڏسي چوڪري ڏني اٿو. ٻلا تون شادي ٻلي نه ڪر، پر چوڪريءَ کي ويڑهي کان ٻاهر ته نه ڪڍ."

"پوءِ چا ڪيان؟ پرايو پيٽ آهي، کهاڙي ته ڪونه هٽندوسانس!"

"ڳالهه بڌ. هو پاڻ واري ڳوٺ جي پريان جيڪو گهوڙيءَ وارو ڏڙو آهي نا اتي مائي منان رهي ٿي، ستي جتي آهي، حق بخشرايو وينو آهي. جيڪو تعويذ ٿي لکي، هڪ ٽڪ ٽيو لڳي."

"ان لاءِ چا ڪرٽو پوندو؟"

"ڪارو ٻڪر، گيهه جي لوٽي ۽ ايائي رپيا باچا پير جي منائي ڏيڻي پوندي. تون ان سامان جو بندوبست ڪر. باقي تعويذ آڻڻ منهنجو ڪم آهي." ڪيس ساڻي ڏنار مطمئن ڪندي چيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ خدو سڄو سيڏو آڻي، ان ڏنار کي ڏنو. جنهن ٻئي ڏينهن تعويذ ڏيندي چيس: "هي ڪنهن به صورت ۾ پاڻيءَ ۾ گهوٽي پاڻل کي پيار ۽ ٻيو وري چاچي فتوءَ جي وهاڻي ۾ لکائي رک. باچا پير ڪندو ان مائٽيءَ تان ارواح ڪڍي ويندا."

خدوءَ خوشيءَ سان تعويذن کي ٻنهي هٿن سان ويڑهي قابو ڪري پنهنجي ڪلهي واري ٽوال جي پلاند ۾ ڳنڍ ٻڌي رکي ڇڏيو. هن علائقي ۾ سالن تائين اهو تعويذن وارو ڏنڈو هلندو آيو. جنهن تي هتي جي عام ماڻهن کي ويساهه ۽ صدق هوندو هئو. ان قسم جي تعويذن کي هتي جا ماڻهو ڏوهه ڪري سڏيندا هئا. رڳو مٽيون مائٽيون جڙڻ ۽ ٽٽڻ لاءِ نه پر بيماري سيماري، رزق ۾ برڪت وغيرهه ۾ تعويذن جي محتاج هئي. جنهنڪري هتي انهن پيرن فقيرن، ڏاڍن ڦيٽن وارن جي نسلن کان وٺي لئي لڳي پئي هوندي هئي. جي ڪنهن جي پينگ ٽي ٽي يا گهر ٽي اجڙيو ته اهو هتي جو عام مالوند ماڻهو هيو. جنهن جي اڪثريت ان وقت به ڪڪائين گهرن ۾ رهندڙ هئي. هر پاڻئي جي گهر جي اڃيان وڏو اگڙ هوندو هئو. هوا جو ڪليل قدرتي نظام ۽ وڻ خاص ڪري نمن، ٻيرن، سرينهن، تالهي، پيپر، برڙ، ڪنڊين جا شاهي وڻ،

جن جي هيٺيان ويهي ٽاڪ منجهند جو ڪچهريون ٻه ڪندا هئا تہ ساهي ٻه پٽيندا هئا. ڏينهن جو ٻه ڏئو ڪري ننڊ ڪندا هئا تہ مال پٽارو ٻه چانو ۾ ٻڌندا هئا. هتان وهندڙ واهن جو تازو لڙو پاڻي ٻنيون آباد ڪندو هو تہ ماڻهن جي پيٽ جي اڃ ٻه اجهائيندو هئو.

خدو پنهنجو سڄو ايمان تعويزن ۾ رکي، ڪجهہ وقت مال چارڻ ۾ لڳي ويو.

24

جعفر جي ڳوٺ جي اڪثر ماڻهن جو گذارو مال تي هو پر جيئن ته هتي مڪي ڏيڻ ۾ هئي، تنهن ڪري ڪجهه گهرن جو چلهو مڇي ۽ پکيءَ جي شڪار يا جهنگلي ٻوٽن مان ملندڙ خوراڪ تي هئو. انهن همراهن ۾ پيرو به شامل هئو. جنهن جو گهر بختاور جي گهر جي لڳو لڳ هئو. هو اڪثر ڏيڻ تي رهندو هئو. هفتي ٻئي شڪار ڪندو هو ته پوءِ گهر ڪٽي ايندو هئو. ڏينهن ۾ رهي، وري واپس ڏيڻ جو رخ رکندو هو. هو جڏهن به ڳوٺ ايندو هئو ته سندس گهر جي اڳڻ تي، شام کان آڌيءَ رات تائين ميلو متل هوندو هئو. بختاور، جمعون، عثمان، وڏيرو جعفر، جادل ۽ ٻيا ڳوناٽا اچي سندس گهر جو اڳڻ آباد ڪندا هئا، سياري ۾ باهه جو مڇ به هرندو هو.

پيروءَ کي هن پيري شڪار ديرسان لڳو. هن تڙ تڪڙ ۾ ڳوٺ وڃڻ جي تياري ڪئي. ان وقت مئي مهيني جي گُهٽ ۽ گرمي، سرن، ڪانهن، پن ۽ پاٽيءَ جي ڏهن جي اُبس، ناري واهه جي ڪاهي پاسي واري جهنگ کي پنهنجي جهولي ۾ جهلي ورتو ته ڏيڻ جي ڪناري واريءَ جي ڏڙي تي پاڻاري ڏاهي ويڙل پيرو به واپس ڳوٺ وڃڻ جي تياري ڪئي. سوار ٿيڻ مهل پنهنجي ڪميت گهوڙيءَ کي لغام ڏئي بيهاري، تر جي هن ماڻهن جي مدد سان مڇيءَ سان تار ڪڙيو گهوڙيءَ جي پٺي تي رکرايائين. جڏهن سياري جي مند ايندي هئي ته هن ڏيڻ تي پرديسي پکين جا ولر لهندا هئا اهوئي پيرو ونجهن، لڪن ۽ سرڪڻ سان انهن جو شڪار ڪري ڳوٺ وڃي کپائيندو هئو. اهو ٻنهي

تنگن کان معذور هو. سو هٿن ۾ گوڏن تي ڇنوپيرو ٿي هلندو هئو. سندس گوڏن تي ڪچري جي بچاءَ کان چمڙي جا جوراب هر وقت چڙهيل هوندا هئا ۽ هٿن هيٺيان ڪاٽ جون تختيون، جن کي هٿن ۾ قاسائڻ لاءِ چمڙي جا پٽا پڌبا هئا. ڪچهريءَ جو ڪوڏيوهوندو هو. پرين، ديون، جن پوتن، بهادريءَ جي قصن ۽ پنهنجي زندگيءَ جي تجربن کي اهڙي ڏاڻءَ سان بيان ڪندو هئو جو پڌندڙ پنڌ پهڻ ٻڌجي ويندا هئا. جتي به هوندو هئو ڪچهريون قائم هونديون هيون. سندس گهر جو اڳڻ هجي يا ڏينڌ جي ڪناري واريءَ جو درو سيارو هجي يا آرهڙ سندس روبائتو، کهرو ۽ وڏو آواز به ان جو هڪ سبب هئو. هو معذور هوندي به پنهنجن ٻچن لاءِ پاڻ روزي ڪمائيندو هو. ڪڏهن ٻين اڳيان هٿ نه ٽنگئين. گهر هوندو هئو ته وڏيرو جعفر، جمعون، عثمان، بختاور به سندس اڳڻ تي چپ هڻي سندس ڳالهيون ڪنائي پڌندا هئا.

پيرو گهوڙي جي پٺيءَ تي ٽپ ڏيئي ويٺو ۽ لغام ڇڪڻ سان ڳوٺ ڏانهن الله توهار ڪيائين. هو جهنگ جي سنهن پيچرن ۽ پاٽيءَ جي ڏهن کي اورانگهيندو جهونگاريندو آيو ته ڪنهن مهل سندس ڪن تي پوبان ايندڙ گهوڙن جي ٽاپولين جو آواز پيو. جيستائين پوئتي مڙي ڏسي، تي همراهه هٿيارن سميت ڦري آيس:

"اڙي بيهه ڪتي جا ڦر....."

"هائو سائين!" هن گهوڙيءَ جي واڳ کي چڪيو.

"ڪيڏانهن پيو وڃين؟"

"ڳوٺ سائين."

"هتي ڇو آئين؟"

"مڇي مارڻ."

"ڪوڙو ڪوڙي جو پٽ آهين. مڇي مارڻ رڳو بهانو آهي. اسان جي جانچ لهڻ آيو آهين. وڃين سرڪار کي چغلي هڻندين؟"

"نه سائين! مون غريب جي اهڙي جرئت ڪٿي!"

"سائينءَ جا پٽڻا اڙي، اوهان ڳوٺ وارن منهنجي پيءُ ۽ ان جي ٽولي سان هيڏيون جنيون ڪيون. پلاند پراڻا ڪونهن ٽيندا. اڃان نه ٽا مڙو."

"ڳوٺ وارن جي مونکي ايتري خبر ناهي سائين! آئون ته سڄي عمر انهن ڏينڊ ڏورن جي اڇ وڇ ۾ آهيان. پر اسان ڇا ڪيو؟"

"انگريزن جي فوج ۽ پوليس هٿان اوهان ته مارايو. گهٽو ٽو سڃاڻئين! اسان جي وڏن جو چوڙ آهي ته اوهين ڪڏهن به اسان جا سڄڻ نه ٿا ٿي سگهو. سو نانگ کي ڇڏي ڏجي، باقي اوهان کي نه ڇڏجي."

"سائين! مون مسڪين جو ڪهڙو ڏوهه؟"

"ڏوهه تنهنجو به، تنهنجي ابن ڏاڏن جو به. اڙي هن علائقي ۾ اڇڻ ڇڏي ڏيو نه ته خراب حشر ٿيندوءَ."

"پر سائين! ڪيڏانهن وڃون؟ اسان جي روزي هتي آهي. اسان کي به هتي پنهنجي وڏن سان گڏ دفن ٿيڻو آهي."

"اوهانجي دفن ٿيڻ جو بندوبست ڪيون ٻيا. اڙي، لاهيوس تنگ مان جهلي. ڪوڙيوس مٿو ۽ مڇون!" پيروءَ، پونگر جو آواز سڃاڻي ورتو.

پونگر نوجوان پڳل هئو. جنهن تازوئي پراڻي دشمنيءَ تان قتل ڪري پڳل ٿيڻ جو اعلان ڪيو هو. سندس ابا ڏاڏا انگريز دور به اهوئي ڪم ڪندا هئا. جن جا هاڻي هڏا به رلي ويا هئا.

"پونگر، سائين، خير ڪر خير....."

تيستائين پونگر سان آيل همراهن هن کي تنگ مان جهلي ڇڪي هيٺ لاٿو ۽ هن جا هٿ پٺن تي ورائي ٻڌي، منيءَ تي دسي، پاڪيءَ سان مٿو مڇون ۽ ڏاڙهي ڪوڙي، پوءِ رسي کولي گهوڙيءَ تي چاڙهي روانو ڪيائونس.

"وري هيڏانهن منهن نه ڪجان. تنهنجن ٻين بابن کي به ٻڌائي ڇڏجان. جيڪو هيڏانهن آيو اهو ساهه بچائي نه ويندو."

پيرو رڙ جهاڳيندڙ ٽڪل مسافر جيان اکين مان آب هاريندو روانو ٿيو.

جيتوڻيڪ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هن علائقي ۾ پڳلن جو آزار بنهه گهٽجي ويو هو. پر جيڪي انگريز دور ۾ پڳل مارجي ويا هئا. انهن جي اولاد مان ڪجهه ڇٽن، مائٽن جي پلاند جي نالي تي وري هٿيار کنيا ۽ انهن جي ڏوڙ بجاءِ ڏاڍن ۽ قانون جي ڏٽين جي، انهن مظلوم ماڻهن تي هئي، جيڪي انگريز دور ۾ به سندن وڏن جو نشانو بڻيا. پونگر به پر واري ڳوٺ مان هڪڙي

مظلوم جي رت ۾ هٿ پري ڏاڙيل ٽيو. انهن سيني کان پلاند ونڻ جو اعلان ڪيائين، جن تي پهريائين سندن وڏن جو قهر نازل ٽيل هو.

جعفر جي ڳوٺ ۾ جڏهن پيروءَ جي ڳالهه پکڙجي وئي تہ ڳوٺ مان مايون مرد اچي سندس اڳڻ تي گڏ ٽيا. جن بہ ڪيس ڏنو تي، تن نڪ ۽ ڪنن تي هٿ رکي توباهون ٽي ڪيون:

"ٻيلي! هن مسڪين معذور ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟ ظالمر! معذورن مان بہ نہ ٽا مڙن."

"خدا ڪندو تہ ڪتي جو موت مرندا. پاڻهي باڇا پير رسندن. يارهين وارو ڪندو تہ لاش بہ ڳجهون کائيندن."

وڏيرو جعفر جڏهن پيروءَ جي گهر پهتو تہ مڙني ماٺ ڪئي. پيروءَ کي وڏي پاکر ۾ وڌائين تہ سندس نيٽن جا بند ٽٽي پيا. وڏيرو جعفر بہ لڙڪن کي روڪي نہ سگهيو. اتي موجود ماڻهن مان رڳو بختاور هئي، جنهن جي اکين ۾ لڙڪن بدران رت پئي ترير:

"ادا جعفر! مڙس مڙس جو مٽ آهي. جهڙي ڪئي اٽن، اهڙي ڪنداسون. پلا جي اوهان مڙسن کان ڪجهہ نہ ٽيو تہ مون زائفان زات کي چڏيو تہ ڪيئن ٽي ماٽس پٽس ياد ڏياريانَ."

"صبر، ادي، صبر! صبر جو ڦل مٺو."

"اجان بہ صبر! شابس هجئي ادا!"

"ادي! قانون هٿ ۾ ڪونہ ڪٻو. پيرو ۽ اسين وڃون ٿا ٽاٽي تي. سرڪار سان ٽڪر کائين تہ خبر پوين."

ٻئي ٽاٽي تي پهتا، جتي صوبيدار سان حال احوال اوريائون:

"وڏيرا جعفر! اهو ڏوهارين ۽ بدمعاشن جو نئون ٽولو آهي. سندن وڏن کي بہ چيو اٽئون تہ هنن کي لغام ڏيو. انهن جي هڪ بہ نہ ٽا ٻڌن. حڪومت کين چيو آهي تہ حاضر ڪيونَ يا مرڻ لاءِ تيار ٽين. هو حاضر ٽيڻ جي بجاءِ روز نيون وارداتون ٽا ڪن. جن آهورن ۾ کائي ڏنو هجي، سي توبرن ۾ ڪٽي ٽا کائين! سندن انجام بنهين خراب ٽيڻ وارو آهي."

"هائو صاحبا بس وارو ڪريو. هنن بدمعاشن، ڦورن مان اسان مسڪينن جي جان ڇڏايو."

"ٻ- ٽي ڏينهن صبر ڪر. ڇڳي خبر ملندي" صوبيدار وڏيري ۽ پيروءَ کي آڏت ڏئي واپس موڪليو.

ڪجهه وقت کان پوءِ پوري علائقي ۾ هُلي ويو ته پوليس، پونگر کي جيئرو پڪڑي ورتو هئو. جڏهن ته باقي ساڻي پوليس مقابلي ۾ مارجي ويا هئا. پونگر کي وڏي شهر جي سينٽرل جيل موڪليو ويو. جتي ڪيس هلائيندي کيس قاسيءَ جي سزا ٻڌائي وئي. سال ٻه جيل ۾ رهڻ دوران جيل مان فرار ٿيڻ جي ڪوشش کان پوءِ قاهي چاڙهي بي ڪفنو ڪري ماريو ويو. پوري علائقي تان اها وبا به ختم ٿي وئي.

25

بختاور جو مڙس جڏهن فوت ٿي ويو هئو تہ کيس مڙس جي وچوڙي ڏوٽي اکيلائي جي کوهہ ۾ ڦٽو کيو. ننڍو جمعون، عثمان پيٽ ۾، کنهن سان سور وندي؟ کڏهن کڏهن وڏيري جعفر يا پيروءَ جي گهر کچهريءَ ۾ دل وندرندي هيس. ان کان اڳ ۾ عدت ۾ ويهندي کيس پوائتا خواب ايندا هئا. کڏهن کوپانهن مان هٿ وجهي چڪڻ جي کوشش کندو هيس تہ وڏي رڙ کندي ننڍ مان جاڳي پوندي هئي. کڏهن تہ نانگ سندس پوبان لڳندو هو تہ پڇي پڇي ساٿي ٿي پوندي هئي. اک کلي ويندي هئس يا اوچتو کو طوفان ايندو هو تہ جمعي کي هنج ۾ قابو جهلي اڇان دانهون کندي هئي تہ اوچتو ننڍ مان جاڳي پوندي هئي. هن اندر ۾ اٿندڙ طوفانن ۽ باهرين گرمين، سردين سان همٿ سان جنگ جاري رکي. تنهن هوندي بہ کڏهن کڏهن کي اوچتا پوائتا خواب ڏسندي هئي. خوابن ۾ جهيڙيندي، چرڪ پري اٿندي هئي، وري کلمون پري سمهي پوندي هئي.صبح جو پاڙي جي کنهن وڏڙي عورت کان خوابن جي تعبير پڇندي هئي تہ کيس جواب ملندو هو: "امان! جيڪا مائي جواني ۾ بيوهہ ٿي ويندي آهي، ان تي جن پوت حملو کندا آهن. جي دل کمزور هوندئين تہ پُري پوندينءَ، نہ تہ نيٺ ٽکجي پوندا. ٻيو تہ هاڻي ماٺهو بہ جن ٿي پيا آهن، سوانهن کان نظر بچائي هلندي کر!"

بختاور کوشش کندي هئي تہ خوابن کان نہ ڊڄي. هن پکو پهہ کري چڏيو تہ ڏکن سکن جو جمي مقابلو کندي، پر زندگيءَ جي ساٿيءَ

جي جدائي ڪتان ٿي سندس پڇر ڇڏي. ڪافي سالن کان پوءِ وري اهڙي ئي خواب ۾ ڏٺو جي وئي. آڏي رات جي اونداهي، ڪيڏي ڪيڏي مهل هلڪي بوندا باندي، مڇرن جا پونيٽ، ٻهر جي ڏينگهرن جي ڏنل لوڙهي ۾ آرن جون ٻوليون. ڪتن جي ٻونڪڻ جو آواز گدڙن جون اوناڙيون، ان مهل بختاور اگهور ننڊ ۾ ستل هئي:

"مائي! جلدي اٺ، آئون باڇا پير آهيان. تنهنجو گهر هڪڙي ٽوٽيءَ تي ڪنيو پيو اٽئي!" بختاور خواب مان ٽپ ڏئي اٽي. پيرن ۾ جتي پائي، هڪڙي هٿ ۾ تلهڙ ٻئي هٿ ۾ بتي، وڃي ڏسي ته واقعي گهر کي کات لڳو پيو آهي. ڪچڙن ۽ ٽپڙن سان پريل پيتيون به گم آهن. هن ٻاهر نڪري زور سان دانهون ڪيون:

"اڙي نياڳا! ناحق ظلم ڪري ويا. عثمان جي شاديءَ لاءِ رليون ۽ سوڙهيون سبيم، سي به نياڳن ڪين ڇڏيون."

هوءَ دانهون ڪندي گهر کان اتر، جهنگ ڏانهن ويندڙ واٽ سان تيز تيز وکون کڻندي وئي، اڳتي هلندي ڏٺئين ته پيتيون خالي پيل هيون. تيستائين جمعي ۽ عثمان سميت پورو ٻوٽ هٿ ۾ ڏنبن، ڪهاڙين ۽ هٿ بتين سميت ورهاڙي جي شڪل ۾ واٽ وٺي جهنگ ڏي روانو ٿيو.

"وٺ ڙي وٺ..... چور چور.... اتر.... اتر...." بچاءَ بند کان اڳتي ڪو ڪر پير نه لڳو ته سج اپرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا.

جڏهن سج اپريو ته ورهاڙي وري پير کڻڻ شروع ڪيا. جيڪي اڳتي هلي، پاٽيءَ جي وڏي ڪنب جي پر ۾ وڃائجي ويا. ۽ ورهاڙي وارا ٽڪجي هارجي موٽي آيا. وڏيري جعفر تر جي ڪاٽڪو همراهن تي بار رکيو ته ڪيئن به ڪري اها چوري واپس ورائي ڏين.

شام ٿي ته ڳوناٽا بختاور جي گهر گڏ ٿيا. ڪئين سينڊيون، ڏاڙهيون ڳالهين جي ڳهر ۾ گم ٿي ويا:

"ماسي! جيئن چئين اسان توسان لٽ پٽسي ۾ گڏ آهيون."

"هائو ادي! منهنجا ٻئي جواڻ جماڻ پٽ آهن، جتي چوندين ۽ اتي ويندا."

"ادي بختاور! مون زور بار رکيو آهي، الله ڪندو سامان موٽي ملندو."

"هائو ادا، جعفر! تون بار رک. مون بہ وڙول رکي آهي، ڳولا ڪيون ٿا. آئون بہ صبح جو جهنگ وارن دڙن ڏي نڪري ويندس. منهنجي هيءَ سينڊ آهي، جي هٿ آيا تہ ڏاڙهي پٽي ڪک ڪک ڪري ڇڏيندیسانَ.... پيٽهان حرامي ڦرن کي مون بيواهہ جو ٽڪي جو بہ خيال ڪو نہ ٿيو."

"امان بختاور! صبر ڪر، سڀ سڌايون ٿيندیون. اسين ڳولا ڪيون ٿا. تون گهر ويهي الله الله ڪر."

"نہ، پٽ، عثمان! اوهين ايجان ٻار آهيو اوهان کي زماني جو واءُ لڳو نہ آهي. اوهين ماڻ ڪري گهر سنڀاليو باقي آئون پاڻهي ٽي ڏسان."

بختاور ڪجهہ ڏينهن ڳولا ڪرڻ کان پوءِ ٽڪجي هارجي واپس گهر موٽي آئي.

ان ڏينهن شام جو سج لڙيي، چلهہ تي ماني پئي پچايائين. جمعون بہ مال مان واندو ٽي ڪانپ ڪيڊي اچي ڪاڻ جي تختيءَ تي ويٺو.

"امان! ڏي خبر، ڪو آسرو ٿيو؟"

"نہ ابا! چار چگڻ کي چئي آئي آهيان، آسرو ڏنو اٽن."

ڪجهہ ڏينهن تائين مايون مرد بختاور جي گهر ايندا ويندا رهيا. ڪي حال احوال ونندا رهيا تہ ڪجهہ همدرديءَ جو اظهار بہ ڪندا رهيا. وقت گذرڻ سان گڏ ڳالهہ آئي وئي ٿي وئي. پر بختاور جي سر تي چور سوار رهيا. نيٺ هڪڙي ڏينهن اچي گهر جي گهٽيءَ ٻاهران سڏ ٿيو.

"جمعان.... او جمعان.... عثمان..... عثمان...."

ان وقت ٻئي گهر ۾ موجود ڪونہ هئا. سو بختاور جهٽ ڏئي، مٽي تي پوتي رکي تڙ تڪڙ ۾ ٻاهر نڪري آئي. سامهون پوليس وردیءَ ۾ همراهہ بيٺل هو.

"ابا! ڀلي ڪري آئين."

"ماسي! ڀلائي هجنئي."

"ماسي! جمعون يا عثمان گهر ۾ آهن؟"

"نہ ابا!"

"ماسي! تون انهن جي ماءُ آهين؟"

"هائو پٽ!"

"ماسي! اسان ۾ چور سڳ سوڏو پڪڑيا آهن. ٻئي سامان سوڌا ٽاٽي تي آهن. صوبيدار صاحب موڪليو آهي تہ اوهان ٽاٽي تي اچي سڃاڻيو. متان سامان اوهان جو هجي."

"پٽ! الله ڪير، پٽ ڏيندئي. تنهنجي زبان مبارڪ. هائو ابا! رڳو جمعي يا عثمان مان ڪو اچي تہ پهچون ٿا."

"ٺيڪ آهي، امان! آئون هلان ٿو."

"پٽ، ويهہ! لسيءَ جو گلاس پي پوءِ وڃ."

"نہ ماسي! الله جهجهو ڪري ڏيئي، وري ٻئي دفعي." پوليس وارو واپس روانو ٿي ويو.

ٻئي صبح جو بختاور ۽ عثمان ٽاٽي سڃي پهتا. اُتي موجود سامان تي نظر پيس تہ بختاور کان رڙ نڪري وئي.

"خدا جي مار پوين. مون مسڪين مان ڪونہ مڙيا. اڙي! هٿن ۾ سيون ڪونہ لڳن. سڄي عمر جي ڪئي ڪمائي ٿي وئي. هٿ جو پورهيو ڪيم، سو الله ڪيئن وڃائيندو! صاحب! اهو تہ منهنجو سامان آهي." هن سامان ۾ پيل هڪڙي سوڙ کي اٽلايو پٽلايو جنهن ۾ وڏيون سيون ٽنبيل هيون.

"صاحب! هي ڏس، مئن جا هٿ ڪونہ ڦٽيا! هي ڏس منهنجي چتون ڪور رلي، صاحب! هن تر ۾ ٻي مائي ڪونہ ناهيندي. عثمان جي سيج آهي."

"پٽ! چورن جي خبر ڏي؟"

"امان! انهن جو فڪر نہ ڪر. اهي هاٽي ڪاٽ ۾ آهن." بختاور صوبيدار جي جواب مان مطمئن ٿي وئي.

ٽپڙن کي غور سان ڏسندي صوبيدار کي هڪڙي رلي وڌي وئي.

"امان! جي دل ۾ نہ ڪرين تہ هيءَ رلي، تنهنجي ننهن لاءِ ڪٽان."

"هائو پٽ، پلي! هڪڙي کان ٻہ ڪڙ، تو هيڏو ٽورو ڪيو آهي، اهڙي بي مهابي آئون ٻہ ڪونہ آهيان."

جڏهن سڄو سامان بختاور گهر کڻائي آئي تہ ڳوٺ جا مرد، مايون، پوڙها پکا، ڪچا، ٻار سڀ اچي اهو سامان ڏسڻ نڪتا. سندس ٽلهي تي ان وقت رڳو مبارڪن جو مينهن پئي وسيو.

جمعون خوشيءَ مان ماڻيو نہ پئي. عثمان ايندڙن جي آڏر ياءُ پئي ڪئي تہ بختاور وري وڏيري جعفر، جادل ۽ پيروءَ وارن سان ڳالهين ۾ گم هئي.

"ادا جعفر! ڀلا ڏي خبر؟"

"ڪهڙي خبر، ادي بختاور؟"

"مصريءَ جي..."

"مُئي جو بُندر لي ويو. سال ٻہ اڳ ۾ ٻڌڻ ۾ پئي آيو تہ همراهہ ڀڳل ٽي ويو آهي، پر پوليس جانچ ڪئي آهي. اهو ٻيو ڪو مصري ڏاڙيل آهي، جيڪو ڪاروايون ڪري سرحد پار هليو ويندو آهي."

"وڏيرا! پوءِ ٻہ مسڪين جي خبر تہ ونجي." پيروءَ ٻہ ڳڻتي ظاهر ڪئي.

"هائو ادا، پيرو! سال ٽي ويا. سندس پير ڪر ئي نہ ٿو لڳي. اڳ ۾ گم ٽيل پاڻ کي مليا آهن. جو هيءُ ملندو. جعفر رڳو پراون ڪمن ۾ پنهنجي جو تہ خيال ڪيو!" جادل کي موقعو ملي ويو.

"هائو ڏي هائو ڀيٽهان تيرهن تالي! سدائين وچ ۾ ٽپو ڏيندين آهين. توکي خبر ڪونهي تہ مصري لاءِ مون ڪيترا پنڌ ڪيا آهن؟"

خوشيءَ وارو ماحول ٿورو ڳڻتيءَ ۾متجي ويو. سڀ ماڻهو خاموشيءَ وچان هنن ڏي تڪڻ لڳا تہ بختاور ان کي سنيالي ورتو:

"ادي جادل! تون هينئر چڏ مصريءَ کي، وڃ وهنديءَ کي."

"هائو مائي!" پيرو ٻہ بختاور جي ڳالهہ کي ٽيڪ وٺرائي تہ ڪجهہ دير کان پوءِ هر طرف ٽهڪ وکرڻ لڳا.

26

واھ جي ساڃي پاسي جڏھن زمينون الاٽ ٿيڻ کان پوءِ وڏيڪ زمينون آباد ڪرڻ جو ڪم تيز ٿي ويو تہ ايجان وڏيڪ ٻاھران آيل ھمراھ ۽ رٽائر فوجي بہ ھنن پٽن جا ڏٽي ٻڌيا. جن جي ابن ڏاڏن کي ھتي جو ڪڏھن واءُ بہ نہ لڳو ھئو سي جھٽ پل ۾ زمينن جا ڏٽي بنجي ويا. وڻ وڻجڻ ۽ پاڻي سڪڻ سان پکي پکڙ، جيت جڙا سپ يا تہ مرندا ويا، يا وري واھ جي ڪاھي پاسي موجود جھنگ ۽ ڏنڊن جو رخ ڪندا ويا. جتي صدين کان وڻي مالوند ماحول ھئو جھنگ جي دنيا آباد ھئي، سا سانڊي جي رنگ وانگر تبديل ٿيندڙ وئي.ائين پئي لڳو جڻ ڪو وڏو زلزلو آيو ھجي، جنھن سان زمين پنھنجا ڪپڑا ڦاڙي ننگي ٿي بيٺي ھجي ۽ ايندڙن کي پٽون پاراتا ڏيندي ھجي. جڏھن اڪثر وڻ ٻوٽا وڍجي چڪا تہ ٻيو مرحلو واريءَ جي دڙن کي سنوٽ ۾ آڻڻ ۽ وٽن جا لاھ ڪيڻ ھو تہ جيئن وڏيڪ زمين آسانيءَ سان آباد ڪري سگھجي. پاڻيءَ جي پھچ کي سولو بنائڻ لاءِ واھ مان وڏيڪ شاخون ۽ واٽر ڪورس ڪڍيا ويا. جنھن زمين صدين کان خدا جي مخلوق کي بغير لوڀ لالچ جي پناھ ڏني، ھاڻي ان جو پنھنجو سينو چيريو ۽ پاڻيءَ کي واھن ۾ قيد ڪيو ويو. بختاور بہ پنھنجي زمين آباد ڪرڻ لاءِ عثمان سان روز صبح ساڻ گڏجي ويندي ھئي. جتي ٻئي ڇٽا ڪڏھن ڪوڏر تہ ڪڏھن کھاڑيءَ يا کھيڑي سان جھنگ صاف ڪندا ھئا. جڏھن تہ جمعون مال جي بلي ھو. اھو ڪم مھينن تائين ھليو. ايستائين جو زمين جي وچان رستو نہ ھجڻ

ڪري هُڙي ۽ وڍرائي ڇڏيائين. جن جي زمينن مان رستو گذرندو هو انهن نون آيلن رستو ڏيڻ کان انڪار ڪري پراٹي رستي کي ڌاهي پٽ ڪري ڇڏيو. جڏهن ٻني صاف ۽ سڌي ٿي بيٺي تہ بختاور ڍڳن جو جوڙو ۽ ورتو جيئن وڌيڪ ٻني کيڙي سگهجي. پهرئين تہ ريج ڪري ۽ ٿي مهينن تائين زمين کي ناريڻ لڳا ۽ پوءِ نيٺ فصل پوکڻ جو وارو ۽ اچي ويو.

هتي ايندڙ ماٹهن جي هولي ۽ هتي جي اصلوڪن ماٹهن کي اوپري پئي لڳي. ٻيو تہ اوڙي پاڙي جو خيال رکڻ بجاءِ بنهہ اک پور ٿي لڳا. هڪ پيري عثمان وارن جي پيئڻ جو پاٹي ڪٽي ويو تہ پر واري ڪلاسي همراهہ کان ۽ گلاس پاٹيءَ جا ونڻ ويو. بجاءِ انهيءَ جي جو ڪاڙهي ۾ پنڌ ڪري پري کان شاخ تان پاٹي پري اچي.

"السلام عليڪم."

"وعليڪم السلام."

"سائين بسم الله يون." هن هٿ ملائيندي چيو.

"سامهون واري همراهہ ۽ آڳريون ڏيندي پڇيو "ڪو ڪم آهي؟"

"هائو ادا! امان پوڙهي کي اڄ لڳي آهي، دلي ۾ پاٹي ڪٽي ويو. سو چيم ڪاڙهي ۾ پنڌ ڪري پرڻ بجاءِ اوهان کان ۽ گلاس پري وڃان."

"نہ پائي نہ! اسان وٽ پاٹيءَ جو ڏيڪ ناهي. پنهنجو وڃي پريو."

"صفا ڪي مروان آهن. هنن وٽ ماٹهوءَ ڇيٹي لاءِ ڪا همدردي ڪانهي. الائي ڪهڙي متيءَ جا ٺهيل آهن؟" هو پٹڪندي واپس موٽي آيو.

عثمان سان پيش آيل ان واقعي کان علاوه ان قسم جا ڪيئي ننڍا وڏا واقعا اصل ۾ ڏارين ماٹهن جي وچ ۾ پيش آيا. ڳالهہ وڃي ڪهاڙين ۾ ٽاٹن تائين پڳي. ٻئي ڏريون نئين ماحول ۾ هڪ ٻئي کي ڍالي نہ سگهيون. جنهن ڪري محبتن جي هن ديس ۾ ٻنهي وچ ۾ نفرت جو ٻج ڦٽندو ۾ وڌندو ويجهندو ويو.

جعفر جي ڳوٹ سميت تر جي ماٹهن ۾ اهو احساس اندر وڌڻ لڳو تہ هنن کان ڪهڙي بيوقوفي ٿي وئي؟ جنهن زمين سان سندن تعلق ابن ڏاڏن کان رهيو. جتي هو سڄي عمر ڪائيندا، پيئندا ۾ سمهندا هٹا، اڄ اها زمين انهن لاءِ ڏارئين ٿي پئي. جن همراهن ڍنڊين ۾ مال جي سيمن جي ڳالهہ

ڪئي، سي بہ هڪا ٻڪا ٿي. هٿ مهٽيندا رهجي ويا. تنهن هوندي بہ جمعون بہ تي ڪوهہ پنڌ ڪيڊ ناري واهہ جي ڪاپي پاسي ٻئي پر مال چارڻ ويندو هئو. ڳوٺ جو مال گهٽجڻ ڪري ڪجهہ ڪن وڃي بچيا هئا، جيڪي جمعون چاراٽي تي چاريندو هئو. هاٽي ان جهنگ جي جاءِ تي سنيون سڏيون ٻنيون، جن ۾ ٻاجهري، ڪاڪڻ، ڪڪڙ، جوئر، مڪئي، اڳتي هلي وونئڻ، ڪمند ۽ ٻيا مختلف فصل ٿيندا هئا. جن دڙن تي ڳوٺ آباد هئا، رڳو انهن مان ڪجهہ بچي ويا. پر اتي جا ماڻهو بہ ڪائڻ پيئڻ لاءِ نون همراهن جا محتاج بنجي ويا. هو ڪنهن کي بہ ٻنيءَ ۾ پير رکڻ نہ ڏيندا هئا. جڏهن ٻاجهري، ڪڪڙ يا سارين جو فصل پچندو هو تہ لاباري لاءِ انهن دڙن تي رهندڙ ماڻهن کان علاوه جعفر جي ڳوٺ سميت مختلف ڳوٺن مان اڪثر مرد ۽ مايون لابارو ڪرڻ ويندا هئا. جنهن مان هو ٻارهن مهينن لاءِ پيٽ جو ان گڏ ڪندا هئا. باقي بختاور، عثمان ۽ جمعون ٻنهنجي ڪم سان جٽيل هئا. ٻنهنجي ٻني، ٻنهنجو مال، بختاور جي ڏگهي نظر ان وڏي ڏڪ کان بہ ٻنهنجي خاندان کي بچائي ورتو.

وڏيرو جعفر بہ ڏينهون ڏينهن پوئتي ٽيندو ويو. مال جو چارو ختم ٿيو تہ بيماريءَ اچي ورتو. پويان پئسو نہ پائي. اولاد جائس تہ اهڙو نياڳو جو چوويهہ ڪلاڪ نشي ۽ ڏڻ ۾ پورو. ڪڏهن هِن سان تہ ڪڏهن هُن سان ڏند چڪ، روز جا فيصلا، منٽون ميڙيون. اولاد جي انهن حرڪتن وڏيري جعفر کي جهيڻو ڪري وڌو. پر پنهنجي گهراٽي جي عزت ۽ انا جي ڪري وڏيري ڪڏهن بہ ٻئي اڳيان هٿ نہ ٽنگيو. نہ وري هن جي ٻارن ٻچن ڪنهن جي ٻنيءَ ۾ پير وڌو. تنهن هوندي بہ هن جي شخصيت ۾ ڏيا ايجان موجود هئي. هو صرف اتي ويندو هو جتي ايجان بہ سندس عزت هوندي هئي. ان ۾ بختاور ۽ پيروءَ جا گهر بہ شامل هئا. ڳوٺ جا جيڪي مايون مرد آزاديءَ سان جهنگ ۾ مال چارڻ ويندا هئا ۽ مينهن، ڏڪين جي ٽٽن مان گوهن جا هيراڪ هئا، سي گهرن تائين محدود ٿي وبا ۽ ڪير ڏڪ لاءِ بہ سڪندا رهيا. مرد پروارين ٻنين مان تر جي گاهہ جون بہ تي پريون ڪري گهر ٻڌل مال کي ڏڻي پاڻ گهر ۾ ئي ديرو ڇمائي ويهي رهيا. عورتون بہ هاٽي گهر تائين محدود ٿي ويون. اهو گهر جو ڪم ڪار، مال، ڇيٽو، ٻهارو ۽ ماني پچائڻ جو ڪم. هاٽي بختاور

جھڑين سٹوڪرين ماين بجاءِ انهن عورتن جي سوچ گھر کان شروع ٿي گھر تائين محدود ٿيڻ لڳي. نئين سماجي تبديلي کري نون ڏارين زميندارن ۽ پوءِ ڏاون وڏيرن هن علائقي ۾ جنم ورتو تہ پوري سماجي ڍانچي ۾ تبديلي جي هوا گھلڻ لڳي. مٽين مائٽنين، يارين، دوستين، ڏک سک جون شڪليون بدلجڻ لڳيون. لوڙهو لوڙهي کان ڏار ٿي ويو. پاڻ، پاڻ جي پٽکي ۾ هٿ وجهڻ شروع کيا. علائقي ۾ اها نئين تبديلي انهن نون آيلن جي ديکا ديکي جي کري ٿيڻ لڳي. اڳ ۾ جهيڙو جهٽو کبو هئو. پر هلي وچي بخشرائبو هئو تہ اندر بہ صاف ٻاهر بہ. هاٿي پلي سر ڏئي چڏبو پر من ۾ ميڙ موجود رهندو هئو. اوڙي پاڙي، رت جي بجاءِ نوٽن جي بنياد تي نوان رشتا ٺهڻ ۽ ڏهڻ لڳا. اصل ماڻهن بجاءِ پوءِ ڏاون جيپن جا اسٽيئرنگ سنياليا تہ کپڙن مان نکري ويا.

27

مکيءَ ۾ اهو رواج هلندو پئي آيو تہ جڏهن سرءُ جي موسم جي پچاڙي هوندي هئي ۽ سيارو اچڻ جا سانباها ڪندو هو تہ جن گهرن ۾ نوجوان ڇوڪرا يا ڇوڪريون سامائجي ويندیون هيون، انهن جي شادين جي تياري شروع ٿي ويندي هئي. تنهن ڪري گهر گهاٽ بہ نئين سر اڏبا هئا. اڪثريت جون مائٽيون تہ سندن ننڍي هوندي ئي طئہ ٿي ويندیون هيون. ڪجهہ گهر ئي هئا جيڪي فيصلو وڏي هوندي تي ڇڏيندا هئا. اهڙن ماڻهن تي باقي ڳوٺ وارا ڪلون ۽ ٽوڪون ڪندا هئا. ويجها عزيز ميارون ڏيندا هئا تہ ايان تائين سندن رشتو طئہ ناهي ٿيو!

سو هن دفعي جڏهن ڇو وائي لڳڻ ڪان پوءِ اتر جي ٺڏي هوا آهستي آهستي هن علائقي ۾ اچڻ شروع ٿي. سر نسري ڪانن ۾ تبديل ٿيا. ڪانن جي ڏيڻ جي مٽان ويهي ڪارڪٽيون انهن کي ٽڪڻ لڳيون. ڪکن ۽ ڪانن جا نوان گهر اڏجڻ لڳا. چيڪي مٽي، چيٽن ۽ لڏ سان گهرن کي ماين راڳا ڏيڻ شروع ڪيا ۽ ننڍڙن ٻارن انهن سرن جي ڏيڻ جا گونج ڪڍي ڪائڻ شروع ڪيا تہ موسم جي ڦيري جي ڪري بختاور جي دل بہ جهبي ڪاڏي. صبح جو سوير مال پهرڻ ڪان اڳ ۾ هن جمعي کي سڏ ڪري پنهنجي پر ۾ ويهاريو:

"جمعان پٽا! ڳالهہ ٻڌ. پاڻ جو هڪ ٻئي ڪان سواءِ ٻيو ڪير آهي؟ هڪ ٻئي جي ڏک سک جي باري ۾ پاڻ نہ سوچينداسين تہ ڪو ٻاهران اچي

ڪونہ ڪلهو ڏيندو. ٻيو تون وڏو پاءُ آهين، پيءُ جي آڇار. تون نہ ڪندين تہ ٻيو ڪو ڪونہ ايندو."

"تون ڳالهہ ڪر، امان!"

"ابا! هاڻي سيءَ شروع ٿيڻ وارا آهن. ياڻهي عثمان بہ ڪيترو اڪيلي زندگي گذارينداو! فتوءَ سان ڳالهاءِ تہ مٽئين مهيني ڪاج ڪري جان ڇڏايون."

جمعون جڏهن بہ شاديءَ جي ڳالهہ ٻڌندو هئو تہ هيٺ کان مٿي تائين جسم کي باهہ لڳي ويندي هئس، جڙ ڪنهن ڪپراتي واري ڪهاڙي هڻي ڪڍي هجيس.

"هائو امان! تنهنجو پٽ تہ عثمان آهي. آئون تہ اڳ ڄائو آهيان. منهنجي لاءِ ڇو سوچيندين؟"

"پر ابا! تنهنجي لاءِ تہ حيلا ڪري ٽڪجي پئي آهيان، ڪوبہ ڪو نہ ٿو ڏئي تہ ڇا ڪنديس؟ هاڻي تہ وار بہ اڇا ٿي ويا اٿئي. اڃان بہ شادي شادي!"

"ها ها، امان! تون تہ پنڌ ڪري ڇڄي پئي آهين."

"بس، پٽ! توکي ڪهڙي خبر پيٽ ڄائو ڇا ٿيندو آهي؟ پيٽ ڄائو هجئي ها تہ قدر ٿيئي ها."

"ها ها! تڏهن تہ مونکي موڙ ٻڌائي وينو آهين."

"ابا، ڪجهہ خيال ڪر پوڙهي ماءُ جو منهنجي وڃڻ کان پوءِ هٿ هٽندين!"

"هائو ڏئو بہ ڏاڍا پياريا اٿئي نہ. پيو هٿ هٽندس!"

جمعون جهٽ ڏئي پوتڙو ڪلهي تي رکي باهہ جي گولي وانگر ٻرندو، مال کولي ناري واهہ جي ٻئي پار روانو ٿي ويو. عثمان سڄي ڳالهہ پريان کٽ تي وينو پئي ٻڌي. ڪاوڙ بہ ڏاڍي آيس پر وري چپ ٿي ويو. جمعي جي وڃڻ کان پوءِ بختاور سان مخاطب ٿيو: "امان! تون بہ انهيءَ چريي کي هروپرو ڇو ٿي ڇيڙين؟ اڳ ئي سڄي ڳوٺ کي دانهون پيو ڏئي تہ ٻئي ماءُ پُٽ مونسان جٽ ڪيو وينا آهن. منهنجي سيءَ مال ملڪيت کايو وينا آهن. پاڻ کي سڄي ڳوٺ ۾ خوار ڪري ڇڏيو اٿس."

"پر ابا! وري پاءُ، ابي جو پٽ آهي."

"امان! مون گھٹيئي سنو هاڻي مونکان جهلو نہ ٿو ٹئي. روز روز مون تي ڪروڌ ڪيو ويٺو آهي. پاڻ هن گهر ۾ رهي يا آئون ماڳهين هليو ٿو وڃان."

"ابا، خير گهر ۾ڇڙا! اڳ ئي تنهنجا ڏک جهليا اٿم. تولاءِ راتيون جاڳي ڪٽيون اٿم. هاڻي مون ۾ همت ڪونهي رهي ته هن عمر ۾ اولاد جو ڏک سهي سگهان. تون ته سمجهو آهين."

"پر امان! ماڻهوءَ جي برداشت جي حد هوندي آهي. هر شئي ڏيانس ونانس پوءِ به رڳو مون تي ڏوڙا!"

"انهيءَ جي دل ۾ نہ ڪر ڇڙا! به منٽ ڦوڪي چڏيندو. وري ساڳيو اچي پاسو جهليندو."

"امان! انهي ڪي نہ چئو تون وڏيري ڪي چئو ته پاڻهي ڳالهائيندو. نہ ته صفا ڳالهہ ڳري آهي ته مونکي به شادي ڪونهي ڪرڻي."

"خير گهر، پٽ عثمان! ڪهڙيون پيون وايون ڪرين؟ سياڻو ٿي، چرين واريون ڳالهيون چڏ. دنيا جا ماڻهو ڪلائيندين چا؟"

نيٺ عثمان به ٿورو ٽڏو ٿيو ته بختاور به ڪم ڪار کي لڳي وئي. جمعون جهنگ ۾ پهچڻ کان گهڙي کن پوءِ جڏهن طبيعت ۾ ٿوري ٽڏاڻ آيس ته ماءُ جا چيل لفظ سندس دماغ جي ڪپراٽي ۾ بلورن وانگر هرڻ لڳا. هو جهنگ کان ٻاهر مٽي نڪري واهہ جي بند تي چڙهي اچي ٻيٺو. ساڃي هٿ کي نراڙ تي رکي، جهنگ ۾ نظر ڪيائين ته اتران ڪيس فتو ٻهر جي وڻ هيٺيان ويٺل نظر آيو. ان جي چرندڙ مال جي چڙين جا آواز سندس ڪنن کي چهڻ لڳا. بند جو پاسو ڏئي، هيٺ وات لهي سڏو فتوءَ وٽ پهتو:

"سلاماليڪم."

"ماليڪم اسلام."

"ادا جمعان! پلي ڪري آئين!"

"هائو ادا، هائو!"

"يڪو ڪٽي گم هئين، يار جمعان؟"

"هائو يارا ملي ڪونہ سگهياسين. ڪنهن ڏس ڏنو ته ڏکڻان وڏو گاهہ اٽئي، به ٽي ڏينهن سو اوڏانهن هليو ويو هئس. اڄ مال واپس ڪاهي آيو آهيان. هاڻي اتي چارو بچيو ڪونہ هيو. تون خبر چار ڏي؟"

"خبرون خير جون، ادا! ملڪ ڪائڻ ٿو اچي. هڙ هلي وئي، رڳو گهر وڃي بچيا آهن. سڀ اچي سوڙها ٿيا آهيون. ڪا خبر ڪونهي، اتئين به ٽپڙ ڪٽائيندا."

"هائو ادا، بروبر. انهن نون همراهن جي خبر پوي ڪونه ٿي. ڪڏهن پريءَ ۾ ته ڪنهن مهل پاڪر ۾."

"ادا، فتوا! تون لڏو ڪٽي اچي اسان واري ٻنيءَ تي ويهه. ڪير تنهنجي وار جو نالو ڪونه ونندو."

"نه ادا! جتي نياڻي ڏبي آهي، اتي اهڙي هجت ڪانه ڪبي آهي. الله وڏائي ڏئين."

"هائو يارا! ياد آيو. اڄ امان پئي چيو ته هاڻي عثمان جي شاديءَ جا ڏينهن اچي ويا آهن."

"ادا! نياڻي ڏيڻي هئي، ڏئي ڇڏيم. وري نياڻي کي ٻي گار ڪونه ڏيندس. هاڻي اوهان جي امانت آهي. جنهن مهل وڻيو وڻي وڃو."

"ته پوءِ سياڻي شام امان کي موڪليندس. مٽئين مهيني جي چنڊ جي ڪا تاريخ رکي ونڻداسين."

"ها، ادا، چونا"

جعفر جي ڳوٺ ۾ ايجان تائين اهو رواج هلندو آيو ته مرڻي پرڻي ۾ وڏيراڻي گهر کي اهميت ڏبي هئي. پلي مالي حالتون ساڳيون نه رهيون هجن، پر وري به چنڊ ڳنڍڻ جا فيصلا وڏيري جعفر وٽ ئي ٿيندا هئا. سڄي ڳوٺ جي برادري اتي اچي گڏ ٿيندي هئي. ان مالوند يا زرعي سماج ۾ برادريءَ کان ڪير به ڏاڍو نه هئو.

فتوءَ شام جو مال ڪاهي، پنهنجي ياڙ ۾ ٻڌو. ڳري ۾ پاڻي پري، هٿ منهن ڌوئي اچي چلهي ۾ پاڳل وٽ ويٺو.

"امان! تو به مون لاءِ گهڻئي ڏورٽا ڏٺا. هاڻي تنهنجي گهر آباد ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي."

"پر بابا! خير ته آهي؟"

"ها امان پٽ! خير آهي. نياڻين کي نيٺ پرائو گهر وسائڻو آهي. ماڻهين به ته پرائي گهر مان آئي، پر زندگي هتي ڏئي وئي."

"پر بابا! اڄ اهڙيون ڳالهيون ڇو پيو ڪرين؟" پاڳل ٿوري پريشان ٿي وئي.

"پُٽ! اڄ ادو جمعون مليو هو سو عثمان جي شادي جي تاريخ جي ڳالهه پئي ڪيائين."

"پر، بابا.....!" پاڳل شرمائيندي پوتي جو پلئه وات ۾ وجهي ڪنڌ هيٺ ڪيو.

فتوءَ سندس مٿي تي هٿ رکي دعا ڪئي: "پٽ! الله ڪندو ڪڏهن ڪوسو واءُ نه لڳندئي، سدائين خوشين سان کيڏندين." هو ماني کائي ڪٽ تي وڃي ليٽيو ته پاڳل به ايندڙ وقت جي خيالن ۾ غرق ٿي وئي. نئون گهر، نوان ماڻهو. الئه ڇا ٿيندو؟ بابي کي ڪير سنياليندو؟ ايندڙ وقت جي باري ۾ ڪئين سوال سندس ذهن ۾ ڊوڙڻ لڳا. گهڙي کن لاءِ ڳٽتين جا ڪوٽ چڙهي ويس. نيٺ جڏهن ڪانوَ اڇي ٽانون کي ٽونگيو ته حوصلي ۾ آئي: "لڪو... لڪو..." وري ڪم ۾ لڳي ويئي. فتوءَوٽ ٻئي ڏينهن بختاور، جمعون، وڏيرو جعفر ۽ جادل ميڙ کٽي آيا ته هن به ڪنڌ ڪونه ڪيرايو ۽ ٻئي ڏينهن شاديءَ جي تاريخ ڏئي ڇڏي.

رات جو پلهن جي دڙي جي هر چلهه تي انهيءَ شاديءَ جو ذڪر ٿيندو رهيو. صبح سوير پاڳل جو سَنُ ڇوڪريون به اچي لٽيون:

"ائي، پاڳل! مبارڪ اٿئي."

"ائي، مُئي! اوهان کي وري ڪٿان خبر پئي؟"

"خبر سڄي ڳوٺ ۾ پئي هلي، سو اسان کان ڪٿي لڪندي؟"

وري اها ڳالهائيندڙ ڇوڪري ٻيءَ سان مخاطب ٿي:

"ادي! پاڳل جا پاڳ اٿئي، جو عثمان جهڙو مڙس ٿو مليس. پنج هٿيو سهڙو."

"هائو ادي! پاڳل مڃي نه مڃي، باقي دل ۾ هليون پيون ڊوڙنس."

"ڇڏيو کٽي انهيءَ ڳالهه کي، ٻي ڪا ڳالهه ڪونهي ڇا؟" پاڳل شرمائيندي ڇيو.

"گهٽئي اندر ۾ خوش آهين، ٻاهريان وري نه نڙ اسان کان ته نه لڪاءِ. عثمان ڪڏهن ڏٺو اٿئي؟"

"ادي، ڪٽي ڇڏ!" پاڳل هٿ ڇڏائڻ جي ڪئي، پر ڇوڪريون، ڪٽي ٽي مڙيون.

"ها ها، ڇونہ ڏنو اٿس. هيءُ جي ڏينهن ٻئي ٻنيءَ تي اچي ٿو." ٻي ڇوڪريءَ وراڻيو.

"ائي ادي! ٻلا ويهو." پاڳل ڪوڙي صلاح هنيون.

"ويهون ٿيون، ويهون ٿيون." ڇوڪريون پاڳل سان شرارت ڪنديون رهيون، تان جو مائٽن جو سڏ نہ ٿيو.

جڏهن ڪان پاڳل جي عثمان سان مڱڻي ٿي هئي تہ سندس دل ۾ ڪيئي نيون ڳالهيون عثمان بابت ٻرنديون ۽ اجهامنديون هيون. جڏهن ٻہ عثمان واٽ ڏيئي اتان لنگهندو هو تہ هوءَ گهر جي پاسي ۾ بينل ڪٻڙ جي لام جهلي، وڻ جي وڃان عثمان کي پيار مان ڏسندي هئي. سندس هلڻي، ٻانهن جي لوڏ، قد ڪاٺ، گول چهرو. خاص ڪري جڏهن اڇا ڪپڙا پائي لنگهندو هو تہ پاڳل جي دل پکيءَ وانگر اڏامي ملڻ جي ڪندي هئي، پر وري دل کي جهلي ونندي هئي. عثمان ٻہ ويندي ويندي ٽيڙي اک سان ڏسندي، سندس تڙپڻ واري ڪيفيت سمجهندو هو. عثمان جي اندر ۾ ٻہ ڪيئي گهوڙا ڊوڙندا هئا پر رڳو هٿ مهٽيندو هليو ويندو هو. هڪڙي پرائي برادري، ٻيو اڪيئي مائٽيءَ تان ڏڏو. عثمان جڏهن ٻہ پلهن جي دڙي پرسان لنگهندو هئو تہ قدم ڦوڪي ڦوڪي ڪٽندو هئو. رڳو اشارن جي زبان ڪم ايندي هئي، جنهن جي ذريعي هڪ ٻئي کان خيرخيريت پڇندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن مصري ۽ ڦوٽن جي ڳنڍ ٻہ اچلائي ڏٻي هئي ۽ جواب ۾ مسڪراهٽن جو تحفو ملندو هو.

خدوءَ جا ڪنهن ڪن پريا تہ عثمان جيڪو روز ٻنيءَ تي اچي ٿو سو ٻنيءَ جي ڪم ڪار لاءِ گهٽ، پر پاڳل سان گهر جو لوڙهو ٽپي ملي ٿو. خدو جهنگ جي بلا، سو ان ڳالهہ جي پڪ ڪرڻ بجاءِ ڪٻڙ جي اوٽ ۾ رستي سان وڏو ڏنڊو ڪٽي بيهي رهيو. جيئن ئي عثمان اتان لنگهيو تہ ٽڪاءَ ڪري لوندڙيءَ وارو ڏنائينس تہ رت ڦوهارا ڏئي نڪتو ۽ عثمان يڪدم ڊير ٽي وڃي هيٺ ڪريو. ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندڙ همراهن هڪلون ڪيون پر خدوءَ ڪانٽو سٽ تي رکيو ۽ وڃي ناناڻن وٽ ساهي ڪنيائين. فتوءَ کي خبرپئي تہ هو ٻہ ڊوڙي آيو. عثمان کي ڊڳي گاڏي تي ڪٽائي، عيسائين جي ڳوٺ جي اسپتال ۾

کٹي آيا. جيڪو مکيءَ جي ڏکڻ اوپر تي بلڪل پڇڙيءَ تي بچاءُ بند لڳ آباد ٿيو هو. جتان جعفر جو ڳوٺ سڏ پنڌ تي هو. بختاور جي گهر نياپو موڪليائون ته بختاور، وڏيرو جعفرءِ جادل بہ اچي اتي نڪتا. جڏهن ته جمعون مال سانگي پرئين پر جهنگ ۾ ويل هو. عثمان کي هيبڊ نرس مڏر اوالدا ٽانڪا هنيا ۽ ڪجهہ ڪلاڪن کان پوءِ دوائون ڏيئي گهر وڃڻ جي اجازت ڏني. عثمان گهر آيو ته پچا ڪندڙن جا ڪتڪ اچي لڳا. هر ڪنهن وٽ ڏڪ جو پنهنجو سبب هئو:

"ادا! ڪير ٿو چئيس، پرائي نينگري ۾ هٿ وجهي، پلي ته ٽئيس، ڏارين مان ٿو شادي ڪري"

"هائو ادا! سچ ڪي فتوءَ جهڙا ياڙيا آهن چا؟"

"اڙي يار! عثمان شريف ماڻهو، چوري هروپرو خواري جي پري مٿي تي کنئين."

"هائو يار! اسان ته ڪڏهن بہ سندس باري ۾ اهڙي ڳالهہ نہ ٻڌي، هرو پرو ڪٽي مسڪين کي ماريو اٿن." اتي ويڙل همراهن جي ڪنن ۾ سُس پس جاري هئي ته جمعون بہ اچي پهتو. گس ۾ ڪنهن ٻڌائي ڇڏيو هيس، سو اچڻ سان ئي گارين جي رئي لائي ڏنس. نہ ڇڏيئين ماءُ نہ پيءُ خدوءَ جي. جيڪو وات ۾ آيس، سو ڦهڪائي ڪڍيئين. فتو ۽ نوران ڪنڌ هيٺ ڪيو وينا هئا. هنن جون بہ بہ ويون ته ٻارهن بہ ويون. "ڏوڙ پائي اهڙي مائٽي ۽ ياري، اهڙو ظلم ڪبو آهي چا؟"

"جمعان! ڪجهہ خيال ڪر. پريان فتوءَ وارا وينا آهن، چا چوندا؟ عثمان جو خير ٿي ويو هن ڏينهن ۾ نيڪ ٿي ويندو. هروپرو... نہ کاءُ!" بختاور جمعي کي ٻانهن مان جهلي پرتي وٺي وئي. وڏيري جعفر بہ هدايت ڪيس. "ابا جمعان! جيڪو ٽيٽو هو سو ٿي ويو. چريو چورو هو عقل ته هئس ڪونہ، ان ۾ فتوءَ ۽ نوران جو ڪهڙو ڏوهہ؟ هو ته هلي تڏو بہ بخشرائڻ آيا آهن."

"انهي چوري خدوءَ کي نہ چڏيان، جي چڏيانس ته پُٽ لڳانس." جمعي جي ڪاوڙ اڃان ٽڏي نہ ٿي.

"پر، ابا جمعان! چوري جو ته بندبه ٿي رلي ويو باقي فتوءَ وارن جو ته خيال ڪر. مڏر به چيو آهي ته عثمان هن تن ڏينهن ۾ نيڪ ٿي ويندو."

نيٺ جمعون ٽڏو ٽيو ۽ متيءَ جي ٺهيل دڪيءَ تي رکيل دلي مان پاڻي وٽي ۾ اوتي پي، هٿ منهن ڏوئي، مينهن ڏي هليو ويو.

عثمان کي لڳل ڏک جڙ پاڳل کي لڳو هجي! هوءَ صفا مائڙي ڪري فکر ۾ هڪڙي جاءِ تي ويهي رهي. سندس ذهن جي اسکرين تي، عثمان جي مسڪراهٽ ترندي رهي ۽ سندس سور ٻيٽا ڪندي رهي.

"الله خير ڪندو ڪو سوواءُ نه لڳندس." پل پل کٽڪا منهن ڪيڙ لڳس:

"الائي عثمان سان شادي هاڻي ٿيندي به يا نه؟ عثمان جي طبيعت الائي ڪيئن هوندي؟ مُئي خدوءَ جي خدا ڪو پاڙ پٽيس!" پاڳل جي اها ڪيفيت اوستائين برقرار رهي، جيستائين فتو ۽ نوران سج لٽي مهل واپس گهر نه آيا. پهريائين اوچنگارون ڏيئي، پاڪر پائي فتوءَ کي ملي پر جڏهن نوران خير جي خبر ڏنس ته لڙڪ اگهي وري ڪم کي لڳي وئي.

شام جو ٽڪل سج اگهور نند جي تياريءَ ۾ هو ته ڳوٺ وارا اچي وڏيري جعفر جي گهر جي اڱڻ تي گڏ ٿيا. بختاور به جمعي ۽ عثمان سان گڏ سهڪي سهڪي اچي پهتي. وڏيري جعفر به ٿوري گهڙي رکي ڳالهه شروع ڪئي:

"ابا! سڀ اچي ويا؟ هاڻي ڳالهه ٻڌو! عثمان جي شادي جي تاريخ طئه ڪري ڇڏي آهي. ادي بختاور جي پٽ جي شاديءَ ۾ 15 ڏينهن وڃي بچيا آهن. ڳوٺ جي عزت جي ڳالهه آهي. ٽرالڙ ۽ اتر کان مهمان به اچڻا آهن. سڄو بندوبست پاڻ کي ڪرڻو آهي." سيني ويٺلن هائو ڪار ۾ ڪنڌ ڏوڙيو.

"ها! اوهين جيڪي به ڇڻا آهيو سي ڳوٺ مان بسترا ڪٽي گڏ ڪندئو. هي چار ڇڻا پرئين پر جهنگ مان ڪائيون ڪري ايندا رڌ پچاءَ لاءِ. هي ٽي ڇني جو انتظام سنياليندا ۽ ديڳين پچائڻ لاءِ چرون به کوٽيندا، پريان به همراهه دعوتين کي پاڻي پيارينداۂ ۽ پر ۾ ويٺل واٽر مان پاڻيءَ جا تس پري رکندا. تون ديگ واري حجام سان ڳالهائيندين ۽ سامان به ونڊيندين. آئون ۽ جمعون آيلن جي آڏرياءُ ڪنداسين ۽ ها ڏاتو ڪٽي آهي؟"

هن تن چورن يڪ ساهي ٽي ورندي ڏني.

"او هو پريان ڪنڌ ۾ ويٺو آهي."

"جي بابا سائين!" ڏاتو مڱڻهار پريان رڙ ڪئي.

ڏاتو جو خاندان ستن پيڑهين کان راڄ جو مڱڻهار هئو ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ شاديءَ مرادي ۽ تي گهر گهر وڃي دعوتون ڏيندو هئو. دهل شرنايون وڄائيندو هو.

"ڏاتو! تون دعوتون ڏيڻ شروع ڪر. سڄي برادريءَ جي گهر گهر وڃجان ۽ ها ٻين شريڪن، دوستن ڏي ٻه وڃجان. ڏسجان متان ڪو رهجي نه وڃي." وڏيرو جعفر واري واري سان سيني کي مخاطب ٿيندي ڪم سمجهائيندو ويو.

"هائو ابا!"

"ابا! هاڻي پارت اٿو ماڻهو نه ڪلائجو. مهمانن جو خيال رکجو. پنهنجي ڳوٺ جي عزت، جو سوال آهي." بختاور ٻه نيٺ ڪيچي. وڏيري جادل وڏي هنڌي چانهه جي پري، پيالن سان گڏ سامهون اچي وچ تي رکي. سپ واري واري سان چانهه پيالي ۾ نائيندا، پيئندا آهستي آهستي کسکندا ويا.

ٻه ٽي ڏينهن کان پوءِ پاڙي جون ڪجهه سگهڙ مايون بختاور جي گهر شاديءَ جي تيارين جي سلسلي ۾ اچي گڏ ٿيون. انهن ۾ ڪرمي نالي مائي صفا سياڻي هئي، تنهن سڄي تيارين جي نگراني پئي ڪئي:

"ماسي بختاور! تون ڪتڪو نه ڪر. ماڻ ڪري ويهه. اسان پاڻهي ٿيون تياري ڪيون." ڪرمي، بختاور جي اکين ۾ تاڙيندي چيو.

"ادي! اوهين ٻئي گهر ۽ چلهه کي ليپو ڏيو. ائي ادي! تون گهر جي صفائي ڪر. ٽانو نڪر صاف ڪري رک. گندي ٽپڙ، ڪپڙو پاڻهي ليلا ڏوئيندي. آئون اڄ شهر مان گهوٽ لاءِ هنڊ ونيو ٿي اچان ۽ سيڄ ٻه ڏوڻان. ماسيءَ انهن ڏينهن لاءِ ته سيڄ ناهي رکي هئي. ادي جيڪي ٻڱل ٽڪل ڪٽون آهن، انهن کي ٻه ڏهرايو. واڻايو. مهمان اچڻا آهن." ڪرمي ٻين ڳوناڻين عورتن کي ڪم ڏسڻ لڳي.

پريان بختاور ٻه رڙ ڪئي:

"امان ڪرمي! ڪم وارين ماين لاءِ ڳڙ چانهه ٻه ونڊي آهي ۽ ها! هيءُ نياڻيون جيڪي ڪم ڪن ٿيون، انهن لاءِ جوڙا ۽ پوتيون ٻه آڻجان. نياڻين سياڻين کي اگهاڙي مٿي ته ناهي ڇڏڻو. ڪنوار لاءِ ٻڌ ، گهوٽ لاءِ پوتي ۽ اجرڪ ٻه آڻڻي آهي. گهوٽ کي ٻه موڙ سان گڏ ٻڌ ٻڌڻي آهي. آنهير لاءِ ٻه

اجرڪ آڻجان، ڏسون تہ ڪير پٽ جو ڏاڍو ٿو آنهير ٿئي؟ جتي، سونو ڪوڪو چوڙيون، والا،ڪير منڊي، ويڙهه منڊي بہ آڻٽي آهي."

"هائو ماسي! تون هرون پرون ڪٽڪو نہ ڪر." ڪرميءَ، بختاور کي پڪ ڏياريندي چيو.

"هائو امان! تون تہ اڳ ئي واقف آهين. ڇا ڪيون مڙئي عادت کان مجبور آهيون."

"ءِ ها ماسي! گهوٽ جي سس، سالين لاءِ سيٽپ جا وڳا بہ آڻڻا آهن."

"هائو اما ڪرمي! ڇگو ڪيئ جو ياد ڪرايئي."

"ماسي! ڪنوار کي سندا وارث بہ ڏيپ ڏيندا."

"امان! اها سندن مرضي جيترو ڏين، پاڻ پنهنجو فرض ٿيون پورو ڪيون."

"ماسي! وناهه ۾ ڪنوار کي ست پاءَ گيهه، ٽي پاءَ تيل، پنج ڪلو اٽو بہ ڪلو چانور، ڦوٽا، ڏونگهي، بادام، صابڻ، مساڱ، ڪنڊ بہ ڪلو، پتيءَ جو پڙو، ڪيسوڦل، ٽي پڙيون مينديءَ سير پيهون، ڪتمڻ جي ٽيلهي، سوپارين جو ڏهو مناڻ جو ڇهو اڳ ۾ ئي ڏئي آيا آهيون. ڪنوار لاءِ هينئر ٻئي سامان جي ضرورت ناهي."

"ٺيڪ آهي امان! بس تون ڪمر کي سنياڻجان."

"گهوٽ کي چاڪو بہ ڏنو اٿئون." هتان جي رسم ۾ وناهه جي وقت گهوٽ کي چاڪو بہ ڏنو هئو جيڪو ڏينهن جو هٿ ۾ ءِ رات جو سري سان ڪري سمهندو هئو. ڪنوار سان بہ ساڳيو ڪم ڪبو هئو تہ متان ڪا غيبات نہ حملو ڪرين. ست ڏينهن ڪنوار جي منهن ءِ بت کي اٽو هٽبو هئو جنهن کي بت تان لاهڻ کان پوءِ شاديءَ جي رات مايون پاڻي ۾ اڇلائيندڙيون هيون، متان ڪو ڪٽي ان اٽي کي ساڙي تہ زال مڙس ۾ قرب ڪونہ ٿيندو.

جعفر جي ڳوٺ ۾ عثمان جي شاديءَ جون تياريون جاري هيون. مايون، مرد، ٻار نون ڪپڙن، مساڱ، سرمي پائوڊر ونڊ لاءِ لانڊين ۾ شهر ٽي ويا. جتان تانگا گهوڙا وري واپس پرجيو ٽي آيا. پهريان شهر پنڊ يا گهوڙي تي وڃبو هو. هاڻي تانگا گهوڙا اڇي ملڪ ۾ نڪتا. اهي جعفر جي ڳوٺ کان شهر تائين سواري جو ذريعو هئا. روز شام جو وڏيرو جعفر، جادل ءِ جي پيرو موجود هوندو

هو تہ اچي بختاور جي گهر ميڙو مچائيندا هئا. شاديءَ جي انتظامن جو جائزو ونڊندا هئا. فتو بہ ان اڻ تڻ ۾ هو تہ پنهنجي اکيلي نياڻيءَ کي ڏاج ۾ ڇا ڏئي؟ هن بہ پاڻا بہ پڙيءَ تي ان مقصد لاءِ کپايا. ڏيءُ لاءِ هنڌ ٽپڙ، ٽانوَ ڪٽون، ڪپڙا لٽا، سينگار جو سامان ۽ زيور ورتا. متان ڏارئين برادري وارا ڪلن تہ سکيلڏي ڏيءُ کي ڏاج ۾ ڇا ڏنو اٿس؟ فتوءَ جي ياڇائي نوران بہ ستن ڏينهن لاءِ فتوءَ جي گهر اچي ترسي. ۽ سڄيَ سامان لاءِ فتوءَ کي صلاحون ڏيندي هئي. ياڇل جو ماءُ وانگر خيال ڪندي ۽ پنهنجي گهر آباد ڪرڻ جا گُر ڏيندي هئي. سڄو ڪاڇ جو ڪم سندس سر تي هو. ماءُ جي جاءِ تي جو ٿي. هوءَ بہ جواني ۾ رنڍ ٿي، جڏهن فتوءَ جو وڏو ياءُ سلهہ وگهي گذاري ويو. تنهنڪري ننڍڙي هوندي خدوءَ کي چاچو فتو ساڻ وٺي آيو هئو. جيئن تاتي، نپائيس. جڏهن تہ نوران رنڍ ٿيڻ کان پوءِ مائٽن وٽ رهندي هئي.

28

مكيءَ جي علائقي ۾ جيتوٽيڪ هاٽي عورت جي آزادي آخري پساهن ۾ هئي. تنهن هوندي مالوند ڪلچر جي ڪجهه نشانين ۾ ايجان ۽ ڪي پوڙهيون مجبوريءَ ۾ مال چارڻ ويندين هيون. انهن مان اڪثر اهي هيون، جن جا پٽ پري ڪمائيندا هئا يا فوت ٿي چڪا هئا. همت واريون اهي پوڙهيون ڪنهن کي ڪنگهندين ۽ ڪونه هيون. پلا جي جهنگ ۾ ڪو آسي پاسي کان گذرندو هئو تہ ادي، ماسي يا ناني چئي ڪيڪاري گذري ويندو هئو. بختاور ۽ ڪڏهن ڪڏهن جمعون بيمار ٿي پوندو هو يا عثمان ڪيڏانهن ٻاهر نڪري ويندو هو تہ مال چوڙي بغير ڊپ ڊاءَ جي جهنگ ۾ چارڻ رواني ٿي ويندي هئي.

ان ڏينهن ۽ عثمان کي شهر ڪم هئو سو تہ صبح سوير اوڏانهن نڪري ويو. بختاور ۽ ٻنيءَ تان گاهه ڪرڻ لاءِ ايجان سنبري پئي تہ سندس نظر ڪٽ تي ستل جمعي تي پئي:

"ابا جمعان... او جمعان، هوش ڪر، ايجان تائين ستو پيو آهين. سج تہ ڏس، ڪٽي مٿي چڙهي آيو آهي!"

"هون. ن ن... ها، آآآ. بخار ماري وڌو آهي، امان!" هن ڪنجهندي ڪنجهندي چيو. بختاور جمعي جي نراڙ تي هٿ لاتو:

"هڻ! توتي تہ مچ چڙهيا پيا آهن، ٻڌائين ۽ ڪونہ ٿو."

هن يڪدم ڪپڑو ٽڏي پاٽيءَ مان پسائي، ڪجھ دير لاءِ جمعي جي مٿي تي پٽيون رکيون تہ همراھ ڪجھ سمڪ ۾ آيو.

"ابا! مال پٽارو بک مري ويندو. عثمان بہ ڪونھي. آئون تہ وڃان ٿي مال چارڻ. تون ڊاڪٽر کان شھر مان دوا وٺي اچجان ۽ ھا.. ماني پچائي پاڻ ھينيان رکيو پئي وڃان، لسي بہ ڪنيءَ ۾ ولوڙي پئي اٽئي."

بختاور مال چوڙي ناري واھ طرف رخ رکيو. ھرٽيءَ واري گھيڙ تان مٿي تي پوتيءَ جو مولھاتو ٻڌي، ھڪ ھٿ سان مينھن جو ڇڇ جھلي، ٻئي ھٿ سان پاٽيءَ کي ڏکيندي، مينھن سان گڏ واھ پار ڪيو.

بختاورکي اڃان مال لاءِ تر جو گاھ بہ پنھنجي ٻنيءَ مان ڪرٽو ھو سو ڪجھ ڪلاڪ مال اتي چارڻ کان پوءِ ٻيٽي سڄ مال ڪاھي واپس گھر آئي. گھٽيءَ جي پر ۾ ڪٻڙ ھينيان ٻيٽل گھوڙو کولي، لغام ڏئي، ٽي اڇين چادرن ۾ ڏاٽو ويڙھي گھوڙيءَ جي پٺي تي رکي، چڙھي ٻنيءَ ڏانھن رواني ٽي، جيڪا ڳوٺ کان پنج، ڇھ ڪوھ پري ھئي. ٽي ڏاڍيون گاھ جون پريون ڪري، گھوڙي تي رکي سڄ لڙئي موٽي آئي.

"مائي! اڃان شام جي سانجھ بہ ڪرٽي آھي. ھيڏانھن مال پٽارو ٿو بک مري" ھن گھر پھچندي گھوڙي تان لھندي پڪيو. مال کي مٽ مٽ گاھ جي ڏئي، ميٽ سان ھٿ ڌوئي، اٽو ڳوھڻ ۾ لڳي وئي. تيسيتائين جمعون دوا وٺي ۽ عثمان بہ ڪم ڪار لاھي گھر اچي چڪا ھئا.

"امان! ھروپرو ايڏو خفو ڇو ڪنئين؟ مونکي اڳ ۾ ٻڌائين ھاتہ آئون گاھ ڪري اڃان ھا. ايڏو ضروري ڪم تہ نہ ھو" عثمان چلھ جي پر ۾ ويھندي چيس.

"اڙي، ابا! اسان جي سڄي عمر انھن ڪمن ۾ گذري آھي. تون ماٺ ڪري ماني کاءِ، توکي انھيءَ لاءِ تہ ڪونہ پڙھايو ھئم، جو اسان وانگر لوڙين. تون ٻني ۽ باقي ٻاھر جو ڪم سنياڻ، گھر جي ڪم کي ڇڏي ڏي."

"پر امان.!" .

"بس پٽ... ھاڻي بس."

پريان جمعي پئي ڳالھيون ٻڌيون سو رھيو ڪونہ ٽيس.

"ھائو! ڏکا ڪائڻ جو رڳو مون ٽيکو ڪنيو آھي."

"ڪهڙا ڏڪا ابا! مون تہ گهٽئي چيو تہ پڙهہ. پاڻ مال سان گڏ لڪي پڄي ويندو هئين. ڪيڏيون منٽون ايلاز ڪيون مئين، پوءِ بہ مڙئين ڪونہ. هاڻي وري ڀالهيون ڪرڻ وينو آهين."

"هائو امان، هائو! شابس هجئي، ڏاڍو پئي مڄين."

"پر، ابا، عثمان! ڪڏهن توکان ڪا شئي جهلي آهي. پرديس مان بہ آيو تہ تنهنجي لاءِ ڪپڑا ونيي آيو. هيئنر بہ ڪير پيو پڄي ڏوڙي؟ جي عثمان نہ هجي ها تہ اکين جا تارا بہ اڇا ٿي وڃنئي ها."

"بس! ماءُ ٿي پئي آهين. ڇا چوئين؟ ڏئي تہ سور ڇڏيا اٿو. چوان ٿو سچ تہ لڳئي ٿو مڇ. دل چوي ٿي گهر ڇڏي هليو وڃان."

"ڪجهہ ماءُ جو خيال ڪر، سدائين ڇهون پيون ڏين." عثمان ٿوري ڪاوڙ ڪئي.

"توسان ڪنهن ڀالهايو جو وچ ۾ پيو ٽپو ڏين!" جمعو وري تپي ويو. بختاور وچ ۾ پئي ٻنهي جي ڏاڙهين تي هٿ رکي مس مس جهيڑو تاريو.

ماني کائڻ کان پوءِ جمعون گهٽيءَ تي رکيل کٽ، بختاور ۽ عثمان گهر جي اڱڻ تي وڃي ستا. بختاور ان ڏينهن گهڻو ڪم ڪيو هو سو ٽڪاوٽ کيس گهري ننڊ ڏئي ڇڏي. نہ تہ هوءَ اڪثر رات ۾ ٻہ تي دفعا اٿي مال جو سماءُ ضرور لهندي هئي. ستي بہ وڏا ڪنڪهرات ڪندي هئي تہ جيئن ڪو چور مال کي ويجهو نہ اچي. ڇو تہ هن علائقي ۾ هاڻي چورن ۽ ڪاٽڙين باهہ ٻاري ڏني هئي. تنهن هوندي بہ آڌيءَ رات کان پوءِ ڪٽڪي سندس ننڊ ڦٽائي وڌي. جمعي تي اعتبار ڪونہ هئس. گهٽيءَ تي ستي بہ جهڙو نہ ستل هو. رڳو وڏا گهوگهرا هٽندو هو جن جو آواز گهٽي کان ٻاهر، هڪ ڪنو ٻڌبو هو. ڪئين دفعا گدڙ گهر مان ڪڪڑن سميت سندس کٽ اورانگهي ٽپي ويندا هئا تہ واءُ بہ ڪونہ لڳندو هئس. بختاور کٽ تان مٿي اٿي، جتي پائي، تلهڙ هٿ ۾ کنئين. گهر کان ٻاهر نڪري مال جي ڏڻ ڏي نظر ڊوڙايائين. جڏهن اتي دل مطمئن ٿيس تہ ٿورو پرپرو ڪڙ جي وڻ ڏي ڏنائين ٿورو دف نظر آيس. ڪجهہ وکون اڳتي وڌي تہ همراهہ گهوڙي پرسان نظر آيس:

"اڙي ڪهڙا آهيو! هلا اوهان جي..... چور چور....."

عثمان، بختاور جو آواز ٻڌي جاڳي پيو. "ڇا ٿيو امان؟"

"اڙي جمعان! عثمان! چور ڙي چور..." بختاور دانهون ڪوڪون ڪيون ته چورن پيرن تي زور رکيو. هوءَ به پويان ڪاهي پئي. اڳيان بختاور پويان عثمان ۽ جمعون سندس رڙين ملڪ مٿي تي کڻي ڏنو. ٻين ڳوٺاڻن به سڏ ۾ سڏ ڏنو:

" آيو.... آيو.... رسيو.... اتر .... وڻو رن..... کي"

پوري ڳوٺ ۾ ٻائيتال مچي ويو. ننڍا وڏا، پوڙها پڪا اچي گڏ ٿيا. سندس همت جي ڪري ان رات گهوڙو چوري ٿيڻ کان بچي ويو.

صبح جو سوير وڏيرو جعفر به اچي جادل سوڏو بختاور جي گهر نڪتو. بختاور راتوڪي سڄي خبر الف کان ي تائين ڪري ٻڌايس.

"ادي! انهن نياڳن باهه ٻاري ڏني آهي. اڳي ڪي پري جا چور هوندا هئا، ڪڏهن جهت هٽي پڄي ويندا هئا، هاڻي ته گهر جا چور ٿي پيا آهن. صبح جو اکيون، اکين سان پيون ملن، شام جو ڳوٺ جي چوري.. چون ٿا ته انهن پلهن جي دڙي وارن سڄي علائقي ۾ هڻ هٽان لائي ڏني آهي."

"هائو ادي بختاور! وڏيرو صحيح ٿو چوي. سڄي علائقي ۾ اها ڳالهه مشهور ٿي وئي آهي." جادل به وڏيري جعفر جي ها ۾ ها ملائي.

"پروڏيرا، جعفر! پوءِ خدا ڏني به پينگ اٽن. گهرن ۾ بچيو چا اٽن؟ جيڪي ٻه رپيا ڪمائين سي پوليس ڦريو وڃين." عثمان ڪاوڙجندي چيو.

"پر ابا! فتوءَ جو گهر صفا شريف آهي، چئن ۾ نه پنجن ۾. پنهنجو ڪمائي، پنهنجو کائي. تنهنجي سهري جهڙو ته خدا ڪنهن کي ڏئي." وڏيري جعفر ٿورو چيڙيو ته جادل به گهٽ ڪونه ڪئي:

"هائو وڏيرا هائو! هاڻي عثمان ڪونه ڪچندو ٻيلي! پلهن جي دڙي وارن جو هاڻي نالو به نه وڻو عثمان ٻاهران پيو ائين چئي، باقي دليان ڪونه چوندو."

"هائو ادي، هائو! پلي چئو وقت اٽئي." بختاور وچ ۾ پئي عثمان جي جان ڇڏائي.

"ادي بختاور! ڳالهه ٻئي پاسي پوڳن ۾ هلي وئي. هاڻي پنهنجن چوڪرن کي رات جو ڏيان رکڻو پوندو. اهي وات ڳاڙها چورا وري ڪونه مڙندا. جي پاءِ پاڻي وڻڻ جو چوندئين ته ويهه ڪوڙا قرآن مٿي تي کڻي ويندا.

تون تہ پاڻ واري آهين جو اولاد سپوت ٿئي. منهنجي پٽن تہ منهنجو نڪ وڌائي ڇڏيو آهي. جي زمين جاءِ ڏئي تہ گهڙي هليو وڃان."

"بس ادا! الله ساڃهہ ڏيندن. ڳوٺ جي سيني ڇوڪرن کي هوشيار ڪري ڇڏيو آئيندهہ مال جو خيال رکن." بختاور نيٺ ڳالهہ ڪٽائي. ائين ڪجهہ وقت ڳالهيون ڪرڻ کان پوءِ هر ڪو وڃي گهر پيڙو ٿيو.

29

جعفر جي ڳوٺ جي پر ۾ شاخ جي ڪناري آباد خانہ بدوش شڪارين جي بستيءَ جي چوڌاري ٻيرن جي هڙهي هئي. جنهن کي هر وقت واهہ جو قدرتي تازو پاڻي ملندو هو. ٻير جا وڻ ٻارهوئي ڇهڻ ساوا هوندا هئا. گرميءَ ۾ ڪانءَ جي اک نڪرندي هئي. پر هتي انهن ٻيرن هيٺيان ٽڏي ڇانو ۾ رجوا جي ڏم لڳي پئي هوندي هئي. رات ايندي هئي تہ روشنيءَ لاءِ ڏيئو استعمال ٿيندو هو. سج ڪٽي يا ٻج ڪٽي. جمعي اڃان شام جي ماني کائي بس ڪئي تہ ان پاسي کان رڙ ٻڌڻ ۾ آيس:

"اڙي! وٽ ڙي وٽ. هن اسان کي..... سمجهيو آهي. رنن بہ اسان جن سان ويهي، وري دوڌا بہ اسان کي ڏيکاري."

"ايءِ چڏ ڙي! اي هيڏانهن ڙي. منهنجي ٻڌ." ايتري ۾ ڪتن جا پونڪات، گڏهن جون هينگون بہ شروع ٿي ويون. سندن آواز ٻڌي جمعون بہ گهران ڪسڪي اچي پهتو:

"خير تہ آهي، ڏنگا؟"

"اڙي، هيڏانهن ڙي، جمعان! هن چوري کي حياءَ ڪونهي. سڄو ڏينهن رئيس بالوءَ جو لکين، چٽين، هيئنر وري مڙس ماٺهو ٿيا آهن."

"پر ڏنگا ٿيو چا آهي؟"

"ايءِ ڳالهہ ٻڌ، مينا! اڄ پئسا جام هارايا. جيئن ئي رئيس بالو خان آيو ڏاکا ٻڌي چڙهي ويس. بالو خان گهٽيئي چيس تہ مينا چا ٿيو آهي؟ ڳالهہ ڪر. پر رئيس کي ويجهو ئي نہ ٿي اچڻ ڏئي."

"اي، هل ڙي، رئيس! هي وري آيو آهي. اي! چونئي ٿي ته هتان نڪر، پٽئين نه ڏاڙهي."

"اي، رئيس! گهٽيئي صبر ڪيو. چار ماڻهو رئيس تان ڪليا، سو هڪڙي ٽڦڙ هٽي ڪيڏيئنس. ان کان پوءِ سندس مڙس جا لٽ ۾ هٿ، چئي ٿو ته رئيس کي ماريندس."

"اي، ٻڌ ڙي، جمعان! پنهنجي دل تي هٿ رک. رئيس پنهنجي تي اچي ته هڏا رولي ڇڏين. وري به جاڙي تي هٿ پيو رکيس ته بشڪا صبر ڪر، پر مڙس جهل ئي نه ٿو ڏئي. گهوڙا ڇا ڪيان!" هن زور سان پنهنجا ٻئي هٿ سندي منهن تي مليا. تيستائين ٻيا به روز جا هيراڪ خفتي اچي اتي نڪتا. جن وچ ۾ پئي ٽارو ڪيو. نيٺ ڪجهه دير لڙ کان پوءِ خاموشي ٿي ته اهي ئي ٽهڪ ۽ ٻوڪ وري شروع ٿيا.

جمعي به وڃي سهجان جو پاسو جهليو:

"سهجان! تون ته ڪونه وڙهندين؟"

"اي، هيڏانهن ڙي! آئون ڇو وڙهنديس؟" سندس کهري آواز مان پيار جو واس پئي آيو.

"الئه. متان عورت ذات آهين. ڪهڙو اعتبار؟"

"اي هاڻي، تون به ڇڏ ڙي، انهيءَ ڳالهه کي."

پريان سکان به ميلو مچايو ويٺي هئي:

"پنج روپيه آيس." اتي ويٺل هڪڙي همراهه، پنهنجن ٽن پتن کي ڏسندي چيو.

"10 روپيا آئون آيس."

ٻئي همراهه پنهنجي هٿن وارا پتا ڏسي چيو.

"50 آئون آيس." رئيس بالوءَ پنهنجا پتا ڏسندي 50 جو نوٽ هيٺ پڙ تي ڦهڪائي ڪڍيو.

سکان سيني جي چال غور سان ڏسندي وئي. سندس وارو آيو ته هٿ ۾ جهليل پتن کي هيٺ کوليندي غور سان ڏسندي، 100 جو نوٽ پڙ تي چڏيو: "100 آيس."

"مون هٿ پٽيا." 10 واري همراهه پتن مان هٿ پٽيا.

"مون بہ چڏيو." ٻئي بہ پتا هيٺ اچليا.

رئيس بالو خان اڳئي باهہ ٽيل هيو. سو ڪيسي مان 500 ڪڍي پڙ تي اچلئين:

"آئون اجان آيس."

پر پر ويڙل ڏنگ رهي نہ سگهيو:

"اي واهہ ڙي، رئيس، واهہ، تنهنجي چال!"

مائي سکان سئو جا ست نوٽ هيٺ اچليا:

"آئون اجان آيس."

"رن آهي يا مصيبت؟" رئيس چپن پر ڳالهايو. پٽن ڪي غور سان ڏسندي هٿ ڪڍيا.

"تنهنجا ٽيا سکان!" رئيس پتا هيٺ اچليا تہ نو خال هيس. سکان اچليا تہ ٿلهو بٽ. رئيس جو وات ڪيسو ٽي ويو. سکان پنهنجي چال سان مفت پر مٽ پري پئسن جي ڪنئين تہ ڏنگ بہ ڪچيو.

"اي، هيڏانهن ڙي! دش خش تہ ڏي"

"اي، مڙس بہ آهين مورا رئيس جي ٻانهينءَ جو آهين، رئيس کان وٺ ڙي"

رئيس لال ڳاڙهو ٽيندي 10 روپيہ ڏنگ ڪي ڪڍي ڏنا. تيسيتائين مينا بہ اچي رئيس جي پرسان هٿ ٻڏي ويني.

"اي، هيڏانهن ڙي، رئيس! مونکي معاف ڪجان. مونکان ڀ منهنجي مڙس کان غلطي ٿي وئي." رئيس، مينا کان منهن ٻئي طرف ڦيريو. مينا وري انهيءَ پاسي ڦري آيس:

"اي، هيڏانهن ڙي، رئيس! چڏ ڪاوڙ."

رئيس وري ڪنڌ ڦيرايو. مينا بہ پرائي نہ پنهنجي ڪئي، ڏاڪا ٻڏي چڙهي ويس. هينيان رئيس مٿان مينا. چمين جا تڙڪاٽ. رئيس بہ پرچي پيو. مينا کان رڙ نڪري وئي.

"اي اتس."

انهيءَ هل هنگامي پر جمعي کان ڳالهہ ڏهن تان لهي وئي تہ سندس گهر وڃڻ جو وقت ڪڏهوکو ٿي چڪو هو. هيڏانهن بختاور کي اچي ڪتکوٽيو:

"الله خير ڪري، جمعون اجان ڪونهي آيو."

"امان! ننڍڙو ٻار ڪونهي پاڻهي اچي ويندو" عثمان ڳالهه ٽاري جي ڪوشش ڪئي.

"اڙي نه ابا! ياءُ اٽئي، ابي جو پٽ....."

هن هڪڙي هٿ ۾ بتي ۽ ٻئي ۾ لٽ کنئين. پچائون ڪندي نيٽ شڪارين جي بستيءَ وٽ پهتي.

"ڪهڙو آهين، پٽ؟"

"ماسي! ڏنگ"

"جسمون ڪونه ڏنئي؟"

"هيڏانهن ڙي، پريان وينو اٽئي."

جمي جي ڪن تي ماڻس جو آواز پيو سو ٻي گهٽيءَ کان ڪسڪي نڪري ويو. هوءَ پڙ واري پاسي وئي ته هل لڳو پيو هو.

"ابا! اتي جمعو آهي؟"

"نه ماسي! ڪونهي."

"هينئر اتي وينو هو."

"ماسي ويو هليو."

هن هيڏانهن هوڏانهن جانچيو. جمعون نظر ڪونه آيس.

"هڪڙي ڳالهه ڪن ڪولي ٻڌو. جمعي کي هتي اچڻ نه ڏيو. جي ٻيهر آيو ته جمعي ۽ اوهان کي ڏنڊن جون باهيون ڏيندیس."

"ماسي! ڏاڙهي سان آهي، پاڻ ٽواچي. اسان منٽ کو تا ڪيونس."

"ڏاڙهي سان پلي هجي. جي اچي ته ڏاڙهي مچون ڪوڙي موڪليوس، جي نه ته خير اوهان جو به ڪونه هوندو."

هوءَ تکين تکين وکن سان اتان نڪري گهر ڏانهن واپس رواني ٿي. جمعون به ماءُ جي خوف کان ڪير سان مانيءَ جا ٻه گرهه هٽي، رلي وڃهي سمهي پيو. بختاور واپس اچي جمعي کي ڏٺو ته گهوگهرن جا نڪاءَ پئي پيس. هن کان هلڪي ڪل نڪري وئي، پر وات تي هٿ رک چپ ڪري وڃي سُتي.

30

سڄي ڳوٺ ۾ شادين جون تياريون زورن تي هيون. هر گهر جي ٻارن، مائٽن کي رت پئي ڪيو تہ شادي تي نوان ڪپڑا ونڻ ڏين. مايون ٻہ ڪنهن کان گهٽ ڪونہ هيون. شاديءَ واري ڏينهن نوان ڪپڑا، جوتيون، چوڑيون، نٿ، ٽڪو سرمون، مساڳ، تيل سيني کي پاتل هئا. ڪنهن گهر ۾ جي غربت هئي تہ ٻہ گهٽ ۾ گهٽ ڏندن کي مساڳ هٽي، منهن ڌوئي، اکين ۾ سرمون پائي، ڏوتل ڪپڑن سان ٽلندیون اچي گهوٽيتن جي اڳڻ تي لٽيون. ننڍڙا ٻار ڪپڑن، اجرڪن، ٽوپين سان گڏ اچي اڳڻ تي گڏ ٿيا. هتان رڙ هُتان ڳالهہ، ٻارن جا ڪن ڦاڙ آواز ناچ، شرارت، ٽهڪ، خوشين جو سڄو سامان اچي گڏ ٿيو. هڪڙي پاسي مايون ۽ ٻار تہ ٻئي پاسي مرد ٻہ پنهنجو وارو وڃايو وينا هئا. قنبر جي پت جو مزو ئي پنهنجو هو. وڏن ڊينگ مڙسن اچي هڏ ۽ ٻوٽ کي ورتو تہ هڏا ٻہ چوپي وبا.

وڏيرو جعفر۽ جمعون مردن واري پاسي ڪم ڪار جي نگراني ڪري رهيا هئا. وڏيري جادل، بختاور ۽ ڪرمي وري ماين جي پورت ڪري رهيون هيون. اوچتو پريان الهو بختاور سان وات ويٽو ٿيو:

"ماسي! مٽر جو گهر ڪونهي آيو انهن کي ٻہ پرچايو. اجايو پت جو مزو خراب نہ ٿئي."

"ابا! مونکي تہ خبر ڪونهي، ڪهڙي ڪاوڙ اٿن؟ مون تہ سيني کي هلي وڃي چيو."

"ادي، بختاور! پت پنهنجو آهي. برادر ۾ ڪاوڙيون ساوڙيون ٿيندیون آهن. هل ته متر وارن کي پرچائي ٿا اچون. سڏ پنڌ جو ته آهي."

وڏيري جعفر ڳالهه ڏڳهي ڪرڻ بجاءِ معاملي کي حل ڪرڻ ٿي چاهيو تنهن ڪري ٻئي متر جي در تي هلي ويا.

"نه ادي! ڪاوڙ ڪهڙي؟ بس تون ۽ وڏيرو در تي هلي آيئو سو ڪاوڙيون ويون!" متر ٻنهي جو مان رکندي چيو.

"پر، متر! ڳالهه ڪهڙي تي ڪاوڙئين؟" وڏيري جعفر پڇيو.

"وڏيرا! پر سال ڪا منهنجي مينهن کولائي وڃي بختاور جي گهر ۾ بيٽل مينهن سان آهوري ۾ گڏ گاهه چري، جمعي اهڙا ته سونٽا وهائي ڪڍيس جو پڻيءَ تان کل لهي ويس. زناور هئو بي زبانو. ان جو ڪهڙو ڏوهه؟"

"ڙي، ادا! تون به جمعي تي ٿو ڪاوڙ ڪرين. جيڪو سڃي عمر هر ڪنهن سان اٽڪيو وينو آهي."

"بس، وڏيرا! مون بس ڪئي. اوهين هلو ته اسين به تيار ٿي اچون ٿا."

وڏيرو جعفر ۽ بختاور وري ڪاج واري هنڌ موٽي آيا.

پت شروع ٿيڻ کان پهرئين، نڪاح پڙهائڻ کان اڳ ۾، صبح سوير ٻه شاهد، هڪ وڪيل ڪنوار کان راضپو پڇڻ لاءِ پلهن جي دڙي روانا ٿيا. جن جي واپسيءَ کان پوءِ مولوي عبدالله، عثمان جو نڪاح پڙهايو. جنهن ۾ ڳوٺ ۽ برادريءَ جي سيني مردن وهنجي سهنجي شرڪت ڪئي. نڪاح دعا کان پوءِ عثمان کي گهوڙي تي ويهاري سرگس ڪرايو ويو ۽ ٻه رڪعتون نفل نماز ڳوٺ جي مسجد ۾ ٻه پڙهائي وئي.

پت کائڻ کان پوءِ ڇڇ ڪنوار جي ڳوٺ پلهن جي دڙي رواني ٿي. گهوٽ گهوڙي تي چڙهيل، جنهن کي ٻه پڙي اجرڪ ويڙهيل ۽ ان جي مٿان مٿي تي موڙ ٻڌل هئي. باقي ڪجهه ڏڳي گاڏين تي ۽ ڪجهه پنڌ ڳائيندڙ ۽ جهومندڙ مايون، هنبوچيون هٽندڙ مرد ۽ ٻار نيڪٽيءَ لاءِ روانا ٿيا. ڳوٺ جون ڪجهه سريليون مايون ڳلن تي هٿ رکي لوڪ ڳيچ ڳائيندیون ويون.

"دهري جوڙايم. جيڏيون ڙي، پيءُ ڏنئي پرٽائي، ماءُ ڏنئي موڪل. امان ٻائي ڏيئڙي چڏ اباڻو گهر....."

"عثمان! تنهنجي آئون قربن ڪاهي آهيان. دليون موڪل ڏي عثمان. آئون وڃڻ واري آهيان. جيئون موڪل ڏي. آئون رهڻ واري ناهيان."

جڏهن ڄج فتوءَ جي گهر پهتي تہ مرد ڇني ۾ ويهي رهيا. مايون گهوٽ سان گڏ اندر گهر ۾ موجود ڪنوار ڏي وڃڻ لاءِ داخل ٿيون. نوران گهٽيءَ تي بيٺي سپني کي واري واري سان پاکر پائي گڏي هوءَ ڄج کي اندر گهر وٺي آئي تہ ڪنواريتن جي مائي اڳ ۾ در جهلي بيٺل هئي. جنهن گهوٽ کي لنگهڻ مهل شرط رکي:

"پهرئين ڏڪڻي پج تہ پوءِ اندر ڇڏيندي سانءِ."

گهوٽ ساڄي پير سان ٽڪر جي ڏڪڻي پڳي تہ اندر وڃڻ جي اجازت ملي. اڳتي هلندي ان مائيءَ وينجڻيءَ ۾ هڏل سڳي کي گهوٽ جي ساڄي هٿ جي ڏسٽي آڱر ۾ وڪڙ ڏنا تہ ان مان آڱر ڇڏائي. گهوٽ عثمان وڏي زور سان ان ويڑهي کي آڱر کان آزاد ڪرايو. ايان ٿورو اڳتي وڌيو تہ اڳيان ٻي مائي سندس نڪ جهليو. عثمان اتان ٻہ 500 ڏئي جان ڇڏائي. ڄج سان گڏ آيل ستن سهاڳڻين ٻنهي گهوٽ ڪنوار کي لانئون ڏياريون. مکيءَ جي علائقي ۾ اهو رواج هئو تہ ڪنهن ٻہ رن زال کي اهڙي رسم ۾ حصو وٺڻ جي اجازت نہ هوندي هئي. انهن سئونٽن سائن کان پوءِ مايون عثمان کان پڇڻ لڳيون تہ هو ڪنوار کي ڪابين ۾ ڇا ڏيندو؟ هن مينهن ڏيڻ جو واعدو ڪيو. تنهن کان پوءِ مس مس وڃي ڪيس ڪنوار جو منهن ڏيکاريو ويو. عثمان سڀ رسمون پوريون ڪرڻ کان پوءِ سڌو اچي فتوءَ کي پيرين پئي پاکر پاتو. فتوءَ جي اکين مان لڙڪندڙ ٻہ لڙڪ پنن تان ڪرندڙ مينهن ڦڙن وانگر لڙي پيا. اکيون سيلابي پاڻيءَ وانگر تار ٿي ويون. يادگيرين جا زخم وهندا رهيا. هن ڪيس اجرڪ ڪلهي ۾ پارائي. ڪجهہ گهڙيون ترسڻ کان پوءِ جڏهن پاڳل زندگيءَ جي نئين سفر ڪرڻ لاءِ تيار ٿي تہ فتوءَ ڪيس پهرئين مٽي تي هٽ رکي، پوءِ پاکر ۾ پري هنجون هارڻ لڳو. ان ويل پورو ماحول گهڙي کن لاءِ سوڳوار ٿي ويو. پلهن جي دڙي جي ڳوٽ جون مايون واري واري سان موڪلائڻ لڳيون. زندگيءَ جي هن موڙ تي فتوءَ واري پاسي رڳو لڙڪ هئا ۽ عثمان واري پاسي ڪل. تنهن هوندي ٻہ اهي ٻئي لقاءَ خوشيءَ جو الڳ الڳ اظهار هئا.

31

ناري واهہ جي اورئين يعني ساڄي پاسي اڳ ۾ نڪرندڙ چنڊڻن کي بند ڪري پرئين ۾ يعني کاٻي پاسي ڪيوبو ته جيئن ساڄي پاسي ٻنيون آباد ڪجن. تنهن ڪري مکي جهنگ سان گڏ ڏنڊ ته اڳ ۾ ئي سڪي چڪي هئي. هاڻي رڳو ٻنيون آباد ڪرڻ جو وارو آيو. سو جن کي ٻنيون مليون، انهن گهٽ ڪوٺ ڪئي. ڪنڊين، ڪيڙن، لين، ڪرڙن جون جهنڊون ۽ لاهہ صاف ڪيا ته ان ۾ رهندڙ اڪثر جانور، پکي پکڙ، مال جون چراگاهون، ماکي، تتر، گدڙ بگهڙ، سوئر سڀ واهہ جي پرئين ۾ کاٻي پاسي کسڪي ويا. ڪجهہ دڙن تي موجود ڳوٺن سان گڏ ٻيا نوان ڳوٺ ۽ نوان زميندار ٻڌيا. اڪثر گهر جعفر واري ڳوٺ ۽ پرواري شهر لڏي ويا. باقي بعد ۾ چند ڳوٺن سان گڏ رڳو ڪجين جي وڻن جو قبضو رهيو. جنهن ڪري ڪجيءَ جا جن هتي جي هر نندي وڏي جي زبان تي برزبان ياد هئا.

جڏهن سانوڻ جي موسم ۾ مينهن کان پوءِ مچرن جي هائي ٿيندي هئي ته جعفر جي ڳوٺ جا ڪجهہ پاڳيا شهر جي اولهہ ڏکڻ طرف مال ڪيڙي "سانگ" تي هليا ويندا هئا. بچاءَ بند جي اندر رهندڙ واهہ ٽپي پرئين ۾ نڪري اڳيان موجود ڪير جهڙين پٽن تي خيمان کوڙيندا هئا. جتي پرئين ۾ وارا به اڳ ۾ لڏو لاهي ويهندا هئا. مکي جهنگ ۽ ڏنڊ کي اولهہ ڏکڻ کان پراٽي دور کان وڏو بچاءَ بند ڏياريل هو جيئن ان کان ڏکڻ اولهہ وارين آبادين ۽ پر واري شهر کي ڪنهن ٻوڏ يا سيلاب کان بچائي سگهجي.

ان بچاءَ بند جي اندر پڪ ۾ جهنگ بڻي ڏاکڻئي چيڑي تي عيسائين جو ڳوٺ ٻه آباد ٿيو. عيسائي مشنريءَ کي ٻه اتي انگريزن جي دور ۾ زمينون الاٽ ڪيون ويون هيون. انهن هتي جهنگ ۾ ٻنين ۾ رهندڙ هارين ۽ مزدورن کي لالچ ڏئي مذهب منڌايو. عيسائي مذهب قبول ڪندڙ ماڻهو جيئن ته ٽڙيل پکڙيل هئا. تنهن ڪري انهن کي گڏجي آباد ڪرڻ ۽ زندگيءَ جون ٻيون سهولتون ڏيڻ لاءِ اهو ڳوٺ آباد ڪيو ويو. اهو ڳوٺ پوري علائقي ۾ مشهور ٿيو. سڏيون گهٽيون، قطار سان گهر، گهٽين جي چيڑي تي پيئڻ جي پاڻي جا کوهه، اسپتال، اسڪول، گرجا گهر، انهن جي سامهون انبن، ٻيرن جا باغ، ان ۾ لڳل سونفن، ڪوٽن جا وڻ ۽ قسمين قسمين جا گل، جتي ديسي ماڻهن سان گڏ رهندڙ ڊچ پادري ۽ مالٽا جون نرسون ٻه هيون. ٻيرن ۽ انبن جي موسم ۾ پري پري کان ذات ماڻهن جي اچي لهندي هئي، جيڪي تازن ٻيرن يا انبن جي ذائقي مان مزو ونندا هئا. انهن شهرن کان ڪئين خاندان ڳوٺ گهمڻ ايندا هئا، پر تر جي ماڻهن لاءِ ٻه وڏيون سهولتون هيون. هڪڙي ته اتي مڏر ايوالدا نالي هيڊ نرس هئي، جيڪا ڏاڍي ملنسار ۽ رحمدل هئي. چاهي ڪير ٻه هجي، ڪهڙي ٻه مذهب يا قوم جو هجي ۽ ڪهڙي ٻه وقت اچي، سندس گهر جي گهنٽي وڄائبي هئي ته هوءَ مسڪرائيندي ٻاهر نڪرندي هئي. مريض جي علاج ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندي هئي. خاص ڪري عورتن سان هن جو رويو همدرداڻو هيو. پلي ڪا متي ۾ پيوت هجي، پر پاڪر پائي ملندي هئي. "مينهن ويامي ست گهر پاري، مائي ويامي ست گهر ڪاري" جهڙن ڊليوري ڪيسن ۾ تر جي ماڻهن کي هن جو وڏو آسرو هوندو هئو. اڃان جي ڳالهه هٿن مان نڪرندي محسوس ڪندي هئي ته ايمبولنس ڏئي، پر واري شهر جي اسپتال ڏانهن موڪلينديو هئي. جي مريض بنهه غريب آهن ته ڪيسي مان ٻه پئسا ڏيندي هئي. واپس ملڪ وڃڻ وقت تر جي ڪئين غريب ماڻهن کي قرض ٻه معاف ڪري ڇڏيائين. ٻيو ڊچ پادري هو. جنهن کي ڳوٺ جا ماڻهو برادر سڏيندا هئا. هو عبادت ڪرڻ سان گڏ جنسن جو واپار ٻه ڪندو هو. جيڪو ٻه فصل لهندو هو، ان جي جنس مقامي ماڻهو هن کي ڏيندا هئا ۽ ڏڪ سڪ ۾ اوڏر ٻه ونندا هئا.

جعفر جي ڳوٺ ۾ پر وارن ڳوڻن جا ڪجھ غريب عيد جي موقعي تي ان پادري برادر کان خرچي ونڊ ايندا ھئا. انھن ۾ ھڪڙو اڳڻ نالي ھمراھ ھئو. جھڙو نالو اوھڙو مڙس، ڏگھو آگر جھڙو ڪارو رڏ. وڏيون ڳاڙھيون اکيون، ھر وقت ھٿ ۾ وات سان چپٽيون وڄائيندو وتندو ھئو. غربت کي سئو عيب، سو لڪ ۾ وڃي، پادري برادر سان نڱي ڪري ڪوڙو مذھب متايائين. ڪجھ وقت ڏاڏيون خرچيون ونڊي، عيدون ملھائي، وري پڇي آيو. اڳڻ، جعفر جي ڳوٺ جي دڪانن تي ويھي ماٺھن سان پوڳ چرچا ڪري دل وندرائيندو ھو. اڪيلو سر، چڙو چاند، سو وڏيري سندس گھر ۾رسان پلات ڏنس. جتي گھر ناھي ويٺو. ان کان اڳ ۾ ھو مجاھد فورس ۾ ھو. ٻن جنگين ۾ حصو ورتائين. ان جنگين بابت سندس آفيسرن ۾ ساڻين جون دلچسپ خبرون چارون ٻڌائيندو ھو. ھن جي ڳالھين تي ھر پاسي ٽھڪ وکرجندا ھئا. پادري برادر ٻ ھي علائقو چڏڻ وقت ڪئين غريبن جي قرضن تي ليکا ڏئي چڏيا. جن ۾ اڪثر جعفر جي ڳوٺ ۾ پروارن ڳوڻن جا زميندار ٻ شامل ھئا. ان کان علاوه اتي جي چڪي ٻ ھن ڳوٺ ۾ موجود ھئي، جتان تر جا ماٺھو اٽو پيھائيندا ھئا. ان کان اڳ ۾ گھرن ۾ رڳو جنڊ ھوندا ھئا. مکيءَ جي ويجھن ڳوڻن جي ماٺھن جي اڇ وڇ ٻ اڪثر ھن ڳوٺ ۾ ھوندي ھئي.

مکيءَ ۾ دڙن وارا جيڪي ڳوٺ بچيا، اتي مال گھٽبو ويو. کيرن ۾ پٽن وارو ماحول ختم ٿيندو ويو. انھن مان اڪثر ھارپي کي لڳي ويا. ڪالھ جا مالڪ اڄ جا نوڪر بڻيا، پر بختاور اڄ ٻ مالڪ ھئي. عثمان ٻنيءَ جي سارسنيال، خرچ پکي سان گڏ فصلن جي لھندڙ جنسن کي پادري برادر وٽ وڪڻندو ھو. جمعون ان وقت ٻ مال جي ڏڻ حوالي ۾ بختاور گھر گھاٽ سان گڏ سڄي سرگرمين جي نگراني ٻ ڪندي ھئي.

فتو ٻ پھرئين عيسائين جي ڳوٺ جي ھڪ عيسائي زميندار وٽ ھارپو ڪيو پر جالي نه سگھيو. واھ پار ڪري ڪاپي پاسي جھنگ ۾ موجود واريءَ جي درّي تي مال سميت پڪو لڏو لاھي ويھي رھيو.

جڏھن مئي ۾ جون جي مھينن ۾ لکون ۾ جھولا لڳندا ھئا. ٻرن جا پلڙا چڙندا ۾ ڪپڙن ۾ پيرون پکا ٿيندا ھئا. انھن کي چتون، ڪپرون، بلبلون، ڪوئلون، تارڙا ۾ ڦوسٽيون کائيندا ھئا. ڪنديءَ ۾ سنگريون

ٽيندين هيون، جن جو ٻوڙ پچائي ڪائبو هو. ڪرڙ ۾ پڪا ٽيندا هئا، جن کي هيڙها، ڪارڪٽيون، بلبلون. چتون ۾ ٻيا پکي ڪائيندا هئا. ان موسم ۾ فتوءَ جي دل ۾ پرجي ايندي هئي. هو ۽ پيرُن جون چاڏيون پري اچي بختاور جي گهر ڏيءَ ياڳل سان ملڻ ايندو هو. جڏهن پاڻ ۾ ڏيءُ پيءُ ملندا هئا تہ پهرئين اکين مان واهہ وهائيندا هئا ۽ وري هڪ ٻئي جون اکيون هٿن سان اگهي ويهي ڪچهري ڪندا هئا. هيءُ ڏيءُ ۽ پيءُ جو رشتو ۽ عجيب هئو. جي عثمان گهر ۾ هوندو هو تہ اچي گڏ ويهندو هئين ۽ ياڳل اتي وڃي ماني ٽڪيءَ جو بندوبست ڪندي هئي. جيستائين عثمان ۽ ڦتو هڪ ٻئي سان حال احوال اورين، تيستائين بختاور ۽ اچي پاسو جهليندي هئي :

"ابا، فتو خوش آهين!"

"هائو ماسي!"

"ٻار ٻچا، ڏور ڏيڳا، سڀ خوش!"

"ها، ماسي! الله سائينءَ جو ڪرم آهي!"

"ابا! الاهي ڏينهن ٽيا اٽئي. اچڻ نہ وڃڻ. تو وارو يار جمعون تہ تو کي ڏاڍو ياد ڪندو آهي."

"ماسي! پنهجو گهر آهي ، ڪنهن روڪيو ڪو نہ آهي. جمعون ۽ آئون هفتي ٻئي ملندا آهيون. پنهجيون دليون جدا تہ ڪونهن"

"نہ ابا !" بختاور اصل ڳالهہ چيڙي، "پٽ، فتو ! مٽان مينهن پيا اچن، هتي اڳ گاهہ مڙئي آهي. توکي خبر آهي مچر ۽ اهڙا ٽا ٽين جو مال کي پٽيو چڏين. پٽارو چوويهہ ڪلاڪ ويل ۾. تو واري پاسي ڪو مال جو سئو آهي؟"

"هائو ماسي! جمعي کي مون چيو آهي، مينهن جي مند ۾ مال ڪاهي اچي تہ پريان پٽن تي هلي ويهنداسين. مينهن ۾ پٽن تي گاهہ ۽ جام ٿو ٽئي. پٽاريون چري ڏئو ڪنديون. هتي ڪٽان ٽيون ڪڪ سائي ڪن؟"

"هائو ابا! سچ ٿو چوين. پٽ جمعون ٽورو پورو اٽئي، جيڪو هٿ گهمائيندس، انهيءَ کي هڙ ڪير مکڙ ڏيو چڏي، پر ۽ ڏکڙ ويو مهينو ۽ رهيو پر مکڙ ۽ گيهہ جو ذرو ۽ ڪٽي نہ آيو. سو هن پيري پارت اٽئي، ٽورو نظر رکجانس. منهنجو خير آهي. عثمان ۽ ياڳل تہ ڪائين."

"ماسي! آئون موڪلي ڏيان، جمعي کي چڏ."

"نہ پٽا! الله توکي جهجهو ڏئي. مون تہ مڙئي ڳالهہ ڪئي."

بختاور هروپرون فتوءَ تي زور رکڻ نہ ٿي چاهيو.

"بس ماسي! پاڳل جي پارت اٽئي. جي ماڻس هجيس ها تہ مونکي ايڏا ڏورٽا نہ ڏورٽا پون ها. منهنجو ساهہ ان ۾ اٽئي، سو ڪٽي ٿو رهيو ٿئي! اتي بہ پاڳل جي يادگيرين جون ڀريون مٽي تي ڪنيون پيو مڙئي گهمان. اڪيلو مڙس، خدو بہ ڀجي ويو. هاڻي جيتري حياتي آهي، رڳو پاڳل لاءِ آهي."

"پٽا! اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر، هيءُ گهر بہ پاڳل جي حوالي آهي. منهنجي حياتي جا چوٽا الئي ڪيڏي مهل ڪٽي اچن. وري بہ گهر ان کي سنيالڻو آهي."

"ماسي! الله خير ڪري، شل وڏي حياتي ماڻين. وڏڻ سان تہ گهر وسندو آهي."

تيستائين پاڳل پٽس اڳيان ماني رکي. هو بسم الله ڪري کائڻ کي شروع ٿي ويو.

ڳالهيون ڪندي سج لهي ويو تہ بختاور بہ فتوءَ کي روکي ورتو.

"فتو پٽا! هاڻي رات رهي پئو. دس پنڌ آهي، رستي ۾ نانگ بلائون ۽ جانور هوندا، هرون پرون رات جو ڪيڏانهن ويندين؟"

"پر ماسي!"

"نہ ابا نہ"

فتوءَ کي هروپرو مال جو ڪو ڪٽڪو ڪونہ هئو. ان علائقي ۾ مال جي چوري بنهين ڪونہ هئي. رات جو مال چڙواڳ چريو صبح جو سوير وڻاڻ تي موٽي ايندو هئو. پلا ڪو ست ڏاريون ڪٽان لنگهيو تہ هر ڪنهن جي اک هوندي هئي تہ ڪير مڙس آهي، ڪٽان آيو آهي، ڪنهن وٽ ترسندو؟ سندس واريءَ تي ٽهيل پيرن جي نشانن تي بہ اتان جي ماڻهن جي نظر هوندي هئي.

وڏو اسر ٽيو آسپاس جي گهرن مان ورلي ڪنهن مائيءَ جو آواز پئي آيو. آسمان تي تارا مدهم ٽيندا پئي ويا. سرن، لاڻين، ڪهڙن، ڪندين ۽ ٻهرن ۾ پکين جي چُر پُر شروع ٿي وئي. لوڙهي مان آرن جي چر چر جا آواز پئي آيا. ڪار ڪڇين ۽ تترن بہ هوليو پئي. گدڙن جي اوناڙين تہ گهٽن جي اکين جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي. بختاور جي بہ اک کلي. پهرئين تہ ستي الله جو ذڪر

ڪرڻ لڳي. ڪجھ دير کان پوءِ بستري تان اٿي، پاڻيءَ سان ھٿ منھن ڌوئي، نھري ۾ ٽنگيل چنوري لاھي، ڌوئي وڃي مينھن مان ڪير ڌھڻ لڳي. ٻہ ٽڻ ڏھي، ٻہ ٽڻ وري ڦر لاءِ چڊيائين. ھڪڙي پاسي بختاور پاندا پئي ڏڏا، ٻئي پاسي ننڍڙي ڦر ٽڻن کي چوسون ڏيندي، ٻچ کي ھيڏانھن ھوڏانھن لوڏيندي ڪير پئي پيتو. ڪير ڌھڻ کان پوءِ چنوري ۾ري، ھڪڙي پاسي رکي، ڦر کي رسي مان چڪي، وڃي ڪلي ۾ ٻڌائين. ڦر ٻڌجڻ سان ھيڏانھن ھوڏانھن ڪلي تي ڪڏندو رھيو. بختاور پوءِ چنوري کڻي، ڪانھن جي ڇت ۾ راڳو ڏنل چلھي ۾ پاسي تي ڏڪي رکي. ۾ر ۾ رکيل ٻاجھريءَ جي ڪڻي مان ان جو ٽالھ ۾ري جنڊ پيھڻ لڳي. ايتري ۾ گھڻي وٽ ستل جمعي ۾ فتوءَ ٻہ نڙن جا گھوگھٽ ڏنا. ھتي جي مقامي قصي صابل، بھرام جمالي جون، صابل واريون ڦوڪون وڄائڻ لڳا. ڪيڏي مھل راڻي جا سر ٻہ ڪيندا رھيا.

بختاور اٽو پيھڻ کان پوءِ جھٽ ڏئي چلھ مان ٻاھر نڪتي ۾ منھن ۾ ستل پاڳل کي اڌاريائين:

"امان، پٽ! ھاڻي اٽ. سج اچي سر تي پيو آھي. پٽھين کي ٻہ ويڙو آھي، عثمان ۾ جمعون ٻہ ڪم سان ويندا. تون ماني پچاءِ تہ آئون لسي ولوڙي وڻان."

پاڳل ننڊ مان اٿي، ھٿ منھن ڌوئي، اٽو ڳوھڻ ۾ لڳي وئي. ۾ بختاور لسي ولوڙڻ ۾.

سانجھ لاھڻ کان پوءِ بختاور، عثمان سان گڏ ٻنيءَ تي گاھ ڪرڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳي. فتوءَ ۾ جمعي نيرن ڪري، ناري واھ پار جھنگ جو رخ ڪيو.

"چگو ماسي! حياتي ھوندي تہ وري ملنداسين. امان پاڳل! ھلون ٿا."

فتو لڙڪن کي لڪائڻ لاءِ اکين جي پنبڙين تي ھٿ گھمائيندي، پاڳل کان موڪلائيندي، جمعي ۾ مال جي ڏڻ سان گڏ روانو ٿي ويو.

سانجھ کان واندي ٽيڻ کان پوءِ پاڳل چيٽن جي تغاري ۾ري لوڙھي تي لولين ٽڦڻ لڳي جيئن چلھ جو ٻارڻ گڏ ڪري رکي.

بختاور ٻہ ڪجھ ڪلاڪن کان پوءِ گھوڙي تي گاھ ستي موتي آئي. عثمان ٻنيءَ تي ئي رھجي ويو. ھو ماڻ وانگر تمام محنتي ۾ جفاڪش مڙس

هو. ننڍي هوندي جي محنت مزدوريءَ ۾ هن کي ڪم تي وڃڻ هيرائي ڇڏيو هو. سڄو ڏينهن ٻنيءَ ۾ ڪم کي لڳو پيو هوندو هو. ڪنهن مهل گلاسي زميندار سان ٻه لفظ اوريا، وري ڪم کي. تان جو سج لهي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن گهر جو سامان وٺڻو هوندو هيس تہ شهر ويندو هو نہ تہ ٻنيءَ کي چنبڙيو پيو هوندو هو. جيڪو اتان لگهندو هو سندس محنت تي واهہ واهہ ڪرڻ کان رهي نہ سگهندو هو. هروپيرو ڪنهن پرائي معاملي ۾ ٽنگ نہ اڙائيندو هو. شاديءَ کان پوءِ پاڪل سان سڄي عمر نياڻڻ جا وچن ڪيائين. پاڪل ٻہ مانيٽي، ٽورڀالهائو دل جا سور دل ۾ رکي ٻئي جي مدد ڪرڻ واري. سندس زبان بجاءِ اکثر اکيون ڀالهائيندیون هيون. هوءَ رکي سکي ڪائيندي هئي پوءِ ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪيندي هئي. ڪهڙي ٻہ تڪليف هجيس پر ڪنهن کي هروپيرو ڪونہ ٻڌائيندي هئي. ها! سندس ڏوڙ ۾ هجت عثمان تائين هوندي هئي. جڏهن ٻہ پيءُ فتو حال احول پڇندو هيس تہ ڪڏهن ڪنهن جي شڪايت نہ ڪيئين. پلهن جي ڏڙي جي ماين ۾ مشهور هو تہ پاڪل ماءُ جهڙي اشراف طبيعت رکندڙ ڇوڪري آهي. بختاور طبيعت جي ٿوري کهري هئي. جنهن ڪري گهر جي ڪم ڪار تان ڪڏهن تکو ٻہ ڀالهائيندي هيس، تہ ٻہ ڪيڙي جهڙي پت. ڪجهہ ڪلاڪن کان پوءِ بختاور اچي ٽڏيون مڻيون ڀالهيون ڪندي هيس تہ ڪا ميار نہ ڏيندي هئي. منجهند ٽيندي هئي تہ ٻنيءَ تي ڪم ڪندڙ عثمان لاءِ مکڙ، لسي، ماني، بختاور کي ڏئي موڪليندي هئي. هو پاڪل جا پڪل سنهڙا مکيل ڦلڪا کائيندو هو. هن جي تصور ۾ جڙ پاڪل جا سنهڙا هٿ پاڙ ويهي ماني ڏيندا هجنس. شام جو عثمان ٽڪي ٽٽي ايندو هئو تہ هوءَ ڪيس ٽنگن کي زور پيٽان ڏيندي هئي. ٻئي زال مڙس ڪلاڪن تائين سُڻ پُڻ لايو وينا هوندا هئا. جمعون ۽ بختاور ٻہ چار ڀالهيون ڪري پنهنجي پنهنجي ڪٽ تي رليون وجهي سمهي پوندا هئا.

سڄي جعفر جي ڳوٺ ۾ پاڪل جي واکاڻ پئي هلندي هئي. ڪا سَس يا ڪُنهن هڪ ٻئي کي ميار ڏيندیون هيون تہ پاڪل جو حوالو ضرور ڏيندیون هيون.

"مائي! پاڪل ڏسو ست ڏارين، پوءِ ٻہ ڪيڏي غريب آهي! سڄو ڏينهن ڪم جي ڪم ۾ لوڙي ٿي، پر اف ٻہ نہ ٿي ڪيچي. ڪڏهن پنهنجي سس يا ڏير جي ڪا ڪٿي اٽس يا منهن تي گهنج آيو اٽس؟"

منجهند جو ۽ گرھ ھڙڻ کان پوءِ بختاور پن جي تونري هيٺ وڃائي. مٽان ڪپڙن جا ڳيا رکي، انهن کي جوڙي، چئني پاسن کان تلهڙون رکي، رلي سئي سان دوکڙ لڳي. بختاور رليون سبڙ جي شاھ ڪاريگر هئي، هوءَ مختلف ڪورن تي رليون سبندي هئي، جيئن چتون ڪور، ڪونج ڪور، پبڙ گل، ڪتي پير، ڪانگ پير، نانگ ور، اڏڻيءَ تي، ڦرٽيءَ تي، پکيءَ تي، ڏنگڙو، جليبي ڪور، گل ڪور، اک تي. انهن کان علاوھ ڪپڙن جي رنگين ٽڪرن يعني ڪنگرين ۽ گنبذ واري رلي، سنهي ٽوپي منڙي واري رلي، ٽڪرين واري رلي، ٽڪن لڳل رلي سبندي هئي. جيڪا سيڄ طور ۽ استعمال ٿيندي هئي. گڏوگڏ گھر پاتين جي استعمال لاءِ ڪپڙي جي وڻن ٽڪرن جي ٺاهيل رلي، لهر ۽ نئين ٻار کي ويڙھڻ لاءِ رلڪو ۽ ٺاهيندي هئي. انهن مان ڪجھ پنهنجي گھر لاءِ مڏ پريندي ويندي هئي. ڪجھ وري پر پاسي ۽ ڳوٺ جا ماڻھو اچي خريد ڪندا هئا. جي ڪا مائي ويم تي هوندي هئي تہ رلڪي جا خريدار ۽ اچي نڪرندا هئا. رليون سبندي سندس هٿن ۾ سنها سنها سوراخن جا نشان ۽ پئجي چڪا هئا. هوءَ رليون سبڙ مهل اڪثر هٿن جي آڱرين تي اڳڙيون چاڙھي، مٽان ڏاڳن سان ويڙھي پوءِ ٽوپو ڏيندي هئي. عيسائين جي ڳوٺ جا پادري ۽ نرسون، جڏھن پنهنجي ملڪ ويندا هئا تہ سوکڙيءَ طور رليون بختاور کان خريد ڪندا هئا. يا سندن ڪو پرديسي مهمان ايندو هو تہ ۽ بختاور جو در کڙڪائيندا هئا. جيتوڻيڪ جعفر جي ڳوٺ جون ٻيون مايون ۽ رليون سبنديون هيون، پر بختاور جي هٿ جي صفائي، ڊيزائينن ۽ سنهڙي صاف ٽوپي جي ڪري سندس رليون ملڪان ملڪ مشهور هيون.

پاڳل لولين مان واندي ٿي هٿ ڏوئي اچي پر ۾ ڪت تي ويٺي تہ بختاور ان کي ۽ رليون ٺاهڙ لاءِ اتساهڙ لڳي.

"ڏيءُ پاڳل! دل ۾ نہ ڪجانءِ. مٽان ڇئين تہ ناني تنگ ٿي ڪري. منهنجي امان! پاڻ عمر کائي چڪا آهيون. الائي ڪيڏي مهل سڏ اچي وڃي. پويان تون آهين ۽ منهنجا پٽ. وقت نہ وقت جھڙو هوندو آهي، جي رليون ٺاهڙ سکي ويندئين تہ پنهنجي مان پنهنجو ٿي پوندئي. ڏکيو ڏينهن ڪونہ ڏسندينءَ."

پاڳل بہ ڪنڌ ڏوڙيو:

"هائو ناني! سچ ٿي چوين."

"امان! مڙئي ڪيڏي ڪيڏي مهل مون ڏي ٿورو ڏيان ڏيندي ڪر. ٻہ ٿي ڪڙ بہ هڻي ونندي ڪر، جيئن هٿ آهستي آهستي هرن."

"هائو ناني! ضرور."

هن جي دل پور پچايو ويئي هئي سو ڪلي پئي:

"پٽ! اسين بہ مائٽن جون دادليون هيوسين. مائٽن سان انگل آرا ڪنديون هيوسين. هر ڳالهہ تي رسنديون ۽ پرچنديون ۽ ڪٿ تي ويئي ڪائيندیون هيونسين. پوءِ وڏيون ٿيوسين تہ مائٽن هنر سيکاريو. وري جي پرائي گهر ۾ آيوسين تہ وڏيڪ محنت ڪئي سين. هاڻي تہ وقت بہ الائي ڪهڙو اچي؟ پنهنجي ۾ هٿ، پرائي ۾ اکيون هوندیون آهن، پلي مڙس چو نہ هجي. ٿورو هنر هوندو تہ هرون ڀرون ڪنهن اڳيان هٿ ڪونہ ٽنگبا."

پاڳل سندس ڳالهيون غور سان ٻڌي، ڪٿ تان هيٺ لهي ويجهو ٿي ويئي. هوءَ تڏي تي بختاور کي ٽوپو ڏيندي غور سان ڏسندي رهي. بختاور کي بہ ويئي ويئي الائي ڪهڙا اڌمان جاڳيا جو رلي بہ سبندي رهي ۽ ڳيتن ۾ اباڻن کي ياد ڪندي اکيون اگهندي رهي.

32

بختاور جيڏي مهل بہ ٻنيءَ تي ويندي هئي تہ عثمان سان ڪجهري ضرور ڪندي هئي. ضروري ڪم ڪار لاءِ صلاحون بہ ڏيندي هئي. عثمان سندس ڳالهيون غور سان ٻيو ٻڌندو هو:

"ابا عثمان! جمعون آهي چڙهو چانڊ. پويان ڪلهڙ وارو نہ روئڙ وارو. تون هاٽي ٻارن ٻچن وارو ٿيندين. سو بابا! ٻني سنيالي ڪراءِ سياڻي تنهنجي ٻچن کي ڪم ايندي."

بختاور ٻنيءَ مان گاهہ جي ٻري ڪرڙ کان پوءِ نم جي وڙ هيٺيان وينل عثمان سان ٽڪ لاهڙ لاءِ گڏجي اچي ويني.

"امان! توکي سئو دفعا جهليو اٿم تہ هاٽي ڇڏ انهن ڪمن کي. چپڙي ڪري ڪٽ تي ويهي الله الله ڪر. تنهنجي ڪم جي هيءَ وهي ناهي. آئون پاڻهي سپ ڏسي ونندس."

"پٽ! مون تي ڪنهن جو زور ناهي. پر واندو ويهڙ اچي ڪونہ ٿو. حرڪت ۾ برڪت آهي."

"ارڙي امان! توکي ڇا چوان؟ ماڻهو ڇا چوندا تہ هيڏي مال ملڪيت هوندي بہ ماءُ کان ٻيا لوڙائين! اسان تي ماڻهو نہ ڪلاءِ."

"ماڻهن کي ڇڏ. ماڻهن جي ڳالهين تي ڪن ڏنئي تہ ڪک بہ ڪونہ بچندئي. پنهنجي سوچ ڪر پٽ!"

عثمان ماءُ اڳيان لاجواب ٿي، چپ ڪري ويهي رهيو.

مکي جهنگ جي اورئين يعني ناري واهه جي ساڄي پاسي ٻنين ۾ پهرئين ڇهه ماهي فصل پوکبو هو. ڇهه مهينا ٻني واندي ڇڏي، مال جو پاڻ ڏبو هو ته جيئن ٻني طاقت ڪري. آهستي آهستي جيئن هتي جي ماڻهن جو پر واري شهر ڏانهن تڪڙو اڇڻ وڇڻ ٿيو. رابطا وڌيا ته زراعت جا طريقا به تبديل ٿيڻ لڳا. رڳو ٻاجهري، چڻا، مصور، سارين وغيرهه تي گذارو ڪرڻ جي بجاءِ ٻيون جنسون به مارڪيٽ ۾ آيون ته فصلن جي ورائتي به وڌڻ لڳي. ڪڻڪ، مرچ، ڪمند، پاڇيون ۽ ٻيا فصل ٻارهئين مهينا پوکجڻ لڳا. هٿرادو پاڻ ۽ ڪيڙي مار دوائون ڪاهي پيون. فصل جي جلد ۽ وڌيڪ پيداوار واري لالچ ان عمل کي اڃان وڌيڪ تيز ڪيو. ماڻهن وٽ گهوڙن ۽ ڍڳن جي جوڙن بجاءِ سائيڪلون، موٽر سائيڪل سواري لاءِ استعمال ٿيڻ لڳا. ٽريڪٽر ٻني ڪاهڻ، کيڙڻ لاءِ استعمال ٿيڻ شروع ٿيا. هر ڪو هڻ هٽان ۾ لڳي ويو. جن وٽ در تي باقي ٿورو گهڻو مال بچيو هئو سو به پڙي جي حوالي ڪري، زرعي ڪم کي وڃي لڳا، سواءِ چند خاندانن جي. ڏک سک ۾ مالوند ماحول ۾ جيڪو اڏارو سڏارو ڏيڻ جو رواج هو سو به دفن ٿيندو ويو. هاڻي هر ڪنهن جي ڪوشش هئي ته ٻنيءَ تي وڌيڪ خرچ ڪري، گهڻي اپت کڻي. تر جا اڪثر زميندار، پادري برادر بدران ڳجهه ڳوهه ۾ شهر جي آڙتين سان ڏي وٺ ڪرڻ لڳا. رڳو تر جا ڪجهه زميندار اڃان به پادري برادر سان ڪاروهنوار ڪرڻ ۾ رهجي ويا هئا.

جڏهن عثمان وارن جو فصل لڻو ته ڪٽين جون ڍڳي گاڏيون پرائي اچي پادري برادر جي پيڊي وٽ تورايائين. اندر ڪمري ۾ وڃي، منشيءَ کان تور جي پرچي ونڻي، پادري برادر سان ملڻ ويو.

"عثمان! ڪيئن آهين؟" هن انگريزي گاڏڙ اردو لهجي ۾ پڇيو.

"سائين! نيڪ آهيان. ڪٽيون تورائڻ آيو هئس. سوچيم ته اوهان کي سلام ڪندو وڃان."

"مهرباني عثمان! يار تون ته ڪاربت ڪيو اچين پر تنهنجي ڳوٺ ۽ تر جا ٻيا زميندار هاڻي جنسون نڪا ڏين. پلا وڃي ٻين کي ڏين پر پويون قرض ته لاهين."

"هائو سائين! وقت بدلجي ويو آهي تہ ماڻهن جون دليون بہ بدلجي ويون آهن . تنهجا ايترا ٿورا اٽن جو لاهين نہ تہ ڳائين سهي. ڪنهن جو گڻ مجبو آهي، ماڻهو بي گرا ٿي ويا آهن."

"نيڪ آهي عثمان! انهن جي مرضي. جي ڪو ملئي تہ منهجو نياپو ڏجان. پاڻ آخر ۾ حساب ڪتاب ڪري ونڊاسين. ڪنهن پئسي پائي جي گهرج تہ ناهي؟"

"نہ سائين الله جو شڪر آهي."

عثمان پاڻ اڳيان پادري جي بورچي پاران چانهن جو رڪيل ڪوپ کٹائي، موڪلائي ٻاهر نڪتو.

ان ڏينهن وڏي ايراضيءَ ۾ ٻنين تي ڇهل پهل شروع ٿي هئي. هر طرف رڳو هاري، زميندار ۽ مزدور موجود هئا. هر ڪو پنهجي وٽ ونڻ ۾ لڳو پيو هو. ڪنهن کي هڪ ٻئي جو هوش ئي ڪو نہ هئو. ڪيڏي مهل ڪمند جي فصل ۾ رڙيون ٿيون. ڪنهن وٽ کهاڙي تہ ڪنهن وٽ رنبو. ڪو هٿين خالي، هر ڪو ان طرف ڀڳو.

"توبهہ مائي توبهہ! اهي ڏينهن بہ اچٹا هئا. ڀيٽهان هن سڄي جهنگ ۾ ڪڏهن ڪنهن نياڻي کي هٿ نہ لاتو. نياڻي ست قرآن ، هاڻي تہ ماڻهو ان مان بہ نٹا مڙن."

ڪمند ۾ گاهہ ڪندڙ اڌڙوٽ عمر مائي توبهہ توبهہ ڪري ڪنن جي پاپڙين تي هٿ رکندي سڏي بختاور واري ٻني ڏانهن تکيون وکون ڪٹندي هلي آئي.

"آئي مائي! خير تہ آهي؟"

بختاور بہ انهي مهل گاهہ ڪرڻ ٻني تي پهتي هئي.

"ماسي خير وري ڪهڙو؟ نجو ظلم ٿيو آهي"

"پر ڇا ٿيو امان؟"

"ماسي مون سان گڏ سڪوءَ جي نياڻي گاهہ پئي ڪيو تہ هو جيڪو نئون زميندار ٿيو آهي نہ، مولوءَ جو پٽ، ان نياڻيءَ کي زوري وارن مان گهلي هٿ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي. شڪر ٿيو ڇوڪري وٽي رڙيون ڪيون ۽ همراہ پڄي ويو."

"توبهہ زاري توبهہ! اهي ڏينهن بہ اچڻا هئا! هيڏانهن ونڊي اچوس تہ مئي کي تنگن مان جهلي، وڻ سان ٻڌي ماکوڙيون چاڙهيانس. سندس ست نسل بہ وري اها حرڪت نہ ڪندا. لوفر ڪنهن جاءِ جو."

بختاور جو رت گرم ٿي ويو جڙ ڪيڙيون سندس جسم تي چڙهي ويون هجنس.

"امان! سڪوءَ کي منهنجو نياپو ڏجان تہ اصل نہ ڇڏيس. پاءُ پاٽيءَ جو ونيس. پلا پاڻ پڇي نہ سگهي تہ مون ڏي هليو اچي. پاٽهي ٿي ڏنبو وجهانس..... ۽ ڏسان تہ فيصلو ڪيئن نہ ٿا ڏين؟"

ان واقعي جو سڄي علائقي ۾ هوڪو هلي ويو. سڪوءَ جي عزت هوائن سان گڏ اڏامڻ لڳي.

نياپو ملڻ کان پوءِ شام جي سڄ لهڻ جي تياري پئي ڪئي. سڪو سندس گهر واري ۽ نينگري سان گڏ اچي بختاور جي گهر لٿا.

"ماسي! توکان سوا اوهي نہ ڪو واهي. برادري وارن تہ منهنجي همدردي ڪرڻ بجاءِ مونسان ئي ناحق. فيصلو ڪيو تہ چوڪري بہ ماريو ۽ چوڪرو بہ ماريندا سين. ماسي! هن معصوم نياڻي کهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟ جو هن جي ساهہ جي پويان پيا آهن."

"ابا سڪوا! چڏ انهن کي. تون مون واري ٻنيءَ تي لڏي اچ. ڏسان تہ ڪير ٿو توکي هٿ لائي؟ باقي مولوءَ وارن کي چڏبو ڪونہ. اڄ هو ڦٻي ويا تہ سياڻي چورو وري ٻي حرڪت ڪندو. اوهين پهرئين لڏو ڪٽي اچي رات جي پيٽ ۾ ويهو پوءِ ڏس تہ انهن کي ڪيئن ٿي چڪيان برادري ۾. برادري کان بہ ڪو ڏاڍو هوندو آهي ڇا؟ صبح جو سڄ ايري الله خير ڪندو. امان پاڳل! سڪوءَ وارن کي ٽڪر تہ ڪاراءِ."

"نہ ماسي! اسين هلون ٿا. اونداهہ ٿي ويندي. وڃي ٽپڙ تاڙيءَ جي ڪريون."

"پر ابا! ائين تہ."

"ماسي! حياتي هوندي تہ مانيون پيون ڪائبيون."

بختاور وڃڻ مهل سڪوءَ جي زال ۽ ڏيءَ کي گندي اوڙائي ۽ اوڙاٽي طور 10، 10 روپيہ بہ پلاند ۾ ٻڌي چڏيا.

صبح ٿيو ته بختاور وڏيري جعفر جي گهر پهتي. ڪيس پيرائتو احوال ٻڌايائين. "هائو ادي! مون به ٻڌو آهي. ڇئون ٿا فيصلي جو."

"ادا! هاڻي هو منهنجا هاري آهن. هاري ٻچن وانگر هوندا آهن. ناجائزي ڪونہ سهبي."

"ادي! ڪونہ ٿيڻ ڏيندا سين. مولوءَ ڏي نيا پو موڪليان ٿو جي نہ آيو ته قانون ڏي هلنداسين. هينئر ٻہ ربيا آيا اٿن. سو مڙئي ڪنڌ ۾ ٿورو ور اچي ويو اٿن. وري ڏسون ٿا، الله مالڪ آهي."

ٻئي ڏينهن مولوِ سندس پٽ، سڪو بختاور ۽ ٻيا ڳوٺاٽا اچي وڏيري جعفر جي اوطاق تي گڏ ٿيا.

"وڏيرا ڳالهہ ٻڌا! چوري ته ڪارو منهن ڪيو آهي. جيڪو فيصلو ڪندي اکين تي، پر سڪوءَ کي به سمجهاءِ ته چو ٿو نياڻيءَ کي اکيلو ٻنيءَ ۾ ڇڏي؟ اڇڪلهہ جي چورن جي خبر ته اٿئي. پاڻ وارو دئور ويو."

بختاور مولوءَ جي ڳالهہ ٻڌي تپي وئي.

"شابس ادا! پرائي نياڻي ڪا تنهنجي پٽ جي ذاتي ملڪيت آهي؟ هينئر پيٽ ۾ريل اٿئي. تڏهن اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين. ڪجهہ سال پهرئين ياد ڪر، ڪم ڪري ڪري سڙڻ جي ٻچي به ميري ٿي وئي هيئي. تڏهن ڪنهن پرائي نياڻيءَ تي هٿ نہ ٿي وڌو."

"ادي بختاور! حوصلو ڪر. پاڻ وري به عزيز آهيون، رت آهيون، سڪو ڏارين ذات."

"سڪو منهنجو ٻچو آهي، سڪوءَ جي نياڻي منهنجي نياڻي آهي، عزيز هوندي پنهنجي جاءِ تي."

وڏيري جعفر وچ ۾ پئي جهيڙو تاريو:

"بابا! هاڻي چپ ڪريو ته فيصلو ڪريون. مولوءَ ڏوهہ مڃيو آهي، سو وڏيڪ ڳالهين جي ضرورت ناهي. منهنجو فيصلو آهي ته مولوءَ جي پٽ جو ڪارو منهن ڪري گڏهہ تي چاڙهي سڄي ڳوٺ ۾ گهمايوس. شام جو مولوءَ وارا، سڪوءَ وارن کان تڏو به بخشرائيندا. آئيندهہ جنهن به اهڙو ڪم ڪيو ته ان کي هن تر مان نيڪالي ڏني ويندي"

مولوءَ فيصلو آمين ڪيو. سڪوءَ بختاور ڏي ڏٺو ته ان به ڪنڌ ڏوٽيو.

جڏهن سپ ماڻهو اتي ويا تہ وڏيرو جعفر، بختاور سان مخاطب ٿيو:

"وچ ۾ پيڻهان! اهو وقت بہ ڏسڻو پيو. چاتي پائڻين ادي! هاڻي نياڻين ۾ بہ هٿ وجهڻ شروع ڪيا اٿن."

"هائو ادا! نئين ڪهي آهي، ايجا الائي چا ڪندي؟ پنهنجو بہ وقت هئو. ڪڏهن ڪنهن نياڻي سياڻيءَ ڏي بري نظر نہ ڪنئين. پاڻ بہ سڄي عمر گڏجي سڏجي ڪاڏو پيتو ڪا ڏپ نڪتي؟ پيڻهان اڄ تہ ڪو ماڻهو گهر ويهارڻ مان ڪونهي." بختاور گذريل وقت کي ياد ڪندي ٽڏو شوڪارو ويريو.

"امان! ماڻهن ۾ هاڻي پنهنجي پرائي، ننڍي وڏي جو اهو حياءَ ڪونهي رهيو. هاڻي هرڪو سندي پاڻ کي سوا سير ٿو سمجهي." عثمان بہ پنهنجو وارو وڃايو.

"پٽ عثمان! ٻين کي ڇڏ، مون وارا پٽ ڏس. سڄو ڏينهن پاڻ ۾ نوڙ ٽيا پيا آهن. ٿوري گهٽي تي ڪچيءَ ۾ هٿ اٿن. ننڍي وڏي ڳالهہ تي هر ڪنهن سان ڏڏو. اسان تہ پنهنجا ڏينهن ڪائي آياسون، باقي هي اڳتي الائي چا ڪندا؟ آئون پوڙهو مڙس ماڻهن کي روز روز پٽڪا لاهي ٽڪجي پيو آهيان. چگ مڙسي تہ وڃي ٻوهي ۾ پئي، پر رڳو عزت بچي. هاڻي تہ هرويرو گهران بہ ڪونہ ٿو نڪران."

"هائو وڏيرا! الائي ڪهڙو وقت اچي ويو آهي؟ مون وارو ياءُ جمعون تہ ڏس، 12 مهينا نڪ تي ڪاوڙ ڪٽ تي وينو پيو ڪائي. رڳو مال جهنگ مان چاريو ٿو اچي، پوءِ بہ روز طعنا مهڻا. هوءَ ياڳل ويچاري ڪنهن سان هڙڪ نہ ڪيچي، ان سان بہ روز مانيءَ تي جهيڙو اٿس."

"عثمان، پٽ! دعا ڪر ادي بختاور کي، نہ تہ هڏا بہ رلي وڃنس ها. وري تو ننڍي ياءُ کي لک شابسون هجن، نہ تہ مڙس تہ هر وقت جهيڙي تي ور ڪنيو بينو آهي.

جعفر جي ڳوٺ ۾ ڪچهريون هاڻي رڳو انهن جهونن تائين محدود ٿي چڪيون هيون، باقي ڪنڊي خلق جا رڳو هڪ ٻئي جي ڳچيءَ ۾ هٿ هئا. انهن جو ذڪر ڪندي وڏيرو جعفر ۽ بختاور ڪنهن مهل ڏڪارا ٿي ويندا هئا.

33

جون جا ڪاڙها، نڙ، پن ۾ ڪانهن جي گهٽ. پن ۾ هوري پڪل. ڏينهن تتي هوندي به صبح جي پهر ۾ پيروءَ ناري واهه جي پرئين پر ڏنڻ وٽ پهتو. گهر جو چلهو جي هلائڻو پيو. اڳ ۾ پاڻاري ڏنڊ جي پڪ ۾ موجود اپرندي ڏڙي تي ناهيندو هو پر جڏهن کان فتو لڏي اچي اتي وينو ته هن به فتوءَ جي وڃاڻ جي پاسي ۾ ڏنڻ جي ڏاکڻي پاسي پاڻاري ناهي هئي. هو صبح جو سوير فتوءَ سان گڏ به گرهه هڻي، ڏنڊ جي ڏاکڻي پاسي موجود ڪُن ۾ ڪاڻين ۾ پن جي ناهيل ٻانڊي ۾ هيٺ رڇ هڻي اکيون ڪپائي ائين وينو جيئن ڪانگ ٻار جي ٽڪر ۾ اک هڻي ويهي. چرڙ ڦرڙ نه ڳالهائڻ، نه ته مڇي ڦٽي ويندي. پگهر ڪڙهي مان پئي هليو پر جميو وينو رهيو. ڪيس الاهي ديرتائين هڪ به مڇي نه لڳي. جڏهن به پهر ٽپا ته بک محسوس ٿيس. اڃان اٽيو ٿي ته رڇ ۾ چرپر محسوس ٿيس. دل ۾ خوش ٿيو ته ڪو وڏو شڪار ڦاٽو آهي، پر جڏهن آهستي آهستي رڇ مٿي ڪنيائين ته به وڏا ڪڇون ڦاٽل نظر آيا. رڇ کي آهستي آهستي پاڻ ڏانهن سيريندي، ڪڇون ٻاهر ڪڍي ڪاوڙ مان زپ ڪري هيٺ پاٽيءَ ۾ اڇلايائين.

"جوٽس..... نياڳا....." ٻيهر منجهيل رڇ کي سلجهائڻ کان پوءِ، رڇ وري پاٽيءَ ۾ اڇلايو. پيهيءَ کان هيٺ لهي، ٻاهر نڪري وري پاڻاري ڏانهن روانو ٿيو.

فتو مال کي جهنگ ۾ پهرائڻ کان پوءِ لسي ولوڙي واندو ٿيو. اچان گرهه وات تي رکيائين ته پيرو به پاڻاريءَ تي ٽڪ اچي ڪيو.

"سلاماليڪم!"

"ماليڪم سلام. يلي آئين، يلي يلي ڪري آئين. ويهه ته ماني کائون، ادا!"

"هائو ادا!" پيرو ڏڏي تان هيٺ لهي ڪانپ ڪڍي ماني کائڻ ويهي رهيو. ڏڏي جي چوڌاري مڇرن جو حملو جاري هئو ۽ هو ڦونگارن ۽ لتن سان مڇرن کي جسم تان اڏاري رهيو هئو. "پٽارو! ويل ۾ پئجي ويو آهي، پر روزي ٻه ڪرٽي آهي." پيروءَ گهوڙي ڏي ڏسندي پڇيو.

جڏهن کان فتوءَ بختاور سان مائٽي ڪئي هئي، تڏهن کان هو بختاور جي مائٽن کي پنهنجو عزيز سمجهندو هو ۽ جعفر جي ڳوٺ کي پنهنجو ڳوٺ. ايندي ويندي کان پيو حال احوال ونندو هو پڇائون ڪندو هو. وري جي پيرو ايندو هو ته سندس پنج ئي گيهه ۾. الف کان ي تائين رڳو بختاور جي گهر جي هڪ هڪ خبر چار ونندو هو. جڏهن پيرو هفتي ٻئي واپس ڳوٺ ويندو هو ته انهن ڏانهن دعا سلام موڪليندو هو. ماني کائيندي ڪچهريءَ ۾ شروع ٿي ويا:

"سجو ڏينهن خدا جو ٻانڊي تي وينس، پر اڄ هڪڙي ٻه مڇي ڪونه لڳي. فتوا دعا ڪر، ڪا مڇي لڳي ته شام جو جلسو ڪريون."

"ادا! الله ڪندو."

بک اهڙي لڳس جو تڪڙ ۾ مڇيءَ جو ڪنڌو نڙي ۾ ڦاٽس. مانيءَ جو وڏو رکو گرهه هنيس ته ڪنڌو هيٺ هليو ويو. وري ماني کائڻ کي لڳي ويو.

پيرو ماني کائي، اڏ ڪلاڪ پٺ تي سمهي، وري ٻانڊي ڏي هليو آيو. هو ايڏان سوچن ۾ هو ته ڪيڏي مهل رڇ ۾ ڦٽڪو ٿيو. رڇ کي ڇڪ ڏنئين ته وڏو ٻگاڙهو ڪڙو رڇ سوڏو اچي پٺ تي ڪريو.

"واهه ڙي مولا، واها صفا رڇ ڪري ڇڏيئي."

ان ڏينهن سڄ لٽي کان اڳ ۾ ڪڙو ڪڙهيي ۾ وجهي، گهوڙي تي رکي، واپس پاڻاريءَ تي پڇي ويو. مڇيءَ جو اڏ شيخ ته ڪجهه ڪائين ۾ وجهي، ديڳڙيءَ ۾ پاڻيءَ تي سيکي سنيائون. باقي بچيل صبح لاءِ رکي ڇڏيائون. مانيءَ جو اٽو ڳوهي، لوليون ٽڦي، تتل واريءَ ۾ ڪجهه دير لاءِ اندر هٽي وري

ڪڍيائون. ماني ڪوڪ ٿي نڪتي ۽ پوءِ ويهي ڪوڪ ماني ۽ سيڪيل مڇي جو مزو وٺڻ لڳا:

"ادا پيرو! مڇيءَ مان جيڪا بہ هوري نڪري اها مونکي ڏجان تہ ان کي ٽاڻي، وهہ گڏ ڪري توکي ڏيان. وڃي عثمان جي گهر ڏجان ۽ آني بہ گڏي رک، پئسا مونکان ونې ڇڏ."

"واهہ ڙي واهہ! چريو تہ ڪونہ ٿيو آهين ادا فتو؟"

"نہ ادا! تنهنجي بہ محنت آهي."

"محنت کي اڇل ڏنڊ جي تري پر، جيڪو نصيب پر هوندو ملي ويندو. ايڏو اکين پور بہ ناهيان. اڄان تنهنجا ٽکر پيٽ پر آهن."

"ادا! ماني مولا جي آهي. جنهن جو نالو ڏاڻي تي لکيل هوندو ان کي نصيب ٿيندي."

"نهيو ادا! ضد ڇڏيوسين."

هو ٻئي رات دير تائين ڪچهري ڪندا رهيا ۽ کير جا ڏڪ پرينداً رهيا. تان جو وڃي آڏي رات ٿي. آهستي آهستي ننڊ سندن اکين تي حملو ڪرڻ لڳي.

جيئن تہ پهرئين مکي ڏنڊ موجود هئي ۽ هاڻي ناري جي ڪاپي پاسي ڏنڊين جو ڇار وڇايل هو. تنهن ڪري هتي جا ماڻهو مال سان گڏ ڏنڊين پر مڇيءَ ۽ پکين جو شڪار بہ ڪندا هئا. پيرو بہ مڇيءَ جو ٻٽياڻتو ماري هو. سندس پيءُ، ڏاڏو بہ اهو ڏنڊو ڪندا هئا. پاڻ معذور مڙس. ٻيو ڪجهہ ڪري نہ سگهيو پر ننڍي هوندي پيءُ سان گڏجي ڏنڊين تي مڇي مارڻ پر مدد ڪندو هو. تنهنڪري مڇي مارڻ جو هنر هن جي ڏاڻي هٿ جي راند هئي. گرمين توڙي سردين پر جهنگ پر پيو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ٻيا ماري بہ اڇي ڪچهري ڪندا هئس، نہ تہ اڪيلو پيو ڏنڊين سان ڳالهيون ڪندو هو. فتوءَ جي اڇاڻ سان اهو سُک ٿي پيس تہ دل جي اوبر هو ڪنهن سان تہ ڪڍي! وري جي مٿي مائٽي ٿي تہ ٿوري گهٽي لج بہ پڄي پئي. ڳوٺ ايندو هئو تہ بہ ڪچهريءَ جا خزانا کولي ويهندو هئو. پاڻاريءَ تي فتوءَ سان بہ دنيا جون خبرون چارون ڪندو هئو. ڪچهري ڪرڻ جو فن سندس رت پر شامل هئو.

34

رئيس بالو خان ڪڪڙن جو وڏو خفتي هئو. سندس اوطاق، اوطاق گهٽ، ڪڪڙن جو ويڑهو وڏيڪ لڳندي هئي. صرف هڪڙو ڪمرو باقي چار ديواري، ان چار ديواريءَ سان لڳو لڳ وڏيون ڪڏيون هيون. پري پري کان ڪئين ڪڪڙن جا خفتي سندس مهمان بڻيا هئا. هو نہ رڳو تر ۾ ڪڪڙ ويڑهائيندو هئو پر ڏورانهن علائقن تائين سندس سيٽي وڄندي هئي. جتي بہ ڪو چگو ڪڪڙ يا مادي ڏسائيندي هيس، وڃي نڪرندو هئو. پوءِ پلي اٺ جو ملهہ ڏيڻو پويس. اوطاق تي خاص نوڪر رکيل هئس، هڪڙن جو ڪم ننڍڙن ٻچن ۽ آري تي ويٺل ڪڪڙين کي چگائڻ ۽ پاڻي ڏيڻ هوندو هئو. جن جي کاڏي لاءِ بادام مربو ٻاجهري هئا. باقي انهن جي ڪنڊ ڪندڙ نوڪرن لاءِ سکل ماني هوندي هئي. ٻيا وري وڏن ڪڪڙن کي گهمائيندا، ڦيرائيندا ۽ چگائيندا هئا. ان ڏينهن جڏهن رئيس، سهجان سان ملڻ شڪاري بستي آيو تہ جائو ڪڪڙ بہ کڻيو آيو.

"ڏنگا هي ڪڪڙ صفا آنو ٻچو اٿئي. هن جي چگيءَ طرح خدمت ڪر. مون واري اوطاق تي ٻين ڪڪڙن سان هرون پرون ڦڙڪيو پوي، گهٽئي قابو تا ڪيونس، پر چنايو وڃيو ٻين ڪڪڙن جي وچ ۾ پوي، ڪٿي ڪٽ نہ ڪري وڃي؟"

رئيس ڪڪڙ کي هيٺ زمين تي پڙڪو ڏياريندي چيو.

"اي هائو ڙي رئيس! جيڪو حڪم اکين تي." ڏنگ فرمانبرداري وچان جواب ڏنو.

"هن کي چگي طرح گهمائجان، ڦيرائجان ته جيئن ٽنگون ڪلنس. ڪڏهن ڪڏهن ڦڙڪائجانس ۽ سيڪجانس به. 10، 15 ڏينهن ۾ ويڙهائڻو آهي."

"اي هائو ڙي رئيس! کا ڪسر ڪون ڇڏيندو سانس."

ان کان پوءِ ڏنگ صبح جو سوير ڪڙ کي کولي شاخ جي بند تي گهمائيندو هو. ٽوال سان ڪيڏي ڪيڏي مهل هيڏانهن هوڏانهن هڪليندو وتندو هئو. ڪڏهن ڪڏهن عام ڪڙ سان ڦڙڪائيندو به هيس. ڦڙڪائڻ کان پوءِ شام جو وري ڪڙ جي زخمن کي سيڪيندو ۽ تيلي سان ڪنڊ ڊبيندو هئو ته جيئن زخم پڪا ٿين.

جعفر جي ڳوٺ جي آبادي وقت گذرڻ سان گڏ وڌندي وئي. ڪجهه مکي جهنگ کان به خاندان لڏي آيا ته هوٽلن ۽ دوڪانن ۾ به اضافو ٿيندو ويو. وري جي پڪو رستو نهيو ته اڇ وڇ جي ڪري ايجان ڳوٺ جي رونق وڌي وئي. رئيس بالوءَ جو پاٽي وارو راهب به ان ڳوٺ جو هو. ٽلهو متارو پنج هٿيو وڏيون مڇون، جوان مڙس. پلا پلا ڪڙ سندس ڪڇ ۾ آيا. پرجڏهن به رئيس بالو خان جو ڪڙ وڙهندو هو ته ان جو پاٽي وارو راهب ئي هوندو هئو. ايمان جو پڪو پئسي پائي تي نه ڦرڻ وارو. نيت وارو ڏک سک ۾ پنهنجي ٻانهينءَ سان گڏ هوندو هئو. تنهن ڪري جڏهن به رئيس بالو خان وٺ شهر ۾ مهمان ايندا هئا ته انهن کي چانهه پيارڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ لاءِ جعفر جي ڳوٺ ڏني واري هوٽل تي وڃي ايندو هو. جتي راهب سان گڏ ڪڙن جا ننڍا وڏا خفتي به اچي گڏ ٿيندا هئا. ان ڏينهن به هو معمول موجب اچي ان ڳوٺ نڪتو ته هوٽل تي چانهه پيئندي ڳالهين مان ڳالهه نڪرندي وئي:

"ڪيئن ٿو پانئين پاڻ وارو جائو ڪڙ؟"

"ڪهڙو رئيس؟"

"جيڪو ڏنگ وٺ آهي."

"ڪڙ ته پلو ٿو ڏسڻ ۾ اچي، باقي ڦڙڪي ته خبر پوي."

"ڏنگ چئي تو پلو ٽو ڇڏڪي."

"اي، هائو ڙي، رئيس! پلي راهب ڇڏڪائي ڏسيس. ڪا گسيس ئي نہ ٿي. رڳو چوٽ ٿو ونڊي."

"رئيس! پوءِ ويڙهائجانس بہ ڪنهن چوٽ واري سان، اڏ واري يا ليڪوءَ سان ٽپ نہ ويڙهائجانس."

"اي، هائوڙي! ٽلهين وارن کان بہ بچائجوس."

"راهب! تون بہ ڪڪڙ تي نظر رکندو ڪر. ڪا اوٽيهہ ويهہ هجي تہ ڪيڊي ڇڏجانس. هن نہ مٽئين جمعي تي چودڳيءَ تي ميل آهي. لاهينداسين ميدان ۾، پوءِ ڏٺو ويندو!"

"پلي، رئيس!"

رئيس هوٽل واري چوڪري کي سڏي، سئو جو نوٽ ڪيڊي ڏنو.

"جنهن بہ ڪچهري چانهہ پيتي آهي، سيئي بل ڪٽي ڇڏ."

"هائو سائين!"

ايتري ۾ پريان جمعي جي نظر رئيس تي پئي تہ هليو آيو ۽ ڪيس پاڪر پائي مليو.

"بسم الله آيون، رئيس!"

"سائين، سائين جمعان!"

"رئيس! ويهہ چانهہ پيئ"

"بسم الله، الله جهجهو ڪري ڏيئي. بس مهرباني."

"ڪڏهن آهي ڪڪڙن جو ميل؟"

"هن نہ، ان کان مٽئين جمعي تي."

"پوءِ هلبو."

"ها ها، ضرور هلجان، چگو پوءِ هلون ٿا."

رئيس هوٽل کان ٻاهر نڪري اچي گاڏي ۾ وينو تہ گاڏي رستو وني واپس شهر ڏي رواني ٿي وئي.

چودڳي چوڪ کان ٿورو پرپرو ڪلرائو ميدان، جتي ماڻهن جا انبوهہ موجود هئا. ذات خفتين جي اچي گڏ ٿي هئي. هرڪو پنهنجي پنهنجي ٻانهين ۾ ڪڪڙن سميت موجود هئو. اتي گهمندڙ اڙيا ٽڙيا همراهہ هيڏانهن

هوڏانهن ڪڪڙن جو جائزو ونڊي رهيا هئا جيئن ڪنهن چگهي ڪڪڙ تي شرط رکن. چاڪاڻ ته سندن مقصد رڳو ڪٽ هو.

رئيس بالو خان به ڪڪڙ سميت راهب ڏنگ ۾ جمعي سان گڏ جيپ مان اچي لٿو. ڪڪڙ راهب جي ڪچ ۾ هو. سيني اچي ميدان ۾ خالي جاءِ تي ديرو ڇمايو. راهب ڪڪڙ کي ويڙهه لاءِ آڻيو پئي. رئيس بالو خان ٻين ساڻين سان ٽوال زمين تي وڇائي ويهي رهيو:

"رئيس! مون واري ڪڪڙ سان جوڙ ٿي ويجي؟"

هڪ خفتيءَ اچي ڪڪڙ سوڏو رئيس بالو خان وٽ نڪتو.

"نه رئيس! پاڙ واري ڪڪڙ کان قد وڏو آٿس. پاڙ وارو ڪڪڙ چوٽ جو هيراڪ آهي. سو ڪٽي ٿو ان جو چوٽ جهلي سگهي. جي ڪڪڙ اڏ جو نڪتو ته پاڙ واري کي بنهين ڏکيو پوندو."

"نه بابا! ٻئي کي ڏس." رئيس ٽپ جواب ڏنس.

ٿوري دير کان پوءِ وري ٻيو خفتي اچي نڪتو.

"رئيس! ڇا خيال آهي؟"

رئيس بالو خان ۾ راهب مخالف جي ڪڪڙ تي نظر ڦيرائي. رئيس، راهب ڏي ڏٺو ته راهب ڪنڌ ڏوڙيو:

"رئيس! برابر جو آهي. وڏيڪ جيڪا قسمت"

رئيس به هائوڪار ڪئي. ايتري ۾ اماني تلهڙ هٿ ۾ جهلي سيني همراهن کي گولائي ۾ پڙ ٽاهڙ لاءِ پوئتي ڏڪڙ لڳو.

"پڙ چڏيو بابا! پوئتي ٽيو ته ڪڪڙ وڙهن."

ٻنهي ڏرين جي وچ ۾ ڏهه ڏهه هزار رپين جي بازي لڳي. متان وري وقت به وقت چڪون ڏنيون ۾ ورتيون پئي ويون. ويڙهه ۾ جنهن ڏر جو ڪڪڙ ٿورو سرسي ۾ پئي ٽيو ان چڪ ٿي هلائي.

"آ، پٽ، جاوا! پيءُ اٽئي! ايجان پيو چڏينس." رئيس بالو خان هٿ جون تريون زور سان پٽ تي هڻي ڪڪڙ طرف جهڪندي رڙيون ڪيون ته گگ سندس واڇن مان ٽيرا ڏئي وهڻ لڳي.

"آ، پٽ، پيلا! آيو اٽئي بل ۾. هڻينس!" مخالف به گهٽ نه ڪئي. جنهن ڏر جي ڪڪڙ ڪڙهون ٿي هيون. اتان وڏي رڙ ٿي ٿي.

"آ..آ... آ.. او اتي"

پاٽيءَ جو ٽائيم ٽيو تہ امانيءَ پاٽيءَ جي وقفي جو اعلان ڪيو. ٻنهي پاسن جي پاٽيءَ وارن پنهنجي پنهنجي ڪڪڑن کي ڪچ ۾ وڃي ڪنيو.

"رئيس! پاڻ واري ڪڪڑ کي اک جي مٽان ڪڑهہ هٽي ويو آهي پر شڪر آهي، اک بچي وئي اٿس."

"هان!" رئيس اکين کي ڪڪڑ جي زخم جي ويجهو ڪندي غور سان ڏٺو. راهب کيسي مان ڪنڌ جي ٽيلهي ڪڍي، تيلي سان ڪنڌ جي داڻن کي زخم ۾ ڏٻي، سئيءَ ڏاڍي سان سبي ڇڏيو. پاٽي جا ٻہ تي ٿوهارا ڪڪڑ جي منهن ۽ پيرن ۾ هٽي ڪڪڑ جي پرن کي پکيڑي هيٺ اڇلايو. ٻہ تي چپٽيون وڃايون تہ ڪڪڑ گهمڻ لڳو.

"آ، پٽ، جاوا! شاباش، شاباش."

هن وري ڪڪڑ کي جهلي، ڪڑهون چاقون سان ڪرچي تکيون ڪيون. ايتري ۾ جمعون بہ مخالف ٻانهين تان ٽي واپس آيو:

"رئيس! پاڻ واري بہ منهن چلهي چڏيو اٿس. ٻہ ڪڑهون آرو پار لڳل اٿس."

"پوءِ تہ واهہ واهہ." رئيس خوشيءَ مان جواب ڏنو.

پاٽيءَ جي وقفي کان پوءِ وري ويڑهہ شروع ٿي.

"رئيس! پيلو ڪُٽي ويو اٽئي. هاٽي رڳو ٽلهيون پيو هٽي. پاڻ وارو رڳو همت ڪري." رئيس بالو خان، جمعي جي ڳالهہ رڳو ڪن سان ٻڌي، باقي ڏيان سجو ڪڪڑ ۾ هئس.

"آ آ آ! هڑ! اتي هٽينيس! پيٽهان نانگ کاڏو اٽئي چا؟ ايان پيو ڏسين پٽهين کي!" ڪنهن مهل رئيس واري ڪڪڑ مخالف ڪڪڑ کي پاڙين ۾ وات وجهي، اهڙي تہ اکي هنئين جو رت جا نيسارا وهڻ لڳا ۽ مخالف ڪڪڑ پٽ تي ڊير ٿي ويو. رئيس ڊوڙي وڃي پنهنجي ڪڪڑ ۾ هٿ وڌا. ڪڪڑ کي متي کڻي هڪ ٽنگ تي ناچ ڪرڻ لڳو. رئيس جي ٻانهينءَ جا سيئي همراهہ بہ نچڻ ۽ جهومڻ لڳا.

نچڻ، ڪڏڻ دوران رئيس جمعي کي اک ڀيندي چيو:

"اڄ، رات واهہ جا جشن ٿيندا. جعمان! اڄ رات تنهنجو خرچ بہ مون تي."

"واهہ ڙي رئيس، واهہ."

ٻئي ڇڻا خوشيءَ مان ٻاڪرين پئجي ويا.

شام جو پهر هئو. ڏنگ ۾ جهنگ مان ڳوهہ ۾ سوئر جو شڪار ڪري، گوشت پنهنجن گهرن ۾ اچي ورهايو. ان ڏينهن هر چلهہ تي گوشت جي ديگڙي چڙهيل هئي. نندڙا ميرانجهڙا ٻار جن جي اکين ۾ صدين جي اداسي ۽ چپن تي بک پئي بکي، سي هڪڙي قميص ۾ چلهہ جي چوڌاري هڪ ٻئي کي چهنبڙيون هڻندي ۽ ڪيڪاٽيون ڪندي آسرو ڪيو وينا هئا. خوشيءَ ۾ ڪنهن ڪنهن مهل هڪ ٻئي کي گدا پئي هنيائون تہ ڪيڏي مهل ٻانهن سان نڪ ٽي صاف ڪيائون. رئيس بالو بہ ڪجهہ دير کان پوءِ جمعي سميت ڦاندرو گوشت سهجان ۽ مينا جي لاءِ ڪپڙن جا وڳا، موالين لاءِ چرس جون راڌون ڪٽي پهتا. ان ڏينهن بستيءَ ۾ خوشي جا واهڙ پئي وهيا.

35

بختاور ڪڏهن ڪڏهن اداس ٿي ويندي هئي. عثمان ٻنيءَ ٻاري تي ۽ جمعون مال جي پويان هوندو هئو. ان ڪري اڪيلو گهر ڪيس ڪاٽ ايندو هو. جڏهن ڪان ياڪل گهر ۾ آئي تہ ڪيس گهر ڀريو ڀريو لڳڻ لڳو. تنهن هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن رليون سبندي ياڪل سان دل جون ڳالهيون ڪري ونندي هئي:

"امان، ياڪل! ڪهڙيون ٿي ڳالهيون پچين؟" ٽڏو شوڪارو اندر مان نڪري ٻاهر هوا ۾ جذب ٿي ويو:

"ابو امان هوندا هئا تہ وڏي لاڏ پيار سان ٻاروٽڻ گذاريوسين. ڪير، مڪڻ، نجي گيهہ جا ڏٻا، چا ڪائي چا ڪائون؟ اڏ ڪائيندا هئاسين تہ اڏ اوباري چڏيندا هئاسين. پوءِ ننڍي هوندي مائٽ ويچارا مري ويا! پهرئين ابي ڪي سلهہ ڪائي چڏيو. مٽان امان بہ ساري ساري پويان هلي وئي. چاچي ويچاري جو ڏاڻ اولاد جو هئو. پوءِ بہ جيترو پنهنجي اولاد کي پائيندو هو، اوترو مونکي بہ ڏيندو هئو. پر پنهنجي ماءُ، پيءُ جي سڪ ڪير لاهي! جڏهن شادي ٿي تہ پرائي گهر آياسين. سڀ لاڏ پيار پريءَ ۾ ٻڌي هڪڙي پاسي رکي، دل و جان سان گهر جي ڪئي سون. هر ڪم ڪيوسين، پر ڪڏهن اف نہ ڪئي سين. مڙس بہ ويچارو غريب هئو صبر وارو جهڙي پت ڪيچي."

ياڪل ڳل تي هٿ رکي سندس ڳالهيون غور سان ٻڌندي رهي.

"امان! پوءِ جڏهن ٻار ڄاوا تہ گهر ۾ خوشيون اچي ويون. تڏهن کان وٺي گهر ۾ريو پيو هوندو هئو. جڏهن عثمان جو پيءُ ٻہ سلهہ جي حوالي ٿي ويو تہ مون اڪيلي رن زال همت ڪري ٻارن کي نپايو. وڃي اڇا وار ٿيا. جڏهن ٻار وڏا ٿيا تہ گهر وري جهڙو خالي لڳڻ لڳو. هاڻي تون آئي آهين تہ الله ڪندو گهر وري ۾رجي ويندو."

پاڳل ٿورو شرم وچان مسڪرائي گنديءَ جو پلاند وات ۾ وڌو:

"ائي، نانيِ!"

"ها، امان! ڇو؟ بس اجهو آيو." بختاور جي اداسي ٿهڪ ۾ بدلجي وئي. پاڳل ڪجهہ سال تہ ويٺي رهي، جلب پير، ڏنڙي واري بيبي ۽ راڻي پور وارن پيرن جي ڏاڳن ڦيٽن کان ٽڪجي، نا اميدي جي جهنگ ۾ ٽڙندي ٽاپڙندي رهي. نيٺ ڪافي سالن کان پوءِ اميدن جو ڏيئو سندس اندر ۾ هريو ۽ هوءَ اميد سان ٿي. سو بختاور جو سجو ڏيان پاڳل جي پيٽ ۾ موجود ٻار ڏي هو. ان ڳالهين دوران عثمان ٻہ اچي لٿو.

"پٽ، عثمان! جوٺهي لاءِ ڪا خوراڪ آڻ، ڏس ويچاري ڪيتري ڪمزور ٿي وئي آهي؟"

"ها، امان! جيڪو چئي وئي اچانس. ڪچي تہ ڪڪ ٻہ ڪونہ ٿي." پاڳل چپ چپ ڪري ڪلندي گهر ۾ گهڙي وئي.

آهستي آهستي بختاور، پاڳل کي رلڪا سبڻ ٻہ سيڪارڻ شروع ڪيا:

"امان! اڇڻ واري لاءِ تياري تہ ڪرٽي آهي."

صبح سوير ٿي تہ بختاور، عثمان کي پاڻ وٽ گهرائي سمجهايو:

"پٽ! تون ٻہ هاڻي پيءُ بنجڻ وارو آهين. پنهنجي گهر ۾ نئون مهمان پيو اچي. سو ان جو بندوبست ٻہ ڪرٽو آهي."

"امان! جيئن چئين تئين ڪريان!"

"تون اڄ شهر وڃ. مصري ڪاري ڊاک، پراٺا سڄا ڏاٺا، ڦوتا ۽ ڪٽڪ جو ڏارو وٺي اڄ تہ جوٺهي لاءِ پوڳاڙو تيار ڪريون. من ڪو ٻار ۾ ساهہ پئي."

"هائو امان!" عثمان ٻہ وهنجي سهنجي ۾ واري شهر نڪري ويو. پاڳل گهر کي ٻهارو ڏيڻ لڳي ۽ بختاور کير ولوڙڻ لڳي:

"امان، ياڪل! صبح جو تازو مکڙ ناهيندي آهيان تہ ان مان بہ ڳڙي نيراني ڪائي ڇڏيندي ڪر. ڦوٽا ۽ ڏارو بہ گهرايو اٿم. ڦوتي ڪي داڳ ڏئي، ٽورو ڏارو وڃهي گيهہ جي ٽنگ ناهي ٽي ڏيئين. اها بہ پيئندي ڪر. اسان جي وارث جي ماءَ ٽيٽ واري آهين."

"هائو ناني!" ياڪل بہ ڪنڌ ڏوڙيو.

"امان! تون سهڻي بہ آهين. سو رزو سندو منهن آرسيءَ ۾ ڏسندي ڪر يا وري صبح جو سوير ڪنهن سهڻي ماڻهوءَ جو منهن ڏسندي ڪر جيئن ٻار بہ سهڻو جمي، متان ڪنهن ڪوجهي جي منهن ۾ لڳين. ۽ ها، اها جيڪا ٻيڙيءَ جي ڪڙي آندي اٿم، اها بہ پيرن ۾ پائي ڇڏ. اهو اڇو ڏاڳو آڳر ۾ قابو ويڙهي ڇڏجان."

ڪجهہ مهينن کان پوءِ اهو ڏينهن بہ آيو جنهن جو سڄي گهر کي انتظار هئو:

"ابا، عثمان! وارو ڪر. پريان ڏڏيءَ کي سڏ ڪر."

عثمان سمجهي ويو تہ ڏڏيءَ کي ڇو پيو سڏايو وڃي. ڏڏي سڄي ڳوٺ جي دائي هئي. ڏڏيءَ کي عثمان ڪڙو ڪڙو ڻي آيو. ياڪل جي حالت ڏسندي ڏڏيءَ نرسن وٽ هلڻ جو چيو.

"جلدي ڪريو امان!"

بختاور ڊڄي گاڏي گهرائي، ان تي رلي وڃائي. ياڪل کي سمهاري، گنديءَ سان مٿو ٻڌي، عيسائين جي ڳوٺ واري اسپتال نيو ويو. جتي نرس مدر اوالدا صفائيءَ سان سندس ڊليوري ڪرائي. ننڍڙي ڇاول ٻار جو ڇهرو ڏسي بختاور جو ڇهرو چمڪي اٿيو.

"شڪر آهي مولا جو هڙو شهزادو ڄائو آهي! الله ڏينهن ڏئيس، صفا ڏاڏي تي ويو آهي!"

بختاور نئين ڇاول ٻار کي هٿن ۾ جهلي لوڏيندي رهي ۽ ڇهري تي ڪنهن ڪنهن مهل چميون ڏيندي رهي. سالن کان پوءِ سندس دل جي اڳڻ تي خوشيون وڏ ڦڙي جيان ٻيهر وسي پيون هيون. هوءَ خوشيءَ ۾ ڪيڙن ۾ڻ پئي ماپي. جڏهن ياڪل کي گهر ڻي آيا تہ اوڙي پاڙي جون مايون اچي گڏ ٿيون:

"مبارڪون، مبارڪون ياڪل، ماسي بختاور!"

ڪرمي ۾ ڪجھ ماڻن تہ گول دائري ۾ بيھي ڳلن تي ھٿ رکي ڳيچ ۾ شروع ڪري ڏنا:

"الله پت ڏنا، رسول پت ڏنا. لوڏ پينگھو ٽڏي چانو ۾، چوڙيلي لوڏ پينگھو ٽڏي چانو ۾!"

عثمان اجرڪ ڀري مستي ونڊي آيو. جيڪا ڪرميءَ سيني ۾ ورھائي. ست ڏينھن پورا ٿيا تہ پاڳل جي مٽي تي پاٽي وڏائون ۾ چنيءَ جي ديگ مڙي پٽ جي لاڏائون. وري ساڳيا ڳيچ، ڏاتو مگڻھار جو دھل تي ڦھڪو ۽ ماڻن جون جھمريون. مبارڪ طور پاڳل ۾ ننڍڙي کي پورو ستو جوڙن جو مليو. بختاور ننڍڙي جو نالو پنھنجي مرضيءَ سان رکيو. "عرس!"

"ادي! ھن جي ڏاڏي جو نالو ٿا رکونس."

جمعون ۾ خوشيءَ ۾ نہ پئي ماپيو. ٻانھون لوڏيندو مڃن کي وٺ ڏيندو ھيڏانھن ھوڏانھن ڦرندو رھيو: "خير مبارڪ، خير مبارڪ."

بختاور ڪانن جو پينگھو ڪجھ ڏينھن اڳ ئي ٺھرائي رکيو ھيو. ان کي سري کان تل جو ٽڪرو رکيو جنھن کي تيل ۾ ماءُ جي ٽڄ ملائي نرم ڪيو ويو ھئو تہ جيئن ننڍڙي عرس جو مٽو ويھي سگھي. بختاور روز ننڍڙي عرس جي، نڪ کي مکڙ ۾ باقي بت کي ميٽ سان آڏي، وھنجاري ٽنگن ۾ تنجڙ ٻڌي پينگھي ۾ سمھاريندي ھئي. سرمي جي ڪاني ڪٽي ٻار جي ڀرن ۾ ماءُ جي ٽڄ ھٽي مٽان گھمائيندي ھئي. ان ڪانيءَ سان ڳلن ۾ ڄاڙيءَ تي گھب بہ ڪيندي ھئي تہ جيئن سندس پوٽو ايان بہ خوبصورت لڳي.

ڪڏھن ڪڏنھن ڪا اميد سان ڳوناٽي مبارڪ ڏيڙ ايندي ھئي تہ يڪدم بختاور ان کي ننڍڙي عرس کي پڪ ھڙڙ لاءِ چوندي ھئي، متان ٻار کي ڪج نہ ٿئيس. پينگھي ۾ ستل ٻارڙي جي پاسي ۾ ھن چاقون بہ رکي چڏيو تہ جيئن چرڪ نہ ڀري يا غيباب جو اثر نہ ٿئيس. ھوءَ سج لھڻ مھل روز ننڍڙي عرس جي مٽان ست دفعا چار گھوري اڇلينديي ھئي تہ متان سج نہ اورانگھيس.

"امان پاڳل ننڍڙي عرس کي ھرون ڀرون ٻاھر نہ ڪيندي ڪر. ھي چتيون ناظرو مايون اٽئي. ھونئن بہ نظر ماڻھوءَ کي ماري يا کاري. سو خيال

ڪجان. نڪرڻ مهل ست پٽر گهوري، چوڏاري اڇلائي پوءِ وڃجان. متان ننڍڙي تي ڪو اثر نہ پوي"

بختاور جي جان ننڍڙي ۾ ائين هئي، جيئن قديم قصن ۾ ديو جي جان طوطي ۾ هوندي آهي. ڪجهہ مهينن کان پوءِ ننڍڙو عرس ڪمزور ٿيڻ لڳو تہ ڳٽتي ورائي ويس:

"امان! مون توکي اڳئي چيو هو تہ هتي وڏيون نياڳيون مايون ويٺل اٿئي، سو نہ مڙيون. لڳي ٿو ننڍڙي کي ڪڇ ٿي پئي آهي."

هن ننڍڙي عرس کي هٿن ۾ کنيو ۽ ڳوٺ کان پاسيرو اڪيلي کوهہ جي مٿان ست دفعا واري واپس ڪٽي آئي.

"امان! الله ڪندو ڪڇ ڇڏي ويندس. جي نہ تہ سيائي عيسائين واري ڳوٺ واري، باغ ۾ انب جي وڻ هيٺيان وهنجاري، پراٽي قميص اتي ڇڏي، نئين پارائي ڪٽي ايندي سانس تہ خير ٿي ويندو."

عثمان ننڍڙي پٽ کي بيمار ڏٺو تہ پريشان ٿي ويو. هن سومار فقير جا ڏنل ڦوتا پاڻيءَ ۾ ڳاري پياريا تہ ڪجهہ وقت لاءِ خير ٿي ويو.

عرس جي ان بيماريءَ کان پوءِ پاڳل بہ وڌيڪ محتاط ٿي وئي. هن هرون پرون ننڍڙي عرس کي ٻاهر نہ ٿي ڪڍيو ۽ سانجهہ تي وڌيڪ ڏيان ڏيڻ بجاءِ، ٻار سنياڻڻ لڳي. اندر ئي اندر ۾ پئي دعائون گهرندي هئي ۽ بادشاهہ پير کي سڏيندي هئي تہ ننڍڙو جلدي چاق چڪو پلو ٿي پئي. عثمان کي سک نہ پئي آيو سو نيٺ ننڍڙي کي نرس ڏانهن ڪٽي ويو. جنهن پٽي ٽپريندي آڱٽ ڏنس تہ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي، دوائون پياريوس تہ هفتي ۾ ٽيڪ ٿي ويندو. ويندي ويندي بختاور لاءِ سلام بہ چيائين.

36

مکي ڏنڊ ۾ جهنگ اتان جي ماڻهن جي رڳو ساهه سڏڪن ۽ يادگيرين ۾ سانديل رهجي ويا هئا. مکيءَ ۾ نئين اٽل پٽل ٻين سان گڏ جعفر جي ڳوٺ جو نقشو ۽ تبديل ڪري ڇڏيو. ڳوٺ جي ٻر ۾ جيڪي زمينون ٻاهرين ماڻهن کي الاٽ ٿيون، انهن مان ڪجهه پنهنجون زمينون وڪڻي واپس وڃڻ ٿي چاهيو. جنهن ڪري جعفر جي ڳوٺ جي ڪجهه خاندانن مال متاع، سون مين وڪڻي اهي زمينون خريد ڪيون. باقي پنهنجو اڪثر گذارو مال وڪڻي ڪرڻ لڳا. ڪن جي مال ڦٽاري کي بيمارين پورو ڪري ڇڏيو. تنهن ڪري ڳوٺ ۾ صرف زميندار خاندانن پڪا گهر ٺهرايا. باقي ڏينهون ڏينهن جهوپڙين ۾ بد کان بد تر زندگي گذارينڊا رهيا. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن ڳوٺ ۾ بجلي آئي ته پڪن گهرن ۾ ٽي وي ۽ استري ۽ اچي ويا. شام جو انهن گهرن ۾ ٽي وي‌ءَ تي ڊراما ڏسڻ لاءِ ڳوٺاڻن جا ڪٽڪ جا ڪٽڪ اچي لهندا هئا ۽ آڌيءَ رات جو واپس گهرن ڏانهن ويندا هئا. ٻئي ڏينهن تي انهن ڊرامن تي رايا ۽ اندازا شروع ٿي ويندا هئا، تان جو رات جو اڳئين قسط نه ڏسن. نين ٻنين ۾ بصرن، مرچن ۽ ٽماٽن جا فصل پوکجڻ لڳا ته زميندار همراهن جا پير وڃي پشاور ۽ لاهور تائين پڳا. هڪڙا ٽرڪن سان گڏ ويندا هئا ته ٻيا شام جو ٽرڪن جي اڏن تان لينڊ لائين فونن ذريعي اگهه ۽ وڪري بابت خبرون چارون ونندا هئا.

انهن سرگرمين جي ڪري ڳوٺ جي ماڻهن لاءِ مزدوري جا موقعا وڌيا. جنهن ڪري ڪجهه وڌيڪ خاندانن جي رهٽي ڪهٽي بهتر ٿي. ڪپڙن جون نيون ڊيزائنون ۽ نوان هيئر استائيل. ٽيڊي جوتا، پائوڊر، ڪريم، پرفيوم، جو واهپو به شروع ٿيو ۽ وڌيڪ نوان گهر به اڏجڻ لڳا. ڳوٺ جي اوڙن پاڙن ۾ ٽين مائٽين ۽ رشتن جا نوان معيار جڙڻ لڳا. اڳ ۾ پنهنجي رت ڪي ترجيح ڏني هئي. پلي ته نياڻي يا پٽ دوزخ ۾ ڪڙهي. جيءُ جي رشتي واري گهر ۾ ميري اک سان نه ڏسبو هو. برادريءَ جي بنياد تي هڪ ٻئي جي مدد ڪبي هئي. هڪڙي گهر جي خوشي سيني جي خوشي ۽ پنهنجي عزت سڃي ڳوٺ جي عزت سمجهبي هئي. ڳوٺ جي چگي مڙس جو قدر ڪبو هئو. پلي مسڪين هجي يا ماني مڇي وارو. هڪڙو ڪمائڻ وارو. ويهه ڪائڻ وارا ته به اف نه ڪبي هئي. هاڻي پئسي جي واهپي ۽ جديد سهولتن جي ڪري هر شئي بدلجڻ لڳي. ٽي مائٽي ڪي پڻيءَ تان اڇلائي. پئسي واري ڪي ٽ مائٽ ۽ عزت وارو سمجهيو ويو. پيٽ خالي لاءِ ڏڪار هئي. پوءِ سڳو ياءِ چو نه هجي. باقي پيٽ پريل لاءِ اڳڻ ٻهارجڻ لڳا. چاهي ست ڏاريون چو نه هجي.

جعفر جي ڳوٺ وارن پادري برادر سان جنس جو واپار ته چڏيو پر سندس قرض نه لاٿو. جڏهن پادري برادر بدلي ٿي پنهنجي ملڪ وڃڻ لڳو ته بندين کي ليکا ڏئي، سيني کي قرض معاف ڪري موڪلائي هليو ويو. ڪيس بختاور سوڪڙي طور رلي ڏني. جنهن تي هو ڏاڍو خوش ٿيو. ڪجهه سالن کان پوءِ بختاور جي پٽ عثمان لاءِ پنهنجي ملڪ جي ويزا لاءِ اسپانسر انوٽيشن ليٽر به موڪليائين ۽ گڏو گڏ خط لکي موڪليائين ته ان خاندان جي شرافت، ايمانداري ۽ سٹي روين سبب عثمان کي هتي اچڻ جي دعوت ڏئي ٿو پر بختاور عثمان کي نه چڏيو:

"پٽا گهٽئي اکين کان پري رهئين. هاڻي دل نه ٿي مڃي ته پري رهه. الله سائين جهجهو ڏنو آهي. ويهي ڪماءِ ۽ کاءِ." عثمان هرو پرو ماءُ کان ڪنڌ ڪوڙ ڪڍايو:

"امان، دنيا الئي ڪٽي کان ڪٽي پهتي آهي. هاڻي ته سالن وارا پنڌ به ڪلاڪن ۾ پيا ٽين. ڪجهه به پري ڪونهي. وڌيڪ تنهنجي مرضي آهي."

جڏهن ٻنيءَ مان ٻه ٽي رپيه وڌيڪ آيا تہ بختاور فيصلو ڪيو تہ جمعي گهٽئي ڏورٽا ڏوريا، هاٿي وڌيڪ خفو سندس سر تي ڪونہ وڃهبو. سو هن مال جي ڏاڙ مان چوندڙ پيڙهاتيون ٻہ ٽي مينهون ڪير لاءِ پاڙ وٺ رکيون، باقي مينهون، ڏيگيون وڪڻي ڇڏيون. مال تہ وڪڻي ڇڏيئون، پر ٻہ ٽي ڏينهن ٻنهي کي گهر ۾ سک نہ اچي، نہ ماني وٺي. نيٺ پاڳل ۽ عثمان آهستي آهستي ڳالهيون ڪندي سندن روح کي ريجهائي ورتو:

"ماسي! جيڪو ٽيٽو هو سو ٽي ويو. هاٿي اڳتي جي سوچ. جي تون ٻہ ائين پئي هوندئين تہ پوءِ ادو جمعون تہ صفا ڳري ويندو. ادي جمعي ٻہ گهٽئي مال چاريو. هاٿي ٿورو ساهي تہ ڏينس."

"هائو امان! ماٺهو ٻہ مريو وڃي، هي تہ مال ڀٽارو آهي. پنهنجا ابا ڏاڏا ٻہ هليا ويا. اهي ٻہ دل تي ساسايا سين. اڳتي جي سوچ."

"هائو ابا! سچ تا چئو." ٽن ڏينهن کان پوءِ پهريون دفعو بختاور ڏئو ڪري ماني کاڌي.

جمعون ڪجهہ ڏينهن دڪانن تي چڪر ڏيندو ۽ رڳو ننڍون ڪندو رهيو. پر نيٺ واندڪائي جي اذيت لوڙهي وڏو. ان وقت ڳوٺ کان پريرو شهر تائين ٽانگا گهوڙا سواريءَ لاءِ استعمال ٿيندا هئا، سو جمعي ٻہ اهڙي فرمائش ڪئي. بختاور عثمان کي اها فرمائش پوري ڪرڻ لاءِ چيو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پشوري ٽانگو ۽ مڪڙو گهوڙو سنجن سميت اچي گهر پهتو. ان دوران جمعون ڳوٺ وارن ڪوچوانن سان ٽانگو گهوڙو هلائڻ، سکڻ لاءِ ٻہ ٽي ڏينهن گڏ ايندو ويندو رهيو.

جمعي جو پهريون ڏينهن هيو. جڏهن هو ٽانگو گهوڙو جوتي استاپ تي پهتو. ان ڏينهن بختاور برڪت لاءِ باڇا پير جي منائي ٻہ ورهائي هئي. جيئن ئي اڏي کان سواريون کٽي شهر لاءِ نڪرڻ جي ڪئي تہ گهوڙو اڳتي هلڻ بجاءِ ٻہ ٽي وڪون پوئين پير هلڻ لڳو. تيستائين ڪجهہ ماٺهن ٽانگي مان لهي، ٽانگي جي چاڪن کي جهلي اڳتي ڌڪيو. گهوڙي مس مس هلڻ جي ڪئي. خدا خدا ڪري شهر تائين سواري پهتي. ان ڏينهن کان وٺي ڳوٺ ۾ مشهور ٽي ويو تہ جمعي جي ٽانگي گهوڙي تي متان چڙهو نہ تہ ڪيڏي مهل ٻہ ڪٽي وڃي کامن ۾ هڻندو. ان ڳالهہ جي لڪڻ تار جي ڪري ڳوٺ جي اڏي

تان سواري گهٽ لڳندي هيس، سواءِ ان سياڻي گهڙيءَ جي، جنهن وقت ڪو ٻيو تانگو گهوڙو اسٽاپ تي موجود نه هوندو هئو. ان ڪري هو اڪثر شهر ۾ سواريون کڻندو هئو يا وري بنهين گهٽ ڪمائيندو هو. شام جو گهوڙي کي کر ڪروهڻ وقت ان تي گار جي رئي پئي پوندي هيس:

"ڪٽ ڪٽ ڪٽ... ها... ها... بيهين نه ٿو نياڳا. هلا، پيٽهان! خدا جي مار پوئي."

"اي ابا! ڪجهه خيال ڪر. بي زبان گگدام کي هرون پرون چو ٿو پٽين؟" بختاور گهٽو ئي روڪيندي هيس. پر هو مڙندو ڪونه هو. ڪڏهن مڪ ته ڪڏهن ٽقر، نتيجي ۾ گهوڙو به چڙ چڙو ٿي پيو. ۽ پوءِ ساڻس ڪڏهن به سڌو ٿي نه هليو. هن ڪئين گهوڙا ۽ گاڏيون مٽايون پر سيني جو حال ساڳيو رهيو.

"تَرڙ نياڳو اٿو. ماڻ ڪري وڃي پون ڪري، هن به گهوڙا هلايا ۽ مائٽن ڪٽيو ڪاڏو." ٻيا ڪوچوان هن کي ڏسي ڪنن ۾ سٽيات ڪندا هئا.

"نياڳي جو صبح ساڻ منهن به نه ڏسو نه ته ڪا سڀائي ڪونه ٿيندي. اسان وٽ ايترو هجي ها ته الائي ڇا ناهيون ها! هي مئو سدائين سورن ۾." سڃي ڳوٺ ۾ سندس نياڳ جون ڳالهيون چپن تي هلنديون هيون، جنهن ڪري ڪنهن ڪيس بج به ڏيڻ نه ٿي چاهيو.

ننڍڙو عرس جڏهن ڪجهه وڏو ٿيو ته عثمان ڳوٺ جي اسڪول ۾ داخل ڪرايس. هو روز ڏوتل ڪپڙا، ڏيڑائين وارا پهراڻ پائيندو هو. عثمان جڏهن به شهر مان ايندو هئو ته پٽ لاءِ ڪا نه ڪا شئي وڻي ايندو هئو. هن ڪيس ننڍڙي سائيڪل وڻي ڏني. جنهن تي چڙهي، هو پنج اٺ فرلانگ فاصلي تي موجود اسڪول ويندو هو. واپسيءَ ۾ ماني ڪائڻ کان اڳ اسڪول جو ڪم ڪندو هو. پوءِ ٻنهپرن جي ماني ڪائيندو هو. تيستائين بختاور پئي ڦيرا ڏيندي هيس. اڪن چڪن ٿيندي هيس. هوءَ ماني ڪائڻ کان پوءِ ڪيس وهنجاري، سمهاري چڏيندي هئي.

"منهنجا، پٽڑا! پڙهي پاس ٿجان. وڏو امتحان ڏئي، وڏو صاحب ٿجان."

هاڻي بختاور سئو کان ٽپي چڪي هئي، جنهن ڪري سندس عضون به آهستي آهستي ڪم ڪرڻ چڏي ڏنو هو. تنهن ڪري سڀ ذميواريون

عثمان جي ڪلهن تي اچي چڪيون هيون. جمعون رڳو پنهنجيءَ ۾ پورو هئو. تنهن هوندي به گهر جي هر ڪم ۾ سرگرمي تي بختاور جي نظرداري رهندي هئي. اڄان تائين به سندس فيصلو آخري ۽ قطعي سمجهيو ويندو هو.

وڏيرو جعفر به پوڙهو جهور ۽ ضعيف بنجي چڪو هو. جڏهن سمڪ ۾ هو ته ڪئين سندس در جا سوالي ٿيندا هئا. اڳيان پٺيان هوندا هئا پر هن عمر ۾ هاڻي ڪير نه ڳالهائيندو هيس. اڪيلو ويٺو ڪٽ تي واڙ وٽيندو هو. جي پٽن سان ڳالهائڻ جي ڪندو هئو ته به ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري هليا ويندا هئا. ڏُهرون تنهن کان زور. جهيڙن جهٽن جي ڪري پٽن ملڪيت ورهائي ڇڏي. سابه ڏڏن ۾ هلي وئي. پاڻ ۽ جادل هڪڙي پاسي ڪڪائين گهر ۾ پيا هوندا هئا. جي ڪنهن ڏُنهن ماني آڻي ڏنن ته ڏيڪ، نه ته چپ چپ ۾ بک تي وقت ڪاڻيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ننهرون بگڙنديون هيون ته طعنن تنڪن سان ڇلهي ڇڏيندیون هيون:

"مئن مان اچي ڦاٿا آهيون، گهر ڪن ڪري ڇڏيو اٿن. مرن به نه ٿا ته جان ڇٽي. اسان جهڙو سڄي عمر جو ڏيکو ڪنيو اٿن." جادل سندن ڳالهيون ٻڌي ڪٽ تان جهت ڏئي لٽ جهلي اٿڻ جي ڪندي هئي ته وڏيرو جعفر هٿ جهلي ويهاري چڏيندو هئس:

"جادل! مڙئي حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪرڻا آهن."

"پر وڏيرا! ههڙو نپوٽ اولاد ته ڪنهن جو ڪونهي. سڄي عمر پنهنجي مرضيءَ سان گذاريسون. هاڻي اچي هنن جي اڳيان ڳيجهو ٿيا آهيون. اهو ٽڪر پاڻ کي ٻئي پاسي به ملي ويندو. ادي بختاور جو پٽ عثمان ته ڏس ماءُ تي ساهه ٿو ڏئي. پٽن کي سڄي عمر انهن ڏينهن لاءِ کارايو پياريوسون." جادل جا چپ ڏڪڻ لڳا ته وڏيري جعفر کان به ٻڌو نه ٿيو. هن جو سڄو جسم پيرن تائين ٿڙڪڻ لڳو. اکيون تار ٿي آيس. پر وري پنهنجي پاڻ کي روڪي جادل کي دلاسو ڏيڻ لڳو.

"جادل! هاڻي مات ڪر، ماٺهو چا چوندا؟ ٻيلي! اولاد آهي، جي چيئين ته خير آهي، صبر، جادل، صبر!"

وڏيري جعفر ۽ جادل جي دل جڏهن گهٽي پرجي ايندي هئي ۽ اداسيءَ جا پاڇا سندن اندر تي پوڻ لڳندا هئا ته لئين تي پنڌ ڪندا، ساهيون ڪٽندا،

هڪ ٻئي کي ڏورينداِ. اڇي بختاور سان سندس گهر سور سلينداِ هئا. جڏهن ٻاڪل سندن اکيان ماني رکندي هئي تہ هڪ ٻئي کي ڏسي لڙڪ تري ايندا هين. ان ڏينهن ماني ڏئو ڪري پيٽ پري کائيندا هئا ۽ بختاور سان زماني جون ڏکيون ڪچهريون ڪندا هئا.

37

ناري واهہ جو اولهہ وارو يعني ساڃو پاسو تہ سائي جهنگ مان اڃڙي ٻنين ۾ تبديل ٿي ڇڪو هئو پر واهہ جون ايرنديون يعني ڪاهو پاسو اڃان ٻہ وسيو پئي. ان پاسي ڪي اوپر اتر واري پاسي لڳندڙ اڃڙي ٿر اڃان وڌيڪ رونق بخشي پئي. جڏهن ٿر ۾ برساتون نہ پونديون هيون ۽ ڏڪار ڪر ڪٽندو هئو تہ ٿر جا مارو ماڻهو ٻہ ڀٽن تان هيٺ لهي اچي مکيءَ جي ان پاسي ڏنڀن، ڏورن جي ڪناري آباد ٿيندا هئا. مکيءَ جا ماڻهو سندن اوتروئي آڏر پاءُ ڪندا هئا، جيترو هو سانوڻيءَ جي برسات ۾ مچرن کان بچڻ لاءِ مکي جي ماڻهن جو ڀٽن ۾ ترسڻ وقت ڪندا هئا. تنهن ڪري سندن وچ ۾ اڇ وچ ٻہ وڏي تہ متيون مائٽيون ٻہ ٿيون. ان ٿر جي وچ ۾ نيري پاڻيءَ جون ڪاريون ڏنڊون ٻہ هوندڙيون هيون تہ گڏوگڏ مال جا وڏا چراگاهہ ٻہ سو ان ڏڪار جي باوجود ڪٽي ڪٽي ٿريا مال جو سنڀ ڪري ونڊندا هئا. اڪثر ڏنڀن ۾ لوڻ جو وڏو مقدار هجڻ ڪري، اتي لوڻ جي ڪاٽين تي مقامي بااثر قابض هئا. ڏٽڻيل عام ٿريا رکو مزدوريءَ تي ڪم ڪندا هئا. تنهن هوندي ٻہ اڪثر جو گذارو مال متاع تي هو. سانوڻي جي برساتن ۾ ڀٽن جي دڻن تي رائلي واري هنڌن تي ٻاٽيهڙ ٽولين جي شڪل ۾ جهاز وانگر لينڊ ڪندا، سنهيون پٽريون ڇڪندا هئا. ٽورو ڪاڪل پوڻ تي پڙڪو ڪائي، هولينداً، فضا ۾ اڏامندا وري ٻئي پاسي لهندا هئا. ڪي خفتي ناري جهنگ ۾ تترن جو شڪار ڪندا هئا تہ ڀٽن ۾ مقامي ٿريا وري ٻاٽيهڙن جو شڪار. هتي جا

مقامي ماڻهو پٽري واري مريض کي هاٿيٻڙ جو گوشت کارائيندا هئا ته جيئن ان پٽريون کائيندڙ ننڍڙي پکيءَ جي گجي ماڻهوءَ جي اندر جي پٽري کي ڳاري وجهي.

جڏهن سيءُ اچڻ جا آرا ڪندو هو ته مکيءَ کان وٺي اڇڙي ٿر تائين نئين دنيا ڏسڻ ۾ ايندي هئي. وچ رڄ ۾ عرب شهزادن جي ڪئيمپن جون لائٽون، بندوقون کٽي هلندڙ راکا، پٽن جي وچان زوزات ڪري هلندڙ فور ويل جيپون، مقامي با اثر شڪاري، ڪلهي تي بندوقون، وڏيون سرچ لائيٽون، سيني جي ڊوڙ سائبيريا کان ايندڙ ڪونجن، بازن ۽ پاٽيءَ جي پکين تي هوندي هئي. آڙي، نيرڳي، ٽراندو هنج، ڊگوش، رتنبو ڪئين قسمن جا پکي اچي ڏينڊن جي پاٽيءَ تي پير کوڙيندا هئا. کيٽائي ويچاري ته ٻارهوئي بندوقن جي منهن ۾ هوندي هئي. سيني پرديسي پکين کان اڳ ۾ آڙي اچي پڙلاءُ ڪندي هئي. جيڪو به خفتي هوندو هئو سو تر جي ماڻهن کان وات ويندي يا ڪٽي رستي ۾ ملندي پهريون سوال ئي اهو ڪندو هئو ته:

"ڏيو خبر آڙي ملڪ ۾ آئي آهي يانه؟"

جي آڙي ايندي هئي ته مطلب بندوقن کي تيل هڻي، صاف ڪري تيار رکڻو هئو.

پيرو به سياري ۾ گهوڙي جي پڇ مان ٺهيل لڪ ۽ ونجهار ٺاهي، پکي ڦاسائڻ جي تياري ڪندو هئو. پر هو ايترائي پکي ڦاسائيندو هو جيترا سندس ضرورت پوري ڪن. سياري جي ٽريل راتين ۾ ڪڏهن ڪڏهن جمعون به اچي پيروءَ واري پاٽاري تي لهندو هو. شام جو سج لٿي، جڏهن انسانذات جو آواز جڙ ڏينڊن ۾ لهي ويندو هئو ۽ اتر جي ٺڏي هوا لڳن کي ناريندي هئي ته فتو ۽ جمعون ٻئي ڇڻا ڪانپ ڪڍي نڙ ذريعي صابل جون ڦوڪون وڄائڻ شروع ٿي ويندا هئا. پيرو ڳل تي هٿ رکيو پيو ٻڌندو ۽ هونگر ملائيندو هو. ان کان اڳ ۾ شام ويلي پيرو ٻيڙي ۾ سوار ٿي وڏي پاٽيءَ ۾ ونجهار هٽندو هو يا وري ڏنڊ ڪناري پن يا نڙن ۾ لڪن جو هڪ ڇيڙو ٻڌي، ٻيو ڇيڙو پاٽيءَ ۾ اڇلائيندو هئو. جيڪو پهڻ جي گل وانگر پاٽيءَ تي پيو ترندو هئو. جڏهن سندس ڪن تي ڦٽڪي جو آواز پوندو هو ته جهٽ لنگهي وڃي ڦاٽل پکي ڪڍندو هئو. جي ننڍ اچي ويندي هيس ته صبح جو

وڃي شڪار جاڃيندو هو. قاتل پڪين کي موقعي تي سير وجهندو. ڪڙهي ۾ رکندو، ۽ چار فتوءَ وارن کي ڏئي، وري ڳوٺ واپس ايندو هو. پيروءَ جي واپس اچڻ سان هن جي گهر جو اڳڻ آباد ٿي ويندو هو. رتڙي چانور ۾ پڪين جو پلاءَ سينڊي جي وات جو ذائقو متائيندو هو. هو جهنگ جون خبرون چارون ڪٽي اچي سينڊي سان وڏي وات ڪندو هو. ڪڏهن واڳن جي حملن، گدڙن جي اوناڑين ۽ گداڑين جي ڇتي ٽيڻ، لومڙي جي ڇڃڻ، لڏڻ جي مڃيءَ جي شڪار، جهنگر اڙهلي جي ننڍي پاڻيءَ مان پکي، مڃي چوري ڪرڻ، پلهي باز ۽ گهگهه پکيءَ جي قاتل مڃي، پکي رڃن مان ڪڍڻ، قاڙهي جي ڇئوٽنگي ٽي ڇڃڻ، ڪيڻن جي ٽهين، ڪهنگ پکيءَ جي ڏندن ڇڳڻ، جهنگ ڪڙ جي هولين، بهن ۽ لوڙهه جي ذائقي جون، سندس ڪچهري ايستائين هلندي هئي، جيستائين آڏي رات جو ڪيس اوچتو ننڊ جو جهوٽو نه اچي. جهوٽي اچڻ سان اتي ويڙل همراهه سمجهي ويندا هئا ته ڏينهن جي ٽڪاوٽ جڏي مڙس کي چور ڪري وڏو آهي. پوءِ آهستي آهستي ڪونج جي قطارن وانگر ٽلهي تان لهندا، پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿي ويندا هئا ۽ پيروءَ جو گهوگهرن جو ٽڪاءُ پيو پوندو هو.

وقت جي ويڑ وهڙ سان گڏ نون سماجي رشتن ، قدرن ۽ لاڙن آهستي آهستي اهي ڪچهريون به ڦٽائڻ شروع ڪيون. اڙ سهپ، گهٽي حاصل ڪرڻ جي ڊوڙ پاڙ ڏانهن سيرڙ جي عادت، منافقت ۽ مفادن سماجي تاڃي پيٽي ۽ اخلاقيات سان گڏ اهڙين ڪچهرين جا بکيا ادبيڙ شروع ڪيا. ٽوري ٽوري ڳالهه تي کاڙيءَ ۾ هٽ. پاڙي جو شرم حياءَ اکين مان نڪري وڃڻ، ننڍي وڏي جو رک رکاءَ نه ڪرڻ، هر ماڙهوءَ کي ٻئي خلاف نفرتن جي ميدان تي سامهون آڻي بيهاريو. تنهن ڪري هاڻي جعفر جي ڳوٺ جي ماڻهن لاءِ هڪڙي جاءِ تي گڏجي ويهڻ پنهنجي پاڙ کي کوهه ۾ اڇلائڻ برابر هئو. ان هوندي به چند جهونا اها روايت برقرار رکيو آيا، جن ۾ پيرو به شامل هو. جنهن ڏينهن انهن مان کو ڪچهري تي نه ايندو هو ته ڪنڪو دل ۽ دماغ تي سوار ٿي ويندو هئو:

"ابا! اڄ فلاڻو همراهه ڪونه آيو آهي، خير ته آهي؟ چاق ڪونهي يا ٻي پريشاني اٽس. صبح جو سندس گهر وڃي پڇا ته ڪجو. گهر ياتي ڇا

چوندا تہ يار رڳو ڪچهري جا اٿس. ڪنهن ۾ وڪون اچي پڇيو نہ اٿس تہ ڪهڙن حالن ۾ آهي؟"

صبح جو انهن مان ڪو نہ ڪو ان همراهہ جي گهر لنگهي ويندو هئو تہ سندس ڪهڙا حال آهن؟ اهڙن لڳائن تي ڳوٺ جا نوجوان چورا وٺي ڪلندا هئا تہ واندا سڃي رات رڳو مٺو ٿا کائين. ڪهڙي ڪم جي ڳالهہ ٿا ڪن؟ امداد جي، نہ نوڪري جي رڳو اجايون ڳوڪون پيا هڻن.

38

جيئن جيئن هن علائقي ۾ چراگاهون ۽ ڍنڍيون ڍورا ختم ٿيندا ويا تہ بيروزگاري بہ وڌندي وئي. ماڻهن جو ڏيان ڏوهن ڏي وڌي ويو. گهرن کي کات، مال جي چوري، موٽر سائيڪلن جي ڏينهن ڏٺي جو ڦر، نشي جون هايون، جوا سيپ برايون ۽ واري شهر کان وٺي پوري مکيءَ جي علائقي جي نوجوانن ۾ کاهي پيون، جن جعفر جي ڳوٺ کي بہ نہ بخشيو. جيتوڻيڪ خانہ بدوش شڪاري ڪلمون پري مسلمان شبخ ٿي چڪا هئا. مرد مزدوري ۽ گهور وغيره جهڙن ڏندن ۾ لڳي ويا، پر سندن عورتن جو حال ساڳيو رهيو. فرق رڳو اهو بچيو تہ ڳوٺن مان نڪري شهر جي گهٽين تائين پهچي ويون.

وڏيرو جعفر پاڻ تہ ضعيف ٿي چڪو هو سو اٽڪ ويهڻ کان بہ لاچار هو. باقي سندس پٽن جي لڇڻ جي سڄي علائقي کي خبر هئي. انهن جي ڊوڙ ئي رڳو غريب غربي تي هئي. وڏيري جعفر جو پٽ هڪڙي ڏينهن نشي ۾ ڏت ٿي اچي، انهن شڪارين سان خانہ بدوش بستيءَ وٽ اٽڪي بيهي رهيو:

"اڙي ڏنگا کهڙي ننري لڳايو وينا آهيو؟ ڏڪير جا پٽا جي رات وچ ۾ ٽپڙ نہ ڪنيو تہ ڦوندو. ڦوندو ڪري چڏيندوسانوَ. اوهان جي پيءُ جو ڳوٺ آهي؟"

"اي وڏيرا هيڏانهن ڏيا ڪاوڙج نہ اسان سهي جي ڪلن تي. صبح تائين هتي وار بہ نہ ڏسندي. باقي جي وڏيري جعفر ۾ همت هجي ها تہ ائين

تون ڪونہ لڏائين ها. بس يار پلن جي پيٽ مان ڊلا ۽ ڊلن جي پيٽ ما پلا ڇمندا آهن، وڏيرا!"

ٻئي ڏينهن صبح جو ڏنگ، سهجان، سڪان ۽ مينا سميت سڀ نڪري الائي ڪيڏانهن گولي ٿي ويا. رڳو گڏهن جي لڏ جي ڏپ پويان رهجي وئي.

بختاور جيڪا پيري واري پنڌ جي آخري وکن تي هئي، سا سڄي علائقي جي اهڙي حالت ڏسي تويا‌هون ڪرڻ لڳي. جڏهن بہ جمعون، عثمان يا عرس گهر جي گهٽيءَ کان ٻاهر نڪرندا هئا تہ سندس زبان مان اهي ئي لفظ نڪرندا هئا:

"ابا، پٽا! ٿورو ڏيان ڪجو. لوفرن، چورن سان صحبت نہ رکجو. پنهنجو ڪم ڪري، وري سجهندي واپس اچجو."

ڪڏهن ڪڏهن هن جي اندر ۾ ڪٽڪي جا گهوڑا پيا ڊوڙندا هئا تہ ان ماحول ۾ ڪٽي هن جو گهر بہ نہ ڏٽي وڃي. هن جي ڪٽ جهلڻ جي باوجود نظر پنهنجي پٽن ۽ پوٽي تي هوندي هئي:

"ابا، عثمان! جمعون وڏو ياءُ پورو ۽ ابوجهہ اٽئي. انهيءَ جي ڪڏهن بہ دل ۾ نہ ڪجو. ان جي پارت اٽو ڏک سک ۾ نہ ڇڏجوس. جيستائين چوٽا هجنس، خيال رکجوس."

"امان! تون اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿي ڪرين؟ تون جي ويٺي آهين. تنهنجو هٿ اسان جي مٿي تي هوندو تہ ڪنهن کي ڪوسو واءُ نہ لڳندو."

"پر، ابا! موت مهڻو ڪونهي، هڪڙي ڏينهن هليا ويندا‌سين. ويتر جيڪي حالتون بگڙيون آهن، هاڻي حياتي وڌڻ بجاءَ جڙ جلدي ڪٽي پئي. ڏسو تا وڏيري جعفر جي پٽن جي حالت، جيستائين پاڻ چڙڪ هو تہ سڄي علائقي ۾ بلي بلي هئس. هاڻي هڪڙا نشا پيا ڪن تہ ٻيا چوريون. روز معمولي ڳالهہ تان بہ هڪ ٻئي جي ڳچين ۾ هٿ اٽن. جهڙو تهڙو بہ ڏنڊو ڪنيو بيٺو اٽن. ابا! اوهين پنهنجو خيال ڪجو. ائين ماڻهو نہ ڪلائجو."

بختاور جسم جي ڪمزوريءَ ڪري گهران ٻاهر نڪرڻ بہ ڇڏي ڏنو هئو. بيوس اٽن بار ڇڏيا. پر جڏهن بہ پيرو ڏينڊن تان واپس آيندو هئو تہ رڙهي سڙهي بہ اتي اچي پهچندي هئي ۽ تازيون خبرون چارون ڏيندي ۽ ونندي

هئي. باقي جي ڪڏهن رڳو گهر جي گهٽيءَ تي بيهندي هئي تہ چورا لڪي پٽر هٽندا هئس:

"پوڙهي... او پوڙهي... اچئي ٿو!" هوءَ هيڏانهن هوڏانهن نهارينديِ بيوسيءَ جي ڪيفيت ۾ نيٺ واپس گهر هلي ويندي هئي.

"ماڻ پيٽهان! وقت وقت جي ڳالهہ آهي. ائين بہ ٿيڻو هو!" حيرانيءَ جي هلر ۾ پيسجندي هوءَ پنهنجي منهن پٽڪندي ورِي واپس ڪٽ تي ليٽي پوندي هئي.

فتو جڏهن بہ ڏيءَ سان ملڻ ايندو هئو تہ بختاور ان سان بہ چار ڳالهيون ضرور ڪندي هئي. جهنگ جو پچندي هئي، جانورن. پکين ۽ مال پٽاري جون خبرون ونندي هئي. اهي خبرون ڪندي بہ سندس اکين ۾ لڙڪ پرجي ايندا هئا. لڙڪن کي پوتيءَ سان اگهي وري ڳالهائڻ لڳندي هئي. فتو ڳالهہ متائڻ جي ڪوشش ڪندو هئو پر هن جي اندر ۾ جيڪي يادگيرين جي دنيا آباد هئي، سا هر وقت سندس سر تي سوار هوندي هئي. پوءِ آهستي آهستي سندس ياداشت ڪمر ڇڏيندي وئي. ان هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن حيرت انگيز طور تي اهڙيون تہ چٽيون ڳالهيون ڪندي هئي، جهڙو ڪالهہ اکين اڳيان واقعو ٿيو هجيس. هوءَ ماءُ پيءُ کي ياد ڪندي اداسيءَ جا گيت ڳائيندي هئي. تہ ڪڏهن اوچتو خوابن ۾ ڪلندي ۽ روئندي هئي. عثمان گهٽئي حيلا وسيلا ڪيا. سڀ سڀا ڪاڏا ڪارايا. پر پيري جي ڪري گهٽو ڪائي نہ سگهندي هئي. هن ڊاڪٽرن کي بہ ڏيکاريو. پر عمر جي اهڙي حد پار ڪري وئي، جتي سندس جسم جو هر حصو ڏرو ٿيندو ويو. سندس جسم تي ماس بہ نہ رهيو هئو. صفا هڏن جي مٺ بڌجي وئي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪچهرين جي سڪ لڳندي هئس تہ پيروءَ جي پچا ڪندي هئي.

"امان! پيرو اڄان ڏينہ تان ڪونهي آيو؟"

وري فتوءَ جو نالو کڻندي هئي:

"امان! فتو وڃاڻ تي آهي."

"وڏيري جعفر جي خبر ڏيو؟"

"وڏيرو ٺيڪ آهي."

"پوءِ ڪچهري تي ڪونہ ٿو اچي؟"

"ڪيڏانهن ٻاهر ويو آهي."

ڪو گهر ياتي جواب ڏيندو هيس تہ هلڪي آواز ۾ "هان" ڪري وري ليٽي پوندي هئي.

"امان! منهنجو پٽڙو عثمان ڏٺئي؟ منهنجو ٻچڙو الائي ڪيڏانهن ڇڏي هليو ويو؟ او امان! منهنجي عثمان کي ڳولي اچو!"

عثمان کلي چوندو هيس: "امان! اڃهو آئون عثمان آهيان."

"هان!" وري کلي مٽي تي هٿ گهمائيندي هيس.

ياڻ ۾ دوائن جي هڙ وٽ جي ڪري ڪجهہ سالن تائين هن علائقي جا زميندار ڪيسا پريندا رهيا. پوءِ الائي ڇا ٿيو جو آهستي آهستي زمين سنڌ بڻجندي وئي. جيڪو فصل پوکين، سلو ڦٽي ڪونہ. پلا جي ڦٽي تہ ٿورو وڌو ٿيو سڙيو وڃي. ڪن ماهرن چيو تہ ڪو ڪيڙو اهڙو پيدا ٿيو آهي، جيڪو ٻج ۾ موجود سلو کايو وڃي يا ٻج ۾ خرابي آهي. ڪن چيو تہ زمين کي ايڏي وڏي مقدار ۾ ياڻ ۾ دوائون ڏنيون ويون آهن، جو زمين ئي ڦٽي وئي آهي يا پاڻيءَ جي سم ڪري سيلاب ڦٽائي ڇڏي آهي.

ان نئين صورتحال سڄي علائقي جي ماڻهن کي ڪجهہ وقت لاءِ صدمي ۾ وجهي ڇڏيو. زميندار تہ نهيو پر جيڪي مزدور روز سائي پاڄين يا ميون جون ترڪون پريندا ۽ لوڊ ڪندا هئا. اهي پاڻ دال لاءِ سڪڻ لڳا. نتيجي ۾ ڏوهن وري وڏي زور شور سان علائقي ۾ منهن ڪڍيو. خاص ڪري جعفر جي ڳوٺ ۾ معمولي ڳالهہ تان جهيڙا ٿيڻ لڳا. اڻ سهپ جي اها باهہ آهستي آهستي سڄي علائقي کي ساڙيندي وئي. جن ڪڏهن "هلا" بہ ڪو نہ ڪئي، سي بہ اٽ ئي پهر ڪهاڙيءَ ۾ ڳن وجهي ويهي رهيا. نئين نسل، پراڻي نسل جون پيار ۽ عزت جون تعميرِ ڪيل عمارتون گهڙي ڪن ۾ ئي ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيون.

39

ڪافي ڏينهن کان پوءِ فتو پنهنجي ڏيءَ پاڻ سان ملڻ آيو. ساڻس حال احوال ونڻ کان پوءِ بختاور جي خبر چار پڇيائين:

"ماسيءَ جي خبر ڏي، امان؟"

"ابا! ناني ويچاري هاڻي پوين پساهن ۾ آهي. اها پريان کٽ تي ستي پئي آهي. ڪنهن مهل هوش ۾ آهي ته ڪنهن مهل سڃاڻڻ کان بہ وئون ويل آهي."

"واهہ ماسي، واهہ! مڙس ماڻهو هئي. هن سڄي تر ۾ سندس هاڪ، داپو ۽ عزت هئي. جهڙو تهڙو لوسي، لوفر سامهون ڳالهائيندو بہ ڪونہ هيس. جنهن کي هٿ وجهندي هئي، نپوڙي ڇڏيندي هئي. ڪم ڪار جي بہ ڏاڍي جهٽ ۽ چوهي هئي. پٽا اصل مکي وئي ته ماسي بختاور بہ هوش مان هلي وئي." هن ٻئي هٿ ستڙن تي هڻي، ٽڏو شوڪارو پرينديِ پاڻ کان پاڻيءَ جو گلاس گهريو. تيسيتائين جمعون بہ اچي ويو. دعا سلام کان پوءِ ڪچهري شروع ٿي وئي:

"ادا، فتو ڏي خبر؟"

"جيڪي پڇين، ادا!"

"چون تا ايڏانهن تو واري پاسي بہ هاڻي پينگ ٿي وئي آهي؟"

"بس، يارا ڪهڙيون ٿو ڳالهيون پڇين؟ جهنگ، گاهہ ڏينڊون ڏورا، ماڻهو سپ ڦٽي ويا. ان نياڻي ڏيم اهڙو ته ماڻهن سان حشر ڪيو آهي، جو جتي ڪڪ جي بہ چوري نہ هوندي هئي، اتي روز آزار لڳو پيو آهي. ماڻهو

لنگھڻ پيا ڪاتين. جيڪي اڪثر ڳوٺ ڏنڊن ڪناري آباد هئا. اهي هاٿي ڪائڻ پيا اچن. ڏنڊن واري زمين سڪي ٽوٽ ٽي وئي آهي."

"هڻ پيٽھان!"

"هائو ادا! وڻ وڌجي ويا آهن، جھنگ سائي مان ڦري پورو ٽي ويو آهي. پکي پکڻ روئيندا رڙندا پيا وتن، مال جو سيمون بہ ختم ٽي ويون آهن. ان کي ريج جي بيماري اچي ورتو آهي. باقي ڏيم جي اندر سو رڳو پاڻي آهي، پر گاھہ وڻ اتي بہ چٽ. پکين جو چوڳو بہ ڪونہ رهيو آهي. مچي جيڪو پيئو گاھہ ڪائي طاقت وٺندي هئي، سو بہ سڙي ويو. 10، 12 ڪلو وزن واري ڪرڙي جي بجاءَ ہہ ايڪائي ڪلو وارو ڪرڙو ملي وڃي تہ بہ غنيمت. ادا! مڪيءَ کي الائي ڪنھن جي بد دعا لڳي آهي! مٽان پوءِ ڏاون اچي قبضا ڪيا آهن. کي ھنيون پيا کيڙين تہ کي پنھنجا تلاءَ رکيو وينا آهن. ڪنھن کي ڇلر بہ نہ ٿا ڏين. مال ويچارو ساسي ٽڪي صفا لوڪڙ ٽي ويو آهي. ڪيڏانھن وڃن ماڻھو ويچارا وڃي پٽن منھن ڪن، ٻيو ڇا ڪن!"

سندن ڳالھيون ڪنھن مهل ڪٽ تي ستل بختاور جي ڪنن تي پيون تہ شايد ٽورو هوش ۾ آئي زبان بہ ٽورو هري هري چريس:

"اهي ظالم مڪيءَ جي ڪک پن کي بہ ڳڙڪائي ويندا."

ءِ وري غشي طاري ٽي ويس. تيستائين عثمان بہ اچي ويو. بختاور تي غشي جا دورا پوندا هئا تہ هوش وڃائي ويهندي هئي. پوءِ عثمان ئي هو جيڪو سندس خدمت ڪندو هئو ڊاڪٽرن وٽ کڻائي ويندو هئو. ڪيس اها ڳڻتي ڳاريندي وئي تہ جي بختاور ٺيڪ نہ ٽي يا هن دنيا مان هلي وئي تہ هو باقي زندگي ڪيئن گذاري سگھندو؟ هو پاڻ کي ماءُ جو اڻٽٽ حصو سمجھندو هو. هن ڪڏهن تصور بہ نہ ڪيو هو تہ سندس ماءُ ائين بي حال ٽي ويندي هن تہ هميشہ ماءُ جي ڏسيل وات تي زندگي گذارڻ کي اوليت ڏني پر پوءِ اهو وقت بہ اچڻو هو. عثمان کي ڪم کار دوران بہ جڏهن ماءُ جي بيماري ءِ ضعيف هجڻ جي يادگيري ايندي هئي تہ گهڙي ڪن لاءِ پنڊ ڇڏ ٽي ٻيهي رهندو هو رڳو سندس ذهن ءِ دل ڊوڙندا هئا. وري اميدن جي لات سندس جسم ۾ حرڪت پيدا ڪندي هئي.

هن ماءُ جي اهڙي حالت ڏٺي تہ دير نہ ڪيائين ڪچهري اڏ ۾ ڇڏي يڪدم بختاور کي تانگي تي شهر ڏانهن ڊاڪٽر وٽ کڻائي ويو.

40

جمعون ڏينهن رات واندو هوتلن تي ناسڪا پيو هڻندو هو جتي ٻيا ڪٿين واندا اچي ويهندا هئا. اڳ ۾ ته ماءُ بختاور جي ڊڄ ۾ سڄ ٻيٺي گهر ايندو هئو. پر ان جي ڪمزور ٽيڙ کان پوءِ، هو گهڻو وقت رات تائين ٻين سان ڪچهريون ڪندو هئو. آهستي آهستي سندس اهي نوان يار ڪن پرڻ لڳا:

"سڄي ملڪيت عثمان جي هٿ ۾ آهي، اولاد ۽ ان جو سو سڀ ڪائي ويندئي. توکي رڳو ڏکا نصيب آهن."

جمعي شروع ۾ ته انهن ڳالهين تي ڌيان نه ڏريو پر پوءِ آهستي آهستي انهن جي ڳالهين ۾ ايندو ويو.

"جمعان! زندگي الائي ڪيتري آهي؟ حياتيءَ ۾ ويهي کاءُ کپاءِ، نه ته پوءِ ملڪيت ڪهڙي ڪم جي؟"

جيئن ته هو پاڙ واندا ۽ گهر کان ٽڙيل هئا، ان ڪري هنن جمعي جي گهر تي ۽ ٽاندو رکڻ تي چاهيو. نيٺ جمعون ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ سندن پير تي اچي ويو. هڪڙي ڏينهن عثمان سان هپ ٿي ويو:

"ادا، عثمان! هاڻي گهٽئي ڪاڏئي، مون کهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟"

"پر ڇا ٿيو ادا؟"

"بابا! منهنجي پويان ڪو ڪلڙ وارو روئڙ وارو. منهنجو حصو ورهائي ڏي، پوءِ منهنجي مرضي جيڏانهن ۽ ڪيان؟"

"پر، ادا! هي بہ تنهنجو پنهنجو گهر ۾ اولاد آهي. توکي کهڙي بک آهي جيکو گهرين اهو مليو وڃي."

"نہ نہ گهٽيئي ٿيو. هاٿي گهٽيون ڳالهيون نہ ڪر. هروپرو ماٺهو نہ ڪلاءِ، چپ ڪري ملڪيت جو اڌ حصو هتي رک!"

"اڙي ادا! تنهنجا الائي ڪنهن ڪن پريا آهن؟ ماٺهو تہ خوش آهن ڪي سکيو ٿڪر گذجي نہ ڪائين. تون تہ خيال ڪر!"

بختاور جي ڪن تي سندن آواز پيو تہ هوءَ بہ ڪٽ تان رڙهي سڙهي آئي:

"چا ٿيو؟ چا تي چتو ٿيو آهين، جمعان! تو ڪمائي ڪونہ رکيا آهن. پيٽهان! پاءُ سڄي عمر ڪمائي ساٿو ٿي پيو آهي، پوءِ بہ تنهنجو رڙاٽ وڃي ئي ڪونہ ٿو."

"هائو هائو! ڏنا بہ سڪ اٿئن آئون اوهان سان گڏ رهڻ نہ ٿو چاهيان. مونکي پنهنجو حصو ڏيو."

"چا جو حصو؟ ويهي ماڻ ڪري ڪائين تہ ٺيڪ، نہ تہ رستو وٺي هليو وڃ. تو ڪمائي ڪونهن ڏنا. هي ڏسين ٿو منهنجا هٿ ۾ عثمان جا هٿ، ڪم ڪري ڪري لڦون پئجي ويون آهن، تون رڳو ٽلهو رعب ڪيو ويٺو آهين." بختاور ڪاوڙمان ٽڙڪڻ لڳي.

"حصو الائي ڪيئن ڪونہ ڏيندئو؟ ڏسو تہ ڪيئن ٿو ونان! باقي اڄ ڪان پوءِ هن گهر ۾ منهنجو رهڻ حرام آهي. هلان ٿو." جمعو ڪاوڙمان ٽوال ڪلهي تي رکي روانو ٿي ويو ۽ ٻئي ڇڻا رڳو ڪيس حيرت مان ڏسندا رهيا.

جمعي جي گهر ڇڏڻ ڪان پوءِ بختاور کي جڏهن بہ جمعي جي ياد ايندي هئي تہ ان جي پڇا ڪندي هئي. ورندي ملڻ تي وري ماڻ ڪري سمهي رهندي هئي. عثمان بہ ڏک پري دل سان زندگي گذارڻ لڳو. هڪڙي پاسي ماءُ جي ڳٽتي، ٻئي پاسي جمعي جو ڪٽڪو ڪڏهن ڪڏهن سندس رات جي ننڊ ڦٽائي وجهندو هئو. جيتوڻيڪ پاڳل هن سان هيڏانهن هوڏانهن جڙون ڳالهيون ڪري دل وندرائيندي هئي، پر پنهنجن جا ويڇ ڪٽي ٿا ڇڏين.

عثمان کي ڪم ڪندي ڪنگهہ وڌندي وئي پر هن پاڻ تي ڏيان ڪونہ ڏنو. پاڳل گهٽئي ايلاز منٽون ڪيس تہ ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکاريان پر هو ڳالهہ کي ٽاري ڇڏيندو هئو.

"ڪجھ ڪونھي. مڙئي ڪنگھ آھي ڇڏي ويندي"

"پر عثمان! توکان سوا اسان جو ٻيو ڪير آھي؟ ٻيو نہ تہ ننڍڙي عرس جوئي خيال ڪر."

"ارڙي! تون اجايو فڪر نہ ڪر."

نيٺ ھلندي ھلندي ھن کي ھڪ ڏينھن رت جي الٽي آئي تہ ياڪل جو ھانءُ ڦاٽي پيو:

"عثمان! ائين نہ ڪر ڊاڪٽر کي ڏيکار."

"ڪجھ ڪونھي، ياڪل!" عثمان سھڪندي جواب ڏنس.

"ءِ ھا، امان سان متان ڳالھ ڪرين!"

ياڪل کي ٻي واھ ڪونہ سجھي تہ فتوءَ کي پيروءَ ھٿان نياپو موڪلياٿين. ٻئي ڏينھن فتوءَ ٻہ اڇي ٽڪ ڪيو. سڄي حقيقت ٻڌايائينس. نيٺ فتو عثمان کي ريجھائي شھر جي اسپتال وٽي ويو. جتي ڊاڪٽر معائني کان پوءِ ٻڌايو تہ عثمان کي سلھ آخري اسٽيج تي آھي، ھاڻي ھمراھ جو بچڻ مشڪل آھي.

ڪجھ دوائون گوريون وٽي واپس ٽيا تہ عثمان رستي ۾ پڇيس:

"ڊاڪٽرن ڇا چيو ادا، فتو؟"

فتوءَ جي چھري تان رنگ اڏامي ويو. تنھن ھوندي ٻہ دل جھلي جواب ڏنئينس:

"چون ٿا ٽيڪ ٿي ويندين، پر ٿورو وقت لڳندو."

"مونکان ڇو ٿو لڪائين؟ مونکي خبر آھي، اندر وڍيو پيو آھي، پر امان کي نہ ٻڌائجان. ادي جمعي کي ٻہ ڪير نہ ٻڌائي."

"ارڙي يار عثمان! تون ھيڏو دلير مڙس صفا ھمت ھاري ڇڏيئي. ڪجھ ٻہ ڪونھي، الله ڪندو ٽيڪ ٿي ويندين."

"بس ادا، فتو! ننڍڙي عرس ءِ ياڪل جي پارت اٽئي." ھن ٿوري دير لاءِ فتوءَ کي ياڪر ۾ پري اوچنگارون ڏيڻ شروع ڪيون.

جڏھن ٻئي ڇٽا گھر جي گھٽيءَ کان اندر آيا تہ ننڍڙو عرس ءِ ياڪل انتظار ۾ بيٺا ھئا. عرس پتڪڑن پيرن سان ڊوڙي وڃي پيءُ کي ياڪر پاتو تہ ھُن ھنج تي ڪٽي نراڙ تي ٻہ چميون ڏنس.

"بابا، ڊاڪٽرن چا چيو؟" پاڱل اڀ تڀ مان پڇيو.

"خير آهي، پٽ! الله خير ڪندو." فتوءَ جبل جيڏي مڙس جڏهن جهيڻي آواز ۾ جواب ڏنو تہ پاڱل کي بہ ڪجهہ شڪ ٿيڻ لڳو.

"بابا! صحيح ڳالهہ ٻڌاءِ ... بابا.... بابا!" پهريون دفعو پاڱل جو صبر جواب ڏئي ويو ۽ لڙکن سان گڏ دانهن نڪتس تہ فتوءَ وات تي هٿ ڏنس:

"امان، پٽ! خيال ڪر، ماسي بختاور پريان نہ ٻڌي."

تيستائين بختاور بہ سندن آواز سٽي ورتو:

"ابا! اڇي ويئو شهر خير سان ويا هيئو؟"

"هائو ماسي! مڙئي سامان ونڊو هو سو عثمان کي وٺي ويس."

"هائو ابا، هائو! پلي آئين." هوءَ وري چپ ڪري ڪت تي اهلجي پئي.

"بابا! ادي جمعي کي گهراءِ. وري بہ پاءُ، ابي جو پٽ آهي." پاڱل، فتوءَ کي نوڙت مان چيو.

"ڇڏيوس! هاڻي چا اڇي ڪندو؟ سڄي عمر مونکي سور ڏنئين، تہ بہ ڪونہ ڪڇيس. هاڻي جڏهن مونکي ضرورت آهي تہ اڪيلو ڇڏي هليو ويو. اڙي مونکي پلي ڇڏي ها، پر ڪجهہ امان جو خيال ڪري ها." عثمان جا نڪرندڙ لفظ سندس لڙکن ۾ جذب ٿيندا ويا.

"خير گهر ادا! جمعون ڪيڏانهن ويندو؟ وٺيو ٿو اچانس." فتوءَ کين آٽت ڏني.

جمعون گهران ڪاوڙيو تہ رئيس بالو خان جي اوطاق تي اچي ترسيو. اتي ئي کائيندو پيئندو. نوڪرن سان پوڳ چرچا ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن نوڪر ڪاوڙائي وجهندا هيس تہ وري رئيس بالو خان پرچائي وٺي ايندو هوس. فتو بہ پچائي پچائي وڃي هٿ ڪيس.

"ادا، جمعان! جيڪو ٿيو سو ٿيو هاڻي گهر هل. ماسي بختاور جو اهو حال بہ ڪونهي رهيو. عثمان جي طبيعت بہ ٺيڪ ناهي. وري بہ عثمان جو اولاد، تنهنجو اولاد آهي. تون هل." فتوءَ منٽون ايلاز ڪيس، پر پڙ ڪڍي بيهي رهيو:

"آئون ڪونہ هلندس. سڄي عمر مونسان جئيون ڪيون اٿن. عثمان کي وري چا ٿيو؟"

"عثمان کي سلهه ٿي پئي آهي. رت جون ٽيون ٽيون اچنس."

"پلي مري وڃي. پراوا حق ڦٻائيندو ته کهڙو سکيو رهندو؟"

"اڙي يار جمعان! ڳالهه کي سمجهه. ڏاڍو پڇتائيندين، هٿ هٽندين."

"اڳ به آئون کهڙو سکيو وينو آهيان. پراون درن تي ڏکا پيو کاوان، پر هو مونکي مت ئي نه ٿا سمجهن." جمعي اچان وڌيڪ کاوڙ کئي.

"پلا جي تون صفا نه ٿو هلين ته منهنجي پاڻاري تي هل."

"تون به انهن جو مائٽ، توڙي چو هلان؟"

"واهه ڙي يار واهه! سڄي عمر جي ياري منٽ ۾ توڙي ڇڏيئي." فتو به ست ڏئي کٽ تان اٿي هليو ويو.

"بابا! چا ٽيو؟" پاڳل، فتوءَ کان واپسيءَ ۾ پڇيو.

"بس، امان! آهي ئي نياڳو. ٽکي جو لڇڻ هجيس ها ته ائين نه کري ها. کونه آيو. وڃي پلي ڏکا کائي." فتوءَ جي کاوڙ کي پاڳل سمجهي وئي، سو وڌيڪ کونه کيڃي.

هن علائقي ۾ سلهه جو مرض پراڻو هئو. اکثر موت ان بيماريءَ وگهي ٽيندا هئا. عثمان کي ته هي بيماري ورثي ۾ ملي هئي. پيءُ، ڏاڏو سڀ سلهه وگهي هليا ويا. تنهن کري سومار فقير جي قوتن به کو اثر نه کيو. صفا هيٺو ٽيو ته ٻنيءَ ٻاري تي وڃڻ بند کيائين. جنهن کري ٻني به ڦٽي وئي. پاڳل هر وقت سندس خدمت ۾ هوندي هئي، زور پيڻا ڏيندي هئي. فتو عرس جو خيال رکندو هئو. ان کري هتي اچڻ کان اڳ ۾ پنهنجو سڄو مال پاڃائي نوران ڏي موکلي ڇڏيائين. وڏيري جعفر ڳالهه ٻڌي ته پاڻ ۽ جادل رڙهي سڙهي اچي بختاور جي گهر پهتا.

"ابا، عثمان! اسان لاءِ کو کم کار هجي يا مدد کپي ته حاضر آهيون."

"نه وڏيرا! تنهنجيون ۽ وڏيريءَ جو رڳو دعائون کپن."

"پر، ابا! قدرت هي چا کيو؟ کناماڻهو اجا پيا هلن. تو جهڙا اشراف ماڻهو هينئر ئي...." وڏيري جون اکيون پرجي آيون ته عثمان کان رهيو نه ٽيو.

"وڏيرا سائين! منهنجي زندگيءَ جو خير آهي. جيکا رات قبر ۾ آهي، سا باهر کونه هوندي. ننڍڙي عرس جو فکر کايو ٿو وڃي." هن روئهار کو ٿي چيو.

"اڙي ابا! آئون جي وينو آهيان، تون عرس جو کتڪو نہ ڪر. الله ڪندو تون بہ ٺيڪ ٿي ويندين." فتوءَ منهن جي پڪائي سان ڳالهايو.

"پلا ادي بختاور جي خبر ڏيو." جادل ڳالهہ ٻئي پاسي تاري.

"بس ناني! پريان سُتي پئي آهي. ڪڏهن حوصلي ۾ تہ ڪڏهن غش. ويچاريءَ کي هاٽي کا خبر بہ نہ ٿي پوي. پيشاب بہ ڪٽ تي ڪريو چڏي."

"هل پيٽهان، مائي بختاور! تنهنجا بہ ڪي ڏينهن هئا. رب جي رضا اڳيان توبہ زاري!" هن کٽي ڪنن تي هٿ لاتا.

"هاٽي ڏهن ڪم ڪري ڪونہ ٿو چا ادي بختاور جو؟" وڏيري جعفر بہ بختاور ڏي نهاري سوال ڪيو.

"نہ وڏيرا! کا ڳالهہ ياد ئي نہ ٿي رهيس. جي هڪڙي ڳالهہ ٻڌائينس تہ پنجن منٽن کان پوءِ پلجي وري ساڳي ڳالهہ پچندي. ڪنهن مهل تہ ماٺهو سياڻي، نہ تہ ڪير بہ نہ. ڪير اچي پيو؟ ڪير ويچي پيو؟ جي ڪجهہ ڏينس تہ کائيندي نہ تہ ڪڏهن بہ ڪونہ چوندي تہ ڪو بک لڳي آهي. بس ٻارن واربون حرڪتون پئي ڪندي."

عثمان جي ڪٽ تي ڪرڙ کان فتوءَ گهر جو ڪار وهنوار سنياليو. وڏيرو جعفر ۽ جادل بہ ٻئي ٽئي ڏينهن پيرو پڇڙ ايندا هئا. پيرو بہ جڏهن ڏينين تان موتي آيو تہ ڪيس عثمان جي بيماريءَ جي خبر ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو:

"الله خير ڪري مسڪين جو. ڪڏهن ڪنهن کي هٽ جو پوندو ڪونہ ڏنئين. وري جوانيءَ ۾ وٽ بہ انهيءَ تي!" پيرو عثمان کان پڇڙ آيو تہ جمعي کي نہ ڏسي ٿورو واڙڙو ٿي ويو:

"ادا، فتوا! جمعون ڪونهي چا؟"

"نہ ادا! ڪاوڙجي ويو. گهٽئي منٽون ايلاز ڪيامانس، پر ٽپ جواب ڏئي بيهي رهيو. سجو ڏينهن رئيس بالو خان جا ڪڙ پيو چڳائي ۽ جيپ تي پيو گهمي. پيٽهان ڪير کي ياءِ جي ٽڪي جي بہ ڪهل نہ ٿي اچي."

"صفا ڪو بي شرمون آهي. واقعي ياڙبي ياءِ کان ڪٽ خالي چڳي!"

ائين سجو ڏينهن عثمان وٽ رونق لڳل هوندي هئي. بختاور رڳو هيڏانهن هوڏانهن ٽلهي چشمي مان پئي ڏسندي هئي. باقي دنيا جي کا خبر ڪونہ هيس. فتو ۽ پاڳل آئي وئي جي آئو پڳٽ ڪندا هئا. باقي جمعي تي

هرڪو ڪلندو ڪنن تي هٿ لائيندو ويندو هئو. عثمان جي اندر ۾ رڳو ننڍڙي پٽ جو ڪٽڪو رهندو هئو. جڏهن به فتو وڏيري جعفر يا جادل سان ڳالهائيندو هئو ته پهرئين پارت ننڍي عرس جي ڪندو هو. هونئن ته دل جو ڏاڍو هئو پر ننڍي اولاد جو خيال ڪيڏي ڪيڏي مهل ڪيس هيٺو ڪري وجهندو هو.

اهو ڏينهن به آيو. جڏهن اچان پاڳل صبح جو سوير چلهه تي چانهه جي ديگڙي چاڙهي ته فتوءَ جو آواز ڪنن تي پيس:

"الله جي شئي هئي، الله ڏي هلي وئي!" پاڳل وڏي دانهن ڪري. عثمان جي ميت ڏانهن ڊوڙ ڪئي ته ننڍڙو عرس به سندس چوليءَ جو پلئه جهلي گڏ رڙندو روئندو آيو. تيستائين اوڙي پاڙي وارا به پڄي آيا. هڪڙي پاسي ميت جي پر ۾ ماين ڳلن تي هٿ رکي پار پئي ڪڍيا ته ٻئي پاسي مرد آهه و زاري ڪرڻ لڳا. فتوءَ ڪفن دفن جي انتظام لاءِ ٻه ٽي همراهه موڪليا. پاڳل، عثمان جي ميت تي هنجون پئي هاريون. ننڍڙي عرس اپ ڦاڙ آواز پئي ڪڍيا. فتو انهن کي آٽت ڏيڻ ۾ پورو هئو. جمعي ڏي اطلاع لاءِ ماٺهو موڪليو ويو. هو جيئن ئي گهٽيءَ اندر داخل ٿيو ته وڏا رانيازڪرڻ لڳو:

"اڙي منهنجا، ننڍڙا ادا! هي مونکان چا ٿي ويو؟ مون اهو ڪڏهن چيو هيو ته تون مونکان هميشه لاءِ وڇڙي وڃ. اڙي! آئون ته توسان انگل آرا ڪندو هيس. مون ته توکي هميشه وڏو ياءُ سمجهيو." هن پُٽنهنجي مٿي تان ٽوپي لاهي هيٺ اڇلي ته وڏيري جعفر جاڙي تي هٿ رکي آٽت ڏنس:

"ابا! پرائي امانت هئي، سا ڏٽي واپس ونڻي ڇڏي، هاڻي صبر ڪر. تون گهر جو وڏو آهين، تون ائين ڪندين ته گهر جا ٻيا ياتي چا ڪندا؟"

فتوءَ به اچي ڳراٽي وڌس:

"ادا! پنهنجي وس ۾ ته ڪجهه ڪونه هئو. صبر ادا صبر!"

جمعي، پاڳل جي مٿي تي هٿ رکيو ته پاڳل جو هنيانءُ ٿي ڦاٽو.

"ادا! عثمان مونکي ڇڏي ويو. زندگي نيائڻ جا قول اقرار وساري ويو."

"بس، پاڃائي، بس!" جمعي جي اکين مان لڙڪن جو درياءُ، جبلن تان وهندڙ نئين جيئن وهندو رهيو. هن ننڍڙي عرس کي مٿي هنج تي کڻي چميون ڏنيون ته عرس وٽي دانهون ڪيون. تيستائين جادل به جهٽي آئي:

"ابا، جمعان! صبر، صبر ڪر." نيٺ جمعي کي وٽي اچي تڏي تي ويهاريون. ڪيڏي مهل بختاور جي ڪن تي آواز پيو تہ اتان لنگهندڙ مائيءَ کان پڇا ڪيائين:

"امان! ڇا ٿيو آهي؟ خير تہ آهي!"

"بس، خير آهي، نانيِ! تون چپ ڪري ليٽي پئو."

"هان امان! هائو هائو...." هوءَ وري چپ ڪري ليٽي پئي.

هفتي ڪن کان پوءِ جڏهن تڏي تي هٿ سنوان ڪرڻ لاءِ ايندڙن جي رش گهٽ ٿي تہ وڏيري جعفر ۽ پيروءَ بہ سڻ پڻ شروع ڪئي.

"هائو وڏيرا! ويچاري جواڻ جماڻ زال ڪيڏانهن ويندي؟ وري بہ پاڻ جي گهر ۾ هوندي تہ چگو. رڳو عدت تہ پوري ٿئي."

"پيرو! مون تہ اهو سوچيو آهي. وڌيڪ جيڪا ڏٺين جي مرضي."

"هائو وڏيرا! تو تہ چڱائي سوچي آهي. اڳي پوءِ گهر تہ جمعي کي سنيالڻو آهي. ٻنو ڇڄي ٻاري ۾ پيو تہ ڪهڙو فرق پوندو؟"

نيٺ مهيني سوا کان پوءِ وڏيري جعفر فتوءَ جي ڪن ۾ ساڳي سڻ پڻ ڪئي.

"وڏيرا! تو ڀلو سوچيو آهي، پر مونکي بہ سوچڻ ڏي. نياڻيءَ کان بہ پڇان، اوهين جمعي کان بہ پڇو. پوءِ ڳالهہ پري ڪونہ آهي."

ياڪل جڏهن عدت پوري ڪئي تہ ٻيهر گهر جي ڪم ڪار کي لڳي وئي. تنهن هوندي بہ سندس من اباڻڪو رهڻ لڳو. جسم جو رت ئي سُڪي ۽ چهري جي تازگي بہ ڦٽي وئي هيس. اداس اکيون ۽ چهرو:

"وڃ پيٽهان! آسمان تان ڪري تہ زمين تي اچي پيئي."

فتوءَ کي هردم سندس ئي الکو رهندو هئو. فتوءَ جي دل ياڪل ۾ ۽ ياڪل جي دل عرس ۾ اٽڪيل هئي. ڪجهہ وقت رکي فتوءَ، ياڪل سان ڳالهہ چوري:

"امان پٽ! ڏينهون ڏينهن سڪندي ٿي وڃين. ڪجهہ ننڍڙي جو بہ خيال ڪر. عثمان لاءِ دعا ڪندي ڪر." فتوءَ کي ڪهڙي خبر تہ ياڪل جي هر ساهہ ۾ عثمان لاءِ دعا ٿي نڪتي. محبت جا مامرا ڪي ايڏا سولا ناهن هوندا. وڇڙڻ جو درد قدرتي گاهہ وانگر سُڪندو ۽ ڦٽندو رهندو آهي.

"امان! هاڻي جمعون هن گهر جو وڏو آهي. تون ٻه ايجان پوڙهي ڪونہ ٿي آهين. ڳوٺ جي وڏن جو رايو آهي تہ....“ فتوءَ جي زبان بيهي رهي. پر ياڪل ڳالهہ سمجهي وئي:

"ابا!.....“ هوءَ فتوءَ کي ياڪرين پئي چنگهوڙ لڳي ۽ فتو کيس ماڻ ڪرائيندو رهيو.

جنهن ڏينهن فتوءَ کيس جمعي سان وهاڻءَ لاءِ چيو ان ڏينهن کان پوءِ ياڪل "ها“ ۽ "نہ“ جي وچ ۾ ڪڙهندي رهي. ڪنهن گهڙيءَ جمعي ۾ عثمان جو پاڇو پسندي هئي تہ ٿوري دير لاءِ سندس دل هلڪي پوندي هئي. وري اصل جمعي جو چهرواڳيان ايندو هيس تہ نفرتن جا ڪوٽ چڙهي ويندا هيس. هوءَ رات ڏينهن عجيب ڪيفيت مان گذرڻ لڳي تہ ڪهڙو جواب ڏئي!

وڏيري جعفر ٻه هڪڙي ڏينهن واندڪائي ۾ گهر اچي جمعي کي چئي ڏنو:

"ابا! تنهنجو ڇا خيال آهي، ائين ڪجي؟“

سڄي عمر شاديءَ لاءِ ماءُ ۽ پاءُ سان مهاڀاري جنگيون وڙهندڙ جمعون ماءُ جي پيري ۽ عثمان جي وچڑڻ کان پوءِ جڏ هاڻي ٽڪجي هارجي چڪو هئو.

"نہ وڏيرا! منهنجي پاءُ جي لج آهي. آئون هاڻي ڪڏهن ٻه شادي نہ ڪندس. جن سان انگل آرا هڻا، انهن مان هڪڙا لاچار ٿي ويا، ٻيا چڏي هليا ويا. بس، وڏيرا! پنهنجو نصيب ائين هئو. باقي عرس منهنجو ٻچو آهي، ڪڏهن ڪوسو واءُ لڳڻ نہ ڏيندوسانس. جيستائين سسي ۾ ساهہ آهي، عرس لاءِ جان حاضر آهي. ۽ امان بختاور.....“ هن بختاور ڏي ڏٺو تہ جسم مان سيسرات نڪري ويس. اکيون سانوڻ جي ڪرن جيئن پرجي آيس.

فتو ۽ ياڪل ٻه سندس ڳالهيون پريان ٻڌي رهيا هئا، سو جمعي جي ورندي ٻڌڻ سان ياڪل، فتوءَ کي ياڪر پاتو. ٻنهي جي اکين جا بند ٽٽي پيا. جمعي جي ان جواب جڏ فتوءَ ۽ ياڪل جي اندر جو وزن ڪجهہ دير لاءِ هلڪو ڪري وڌو!

***

ڪويتا پبليڪيشن پاران ڇپايل ڪتابن جي فهرست


9-ربي چيمبر، حيدرچوڪ، حيدرآباد. فون: 022-2728541

(1)	ميرا درد (اردو شاعري)	لال چند لال	(ختم ٿيل)
(2)	ٻيهريءَ جا ٻه پل (آتم ڪٿا)	ريتا شهاڻي	(ختم ٿيل)
(3)	بارش سوچي ٽي (نثري ٽُڪرا)	ايوب ڪوسو	(ختم ٿيل)
(4)	جمال ابڙوءِ جديد.... (مونوگراف)	ادريس جتوئي	-/100 روپيا
(5)	آنسو (اردو شاعري)	لال چند لال	-/120 روپيا
(6)	رشتن جو رقص (ڪهاڻيون)	ريتا شهاڻي	(ختم ٿيل)
(7)	زندگي هڪ وار وري (شاعري)	شريڪانت صدف	-/150 روپيا
(8)	ميگھ ونس اتھاس (تاريخ)	تيرٿداس اُميداڻي	-/350 روپيا
(9)	ڪلجُگ جو ڪاپڙي (شخصيت)	ليکراج ڪي. راماڻي	(ختم ٿيل)
(10)	ويد اُپديش (اردو) (مذهب)	تيرٿداس اُميداڻي	-/50 روپيا
(11)	ڪوتا-ڦُلواڙي (شاعري)	ولي رام ولپ	-/200 روپيا
(12)	تاندبن مٽي ٿهڪ (شاعري)	منصور ملڪ	-/120 روپيا
(13)	آلا نيڙ بهارن جا (شاعري)	فياض ڌاهري	(ختم ٿيل)
(14)	در ڪُليو ئي رهيو (ريڊيائي انسانا)	امين ارباب	-150/ روپيا
(15)	صاحبو! (اردو شاعري)	دانش مهدي	(ختم ٿيل)
(16)	سڃاڻ جون سمرتيون (يادگيريون)	ريتا شهاڻي	-/120 روپيا
(17)	سنڌ ولکت جي پاڻ (تاريخ)	عطا محمد پنيرو	(ختم ٿيل)
(18)	ووڙيم سپ وٽاڻ (مهر جوئي)	اشتياق انصاري	(ختم ٿيل)
(19)	پاڻ هُرتڙيون مايون (ناول)	گوبند خوشحالاڻي	-/120 روپيا
(20)	ٻارن جون بيماريون (ميڊيڪل سائنس)	ڊاڪٽر بشير احمد	-/50 روپيا
(21)	ڊسمبر جي اڪيلائي (شاعري)	بخشل باغي	-/130 روپيا
(22)	جيجي (فن ۽ شخصيت)	مرتب: نصير مرزا	(ختم ٿيل)
(23)	فاتح ڪربلا (تاريخ)	ترجمو: حسين بخش لغاري	(ختم ٿيل)
(24)	اور گنگنائون اُسي (اردو شاعري)	شاهد قريشي	-/160 روپيا
(25)	سمي صحرا، سمي دريا (نثري مضمون)	مرتب: آزاد انور ڪانڊڙو	-/ 200 روپيا
(26)	منڙا پاڻ (ڪهاڻيون)	ولي رام ولپ	-/180 روپيا
(27)	چلي گئي وه آکر بهي (اردو شاعري)	شاهد قريشي	-/160 روپيا
(28)	Globalization viz a viz Pakistan	Prof. Fakhrunisa Talpur	-/80 روپيا
(29)	The Glorious Past (Reviews)	Dr. Kazi Khadim	-/400 روپيا
(30)	ڇا لاڙ سڄي ۾ آهي امن!؟ (شاعري)	ابراهيم ڪوسو	-/100 روپيا
(31)	آئرويدڪ آسان علاج (صحت)	ترجمو: ڪيمپال شرما	(ختم ٿيل)
(32)	گيتا ٻوڌ (ڏرمي پُستڪ)	مهاتما گانڌي	-/60 روپيا
(33)	بوتيڪ ڪان ٻيڊ روم تائين (ڪهاڻيون)	اڪبر سومرو	-/150 روپيا
(34)	ٽي نه سگهيس شاعر (شاعري)	نصير مرزا	-/150 روپيا
(35)	پٽڪي ويل سپنا (ناول)	عزيز پنيرو	-/175 روپيا
(36)	ميري شاعري ميري صليب (اردو)	شيخ ايياز	-/75 روپيا
(37)	شهين جي علمدار (بينظير پٽوتي شاعري)	قاضي ايياز مهيسر	(ختم ٿيل)
(38)	انيس انصاري: فن ۽ شخصيت (شخصيت)	اشتياق انصاري	-/200 روپيا
(39)	گهاريل گهڙيون (آتم ڪٿا)	عبدالحميد ميمڻ	-/250 روپيا

(40)	شاھ جو گنج شاھ لطيف جا بيت) سھيڙيندڙ:	سگھڑ الهداد جنجهي	1000/- روپ
(41)	ڪوءَ جي ڪٿا (آتم ڪٿا)	سوز هالائي	250/- روپيا
(42)	مٽيءَ ۾ ملاوٽ (ڪهاڻيون)	قاضي خادم	200/- روپيا
(43)	وِکريل ماڻهو (ناول)	فاروق سولنگي	250/- روپيا
(44)	اکڙيون ڏيل ڏيئا (شاعري)	عامر سيال	150/- روپيا
(45)	اڪٽ ڪهاڻي ـ ڪبير (ناول)	ريتا شهاڻي	140/- روپيا
(46)	سفر در سفر (سفرنامو)	ريتا شهاڻي	250/- روپيا
(47)	اؤڪا پنڌ پيار جا (ناول)	ڪلا پرڪاش	150/- روپيا
(48)	سامي سچ وڙاءُ (ناول)	مراد علي مرزا	300/- روپيا
(49)	اُجهاميو ٻرن (ڪهاڻيون)	ماڪن شاھ رضوي	250/- روپيا
(50)	سنڌو تهذيب ۽ سنڌو ڏرم جا..(تاريخ)	عطا محمد پنيرو	250/- روپيا
(51)	منهنجي ڪهاڻي ڪجهه نئين (آتم ڪٿا)	گلشن بالاڻي	130/- روپيا
(52)	شهر جي ڀَالهه (ناول)	اڪبر سومرو	250/- روپيا
(53)	گورک:فطري حُسن جو تفريحي ماڳ(سياحت ۽ تاريخ)	اشتياق انصاري	240/- روپيا
(54)	دل جي دفتر مان(ساروٽيون)	قاضي خادم	450/- روپيا
(55)	سائل ڪوش (سنڌي ـ سنڌي لغت)	پروفيسر سترامداس سائل	850/- روپيا
(56)	چنڊ، سمنڊ ۽ پٿر اکيون(شاعري)	سليمان سولنگي	(ختم ٿيل)
(57)	وڇڙي ويل زندگي(شاعري)	گلشن لغاري	150/- روپيا
(58)	ائين پلا ڪيئن هوندو؟(مضمون)	عبدالقادر جوٽيجو	140/- روپيا
(59)	ساروٽيون (يادگيريون)	قاضي خادم	350/- روپيا
(60)	چنڊ چهرا (خاڪا)	ماهتاب محبوب	250/- روپيا
(61)	سچ جي ڳولا(تصوف ۽ انسانيت)	تيڪم مٽائي	150/- روپيا
(62)	هلي ڏسجي هندوستان(سفرنامو)	الطاف شيخ	450/- روپيا
(63)	ويجها ٿيا وصال کي(شاعري)	غلام محمد جنجهي	275/- روپيا
(64)	ڪوڪيئن چوي ڪوڪيئن چوي نامر جليل	ترتيب: مختيار احمد ملاح	300/- روپيا
(65)	پيار جي هڪ ٻي صدي(ناوِيلا، ڪهاڻيون ۽ تاثر)	رفيق سومرو	250/- روپيا
(66)	Ishtiaq Ansari (Trourism) Gorakh: Beautiful Resort of Sind		300/- روپيا
(67)	اندر روحَ رهيام (يادگيريون)	قاضي خادم	350/- روپيا
(68)	سنڌ جون ڏندِيون (تاريخ، سياحت ۽ ماحوليات)	عزيز رانجهاڻي	(ختم ٿيل)
(69)	اندر اُڄ اُڪير (شاعري)	اسير ڏاهري	150/- روپيا
(70)	فاني جڳ لافاني ماڻهو (سوانحي خاڪا)	حميد سبزوئي	250/- روپيا
(71)	جوئي آهيان سوئي آهيان ـ امر جليل	ترتيب: مختيار احمد ملاح	300/- روپيا
(72)	رُوبرو (جيون سنهنڊي مضمون)	ريتا شهاڻي	150/- روپيا
(73)	سنت تريڪم صاحب (ڏرمي جاڻ)	سھيڙيندڙ: راڻا رام چوهاڻ	100/- روپيا
(74)	پٽڻ جون پُڪارون (شاعري)	ع.غ. تبسم	200/- روپيا
(75)	رابيل مُکڙي (نثري ٽڪرا)	محمد انور بلوچ	180/- روپيا
(76)	رڻ تي چانڊوڪي (شاعري)	ايوب کوسو	200/- روپيا
(77)	خوبصورت ادبي چهرے (ادبي شخصيات)	محمد تقي راجپوت	200/- روپيا
(78)	پير اڃا مون پنڌ ۾ (يادگيريون)	قاضي خادم	500/- روپيا
(79)	لڙيو پئي لاڙ تان سورج (استوريز)	امين ارباب	150/- روپيا
(80)	اُوچا پنڌ پهاڙ جا (آتم ڪٿا)	عبدالستار ڪورائي	200/- روپيا
(81)	عُمر اوني اباڻن جا (خاڪا)	عزيز گوپانگ	300/- روپيا

(82)	جهڑو ساڻ سُڳندّ جو (شخصيت)	مرتب: موهن مدهوش	750/- روپيا
(83)	خواب اکين ۾ پلجن (شاعري)	اسير ملاح	200/- روپيا
(84)	ڳالهڙيون ڪٽيون ناهن (يادگيريون)	قاضي خاڪر	500/- روپيا
(85)	ديس نماڻو ارڏا ماڻهو (ڪالم)	محمد انور بلوچ	180/- روپيا
(86)	زيرِ عِشق پيشِ حُسن (خاڪا ۽ تاثر)	عزيز گوپانگ	250/- روپيا
(87)	ريتا شهاڻي-سندّ هند جي ڪهاڻي (شخصيت)	مرتب: موهن مدهوش	300/- روپيا
(88)	هٽ يوگي (ناول)	تارا ميرچنداڻي	300/- روپيا
(89)	ادب جا معيار ۽ سنڌي ادب (تنقيدي مضمون)	هيرو شيوڪاڻي	250/- روپيا
(90)	علمِ عروض (شاعري فن جو گيان)	سترامداس 'سائل	80/- روپيا
(91)	سندّ هيرن کاڻ (خاڪا)	رسول بخش درس	250/- روپيا
(92)	سندّ جون سون ورنيون دليون (هندو ليکڪ)	پروفيسر عبدالستار بلوچ	350/- روپيا
(93)	سندّ ۽ پاڪستان جو رياستي نظام (تحقيق)	قاضي فضل سليمان	350/- روپيا
(94)	حياتِ ڪوثر (آتم ڪٿا)	مرزا علي بخش ڪوثر	100/- روپيا
(95)	آڇپي جي اُجري باک: محمد ابراهيم جويو	تاج جويو	150/- روپيا
(96)	رقص منهنجي روح جو (شاعري)	سجاد مهر	200/- روپيا
(97)	شاهه جو رسالو (بمبئي وارو چاپو)	ڪلياڻ آڏواڻي	600/- روپيا
(98)	سعودي سعادت (حج جو سفر نامو)	محمد خان جروار	200/- روپيا
(99)	ايلشبا (ناول)	محمد انور بلوچ	200/- روپيا
(100)	پونا ايڪسپريس (سفر نامو)	موهن مدهوش	350/- روپيا
(101)	پڪا ۽ پنهوار ڏُڪي مون ڏينهن ڏيا (سندّ جو سفر نامو)	وينا شرنگي	250/- روپيا
(102)	اُسات (ناول)	هري همٿاڻي	150/- روپيا
(103)	پوءِ به چند اڪيلو (شاعري)	زبير سومرو	300/- روپيا
(104)	ٽي ننڍا ناول (ناول)	موتيلال جوتواڻي	200/- روپيا
(105)	ياد ياد هڪ زندگي (يادگيريون)	قاضي خادم	300/- روپيا
(106)	ڪڏهن بهار تہ ڪڏهن خزان (ڪهاڻيون)	تارا ميرچنداڻي	400/- روپيا
(107)	ادبي سفر (مضمون، مقالا، افسانا ۽ شاعري)	قاضي خادم	400/- روپيا
(108)	وڃايل وارث (ناول)	ايوب ڪوسو	250/- روپيا
(109)	پهرين جنوري (ڪهاڻيون)	انور ابڙو	250/- روپيا
(110)	اُجهاميو بَران (ناول)	ظفر جوڻيجو	300/- روپيا
(111)	هاءِ وي (شاعري)	موهن همٿاڻي	300/- روپيا
(112)	حشو ڪيولر اماڻي: ..شخصيت (ساروٽيون)	مدد علي سنڌي	200/- روپيا
(113)	ادبي سفر-ياڳوبيو (پيش لفظ مهاڳ، تنقيد)	قاضي خادم	400/- روپيا
(114)	گِنان شناسي (تحقيق: اساسي سنڌي ادب)	ڊاڪٽر غلام علي الانا	500/- روپيا
(115)	درد جو سفر (ڪهاڻيون)	عزيز ڪينجهراڻي	250/- روپيا
(116)	برف سي لڙڪي (اردو شاعري)	جاويد سوز هالائي	150/- روپيا
(117)	سنڌي لکت جا اصول (تعليم)	پروفيسر رستم خاصخيلي	130/- روپيا
(118)	لڇمڻ ڪومل جا خط (خط)	مرتب: رکيل مورائي	150/- روپيا
(119)	هئنگ اوور (شاعري)	فياض ڏاهري	200/- روپيا
(120)	نجم عباسي: جديد انقلابي فڪر جو ترجمان	(تحقيق) ڊاڪٽر ريحانہ نظير	700/- روپيا
(121)	هڪ مهمان چوڪري (ناول)	انور ابڙو	300/- روپيا
(122)	جِتي سنڌي اُتي سنڌ (پروفائيل)	ذوالفقار هالييوٽو	300/- روپيا
(123)	ڪتابِ زندگيءَ جا ورق (آتم ڪٿا)	پروانو پٽي	450/- روپيا

(124) پاچو (چوندڙ ڪهاڻيون)		150/- روپيا
(125) ڏرتي ڏڪاڻا (ڪهاڻيون)	علي بابا	300/- روپيا
(126) آدرشي ناريون(عورت شخصيتون)	ارجنداس بي. ناراڻي	200/- روپيا
(127) شاهه جو رسالو (سِٽ وار سمجهاڻيءَ سان)	استاد لغاري	1400/- روپيا
(128) نندِ سپنا جاڳ سپنا (شاعري)	عرفان قادري	200/- روپيا
(129) اوڙاهه (ناول)	غلام نبي مغل	750/- روپيا
(130) ڪلياتِ باجهي (شاعري)	مرتب: اُستاد لغاري	650/- روپيا
(131) تاريخ اسلام (تاريخ)	مترجم: حسين بخش لغاري	400/- روپيا
(132) سنڌ ۾ سنڌي (تحقيق)	فضل سليمان قاضي	800/- روپيا
(133) صوبائي خودمختياريءَ مرڪزي سياست(تحقيق)	فضل سليمان قاضي	400/- روپيا
(134) لمحي جو سواد (ڪهاڻيون)	رزاق سهتو	400/- روپيا
(135) مادل گرل محبت ۾ چترڪار (ڪهاڻيون)	غلام نبي سومرو	300/- روپيا
(136) وفا جي سفر ۾ (شاعري)	سُياش بابو	300/- روپيا
(137) وطن جا وڻ ۽ زندگيءَ جو سفر (ساروٽيون)	پيرجي ٺڪر	200/- روپيا
(138) ڪُليل اکين جا سپنا (يادگيريون)	قاضي خادم	350/- روپيا
(139) ڪُماچ (ناول)	اڪبر سومرو	350/- روپيا
(140) ماهتاب محبوب (فن ۽ شخصيت)	مرتب: ارم محبوب	800/- روپيا
(141) هنج نہ آيا هيل (شاعري)	سرواڻ سنڌي	400/- روپيا
(142) ساري ڏرتي پنهنجو ديس (ادب ۾ نوبل انعام ماڻيندڙ)	ذوالفقار هاليپوٽو	260/- روپيا
(143) آواز نگر ۾ ايڪتيهه سال (ريڊيو ساروٽيون)	ماڪن شاهه رضوي	350/- روپيا
(144) نندڙو چندِ (ناول)	انور ابڙو	360/- روپيا
(145) سون ورنيون سِٽون (سِٽ وار سمجهاڻي)	شارح: استاد لغاري	700/- روپيا
(146) اندر جي عدالت (ڪهاڻيون)	ريحانہ نظير	300/- روپيا
(147) لبيڪ اللّٰهُم لبيڪ (مڪي جو سفر نامو)	محمد انور بلوچ	800/- روپيا
(148) Simple Handbook of the Criminal Court's Practice	Adv. Vishandas Pabani	150/- روپيا
(149) Muhd. Hussain Turk: A man with mission	Compiled by: Dr. Kazi Khadim	500/- روپيا
(150) سنڌ ۾ ارغون ۽ ترخان قبيلي جي حڪومت (تاريخ)	ڊاڪٽر ممتاز پٹو	260/- روپيا
(151) ادبي تنقيد جا محرڪ ۽ سماجي ڪارج (تنقيد)	جامي چانڊيو	600/- روپيا
(152) اڏورو داستان (يادگيريون)	قاضي خادم	500/- روپيا
(153) رنگ رتول (مهاڳ، تبصرا، خاڪا)	منظور جوڪيو	300/- روپيا
(154) روحاني ڪاميابيءَ جا ست اصول (سيلف)	ڊاڪٽر غلام سرور ڀگهيو	200/- روپيا
(155) گوڙ ڪُٽن تا (سنيهاڻ ۽ ڪٿيون مڙيون حقيقتون)	محمد انور بلوچ	460/- روپيا
(156) سرهي سيج، پاسي پرين (سفرنامو)	عنايت بلوچ	600/- روپيا
(157) ٽيهه منٽ (ڪهاڻيون)	اختر حفيظ	160/- روپيا
(158) راءِ ڏياچ (ناول)	ڪليم ٻٹ	140/- روپيا
(159) رسالو سچل سائين	مرزا علي قلي بيگ	600/- روپيا
(160) زمانو اڃا بار آهي (ڪالم)	حسين ڪپري	200/- روپيا
(161) بختاور مڪيءَ جي (ناول)	منظور ملاح	400/- روپيا



انهيءَ ۾ ڪوشڪ ناهي تہ ناول لکڻ ۾ جبلتون ڪم ڏيکاريندیون آهن، پر جيستائين مطالعي جي پرپ نہ هوندي تيستائين ناول سان نيائڻ لڳ پگ اڻ ٽيٽو ڪم آهي. هن ناول جو ليکڪ منظور ملاح سنڌ جي انهن چند ماڻهڙ مان آهي، جن کي گهڻ پڙهيو چئي سگهجي ٿو. منظور ملاح جي بين الاقوامي ادب تي گهري نظر آهي. سو ڪيس خبر آهي تہ ناول ڪيئن لکجي. پي ڳالهہ اها تہ منظور ملاح مسڪين مڙهي عوام مان آهي، انهيءَ ڪري سندس عام ماڻهوءَ سان گهاتا لڳ لاڳاپا آهن. پين اکرن ۾ ائين ڪٽي چئون تہ سندس مشاهدو تمام گهرو آهي، جنهن جون پاڙون سنڌ جي عوام ۾ ڪتل آهن. منظور ملاح جي هن ناول ۾ اها خوبي پاتي وجي ٿي. ٽين ڳالهہ اها تہ منظور ملاح بنيادي طور تي سيلاني طبيعت جو مالڪ آهي. جڏهين بہ ڪيس موقعو ملي ٿو تہ هو گهر ۾ وهڙ جي بدران سنڌ جي ڪنڊ ڪڙ ۾ رلندو رهي ٿو. هڪ ناول نگار جي حيثيت ۾ منظور ملاح جي اها خوبي بہ سندس هن ناول ۾ پاتي وجي ٿي.

عبدالقادر جوٹيجو

منظور ملاح جو ناول "بختاور مکيءَ جي" مکي ڏنڊ ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ جهنگ جي شاندار اوج ۽ المناڪ زوال جو داستان آهي. مکي ڏنڊ ۽ جهنگ جو هڪ سهڻو ماحول جڙيل هو. جنهن ۾ سمورا ساهوارا، ماڻهن سان گڏ ديور ڏيگا، جهنگلي جانور، پکي پکڙ فطرت جي هنج ۾ زندگي گذاري رهيا هئا. سندن سولي سادي زندگيءَ ۾ آسودگي هئي. بکيو ڏکيو ڪو بہ نہ هو. پر انساني زندگي مسئلن کان خالي ۽ آجي ڪڏهن بہ نہ رهي آهي. سڪ ۽ سور انسان سان سدائين گڏ رهيا آهن. "بختاور مکيءَ جي" ناول ۾ بختاور جي ڳوٺ جا ماڻهو ننڍين وڏن مسئلن کي منهن ڏيندا رهن ٿا ۽ هنن جي وچ ۾ بختاور جهڙي همٿ واري مائي موجود آهي. منظور ملاح مکي ۽ جهنگ جي فطري حسن، ان سان لاڳاپيل زندگيءَ واري ڪلچر کي مهارت ۽ خوبصورتيءَ سان چٽيو آهي. ناول ۾ مکيءَ جي ان فطري حسن ۽ سادگيءَ واري سکي زندگيءَ ۾ پوءِ هڪ پئي پويان تبديليون اچڻ شروع ٿين ٿيون. انگريز سرڪار جي دور ۾ جهنگ کي ڪپي ناس ڪرڻ سان تبديليءَ جي شروعات ٿئي ٿي ۽ پوءِ اهو سلسلو آزادي بعد هلندو مڪمل تباهي تائين اچي پهچي ٿو. مکي جو ٻيلو ۽ ڏنڊ جو هي المیہ داستان پڃاڙي تي پهچندي پڙهندڙ جو هينئڙو لوڙ ڪري ڇڏي ٿو ـ تہ مکي جو اوج هو ۽ ڪيترو نہ دردناڪ زوال آهي!

شوڪت حسين شورو

ISBN: 978-969-717-010-4

Rs. 400-00

naeemdeswali

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.